متی ءَ مِم ملاوت

(کھاٹیون)



قاضي خادم

متیٔ مملاوت

(کھاٹیون)

قاضي خادم

کویتا پبلیکیشن

حیدرآباد۔2008ع

ڪويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر- 42

ڪتاب جو نالو: متيءَ ۾ ملاوٽ
موضوع: ڪهاڻيون
ليکڪ: © قاضي خادم
ڇاپو پهريون: جون 2008ع
تعداد: 500
ٽائٽل: مدهوش
ڪمپوزنگ ۽ ڇپائي: اجي ڪمار ڪواٽا ۽ ونود ڪمار
انٽيل ڪميونيڪيشنز، ربي چيمبر، حيدرچوڪ، حيدرآباد.
ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد- سنڌ
قيمت: 200 روپيا

اسٽاڪسٽ:

ذوالفقار بوڪ ڊپو، پٽائي بوڪ هائوس، سنڌيڪا بوڪ هائوس، سچل بڪ سينٽر، فڪشن هائوس- حيدرآباد، ڪريمي بڪ ڊپو- حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال- تلڪ چاڙهي- حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي بڪ اسٽال- حيدرآباد، رائل بڪ هائوس- ڪراچي، ٽامس اينڊ ٽامس- ڪراچي، متي پريس بڪ شاپ- ڪراچي، سعيد بڪ بئنڪ- اسلام آباد، تهذيب نيوز ايجنسي- خيرپورميرس، هائوس آف ناولٽي- ميرپورماٿيلو، رهبر بڪ اڪيڊمي، لاڙڪاڻو جنيد بوڪ ڊپو- دادو ممتاز بڪ ڊپو- دادو، الفتح نيوز ايجنسي- سکر، رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو ٽرڪتاب گهر- مني، العزيز بوڪ ڊپو- عمرڪوٽ، سنڌ بوڪ ڪلب، نوابشاهه مرچو مل بوڪ ڊپو- بدين، نيشنل بوڪ اسٽال خيرپورميرس، نئون نياپو ڪتاب گهر- لاڙڪاڻو گل ڪتاب گهر- شڪارپور، المهراڻ ادبي ڪتاب گهر- سانگهڙ.

MITTEE MEIN MILAWAT

(Short Stories)

By

© Kazi Khadim

Edition: First
Year: June, 2008
Quantity: 500
Composed & Printed by:
Intel Communications, Hyderchowk,
Hyderabad-Sindh
Published by: Kavita Publication, 9-Rabi Chamber, Court Road,
Hyderchowk, Hyderabad –71000 Sindh, Pakistan.
Tel: 0092-22-2721172
Price: Rs. 200-00

ارپنا

آئون پنهنجو هي پيار جو پورهيو

محترم مظهر الحق صديقيءَ

جي نالي ارپيان ٿو

جنهن پنهنجي پاڻ کي سنڌ جي علم ۽ ادب

لاءِ ارپي ڇڏيو آهي.

ـ قاضي خادم

فهرست

ـ اداري پاران	موهن مدهوش	7
ـ چند لفظ	قاضي خادم	9
1. متيءَ ۾ ملاوٽ		13
2. جيجي سارُو		18
3. ويچارو		27
4. شالو چريو		32
5. مريم پناهگير		37
6. شال مَروجي شان		43
7. مريم		50

8. بُکي	58
9. گرمي ۾ گُل مهر	63
10. آوازن جو جهنگ	71
11. چَسو	79
12. علاج	87
13. ساپيان	95
14. رت جو روپ	103
15. هڪ شخص چار خط	110
16. پڇڙ ڪم وريام جو	115
17. پاڙيتو	122
18. سُڪون	129
19. احساس جو سفر	134
20. نئين رُت	144
21. ڪائونٽ ڊائون	149
22. سوال	158
23. ڏاڏي وَسُل	162
24. ننڍا وڏا ماڻهو	166
25. هائيڊ پارڪ ۾ هوڙا	171

اداري پاران

مختصر ڪهاڻي، سماج جو عڪس ۽ اولڙو هوندي آهي، ان ۾ اسان جي ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن پنهنجا جوهر ڏيکاريا آهن. اهڙن پلوڙ ۽ منفرد ڪهاڻيڪارن ۾ جمال ابڙو، محمد عثمان ڏيپلائي، امر جليل، ماهتاب محبوب، حميد سنڌي، طارق اشرف، غلام نبي مغل، محمد صديق مگسي، ماڪن شاهه رضوي ۽ قاضي خادم جا نالا ڳڻڻ جهڙا آهن.

مان واري سائين قاضي خادم پنهنجن افسانن لکڻ جي شروعات 1961ع کان سچل ڪاليج جي مئگزين ۾ لکڻ سان ڪئي. اهو دؤر نه صرف سنڌ بلڪ سڄي دنيا لاءِ هڪ متحرڪ دؤر سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ وقت جي پاڇولن، قاضي خادم جي ذهن ذهن تي ڇٽا عڪس ڇڻي ڇڏيا. اِهي اُهي عڪس، جيڪي ڪڏهن به نه وسرڻ جهڙا، ڪهاڻين جي روپ ۾ توهان کي نظر ايندا.

قاضي خادم جون ڪهاڻيون پڙهڻ سان محسوس ٿيندو ته اهي سنڌي سماج ۽ ان جي پس منظر ۾ پلجندڙ ڏاڍ ۽ ڏمر جو مڪمل عڪس آهن. اهڙين ڪهاڻين ۾ - مريم پناهگير، جيجي سارو ٻڪي، مٽيءَ ۾ ملاوٽ، شالو چريو ۽ ويچارو ان جا بهترين مثال آهن.

هيءَ قاضي خادم جي ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو آهي. هن کان اڳ 1977ع ۾ "سمنڊ اُپسمنڊ" نالي هڪ مجموعو اڳ ئي ڇپجي چُڪو آهي.

اسان کي نهايت خوشي ٿي آهي تہ قاضي خادم وڏي وقفي کان پوءِ ٻيهر پنهنجي قلم کي پنهنجي آس پاس ٿيندڙ واقعن ۽ حالتن کي آرٽسٽڪ انداز ۾ پيش ڪرڻ شروع ڪيو آهي.

انهيءَ ڏس ۾ اسان پنهنجي اداري پاران سندس ڪهاڻين جو مجموعو 'متيءَ ۾ ملاوٽ' پڙهندڙن آڏو پيش ڪري ادب جي رُڄ ۾ اُجهائڙ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن مجموعي ۾ قاضي خادم صاحب جي لکيل نين ڪهاڻين سان گڏ هُن جون ڪجهہ ڪهاڻيون جيڪي 'مهراڻ' ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيل هيون، اهي بہ شامل ڪيون ويون آهن. اميد تہ اها پيشڪش پڙهندڙن آڏو قبول پوندي.

ـ موهن مدهوش

حيدرآباد.
30_جون 2008ع

چند لفظ

"متيءَ ۾ ملاوٽ" منهنجي کهاڻين جو ٻيو مجموعو آهي. جنهن ۾ منهنجين نين لکيل کهاڻين سان گڏ کجهه کهاڻيون جيکي سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي عڪاسي ڪن ٿيون ۽ اڳوٽي مجموعي "سمنڊ اُپسمنڊ" سڄ ماهي "مهراڻ" ۾ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. سي به شامل ڪيون ويون آهن.

هن مجموعي ۾ شايع ٿيل پهريون 6 کهاڻيون: شالو چريو ويچارو شال مَ وڃي شان، جيجي سارو متيءَ ۾ ملاوٽ ۽ مريم پناهگير - مون خاص 'امرتا' لاءِ لکيون. جڏهن ته آوازن جو جهنگ 'مهراڻ' رسالي ۾ شايع ٿي. اِن طرح هن مجموعي جي کهاڻين کي، منهنجي کهاڻين لکڻ جو نئون دؤر ڪري چئبو ته غلط نه ٿيندو. انهن ٻنهي دؤرن ۾ اٽڪل 25 سالن جو وقفو آهي. هنن کهاڻين ۾ مون رومانويت کان وڌيڪ سماجياتي پهلوءَ تي وڌيڪ زور ڏنو آهي ۽ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته سماج جي عڪاسي ڪندڙ کهاڻيون نه صرف وڌيڪ دلچسپيءَ سان پڙهيون ٿيون وڃن، بلڪ انهن جو هڪ مخصوص ڪارج ٻه آهي. اهي ئي سماج جي انهن براين ۽ اوڻاين جي نشاندهي ڪن ٿيون جيکي ريتن رسمن جي نالي ۾ اسان جي سماج جي انساني پهلوءَ کي اڏوهي جيان کائي کوکلو ڪري چڪيون آهن.

انهن ئي ڪهاڻين مان سماجي استحصال ۽ ملوٽ اهي قوتون نظر اچن ٿيون، جيڪي بظاهر سماج جا مضبوط ٿنڀا بنجيو مختلف نعرن جي آڙ ۾ پنهنجن ۽ صرف پنهنجن مفادن کي تحفظ ڏيئي ويٺيون آهن.

هنن ڪهاڻين جا ڪردار اسان جي هر شهر، هر ڳوٺ ۽ هر گهٽيءَ ۾ ملندا. انهن مان ڪي ڪلي ڪلي پنهنجا عذاب پوڳيندا نظر ايندا ته ڪي وري روئي ۽ ڪنجهي زندگيءَ گذاريندا نظر ايندا. ڪي انهن سان متصادم ٿيندا نظر ايندا ته ڪي وري مختلف رد عملن جو شڪار ٿي معاشري لاءِ هڪ مستقل ناسور جي صورت وٺي ٻيهندا ۽ ڪهاڻيون ظاهر ڪن ٿيون ته معاشري جي هر برائيءَ جو بنياد اهي استحصالي هٿ آهن جيڪي ڪڏهن دولت، زمين ۽ جاگير جي آڙ ۾ ته ڪڏهن ڪامورائي سوچ سان ته ڪڏهن سياست ۽ اصلي مذهبي تعليمات کان هٽي پنهنجي مرضيءَ مطابق اهڙن نظرين جي تشريح ڪري ناانصافين کي جنم ڏين ٿا.

منهنجون هي ڪهاڻيون گهٽو ڪري ڪرداري ڪهاڻيون جي صورت ۾ آهن، ليڪن اهي ڪردار اصل ۾ پنهنجي ماحول جا نمائندا ڪردار آهن. جيئن ايياز قادريءَ جو "بِلو دادا" ۽ جمال ابڙي جو "پشو پاشا" سنڌي شهري ۽ ڳوٺاڻي سماج جا علامتي ڪردار هئا، تيئن ئي جيجي سارو مريم، مريم پناهگير ۽ شالو چريو به پنهنجي ماحول جا علامتي ڪردار آهن، ٻئي طرف اهي حقيقي ڪردار آهن جنهن مان خبر ٿي پوي ته معاشرتي ناانصافي ايتري ته عام آهي جو توهان ڪنهن به ڏ ڪويل، ڏ ٽڙيل ۽ مسڪين جي ٽنڊ دل ۾ جهاتي پائيندا ته توهان کي ساڃيا ئي چهرا نظر ايندا. هڪجهڙا، ڳوڙهن جو رنگ به ساڃيو ته سڏڪن جا ساز به ساڃيا. مون صرف انهن جي زندگيءَ جي ڪن واقعن ۽ ڪن پهلوئن کي پيش ڪيو آهي.

مونکي ياد آهي ته جڏهن مون "صدين جو سوداءُ" جهڙيون ڪهاڻيون لکيون هيون ته حميد سنڌي چوندو هو ته جڏهن خادم سنڌ ڏرتيءَ جون ڪهاڻيون لکندو تڏهن ڏرتي به هن کي پاڪر پائيندي بلڪل اهڙيءَ ريت "پيار ۽ سپنا" ناول پڙهڻ کان پوءِ شيخ ايياز مون کي هڪ ڀائلاگ تي ٽوڪيو هو جيڪو به دوست ڪوهه مريءَ ۾ ملندي چون ٿا، "واهه يار سطح سمنڊ کان ست هزار فُٽ مٿي به آخر ملي وياسين." شيخ صاحب چيو ته، "خادم هي ڀائلاگ توکي سنڌ ڏرتيءَ کان پري ٿا ڪيو ڇڏين." ٿي سگهي ٿو ته منهنجون هي ڪهاڻيون ان جو ڪجهه ازالو ڪري سگهن. ان ڪري

جو هنن ۾ سنڌ جي شهري ۽ ڳوناني زندگيءَ جي ان دور کي اجاگر ڪيو آهي، جيڪو هاڻي تقريباً گم ٿي چڪو آهي.

آئون پنهنجي ڪهاڻين جي نئين دور لاءِ محترم مظهرالحق صديقي (جنهن منهنجي رٽائرمينٽ وقت چيو هو ته هاڻ خادم کي پنهنجي ڪهاڻين لکڻ جو پرپور موقعو آهي) سحر امداد، پروفيسر قوي احمد، 'امرتا' جي ايڊيٽر فقير محمد ڏول ۽ 'مهراڻ' جي ايڊيٽر نفيس جو ٿورائتو آهيان، جن مون کي اهو وسارڻ نه ڏنو ته آءُ بنيادي طرح هڪ ڪهاڻيڪار آهيان ۽ اهو منهنجو فرض آهي ته آئون پنهنجي ڏرتي واسين جي باري ۾ پنهنجي معلومات، پنهنجي سوچ ۽ فڪر انهن جي حوالي ڪريان، جيڪي ان جا اصل وارث آهن.

آءُ پنهنجي پاءُ منظور قريشيءَ جو به ٿورائتو آهيان، جنهن منهنجي ادبي ڪاوشن کي هميشه اهميت ڏني آهي ۽ خاص طور تي منهنجي ڪتاب "The Glorious Past" لاءِ مون کي همٿائڻ ۽ هڪ تاريخي ڪارنامو سرانجام ڏيارڻ ۾ مدد ڪيائين ۽ هي ڪتاب به سندس ئي همت ڏيارڻ تي شايع ٿي رهيو آهي.

آخر ۾ آءُ پنهنجي دوست موهن مدهوش کي شاباس ڏيندس، جيڪو واقعي تمام وڏي دل ۽ سوچ رکي ٿو. هن سان جڏهن ڪتاب بابت حال اوريم ته هُن منهنجي ڪتاب کي ڇپرائڻ ۽ هٽ ونڊائڻ ۾ هڪ لمحي لاءِ به ڪونہ ڪيبايو بس اُن وقت رڳو ٿورو ڪنڈ جهڪائي، پنهنجو پاڻ سان ڪجهہ ڳالهايائين ۽ پوءِ مُرڪي، ڪمپيوٽر ۾ جنبي ويو.

ـ قاضي خادم

4ـاپريل 2008ع،
حيدرآباد.

مٹيءَ ۾ ملاوٽ

غريب ته هُو ڄائي ڄم هئو پر جيستائين پيءُ جيئرو هوس، ۽ پيءُ پڄاڻان وري جيستائين جوانيءَ جو زور هئس، هن کي غريب هجڻ جو کو گهٽو احساس کونہ هئو. وري جو آسپاس ۾ گهوريئڙا، مٹي ڏوئيندڙ ڪير وکٽندڙ ۽ واڻ وٽيندڙ ئي رهندا هوس ته هن کي ڪڏهن ۾ اهو احساس کونہ ٿيو ته کو هُو غريب آهي. البتہ سُکل ڏوڏا لسيءَ سان چهاڙڻ وقت ڏند، ڪڏهن ڪڏهن سور ڪندا هئس، ته دل چوندي هئس ته کا سڀي ڪڪ جي ماني هجي يا پٽڙو پت ته موج ٿي وڃي. پرپاسي ۾ رئيسن جي شادي مرادیءَ تي ته ڏهيو پر موت تي ۾ ڪيترن وقتن جو کاڏو مفت ملي ويندو هوس، ته هن جي موج ٿي ويندي هئي. رئيس جا ماڻهو مٹي تي پت جا پاتوڙا رکيو هڪ هڪ گهر تي اچي لسٹ ۾ لکيل نالن مطابق پاتوڙا ڏئي ويندا هئا. هن جي خوشنصيبي اها هئي جو پُل وچان سندس پيءُ جو مرڻ کان پوءِ ۾ لسٹ مان نالو خارج نہ ڪيو ويو هو، نہ ته هو ان نعمت کان محروم رهجي وڃي ها. جو ياڄي صرف شادي شده فردن سان هوندي هئي، چڙي چانڊ سان کونہ هوندي هئي. اها ۾ ڳالهہ هئي ته رئيسن جي گهرن ۾ ڪم ڪاج ڪرڻ ڪري سندس ماءُ کي جنهن کي مائي ڀنيي چوندا هئا، جدا پاتوڙو پت جو ملندو هو جنهن مان هوءَ گوشت ڪڍي، سونکيءَ ۾ هڻي، سکائي رکندي هئي ۽ جڏهن دل چوندي هوس تري پاڻ ۽ پٽ گڏجي کائيندا هئا. هڪ لحاظ کان هنن کي اهو انتظار رهندو هو ته ڪڏهن ٿي ڪا رئيسن ۾ شادي ٿئي ته هفتي تائين پلاءُ جا مزا ماڻين يا ڪڏهن ٿو کو رئيسن مان هي جهان ڇڏي ته ڪانڊيي کان وٺي ٽيجهن، چاليهن تائين ختمي جا پت کائين ۽ سال بسال اهو سلسلو هلندو رهي. ڪڏهن ڪڏهن هُو ماءُ کان پڇي ۾ ونندو هو ته "امان رئيسن جي گهر ۾ کو بيمار ۾ ٿئي ٿو يا نہ؟" ماڻس بظاهر دڙڪو ڏئي چوندي هئي، "مٹا نياڳا، پٽيندين پراوا ته لڳندي

پاڻ کي." ته هو ڪلي وراڻيندو هو "پاڻ کي ته اڳ ئي لڳل آهي، نه جيئرن ڪڏ نه مئلن ڪڏ."

اهو هو صفر، جنهن دنيا ۾ سڀ ڪجهه سکيو ۽ ڪجهه به نه سکيو. رازکو ڪر ڪيائين ته ڪڏهن کا پت سڏي ڪونه ناهيائين، ڪورين وٽ ويڻو ته آڏاڻا ئي بند ڪرائي ڇڏيائين. خاڻوٽ ۾ جنڊيءَ جو ڪر سکڻ ويو پر رنگ سمجهه ۾ نه اچنس، هُو جائي جر ڪلر بلائيندِ هو. تنهن ڪري جڏهن ڊرائيونگ سکيائين ته ڪڏهن به ڳاڙهي سگنل تي نه ٻيڻو ۽ جنهن جي ڪار هٽ ۾ ڪنيائين، اها وري هلڻ جي قابل ڪانه ٿي. علي ڏني ميمڻ جي ڪار ٽرڪ ۾ هٽي وڌائين، ته گل محمد قريشيءَ جي شورليٽ، پل جي ٽنيي ۾ ٽڪاءُ ڪرايائين. وري ڪُٽيءَ ڪنيو قادر ڏني ميمڻ کي جو هن ٽيڪسي وٽي ڏنس هلائڻ لاءِ، بس مسافر سو مرڻ کان بچي ويا، پر ڪار جو اهڙو حشر ڪيائين، جو ان کي ڏسي قادر ڏنو وڃي اسپتال داخل ٿيو. وري هٽ کوليائين، پيڙيون پاڻ پي ويو ته پتاشا ماٽس ڪائي پورا ڪيا. پاڙي پتيءَ وارن کي ڪليو پيو ڪيڪاريندو هو ۽ سامان اوڌر تي ڏيندي، نيٽ دڪان به بند ڪرڻو پيس. آخر رئيسن کي رحم اچي ويو مائي پنيءَ جي وڪريل پنين وارن کي ڏسندي، هن کي پاڻ وٽ اوطاق تي ويهاريائون. پوءِ جيڪو به ڪم پوندو هو ته هُن کان ونڊا هڻا ۽ هُو جانچ ۾ هوندو هو ته ڪهڙو رئيس ڪهڙي وقت ٿو ٻيءَ دنيا روانو ٿئي ۽ سندس پلاءُ ڪائڻ جو شوق ڪڏهن ٿو پورو ٿئي.

هوڏانهن مائي پنيءَ جي لاءِ وري مختلف ڳالهيون گردش ڪنديون رهنديون هيون. هن کي ٿوري گهٽي چوريءَ جي به عادت هئي ته وقت تي نڪي به ڪري ونڊندي هئي. هڪ دفعي رئيسائيءَ پنجن روپين جو نوٽ ڏنس ته وڃي چئين آني جون پڳل سوپارين وٽي اچي. هو دڪان تي وئي ۽ واپس موٽي اچي رئيسيائيءَ کي ٻه روپيه هٽ تي رکيائين. چئي، "پنجن روپين مان ٽي روپيه ڪِري پيا." رئيسيائيءَ هن تي اعتبار ڪندي ربيو ڏنس ته سوپياريون ته وٽي اڇ، اهو نه سوچيائين ته پنجن روپين جي نوٽ مان ٽي روپيا ڪيئن ڪري پيا. نه صرف ايترو پر هن لاءِ اهي به پُڪا هلندا هڻا ته هُوءَ پاڙي پتيءَ جي جوان دلين کي به ملائيندي هئي. حالانڪ ان جو ڪنهن وٽ ثبوت ڪونه هو پر ڪيترن گهرن جون چوڪريون هن سان ڪنن ۾ سرڀاٽ ضرور ڪنديون هيون.

جڏهن رئيس، صفر کي پاڻ وٽ رکي چڏيوَ ته پنيي‌ءَ کي هُن جي شاديءَ جو فڪر اچي ٿيو. هڪدم برادريءَ مان هڪ سهڻي نينگريءَ جو سنگ صفر لاءِ گهرايائين. چوڪري بيحد حسين هئي، ڪيترائي هن جي گهٽيءَ جا ڦيرا ڏيندا مايوس ٿي ويا هئا. پر هن صفر کي قبول ڪيو. جيڪو قبول صورت ته نهيو پر تمام گهٽو ڪوجهو هو. قد جو ڊگهو سنهو رنگ ڪارو نقش نگار بي ڊولا ءِ منهن تي ماتا جا نشان، بس هڪڙي ڳالهه هئي، جو هن جو ڪاپو چپ ڪجهه ائين مٽي ٽيل هو. جو هُو هر وقت مرڪندو نظر ايندو هو. ٻئي طرف سندس ٽيڙ واري ونې جنوءَ جو انگ انگ مرڪندي نظر ايندو هو.

شاديءَ کان پوءِ رئيسياڻيءَ جنوءَ کي به گهر ۾ ڪم سان لڳائي چڏيو. هاڻ هنن جون حالتون ڪجهه درست ٿي ويون هيون. ماني ٽڪي جا ٽئي وقت رئيسن مان، ڪپڙو جتي به ملندي هئن، گرمين ۾ برف ءِ ٽڏو پاڻي، سياري ۾ چانهه ته اوطاق تي هر وقت تيار هوندي هئي. هوڏانهن سندس ونې جنوءَ به رئيسياڻين جي دل ۾ گهر ڪاهي ورتو. ڪلمڪ ءِ سليڪٽي ته هئي، سڄو ڪم پاڻ تي ڪٽي ڪنيائين ءِ خاص ڳالهه اها ته اڳ جو رئيس وڏو فجر نماز مسجد ۾ پڙهي اوطاق ۾ ئي وڃي ويهندو هو ءِ سمهڻيءَ کان پوءِ گهر ۾ گهڙندو هو اهو به نيرن ءِ منجهند جي ماني گهر ۾ ڪائڻ لڳو. مانيءَ کان پوءِ جڏهن جنو ڪونرو ءِ چلمچي ڪٽي هن جا هٿ ڏوئارڻ مهل جهڪندي هئي ته رئيس جو سمورو ڪاڏو هضم ٿي ويندو هو. هُوءَ رئي سان پنهنجو متو ءِ چاتي ڊڪيل رکندي هئي، پر تڏهن به رئيس جي اک جون، ايڪس ريز انهن مان پار ٽيڙ جي ڪوشش ڪنديون هيون ءِ خاص ڳالهه اها ته رئيسياڻي به ڪا بيوقوف ڪانه هئي، پر ڪنهن به سبب کان سهي، رئيس جو ائين گهر ۾ سڄو وقت رهڻ هن کي ڏاڍو سٺو لڳندو هو.

هوڏانهن صفر کي به اهم ڪم ڪار تي لڳايو ويو. ڪڏهن شهر ٿي موڪليو ويو ته ڪڏهن وري ٻنين تي. اوطاق تي ويهڻ جو ته وقت ئي ڪونه ٿي مليس. رات جو جڏهن ٽڪي ٽُٽي اچي، جنوءَ جي ٻانهن ۾ پناهه ونندو هو ته سيءَ ٽڪ لهي ويندا هئس. هو پڇندو هوس ته، "تون ته ڪم ۾ ڪونه ٿي ٽڪجين نه؟" جنو جواب ڏيندي هئس. بابي ءِ امڙ جي ڪم ۾ ڪهڙو ٽڪجڻ. رئيس ته مون کي بابا کان به وڌيڪ ٿو پائئين." صفر خوش ٿي ويندو هو ءِ رئيس جي وڏي عمر لاءِ دعائون گهرڻ لڳندو هو. البته پنيي‌ءَ جي تجربيڪار اکين ۾ شڪ جا پاڇولا ناچ نچڻ لڳا. هن کي رئيس جي نيڪ

نمازي هجڻ جو ته يقين هو پر جنوءَ جي جوانيءَ تي پروسو ڪونہ هوس. ڪم دوران بہ هن جون اکيون جنوءَ جو پيڇو ڪنديون رهنديون هيون. خاص ڪري جڏهن جنو رئيس لاءِ ماني ڪٽي ويندي هئي يا ٽانو ڪڍڻ ۾ هٿ ڏوئارڻ ويندي هئي. خبر ناهي ڇو ان وقت هوءَ رئيسياڻيءَ سان اکيون ملائڻ کان ڪيهائيندي هئي، پر سندس مطمئن منهن ڏسي دل کي دلاسا ڏيندي هئي ته مڙئي خير آهي.

هوڏانهن رئيس آهستي آهستي بيقرار ٿيندو ويو. جي ڪنهن هڪ ويلي تي جنو نظر نہ ايندي هئس ته ماني ئي کاڻ وٽندي هئس. اوطاق ۾ ته وڃڻ صفا گهٽائي ڇڏيائين، پر ٻني ٻاري تي وڃڻ بہ گهٽائي ڇڏيائين. هاڻ اوطاق صفر جي حوالي هئي ۽ رئيس گهر ۾ پيو ٽڏا ساهہ پريندو هو ۽ جنوءَ کي هيڏانهن کان هوڏانهن ايندي ويندي ڪم ڪندو ڏسندو رهندو هو. آخر هڪ ڏينهن جڏهن رئيسياڻي ۽ گهر جا ٻيا ڀاتي ڪوٽ جي هڪ شاديءَ ۾ ويل هئا ۽ گهر جنوءَ جي حوالي هو ۽ هُو پنهنجي ڪمري ۾ بن ڏينهن جي پراڻي اخبار پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئو ته دل ۾ ڪو ٻيڪو اُٽيس. نڙيءَ تي زور ڏيئي هن کي سڏ ڪيائين: "جنو".

"جي بابا سائين". جنوءَ جو مٺو آواز خنجر بنجي هن جي سيني ۾ گُهپجي ويو. هُو اٽيو ۽ نٽهڻ اس ۾ گهران نڪري وڃي اوطاق تي پهتو. جتي صفر ۽ ٻيا ڪم ڪار وارا نوڪر چاڪر ڪيس بي وقتو اوطاق ۾ ايندو ڏسي پريشان ٿي ويا. هڪدم اُٿي هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڪم سان لڳي ويو. وڏي ڪمري کي چنبڙ ڦوڪڻ لڳا ۽ رئيس بہ پيرن مان سليپر لاهي ڪوچ تي آهلجي پئجي رهيو. سندس سينُو لوهار جي ڏمڙ جيان هيٺ مٿي ٿي رهيو هو. باهہ هئس جا اندر ۾ پڙڪا ڏئي رهي هئي. صفر بہ در کولي اڇي پر ۾ بيٺس.

"اڙي تون هتي ڇا ڪيون ڪرين؟" رئيس کنهن اونهي کوهہ مان ڳالهايو.

"سائين، ميدان تي پراءَ لاءِ مٽي ونڻي رهيو هوس. توهين بہ ڏسو." صفر چيو.

"مٽي، چور ڪٽي جا، تون مٽيءَ ۾ بہ ملاوٽ ٿو ڪرين لُڇا. هاڻ ساڌ بنجي ٿو مونکي ملاوٽي مٽي ڏيکارين. جهڙي ماڻهين چور، تهڙو تون، تهڙي تنهنجي زليل زال. نڪر هتان، وري منهن ڏيکاريو اٽئي، ته پادرن جو هار وجهي گشت ڪرائيندوسانءِ. نڪر ته ڪيئين نہ گوليءَ مان." آتش فشان

باهر جا اُلا اوڳاڇي رهيو هو ۽ باهر وراندي ۾ بيٺل ڪڙمي ڪاسبي سڀ ڪنبي رهيا هئا. "پڪ صفر متيءَ ۾ ملاوٽ ڪئي آهي، نه ته رئيس جهڙو ماڻهو ائين نه مڇرجي ها."

هُو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ صفر بي عزتيءَ جي بار ۾ غرق ٿيندو اوطاق جو در پار ڪري ويو.

هاڻ وري صفر هو ۽ بکون، ينيي به پيريءَ ۾ اڇي گهر پيڙي ٿي، هن کي پڪ هئي ته جنوءَ کا غلط حرڪت ڪئي آهي، نه ته رئيس جهڙو اشراف ڪيئن کين گهران تڙي ڪيدي ها ۽ صفر هن کان پڇي رهيو هو ته "امان سچ ٻڌاءِ، رئيسن ۾ ڪو آهي وڃڻ وارو ته ڪو وري پت ڪائون."

•

جيجي سارُو

اصلي نالو شهربانو هئس يا ساران، اها ته خبر خدا کي، باقي ڳوٺ ۾ پاڙي ۾ هوءَ ساروءَ جي نالي سان سڏبي هئي. ننڍا جيجي سارو چوندا هئس. وڏا استاد چوندا هئس جو هوءَ ہارڙن کي قرآن شريف ۽ پڙهائيندي هئي ۽ عام طرح مائي سارو ڪري ڪوٺيندا هئس. پنهنجي وقت جي ڏاڍي دبدبي واري ۽ پرڪشش عورت هئي. ننڍپڻ جي ذهن تي هن جا جيڪي نقش اڪريل آهن، تن موجب هوءَ قداور، تکي نڪ نقش واري، گلابي رنگت ۽ مُرڪندڙ مهانڊي واري هڪ ملنسار عورت هئي، جيڪا هڪ غريب مزدور جي زال هوندي ۽ سڀ نموني سان رک رکاءُ ۽ ڏيکاءُ ڏيندي هئي. ہارن کي قرآن شريف ۽ پڙهائيندي هئي ته گهر ۾ ئي ننڍڙو هٽ ۽ ڪوليو هٿائين، جنهن ۾ ڪتومبڙا (ڪٽمنا) بسڪوٽ، شتربينيون، گيهر، گانڌيا ۽ مرملپا رکڻ سان گڏ پڪار مڪس عطر، تبت سنو ڪريم ۽ پائوڊر جهڙا عورتاڻا آئٽم ۽ هوندا هئا. جنهن ڪري اسان جي محلي جون عورتون سندس گهر جي پٺ وٽ بيهي ڪيس سڏ ڪنديون هيون "استاد اووو" ۽ هوءَ ۽ جواب ۾ "اووو" چوندي پنهنجي طرفان ايي ڪٽ تي بيهي هنن سان ڏيتي ليتي ۽ ڪندي هئي ته وري هلڪي ڦلڪي ڪڇري ۽. ہار ۽ ائين "جيجي سارو اووو" ڪري ڪائنس ٽول شيون ونڊندا هئا. ان کان سواءِ هوءَ اڇٽ ۽ اٽندي هئي، جيڪي پاڻ محلي ۾ اچي گهر گهر پهچائيندي هئي. خاص ڪري امان سان گهٽو انس هئس، تنهن ڪري هوءَ اسان کي حيدرآباد تائين ۽ اڇٽ پهچائيندي هئي. آءٌ ۽ جڏهن ڳوٺ ويندو هوس ته مون کي ڪٽمنا ڏيندي هئي پر مون کان پئسا ڪونہ ونڊندي هئي.

غربت جي باوجود هن جي سلجهڻي طبيعت جي ڪري اهو لڳندو ئي ڪونہ هو ته ڪا هوءَ غريب عورت آهي.

هوءَ جڏهن شام جو چيتَ جو وڳو پائي، پڪار مڪس عطر هٽي، سوپاريءَ جي تڙ وات ۾ وجهي پاڙي ۾ ايندي هئي ته رئيسياڻين جا به تاڪ وڄي ويندا هئا. دل نه چوندي هئن ته هن کي هيٺ ويهڻ ڏين. پر رئيسن ۾ ڪو ڏاريو ڪڏهن مٽي ڪونه وينو سو هيءَ ايندي هئي، ٽلندي ٽلکندي هِن هُن سان کيڪر ڪندي، ڪٽي وينيءِ ڪٽي بينيءِ، پر هر ڪنهن سان ملي جلي، واپس پنهنجي گهر هلي ويندي هئي، جيڪو محلي جي ٻاهرين ديوار سان اصل ڳنڍيل هئو. شام ٿيندي هئي ته هن جي اچڻ جو اوسيئڙو شروع ٿيندو هو. اهو اوسيئڙو صرف عورتن کي نہ بلڪ مردن کي به ٿيندو هئو جوانڙا ۽ اڌوڙ لکي ڇپي، ليئا پائي هن کي ڏسڻ ڇاهيندا هئا. هن جي وڻڻ جو هڪ اهو به سبب هو جو هُن ۾ نہ ڪنهن جي گلا جي عادت هوندي هئي نہ پنهنجي غربت جا ڏکڙا روئڻ جي. نہ ئي هن کي اهو الڪو هوندو هو ته آمون ٽاڪ منجهند جو ڪنهن سان ملڻ شاداني ٿي وڃي (شاهہ دياني جي مزار) يا مريم کي مريم سئي واري ڇوٽا چون يا مريم پناهگير ڪيئن فسادن وقت رئيس وڏي کي روئندي هٿ آئي هئي. هن کي ته اڪين سان جانل وادِيءَ رئيس جي ڪمري مان ڪمهلي نڪرندي نظر آئي هئي تڏهن به ڪنهن سان ان جو ذڪر ڪونہ ڪيو هئائين. هوءَ ته بس پنهنجيءِ گلوءَ جي پيار راز ۽ نياز جي ڳالهين ۾ مگن هوندي هئي. پنهنجي ڏيءَ زليخا تان مورچا پئي ٿيندي هئي، جيڪا صفا پلاسٽڪ جي پوريءَ جيان هوندي هئي. پاڙي ۾ ايندي هئي ته هن هُن جي ڪچ تي پئي ويهندي هئي پر اهي ڏينهن ٿورا هئا، اهي اسان کي چٽا ياد ناهن. هُن جو گلو جواني ۾ ئي سلهہ جي مرض ۾ مبتلا ٿي هن کي اڪيلو ڪري ويو. هو بند تي ڪم ڪندو هو. مزدور جي ڪمائي هن جي زندگي ختم ٿيڻ سان ختم. سارو بيواهہ ٿي وئي. اڇا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيائين. پاڙي ۾ ۽ پاڙي کان ٻاهر ڪيترا اڌوڙ چَپ چنڊ لڳا. پيش امام جمعي ڪوريءَ ته نڪاح لاءِ نياپو ڪيس، خميسو حجام به ٿي شاديءَ لاءِ آتو هو. نصير پٽي به ۽ زالون کايو وينو هو. ٻيا ته نهيو پر وڏي رئيس به لڪ چپ ۾ نوري ماچياڻيءَ هٽان، پٽسا، ڪپڙا ۽ ٽوال موڪليس، ليڪن سارو به ڪنهن نورجهان کان گهٽ نہ هئي. بلڪ نورجهان (مهرالنساء) ته صرف ڇهن سالن ۾ علي قليءَ کي وساري جهانگير جو محل وڃي وسايو پر هن کي اسان پنهنجي گلوءَ سان بيوفائي ڪندي نہ ڏٺو.

جمعي ڪوريءَ ته گهٽا وس حيلا هلايا. هن لاءِ طرح طرح جون ڳالهيون مشهور ڪيائين. حافظ ربڏني کان فتويٰ به ونڊي آيو ته جواڙ جماڙ

عورت جو اڪيلو رهڻ ڏين جي خلاف آهي، گناهه ڪبيرا آهي پر ساروءَ دنيا (61)
ڏانهن ڪن بند ڪري چڏيا هئا. هُن نانگ بلائن کي مارڻ لاءِ هڪ وڏي لٺ ۾ سوئو لڳائي رکيو هو هاڻ اها لٺ پنهنجي سيراندي‌ءَ رکي سمهندي هئي، گذر سفر لاءِ گهر ۾ هٿ تہ اڳ ئي هو، جنهن ۾ ڪتمنا، نان ختايون، برفي، پگڑا ۽ اهڙيون ٻيون شيون رکيون هئائين جيڪي پاڙي پتي‌ءَ جا نينگر ۽ نينگريون وٽي ويندا هئس. محلي جي اندرين پت کان وري رئيس جا ٻارڙا جيجي سارو اووو.. جا آواز ڪري سڏيندا هئس ۽ هوءَ جواب ۾ "اوو" جو آواز ڪندي هئي ۽ پوءِ پت تان ليئو پائي هنن کان پڇندي هئي تہ ڇا گهرجين، ائين اتان ڏي وٺ ٿيندي هئي. آءٌ بہ جڏهن ڳوٺ ويندو هئس تہ هن کان هالن جا رنگين ڪتمنا ونندو هوس، پر هوءَ مون کان پئسا نہ ونندي هئي.

ايڏا سارو گلوءَ جو ڏک ئي ڪونہ سنو هو تہ مٽان سندس پيٽ فضيلان گذاري وئي ۽ پنيان ننڍڙو پٽڙو "مينهل" چڏي وئي. فضيلان جي مڙس زال جي مرڻ پڇاڻان هن کي ساڻس نڪاح ڪرڻ تي زور پريو تہ جيئن مينهل بہ سکيو ٿئي ۽ هوءَ بہ وري گهر واري ٿئي پر ساروءَ ڇپ تي "نہ" جو لفظ جمي چڪو هو. تنهن ڪري پيٽويي بہ آسرو لاهي وڃي ٻي شادي ڪئي ۽ مينهل هن ڏانهن ڏياري موڪلياٿين. ساروءَ پاڻيجي کي بہ ڪٽي سيني سان لڳايو. هاڻ هوءَ شام جو مينهل کي چونڙا رڙي ٽال ناهي ڏيندي هئي جيڪي هو پاڙي ۾ ئي رات تائين ويهي کيائي ايندو هو ۽ رات جو پئسا وڃي ساروءَ جي تريءَ تي رکندو هو ۽ پاڻ زليخا سان گڏجي ڪوڏين ۽ بلورن سان راند ڪندو هو. سارو هنن کي گڏ ڏسي فيصلو ڪري چڏيو هو تہ زليخا گهر مان نہ ويندي، ان ڪري جو مينهل جو بہ اهو ئي گهر هو.

سال نڪرندا ويا، سارو ساڄيو هٿ هلائيندي رهي. آءٌ جڏهن بہ ڳوٺ ويندو هوس، هوءَ مون کي ڪتمنا ضرور ڪارائيندي هئي. مينهل گهور ڪندو رهيو. زليخا اڳڪ اُٺ ۽ پرت پرڻ سکي وئي هئي، تنهن ڪري هن کي بہ گهر ويني ڪم پيو ملندو هو. ماڻهن جون اکيون بہ هاڻ ساروءَ مان نڪري زليخا تي پوڻ لڳيون هيون، جيڪا جواني‌ءَ ۾ قدم رکي چڪي هئي. هن سورهين ورهين ۾ قدم ڇا رکيو هو جڏ سڄي ڳوٺ تي بهار جي مند ڇانئجي وئي هئي. جوان دلين جا گلاب ٽڙڻ لڳا ۽ چاندوڪين راتين ۾ هوائن جي زُوزات ۾ عاشقن جون آهون بہ شامل ٿي ويون. جن ساروءَ مان آس پلي هئي، تن وري زليخا جو سڳ گهرڻ شروع ڪيو پر سارو چئي "نہ". ويندي رئيسن جي گهران وري اهڙا سُرهاڻ شروع ٿيا، پر سارو زليخا کي مينهل جو مڃي چڏيو

هو ۽ خود زليخا ۽ مينهل بہ هڪبئي لاءِ جان فدا ڪرڻ لاءِ تيار هئا. تنهن ڪري ڀگالهہ اتي ئي رهي ۽ هڪ ڏينهن ساروءَ زليخا ۽ مينهل جو نڪاح ڪرائي ڇڏيو. سڄي ڳوٺ جو وات ڀاڪهي بند ٿي ويو. ڪڪر چڙوچڙ ٿي ويا. آسمان صاف ٿي ويو. آسرا دلين ۾ ئي دفن ٿي ويا ۽ ساروءَ جي گهر وري هڪ پيرو سڪ جو ساهہ ڪنيو.

مينهل، سارو ۽ زليخا، سڀ ڪمائيندڙ هئا. ڪپڙا لٽا اڇا اجرا ٿي ويا. زيور ڳهہ ڳنا بہ گڏ ٿي ويا. اجڙيل چهرن تي رنگن جو ديرو جمڻ لڳو. مائي سارو سادگيءَ سان پر هڪ سنجيده ۽ دلڪش انداز ۾ پنهنجو پاڙي ۾ اچڻ وڃڻ جاري رکيو. هاڻ هوءَ اڳ بہ ڪٽي ايندي هئي تہ پرت جا نمونا بہ. شين شڪلين جي ٽيلهي بہ پريو ايندي هئي. سيني سان ڪلي پئي ڪيڪاريندي هئي. هن جي زندگي هڪ ڊنگ تي اچي وئي. ايتري قدر جو رئيسياڻيون بہ ڪيتريون شيون جن ۾ فرنيچر کان سواءِ ڪپڙا بہ شامل هئا، لڪائي ساروءَ کي وڪڻنديون هيون.

مائي سارو هالا مان حيدرآباد اسان جي گهر بہ ايندي هئي ۽ اڳ ڏئي ويندي هئي. هن پئسن جو ڪڏهن حساب ڪونہ ڪيو ۽ امان بہ هن کي بنان حساب جي ڏيندي رهندي هئي. هن جي اڇڻ سان اسان جي اڳڻ تي جڻ ڳوٺ جو واس اچي ويندو هو. هو اچي بي تڪلفيءَ سان اسان مان ڪنهن جي بہ ڪٽ تي چڙهي ويهندي هئي ۽ جي امان رڌڻي ۾ هوندي هئي تہ هن وٽ صندلي رکي وڃي ويهندي هئي ۽ پوءِ دنيا جهان جون ڳالهيون، نياپا نڙا، هيٺ مٿانهيون ڪري، وچينءَ ڌاري ورندي هئي ۽ امان سيني ڳوٺ وارن مائڻن لاءِ سلامن جي هڙ ٻڌي ڏيندي هئس. اسان کي بہ هن سان هڪ قسم جو لڳاءُ ٿي ويو هو. جي ڪجهہ ڏينهن پئجي ويندا هئا تہ ڳوڻان پڇا ڪندا هئاسين ۽ هاڻ تہ هن فون بہ لڳايو هو. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ فون تي پرت يا اڳڻ جي باري ۾ پڇندي بہ هئي. پوءِ اسان جي گهران منهنجون پينرون فرمائش ڪنديون هيون تہ جيجي سارو منهنجي لاءِ ٽِڪن واري پرت وارو رئو آڻجانءِ... منهنجي لاءِ چُر واريون وهاٽي جون ڇهون... ۽ ائين اهو تعلق قائم رهيو. پر هن زليخا کي ڪڏهن بہ ساڻ نہ آندو. مون پاڻ بہ زليخا کي هڪ اڌ دفعا انهيءَ پٽ وٽان منديي ڪيي محلي جي ٻارن سان ڳالهائيندي ڏٺو هو. جتان جيجي سارو ڪڏهن امان سان ڳالهائيندي هئي. زليخا مون کي ان پتليءَ جي سسيءَ جيان سهڻي لڳي هئي، جيڪا ميلن ۾ جادوءَ جي ڪيل جي نالي ۾ ڏيکاري ويندي هئي. صرف سسي جيڪا شيشي جي پوبان

هڪ استينڊ تي رکيل نظر ايندي هئي ۽ جادوگر هن سان جملن جي ڏي وٺ ڪندو هو: "ڪيا کهاتي هو؟"

جواب ايندو هو: "هوا".

"ڪيا پيتي هوا؟" سوال ٿيندو هو.

جواب ايندو هو: "پاني."

بلڪل اهڙي پتلي، نفيس، نازڪ، سهڻي، گلابي رنگ سونهري وار، ٻيو ڪجهه به نه. بس جيجي ساروءَ کان هن جون ڳالهيون پيون ٻڌبيون هيون. ڇو جو هن زليخا کي جوانيءَ ۾ پير وجهڻ کان پوءِ محلي ۾ به ڪونه آندو هو. هوءَ سندس حفاظت ائين ڪندي هئي، جيئن پنبڙ اکين جي حفاظت ڪندا آهن. انهيءَ حفاظت لاءِ هوءَ مينهل جي هوندي به سوئي واري لٽ پاسي ۾ رکي سمهندي هئي، پر هوءَ رڳو زليخا جي حفاظت ڪونه ڪندي هئي پر مينهل جو به ايترو ئي خيال رکندي هئي، شل نه هن کي ڪو پير ۾ ڪنڊو لڳي. بيچين ٿي ويندي هئي، يڪدم ريشمي ڪپڙي جو ٽڪر ساڙي زخم تي رکندي هئس ته جيئن رت بند ٿئي. ڪٽ تان لهڻ ئي ڪونه ڏيندي هيس. جيتر سور هوندس، اوستائين ٻاهر نڪرڻ بند. اهو سلسلو ننڊپڙ کان شاديءَ تائين جاري رهيو.

جيجي ساروءَ جي ڏک تي پاڙي جي پڪين پوڙهين کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو ۽ هاڻ جڏهن هوءَ سکي ستابي ٿي هئي ته وري ڪن کي دل ۾ اهو ارمان به ٿيو ته هاڻ هوءَ پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ لڳي آهي. هوءَ خوش نه هجي ها ته ڪيئن نه هو سندس ڪم اچن ها ۽ اهڙيون عجيب سوچون- ڪي ته چونديون هيون مئي مچي پئي آهي، پئسو جو ڏنو اٿس. فون به لڳا آهن. بس هاڻي موٽر ونڊ جي دير آهي. هاڻ ته اها به اسان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلندي. ائين وقت گذرندو رهيو. اسين به پڙهي لکي ڪار ڪرت ۾ لڳي وياسين. ڳوٺ ۽ ڳوٺ واسين سان جذباتي لڳاءَ ۾ به ايترو زور ڪونه رهيو. اڳٽ به بازار ۾ عام جام وڪجڻ لڳا. جيجي ساروءَ جو به اچڻ وڃڻ گهٽجي ويو. البته ڪنهن هڪ دفعي ٻڌايو ته مينهل کي لقوه ٿي پيو آهي، تنهن ڪري کٽ تي پئجي ويو آهي، ڏک ٿيو. پر ٿوريءَ دير لاءِ. سال ٻن کان پوءِ ڳوٺ وڃڻ ٿيو. ڪنهن ٻڌايو ته جيجي سارو هاٽي گهٽو اچي وڃي ڪونه ٿي. خبر ناهي ڏينهن جا ڏينهن ڪيڏانهن ٿي هلي وڃي. ٻڌائڻ جو انداز ڪجهه مشڪوڪ لڳو. اها خبر پئي ته زليخا کي سلهه ٿي پئي آهي. ائين هن گهر جا ڏينهن وري بدلجڻ لڳا. فون به وئي، لائيٽ به ڪٽجي وئي. ٽهڪڙن جا

آواز بہ بند ٿي ويا. ائين دنيا جا لاها چاڙها تہ ايندا ئي رهندا آهن. جيڪي دنيا ۾ ايندا آهن، تن کي وڇڙو بہ پوندو آهي. زندگي بہ سنڌو نديءَ وانگر آهي. هوڙ ٿي پوي تہ شهر گم ڪري ڇڏي، وري جو سُڪي تہ پيرين پنڌ پار ڪري سگهجي. انسان بہ ٻالپڻي، جواني ۽ پيريءَ جو مزو چکي ٿو. سو اهي ڳالهيون وقتي ڏک پيدا ڪن ٿيون باقي وري ساڳيو دنيا جو چڪر ۽ ان ۾ زنده رهڻ جا سعيا. سو هُوءَ وڇڻ سان اهڙا ڪيترائي ڏک پريا داستان ٻڌبا آهن، جيڪي غريبن جي قسمت ۾ نہ ٻهڻ واري مس سان لکيل آهن. جيجي سارو بہ سيني انسانن جيان آهي. هن بہ ڏک ۽ سک ٻئي ڏٺا آهن، پر پنهنجي انا کي نہ ڇڏيو اٿس. ڪڏهن ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ڊگهيريو اٿس. هميشہ محنت مزدوري ڪري وقت ڪاٽيو اٿس. اهي اکر سيني جي واتان ٻڌم "پر هاڻي تہ ڪٿي ڪم بہ ڪونہ ٿي ڪري الائي چو؟" اهي مشڪوڪ اکر ٻڌڻ ۾ آيا هئا پر دل تي اثر ضرور ڪيائون.

ڪافي وقت کان پوءِ خبر پئي تہ مينهل مري ويو. جيجي سارو وري زليخا سان اڪيلي رهجي وئي. هن زليخا جي علاج لاءِ چا چا نہ ڪيو پر ڪنهن کان مدد نہ گهريائين. چيائون ٿي تہ صبح جو نڪري ٿي، وري رات جو واپس ٿي اچي. ڪٿي ٽانوَ ڏوئي، ڪٿي ٻهاري ڏي تہ ڪٿي مانيون پچائي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ الائي ڪيڏانهن ٿي هلي وڃي، جو رات جو دير سان ٿي اچي، ماڻهن تہ هن عمر ۾ بہ هن تي گمراهہ هجڻ جو ڏوهہ مڙهڻ کان نہ گسايو. جن بہ هن يا زليخا جو هٿ گهريو هئو تن تہ هن جي خراب هجڻ جا قسم کائڻ شروع ڪيا ۽ پاڙي ۾ بہ هن خلاف چوڀول ٿيڻ لڳا. پر هن کي شايد انهن سيني ڳالهين جي پرواهہ کانہ هئي.

ائين هڪ دفعي حيدرآباد ۾ پنهنجي گهر ۾ ڏٺم تہ جيجي سارو آئي آهي، پر هيءَ اها تہ کانہ هئي جيڪا اسان هميشہ ڏٺي هئي. هيءَ تہ هڪ جهڪيل چيلهہ واري پوڙهي مائي هئي. صرف چهري ۽ اکين جي چمڪ مان سڃاڻجي ٿي سگهي، تہ هيءَ ساڳي الهڙ البيلي ۽ اڏول جيجي سارو آهي. امان ياکر ۾ پري کٽ تي ويهاريس. خبرون چارون ورتائين. چانهہ جو پيالو ڏنائينس. هن جا نيٺ مسلسل وهي رهيا هئا. بار بار نڪ کي رئي سان صاف ڪيائين. "ڇڙا خوش تہ آهيو نہ؟"

هن اهڙي قرب مان پڇيو جو مون پاڻ کي ڏوهاري سمجهڻ شروع ڪيو. چا اهو ڏوهہ نہ آهي تہ اهڙي قربائتي ۽ مانائتي انسان جي سار سنڀال

ڪانه ڪئيسين، پر هوءَ ڪتي ٿي ڪنهن جي مدد قبول ڪري هينئر ٻه هوءَ اڳ ڪٽي آئي هئي.

"جيجل هي اوهان لاءِ آندا اٿم، پئسا پلي پوءِ ڏجو." هن جو اڳيون هٿ ايڏا ٻه قائم هو. امان هڪدم اڳڻ جي ٽيلهي ڪنئي.

"ڪٽي وٺ ڏڻ آهن" هن چيو.

"هوندا". امان چيو ۽ سئو جو نوٽ اڇي هٿ تي رکيائينس.

"نه جيجي، جيئين شال، چوويهن روپين جا آهن." هن چيو.

"باقي پئسن جا وري پوءِ ڪٽي اڇجئين" امان چيس. هوءَ خوش ٿي وئي.

"هاڻ آءٌ هلان ٿي." هوءَ يڪدم اٿي.

"چو استادِ ويهه ته ڪچهري ته ڪريون. ماني ٽڪي ڪاءَ ٽانيڪي ته ٿيءُ." امان هن کي روڪيو.

"نه جيجي، ٽورو شهر ۾ ڪم اٿم، وري جلدي موٽڻ جي ڪريان، زليخا اڪيلي آهي." هوءَ ائين چوندي ٻاهر نڪري وئي.

"ويچاري اڪيلي ڏيءَ کي سلهه..." امان ڪجهه چوندي چوندي چپ ٿي وئي.

مون محسوس ڪيو ته امان اداس ٿي وئي هئي، پر هُن کي سئو روپيه ڏيڻ ڪري جيڪو اطمينان ٿيو هوس، اهو ٻه هن جي چهري مان ظاهر هو.

آءٌ تيار ٿي گهران نڪتس. سوچيم ته فقير جي پڙ ڪان ٽيندو شاهي بازار مان چڪر هڻي چوٽڪي گهٽيءَ وڃان، جتي ڪيفي ڊي پيرس ۾ دوستن کي وقت ڏنو هئم. جيجي ساروءَ جي حالت ڏسي منهنجو موڊ ٻه ڪافي تبديل ٿي چڪو هو. هڪ عجيب ڏک واري ڪيفيت اچي ورايو هئم.

"هن جهڙي خوددار عورت ٻه ڪا ورلي ٽيندي" مون سوچيو.

سڄي عمر ڏکن سان گڏ سفر ڪندي گهاري اٿس، ته ٻه حوصلا بلند اٿس. اڄ ٻه حق حلال جو ٿي کائي. اها ڳالهه ماڻهن کي نه ٿي وڻي، پئسي وارو هميشه چاهي ٿو ته ڪو هن جي آڏو هٿ ڦهلايو ڏسي، ته جيئن هو سندس مدد ڪري، پنهنجي عظيم هجڻ جي جذبي جي تسڪين ماڻي، ڪڏهن ڪنهن کي پيرن تي بيهارڻ جي ڪوشش نه ڪندو. اهڙو رکندس جو سدائين مدد لاءِ ڏانهس واجهائيندو رهي، پر جيجي سارو پنهنجي غربت کي بيساکي ڪري استعمال نه ڪيو هن غربت جي قوت سان دنيا جو مقابلو ڪيو.

آءُ گهران نڪري رستي جي موڙ وٽ آيس تہ ڏٺم تہ جيجي سارو هڪ بند ٽيل دڪان جي دڪيءَ تي وينو آهي. مون کي اوچتو خيال آيو تہ ڪٿي هوءَ منهنجي انتظار ۾ تہ ناهي. متان هن کي واقعي ڪجهہ پئسن جي ضرورت هجي ۽ امان کي نہ چئي سگهي هجي. الائي ڇو اهو خيال منهنجي ذهن تي وڃ جيان وارڪو ڏئي ويو. پر مون وٽ تہ ايترا پئسا بہ ڪونہ هئا. جي چئي ڏنائين تہ چا ڪندس؟ يا چا هت هوءَ ان خيال کان وينو آهي تہ هت ڪوبہ ڏسڻ وارو ڪونهي. ڪا خيرات ملي پوي تہ وڃي. نہ نہ. آءُ هن جي ويجهو اچي پهتس. هن جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. مون کي ڏسندي ئي چيائين: "ابا" تنهنجي لاءِ وينو هوس. گهران تڪڙي نڪري آيس نہ... پر مون ڏٺو پئي تہ تون تيار پئي ٿئين. سو پڪ هئم تہ ضرور هتان ئي ايندين".

هن جي آواز مون کي ڏوندڙي ڇڏيو. هاڻ هوءَ چا چوندي؟

"هان ابا. هن رئي جي پلاند مان بہ ڪٿمنا چوڙي مون کي ڏنا. هي ڪتومبڙا توکي وٺندا آهن نہ... تنهنجي لاءِ آندا هئم. ائين چئي هوءَ ڪٿمنا منهنجي هٿ تي رکي اٿي وڃڻ لڳي: "چگو ٻچڙا."

منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. هي ڪٿمنا تہ آءُ نندپڻ ۾ ڪڏهن هُن کان ونندو هوس. جيڪي هن کي ايڏا بہ ياد هئا. هوءَ صرف اهي ڏينهن لاءِ هتي وينو هئي. هوءَ آهستي آهستي وڃي رهي هئي. سندس جهڪيل جسم پري کان ائين لڳي رهيو هو. جڏ هوءَ هن دنيا جي نہ پر ڪنهن ٻيءَ دنيا جي رهواسڻ آهي.

الائي ڇو مون کي خيال آيو تہ ڏسان هوءَ ڪيڏانهن ٽي وڃي. ڇو جو هوءَ گُرو نگر ٽپي فقير جي پڙ ڏانهن پئي وئي. مون کي هونئن بہ اوڏانهن ئي وڃڻو هو. واٽ تي پان واري دڪان تي بيهي مون هڪ منو پان ورتو ۽ وري هن جي پويان هلڻ لڳس. هوءَ فقير جي پڙ واري چاڑهي چڙهي رهي هئي، اڇيان پاڇين وارن جا گاڏا هئا. هوءَ اتي بيهي رهي، مون هن کي جهڪندي ڪجهہ ڪٽندي ڏٺو. منهنجي دل ۾ تجسس اچي جاءِ والاري سو هڪ دڪان جي آڙ وٺي ڏسڻ لڳس. هن جي هٿ ۾ هڪ ڳوٽري هئي ۽ هوءَ گاڏن تان ڪريل بصر، پتاڻا، ڪريلا، واڳڙ ۽ ٻيو وکر چونڊي ٽيلهي پرينديِ رهي. هوءَ اڇتي وڌندي وئي ۽ سندس ٽيلهي ڪريل ۽ سڙيل پاڇيءَ سان پرجندي وئي. پوءِ هن ٽيلهي ٻنهي هٿن ۾ ڪنڌي ۽ وري چاڑهي لهڻ لڳي. هاڻ مون کي خبر پئي تہ هوءَ اتي ڇو آئي هئي. هاڻ هوءَ اها خراب ۽ ڪريل پاڇي ڪٽي ڳوٺ ويندي ۽ هفتي جو وکر ڪري استعمال ڪندي ۽ پنهنجي بک جو پرم

رکندي هن جي ان حالت تي منهنجي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. غربت جي اها حالت ۽ پنهنجو ايڏو مانُ جو هن کنهن جي آڏو هٿ ڏگهيرڻ بجاءِ رستي تي ڪريل پاڇين کي ميڙڻ مناسب ٿي سمجهيو. مون کيسي ۾ هٿ وجهي هن جو ڏنل هڪ ڪٽمڻو وات ۾ وڌو. "مون کي گهرجي ته هن کي هالن جي بس ۾ چاڙهي اچان." اوچتو مون کي خيال آيو. مون تيز قدم کڻي چاڙهيءَ تي ايندڙ ويندڙ هجوم ۾ هن کي ڳوليو پر هوءَ خبر ناهي ڪيئن هلي وئي هئي. مون سوچيو سڏ ڪريانس: "جيجي سارو.. اووو"، پر ائين نه ڪري سگهيس. مون کيسي ۾ هٿ وجهي ٻئي ڪٽمڻي کي زور سان جهليو جنهن مان مون کي جيجي ساروءَ جي وجود جو احساس ٿي رهيو هو.

•

ويچارو!

سخت گرمي هئي. سج ڇڻ تہ سوا نيزي تي لهي آيو هو. آءُ ٽن ڏينهن کان کوکر محلي ۾ رشيد مستريءَ جي گئريج تي اچي رهيو هوس. ڪار ۾ خرابي تہ ڪا خاص ڪونہ هئي، پر پراڻي گاڏي هئي، هڪ پرزو ڪلندي ئي ٻيو پرزو جواب ڏيڻ ٿي لڳو. تنهنڪري اڳوپوءِ انجڻ اوور آل ڪرائڻي پئي. هڪ گاڏيءَ جو خرچ، ٻيو سڄو ڏينهن رشيد جي بڪ بڪ. جيڪو سلام ڪريس، تنهن سان چنبڙيو وڃي ۽ مٿان گرمي، ائين لڳو ڇڻ پگهر ۾ ئي وگهري ويندس. گيرج ۾ اندر ٻوست، پکي ٻہ ڪم ڪونہ ٿي ڪيو ۽ ٻاهر باهہ جاُ لا. جيئن تيئن ڪاٽ جي استول تي وينو انتظار ڪندو هوس، تہ ڪيڏي مهل ٿو رشيد ڪهڙي پرزي جو مطالبو ڪري ۽ رشيد هو جو هر اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ ڪانہ ڪا نئين ڳالهہ ڪڍيو ويهيو رهي. انجڻ تہ ٻڌي، ريڊيئيٽر نئون پيو ڪلچ پليٽ، پريشر پليٽ، ٽرش بيئرنگ، ويندي سائلنسر کان ايئرڪلينر تائين نوان پرزا ونرايائين. اڄ گاڏي تيار ٿي ملٽي هئي. رشيد جو ليڪچر جاري هو. هيتراڪلاڪ انجڻ هلائيندا رهجو. هيترا ڪلوميٽر هيتري رفتار سان هلائجو. هيترن ڪلوميٽرن کان پوءِ آئل بدلائجو ۽ وري گاڏي آڻجو. ٽپڙي (ٽيپر) ٽائيٽ ڪندوسانس، وغيره. ان دوران نہ ڇاڻان فقيرن جي ڪيتري فوج لنگهي چڪي هئي، جن مان ڪن کي روپيو ڪن کي اٺ آنا، ڪن کي ڇڙپ ۽ ڪن کان معافي ونڊي جان پئي ڇڏايم. تہ ڏٺم تہ پريان آهستي هلندو هڪ سفيد پوش، واسڪوٽ پهريل اچي ڏاڙهيءَ سان شخص اچي سامهون بيٺو. مون آڏو مڪينڪ انداز ۾ چيس، "پائي معاف ڪرو." پر هو ڪجهہ بہ نہ ڪيو. هن واسڪوٽ جي ڪيسي ۾ هٿ وجهي رومال ڪڍيو ۽ منهن تان پگهر اگهڻ لڳو. پوءِ منهنجي سامهون اوڪڙو ويهي رهيو. مون ڏٺو تہ هن ۾ ڳالهائڻ جو بہ دم ڪونہ هو. اهو ڏسي رشيد ڪم مان هٿ ڪڍي هڪ ڇوڪري کي پاڻي آڻڻ لاءِ چيو.

جيڪو هن هڪ ئي ڳيت ۾ پي ڇڏيو. پوءِ ڪيسي مان هڪ اڇو لفافو ڪڍيائين. تيسين اتي بينل ٻيا ماڻهو به اچي گڏ ٿيا. مون کي پڪ ٿي ته هاڻي هي ان ۾ پنهنجو لکيل احوال ڏيکاريندو ۽ ظاهر آهي ته اهو خيرات گهرڻ جو نئون طريقو آهي. پر مون کي حيرت ٿي، جو هن بجاءِ مون سان ڳالهائڻ جي اتي موجود سيني ماڻهن کي متوجه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنجابي گاڏڙ اردوءَ ۾ چيائين، آپ ني اس کو ديکا هي. هن جي هٿ ۾ هڪ فوٽو هو جيڪو هن لفافي ۾ سنيالي رکيو هو. اوسي پاسي جا جيڪي ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا، تن وڏي وڏي فوٽو ڏسڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. هاڻ هو اتي بينو هو. هن ڏانهن غور سان ڏسڻ سان لڳو ته هو ڪو عام پينو ڪونه هو. ڪو وچولي درجي جو ماڻهو ٿي لڳو ۽ سندس پريشانيءَ مان ظاهر هو ته ڪو وڏو مسئلو هو. سندس پيشانيءَ تي پيل گهنجن مان لڳو ٿي ته ڪو وڏو ويل ٽيل اٽس. مون اتي هن جي هٿ مان فوٽو ورتو. هڪ 12 يا 13 سالن جي ڇوڪري جي تصوير هئي.

"هي ڪير آهي؟" مون هن کان پڇيو.

"هي منهنجو پوٽو آهي." هن وراڻيو ۽ اکين تي رومال رکي ڳوڙها خشڪ ڪرڻ لڳو.

"مهينو ٿي ويو آهي، الائي ڪيڏانهن ويو آهي." هو سڏڪا ڀرڻ لڳو.

"خبر ناهي ته ڪٿي آهي؟"

"توهان ڪٿي جا آهيو؟" مون وري پڇيو. اتي موجود سڀ بينل اسان جي گفتگو ٻڌي رهيا هئا ۽ لڳو ٿي ته پوڙهي جي وارتا ٻڌڻ لاءِ آتا هئا.

"آءُ وهاڙيءَ جو رهندڙ آهيان. ڪرياڻي جو دڪان اٿم. هي منهنجي پوٽي فاروق جو فوٽو آهي." هن ٻڌايو "مهينو اڳي گهران ڪاوڙجي نڪتو هو ۽ تي ڏينهن ته انتظار ڪيوسين ته متان ڪٿي ڪنهن مائٽ مٽ وٽ نه هليوويو هجي. پر جڏهن ڏينهن ويا گذرندا، ۽ مائٽن وٽان به معلوم ٿيو ته اتي ڪونهي، ته ابا...." هو وڌيڪ چئي نه سگهيو. اڇي روئڻ ۾ چٽڪيو. "سڄو ملڪ ڏٺو اٿم. سرحد، پنجاب، هاڻي سنڌ ۾ آيو آهيان. هي ڏسو ڏسو. توهان ته ڪونه ڏٺو منهنجو پٽ." هن هڪ ڏانهن منهن ڪري چيو. پر سيني جي چهري تي "نه" جا نشان ڏسي، هن جي اکين تي وري ڏنڊ ڇانئجي ويو.

ايتري دير ۾ رشيد برف وٺي آيو ۽ پاڻيءَ ۾ وجهي هن کي ڏنائين ۽ گيرج ۾ اندر بينڪ تي ويهاريائينس. "بابا، فڪر نه ڪر الله وڏو آهي. تنهنجو پوٽو ضرور ملندو." رشيد هن کي آٽ ڏيندي چيو.

"ويندو ڪيڏانهن، يار پاٽي پي!"

"پوليس ۾ رپورٽ ڪرائي اٿئي؟" هڪڙي پڇيو.

"ها، پوليس به ڏاڍو ڳوليو آهي، پر هو ڪٽي ڪونه مليو" هن چيو.

"اسپتالون وغيره ڏٺيون اٿئي بابا؟" ڪنهن هڪ ڪنڌ مان چيو.

"نه، نه، ائين نه چئو الله نه ڪري..." پوڙهي هڪ عجيب جذبي وچان چيو "ائين نه چئو!"

"ته پوءِ توهان جي پاسي جا درياءَ، واهه" ڪنهن چيو.

"نه نه بابا، ائين نه چئو منهنجو پوٽو ته منهنجو سهارو آهي. هو ئي ته هاڻ هن پيريءَ ۾ منهنجي لٺ آهي. ائين نه چئو." هو ڳالهائيندو به ٽي ويو ته پنهنجي اکين جي آلاڻ کي خشڪ به ڪندو پئي ويو.

"توهان کي پاڻي وغيره جي ضرورت هجي ته ٻڌايو"، مون پڇيومانس.

"نه نه... مون کي پئسي جي ضرورت ڪانهي. مون وٽ جام پئسو آهي، سيپ هن جو آهي، هُن جو" هن ڪيسي مان پريل پٽون ڪڍي ڪٽي آڏو رکيو "مون کي ته فاروق ڪپي، ٻيو ڪجهه به نه ڪپي."

"تنهنجو پٽ..." مون اڌ سوال ڪيو.

"هو نه ٿو ڳوليس چا؟"

"هو به اتي ڳولين پيا. ماءُ ته چري ٿي پئي آهي. منهنجي زال کي غشيءَ جا دورا پيا پون.. پر آءٌ... آءٌ ته مري ويو آهيان. الائي ڪٽي هوندو. الائي ڪٽي هوندو." هن جو آواز بي ترتيب ٿيندو ويو.

"اڙي چاچا! چيم نه، فڪر نه ڪر، مالڪ وڏو آهي، ضرور پنهنجو پوٽو ملندءِ!"

رشيد جو هڪ ڪم وارو چوڪرو ايتري ۾ چانهه ونڊي آيو هو ۽ اچي اڳيان رکيائين، "ابا... پائو توهين ته هاڻي هلو. جڏهن توهان کي ڪا خبر ڪانهي ته خوامخواه گرمي چو ڪئي اٿو" رشيد پاڙي وارن کي چيو جيڪي آهستي آهستي کسڪڻ لڳا.

"چاچا، چانهه پي، ماني به کائون ٿا. مال مولا جو آهي، ملڪ مولا جو آهي. فڪر نه ڪر." رشيد چوندو رهيو. مون ڏٺو ته هن جا لفظ پوڙهي کي ڪجهه دلجاءِ ڏيئي رهيا هئا.

"ابا! آءٌ هن کان سواءِ ڪيئن جيئندس." پوڙهي وري چيو.

"مون ته ڪجهه ڪونه چيومانس، پٽس ڏڪا ڏنس، بس ڪاوڙجي ويو، اڙي پئي تنهنجو آهي، ڪٽي آهين فاروق." هو وري روئڻ لڳو. مون ڏٺو ته رشيد جيڪو

سجو ڏينهن ڪارن ۾ جيپن جي انجڻين سان ڳالهيون ڪندي ڪندي پاڻ ۾ هڪ مشين بنجي چڪو هو. تنهن جون اکيون ۽ آليون ٽي ويون.

ايتري ۾ پاڙي واري هوٽل جو بيرو ماني ۽ ڪٽي آيو. جيڪا اسان گڏجي کاڌي پوڙهي جون ڳالهيون ۽ ٻڌندا رهياسين ۽ کيس دلداري ۽ ڏيندا رهياسين. هو نالي ماتر گرهه ڪٽي رهيو هو. سندس اکيون ڪنهن ڏورانهين هنڌ ڏانهن نهاري رهيون هيون. ڪنهن اڻڄاڻ ڏانهن. پر مون سوچيو پئي ته هي ماڻهو ڪٽان نڪتو ۽ اها خبر ڪانهيس ته ڪيڏانهن ويندو. بس توڪل جو ترهو ٻڌي نڪتو آهي. پنهنجي پوٽي کي ڳولڻ. کهڙي خبر ته اهڙي گرميءَ ۾ هي خود ۽ ڪٽي ڏهي پوي ۽ لاوارث ڪري دفنايو وڃي. پر هن جي اولاد لاءِ محبت جو جذبو ئي هو جيڪو هن کي ائين شهر شهر. گهٽي گهٽي گهمائي رهيو هو. هٿ ۾ نوٽو ۽ دل ۾ پوٽي کي ڳولڻ ۽ ملڻ جي اميد. هن کي ايترو ته طاقتور بنائي ڇڏيو هو جو هن کي راهه ۾ ايندڙ ڪنهن ۽ رنڊڪ يا تڪليف جو ڪو احساس ئي ڪونه ٿي ٿيو.

هن ماني کائي هٿ ڌوتا ۽ پاڻيءَ جو هڪ گلاس پي. بينڪ کان اٿيو ۽ نٽهڻ اُس ۾ باهر نڪتو.

"چاچا! ڏينهن ٿڏو ڪري نڪر" رشيد چيس.

"نه بابا. رات ٿي ويندي. مون کي ايجا گهڻو پنڌ ڪرڻو آهي. الائي ڪيڏانهن ڪيڏانهن وڃڻو پوندو. بس دعا ڪريو منهنجو ڇوڪرو ملي. خدا آوهان جي ڇڪن کي اوهان جي اکين آڏو خوش رکي."

هو باهر نڪتو. مون سان هٿ ملايائين. مون گهڻو ئي ڪجهه چوڻ چاهيو ٿي. پر منهنجي زبان جڙ ته گونگي بنجي وئي هئي. هن جي ڏک جو احساس ڪري مون سوچيو پئي ته آخر هي هاڻي ڪيڏانهن ويندو. کهڙي شهر ۾ ويندو هڪ اجنبي. ٻيو اڻ واقف. آخر ڪٽي ڪٽي اهو فوٽو ڏيکاريندو. اولاد جو ڏک ڪيئن برداشت ڪندو. آءٌ اهو سوچي رهيو هوس. تيسين هو اکيون اگهندو هليوويو. آءٌ هن کي پري تائين ويندو ڏسندو رهيس. مون ڏٺو ته رشيد به پنهنجون اکيون اگهي. ڪمر سان جنبي ويو. هن مامري ۾ خود مون کي به پنهنجو ڪمر ياد نه رهيو هو ۽ نه ئي وري گرميءَ جو احساس.

آءٌ وري اسٽول چانوَ ۾ ڪري وڃي ويٺس ۽ رشيد ڪمر ڪندو ڏسڻ لڳس. ته اوچتو جنهن بلڊنگ ۾ گيرج هئي. اتان گوڙ جا آواز اچڻ لڳا. گوڙ وڌي ويو ۽ ڏٺم ته گهٽيءَ ۾ بلڊنگ جي ڏاڪڻ وٽ ماڻهن جا هشام گڏ ٿي ويا. آءٌ به اٿي ڏسڻ ويس ته آخر آهي ڇا. جو ايترو گوڙ ٿي ويو آهي. ڏسان ته

بلڊنگ جي ڏاڪڻ جي دروازي جي ٻاهران هڪ جهور پوڙهو پٽ تي اوڪڙو ويٺو آهي ۽ هڪ جوان جيڪو اتي نظر پيو ايندو هو دروازو اندران بند ڪري رهيو آهي. مون کي سمجهه ۾ نه آيو ته آخر ٿيو چا؟ ايتري ۾ رشيد وري ڪمرا ۾ ڇڏي وڏي اچي پوڙهي کي پاڪر ۾ کنيو ۽ چانوَر ۾ ڪري ويهاريائينس. پوءِ مون ڏانهن ڏسي چيائين، "هي چاچو هن بلڊنگ جو مالڪ آهي."

مون حيران ٿي پڇيس، "۽ هو ڪير هو جنهن ڏاڪڻ جو در پئي بند ڪيو!"

"پوتو اٿس سائين، پيارو پوتو"، رشيد ٿوڪ واري انداز ۾ چيو.

"جيئري ئي سڄي ملڪيت هن سپاڳي جي نالي ڪري ڇڏيائين، هاڻي هي پيو ڏينهن ڳڻي ته ڪڏهن ٿو پوڙهو ڊرڪي ۽ هي جاوا ڪري" هو چوندو رهيو ۽ پوڙهو لاتعلقيءَ سان خلا ۾ گهوريندو رهيو. سندس اکيون ڪنهن سڪل ڏوري جيان لڳي رهيون هيون. رشيد هن کي ٽڏي پاڻيءَ جو گلاس پري ڏنو. بس ان وقت پوڙهي جي اکين ۾ ٿوري چمڪ نظر آئي، جيڪا پاڻيءَ جي آلاڻ ته نه، پر سَراب لڳي رهي هئي.

"سائين، ٽڏو پاڻي پيئو" رشيد هن کي چيو.

"پنهنجي ڪئي جو ويج نه طبيب"، رشيد ٽڏو ساهه پريو.

منهنجي دل ۾ بي اختيار اُن شخص کي روڪڻ جو خيال پيدا ٿيو جيڪو پنهنجي پوٽي جي ڳولا ۾ هڪ اجنبي ديس جي اجنبي ماحول ۾ خبر ناهي ته ڪٽي ڪٽي پٽڪندو رهندو. دل تي هڪ بار محسوس ٿي رهيو هئم. رشيد به پنهنجي ڪم سان جنبي ويو هو. جڏ ته هيستائين هُن نه ڪجهه ٻڌو هو نه ڏٺو هو. سندس گريس ۽ پگهر ۾ شم ٽيل چهري تي ڪي به تاثرات ڪونه هئا. هٿ ۾ پانا ۽ اسڪريو ڊرائيور ڪنيو انجڻ کي هتان کان هُت جانچي رهيو هو. مون محسوس ڪيو ته هو صرف موٽرت جو مستري ڪونه هو، پر انساني روح جي مرمت کي به پنهنجو فرض ٿي سمجهيائين.

"چگو رشيد، هاڻ گاڏي تيار ٿئي ته گهر پهچائجان ۽!"

آءُ اتي ڪڙو ٿيس، هن صرف هٿ سان اشارو ڪيو. جڏ چوندو هجي، "تون هل، آءُ پاڻهي گاڏي پهچائيندس". آءُ دل تي هڪ عجيب بار کڻي گهر روانو ٿيس.

•

شالو چريو

شالو چريو هو. ڏينهن رات پاڙي جي ڪنهن نہ ڪنهن گهرجي ٻاهران پٽ تي پيو هوندو هو. ميرا ڪپڙا، وڏي ڏاڙهي، اکين ۾ ويراني ۽ ماٺ. ڪڏهن ٻہ ڪُڇندو ڪونہ هو. نہ ڪوئي مون ڪڏهن هن ڏانهن ڪو خاص غور سان ڏٺو ئي هو. ها البتہ ٻئي ٽئي مهيني لڳندو هو تہ هن کي ڏوتل ڪپڙا پيل آهن، پر تڏهن ٻہ هن جي پرسان لنگهندي هڪ عجيب قسم جي بوءِ ايندي هئي، اهڙي جهڙي وٽاٽن تي ايندي آهي. تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڪٽان لنگهندي اها بوءِ ايندي هئي تہ هڪدم خيال شالوءَ ڏانهن ويندو هو ۽ چند لمحا دماغ ۾ ڪي سوال اچي واسو ڪندا هئا، تہ هي آهي ڪير؟ ڪائي پيئي ڪٽان ٿو. ان ڪري جو مون هن کي نہ ڪڏهن ڪنهن کان ڪجهہ ونندي ڏٺو هو ۽ نہ وري ڪجهہ ڪائيندي پيئندي. دراصل ڏسان ٻہ ڪيئن، آءُ صبح جو سوير گهران نڪري ويندو هوس ۽ گهٽو ڪري رات جو دير سان واپس ايندو هوس ۽ اهي ٻئي وقت هو ڪٽي نہ ڪٽي ستل ئي نظر ايندو هو. ليڪن هن جي وجود جو احساس ضرور ٿيندو هو ۽ رحم جو جذبو ٻہ ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ ليئا پائڻ لڳندو هو. پر پوءِ ڪجهہ اهڙا واقعا ٿيا، جن مون کي هن ڏانهن متوجہ ڪيو. خاص ڪري جڏهن مهاجرن، سنڌي پاڻن ۽ سنڌين تي حملا ڪري ڏنا ۽ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ وڏا فساد ٿي ويا. تڏهن ڪافي وقت لاءِ شهر ۾ ڪرفيو هجڻ جي ڪري منهنجي زندگي ٻہ پاڙي تائين محدود ٿي وئي ۽ شالو چريو تہ گهٽو ڪري اسان جي گهٽيءَ جي مُنهن تي ئي ديرو جمايو ويٺو هوندو هو. تنهن ڪري گهٽو نظر اچڻ لڳو. ان وقت ڪي اهڙا واقعا ٿيا جو منهنجي دل ۾ هن جي باري ۾ جاڻڻ جي خواهش پيدا ٿي. هڪ دفعو ائين ٿيو جو ڪرفيو جو وقفو ختم ٿيڻ کان پوءِ ٻہ ڪجهہ چوڪرا، گهٽيءَ ۾ بينا رهيا. اوچتو رينجرس جي گاڏي اچي

وئي ته شالو فوج اچي وئي. فوج اچي ٽي. چوندو وني پڳو. ان مان مون کي لڳو ته هن ۾ ايڏا بري پلي. خوف ۽ خوشيءَ جي جاڙ آهي. جيڪڏهن هو مڪمل چريو هجي ها ته پوءِ ڪيس فوج جي ڪهڙي پرواهه هجي ها.

اهڙيءَ طرح ٻيو دفعو هڪ اهڙو واقعو ٿيو جنهن مون کي حيران ڪري ڇڏيو. منهنجي ڪار اوچتو بند ٿي وئي. استارٽ ئي نه ٿئي. آءٌ پاڙي جي هڪ مستريءَ کي وٺي آيس. جيئن ته رات جو وقت هو ته هن ڪار کي ڏکو ڏياري بجليءَ جي ٽنيي جي هيٺان بيهاريو ۽ بانٽ کولي پلگ پوائنٽس جانچڻ لڳس. اوچتو پٺيان آواز آيو "فيوز ڏسينس... فيوز ڏسينس." ڏسان ته شالو خوفناڪ صورت ۾ ڏند ڪڍيو بيٺو آهي. پر حيرانيءَ جي ڳالهه اها هئي جو مستريءَ فيوز چيڪ ڪيا ۽ چيائين ته فيوز بدلائڻا پوندا. مون حيران ٿي چيومانس: "هن چرئي جي چوڙ تي." چيائين: "سائين، چريو ته آهي پر پنهنجي وقت جو بهترين مڪينڪ هو ۽ ڏسو ته هينئر به ڪيئن هڪدم وڃي ڪار جي نقص تي هٿ وڌائين."

آءٌ حيران ته ٽيس پر جڏهن فيوز تبديل ڪرڻ تي ڪار استارٽ ٿي ته يقين ڪرڻو پيم ته مستري صحيح پيو چوي. اوستائين شالو غائب ٿي ويو هو. اهڙي ئي هڪ ڏينهن جڏهن حيدرآباد شهر تي، خاص طور سنڌي وسندين تي خوف جا ڪارا ڪڪر چانيل هئا ۽ پڪي قلعي، شاهي بازار توڙي لطيف آباد مان رائفلن ۽ پستولن جي ٽڪاڻوڪيءَ جا آواز اچي رهيا هئا ۽ آءٌ پنهنجي اوطاق جي ٻاهران ڪرسيون وجهيو پاڙي وارن سان اڀياريون لهواريون ڪري رهيو هوس ته شالو اتان اچي لانگهائو ٿيو. هن جي اچڻ جو اطلاع ته هن جي مخصوص بوءِ ڏئي ڇڏيو هو. پر اڄ هن جا ڪپڙا مڙئي کي صاف هئا ۽ منهن به ڏوتل پئي لڳس. قداور مڙس هو. پيرين اگهاڙو ۽ پري کان ٻين کان مختلف پئي لڳو. هو هلندو اچي اسان جي پر ۾ بيٺو ۽ منهنجي پر ۾ ويٺل منهنجي مامي کي ڏسي ڏند ٽيڙي کلڻ لڳو. ماما هڪدم ڪيسي مان پنَ جي ٻيڙي ڪڍي ۽ تيلي هڻي هن کي ڏني، هو ڪش هڻندو چپ چاپ هليو ويو.

"ماما، هن چرئي کي ٻيڙي چو ڏنئي؟" مون پڇيو.

"ابا، هي ڪو هميشه کان چريو ٿوري ئي هو." ماما وراڻيو.

"ته ڪير هو؟" مون وري پڇيو. ڏٺم ته ٻين ويٺلن به هن جي باري ۾ معلوم ڪرڻ چاهيو ٿي.

"ابا هي وڏو مستري هو. ايس.آر.ٽي.سي (سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن) ۾ نوڪري ڪندو هو. اوڀين سئنيما ڏي اوتاري جي پر ۾ جيڪا وڏي جڳهه آهي، اها هن جي ئي آهي." ماما ٻڌايو.

"ته پوءِ آخر چا ٿيو اتي ته ڪي ماڻهو رهن ٿا." اتي ويٺلن مان ڪنهن وراڻيو.

"بس ابا، همراهه جي اچي ڦٽي هئي. ڪمائيندو جام هو. زال ۽ سهڻي هئس، ڏاڍو پيار هوندو هئن. ۽ پٽ ۽ هوس. پي ڪا خراب عادت ۽ ڪانه هوس. بس ٻتاڪي ڏاڍو هو. ماما چيو: "شهر ۾ جيڪا ۽ ڳالهه، ڪو واقعو ڪو حادثو ٿيندو هو ته چوندو هو، اهو ته اصل منهنجي اڳيان ٿيو آهي، هاڻي ڏسيو پيو اچان. اها ڳالهه ڳڇيءَ ۾ پئجي ويس."

"سو وري ڪيئن" مون حيرانگيءَ وچان پڇيو.

"ٿيو چا جو ساڳي سئنيما وٽ ڪنهن گهورڙئي جو خون ٿي ويو" ماما وراڻيو: "ان وقت ۾ خون وڏي ڳالهه هوندي هئي، هن وقت وانگر نه ته رستن واٽن تي ڏهه ٻارهن ورهين جا چوڪرا ڪلاشن ۽ روالور ڪنيو ماڻهو مارياندا وتن ۽ ڪنهن کي افسوس ۽ ڪونه ٿو ٿئي. اُن وقت ۾ خون ٿيندو هو ته سڄي شهر تي حراس ڇانئجي ويندو هو. بازارون بند ٿي ويندیون هيون. مائون ٻارن کي اسڪول ڪونه موڪلينديون هيون. اهڙي وقت ۾ هن جوان جت ڪٽ چوٽ شروع ڪيو. اهو خون ته بنهه منهنجي سامهون ٿيو هو." بس اها ڳالهه ڳڇيءَ ۾ پئجي ويس. ڪيس ڪورٽ ۾ ٿيو ته هن کي شاهد ڪري گهرايائون. خوني ته پڪڙيو ڪونه. وڪيلن آڏي پڇا ۾ مورڳو الزام هن تي هٽي ڇڏيو. بس پوءِ ته سزا ٿي ويس. شاهد ۽ مٽس بيهي ويا. همراهه کي گهوماٽيون اچي ويون. گهٽئي ڇڙيون هنيائين ته مون ته ائين ئي پئي ڇيو، پر ڪير مڃي ئي نه. پوليس کي ۽ نهيل جُڙيل مرغو ملي ويو. بهرحال وڃي ڦاسي گهات ۾ رهايائونس."

"عجيب ڳالهه آهي، پوءِ چا ٿيو؟ بڇيو ڪيئن؟" مون وري پڇيو.

"ابا بڇيو ته ان ڪري جو چريو ٿي پيو ۽ گدوءَ حوالي ڪيائونس. پر ان وچ ۾ سندس زال هر طرف کان مايوس جيل ۾ ملڻ ويس ۽ روئي وڃي چيائينس: "تون ته ويندين، پوءِ آءُ چا ڪندیس. هنن ننڍن ٻارن جو چا ٿيندو؟ بهرحال هن ۽ چيس ته تون وڃي ٻي شادي ڪجئين. زال جو چوٽ هو ته هن طلاق ۽ ڏني هوس. سو عدت جا ڏينهن پورا ڪري مون ٻي شادي ڪري ڇڏي ۽ هوڏانهن همراهه ٿيو چريو ۽ گدوءَ ۾ علاج ٿيڻ لڳو. جوٽس ۽ هوش

کان نکري وئي تہ هاڻ چا ٿيندو. بهرحال هن جي سزا رحم جي اپيل تي معاف ٿي وئي ۽ هو به گدوءَ مان نڪتو تہ سڌو گهر. گهر جي در تي پهچي، چون ٿا تہ پاڙي وارن حقيقت کري ٻڌايس. بس همراهہ مورچا ٿي ڪري پيو ۽ اهو ڏينهن اڄ جو ڏينهن شالو چريو ٿيو گهمندو وتي. سندس پٽ هفتي اڌ ۾ ونيو وڃيو ڪپڙا پارائينس، ماني به ڏينس پر شالو اهو رستن تي، اونهاري سياري، ڪنهن ڪنڊ پاسي پيو هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻيڙيءَ جي طلب ٿيندي اتس تہ اچي منهنجو پاسو ڏيندو آهي." ماما ڳالهہ پوري ڪئي.

"ماما، هن جو علاج چو نہ ٿا ڪرائين؟" مون وري پڇيو.

"ابا، هن جي زال ڊڄي ٿي تہ ڪٽي سنئون ٿي هو ڪانئس يا سندس مڙس ۽ ان جي ٻارن کان بدلو نہ وٺي." ماما ڪرسي ريڑهي اٽيو تہ ٻيا به اٽيا ۽ آءٌ به اوطاق جو در بند ڪري گهر ڏانهن ويس. پر منهنجو ذهن ان سوال تي ڏاڍو منجهيل هو ۽ ڏک به هئم تہ ڪيتري نہ عجيب ڳالهہ آهي هڪ انسان کي ان ڪري چريو رکيو پيو وڃي تہ جيئن هوش ۾ اچي ڪنهن جي جان جو جوکو نہ بنجي وڃي. اهو سوچيندو پئي ويس تہ ڏسان تہ شالو منهنجي گهر جي ٻاهران ٽهيل دکيءَ تي اوکڙو ويٺو آهي. ڇڙ ڪنهن سوچ ۾ گم هجي. مون جيئن دروازو کوليو تہ ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺائين، مون کي لڳو تہ ڇڙ هن جي اکين ۾ ويراني نہ بلڪ کي سپنا هجن، پر وري هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

آءٌ گهر ۾ گهڙيس تہ سامهون منهنجو پٽ ٻينو هو. مون کي ڏسي چيائين: "ڏيدي ٻاهر شالو چريو ڏٺوَ؟"

"ها" مون وراڻيو: "چو، پڇين ٿو پيو؟"

"هي روز رات جو اتي دکيءَ تي اچي ويهندو آهي ۽ توهان جا هلايل پراڻا گانا ٻڌندو آهي" هن چيو. اهو ٻڌي آءٌ حيران ٿي ويس. هاڻ مون کي سمجهہ ۾ آيو تہ رات جو ڪڏهن ڪڏهن اها وڻاٽن واري بوءِ ڇو ايندي آهي. باقي پراڻا هندستاني گانا ٻڌڻ تہ منهنجي پراڻي عادت هئي.

"تو کيئن ڏٺو" مون پٽ کان پڇيو.

هن ڪلي چيو: "رات جو جڏهن توهين پراڻا گانا هلائيندا آهيو تہ ڪيترا ئي پاڙي جا پوڙها پڪا اچي ان دکيءَ تي ويهندا آهن. ۽ خبر اٿو جڏهن هو ڪو لفظ ڪچندا آهن تہ شالو هنن کي چپن تي آڱر رکي چپ رهڻ جو اشارو ڪندو آهي."

هُو تہ اهي اکر چئي هليو ويو. پر منهنجي دل ۾ هڪ عجيب احساس جاڳائي ويو. جيڪو ماڻهو پراڻا گانا پسند ڪري ٿو ۽ فوج کان ڊجي ٿو ۽ ٻيڙي ۾ چڪي ٿو ۽ ڪار جي خرابي ۾ ٻڏائي سگهي ٿو. اهو چريو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. جي چريو هجي تہ سنوَن کي ڪيئن خاموش رهڻ جو اشارو ڪري. هاڻ مون کان رهيو ڪونہ ٿيو. آءٌ باهر نڪتس تہ شالو اُتي ڪونہ هو. پر مون اڄ ڪنهن ۾ صورت ۾ هن سان ڳالهائڻ ٿي چاهيو. مون چاهيو ٿي تہ ڏسان تہ هو ڪهڙي مجبوريءَ سبب چريو ٿيو پيو هلي. ان ڪري جو مون کي اها پڪ ٿي وئي هئي تہ هو چريو ڪونهي. پر ڪنهن سبب جي ڪري چپ آهي. ان ڪري آءٌ هن کي ڳولڻ نڪتس. رات ۾ ڪافي ٿي چڪي هئي ۽ ڪٽي ڪٽي گهٽين ۾ اونداهي ۾ هئي. تہ ۾ آءٌ اڳتي وڌندو رهيس ۽ آخر هو مون کي اتي ئي نظر آيو. جتي مون خيال ڪيو هو. هو اوڀين سئنيما واري گهٽيءَ ۾ هڪ اهڙي هنڌ بينو هو. جتان هن جي گهر جي ڪليل دري روشن نظر اچي رهي هئي. آءٌ پاسو وٺي بيهي رهيس. هو چو جو اونداهہ واري پاسي هو تنهن ڪري دريءَ مان ڪير ڪيس ڏسي ڪونہ ٿي سگهيو. پر اتي ڪوبہ ڪونہ هو. آءٌ ڪافي دير اتي بينو رهيس. نيٺ هڪ لمحي لاءِ هڪ اڌڙوٽ عمر جي عورت دريءَ مان نظر آئي. جنهن اچي اها دري بند ڪئي. شالوءَ جي چپن مان نڪتو: "سبحان الله" ۽ پوءِ هو مڑي پاسي واري گهٽيءَ ۾ هليو ويو.

مون کي پڪ ٿي وئي تہ شالو چريو آهي. ڪنهن پنهنجي جي صرف هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ، سڄي عمر عذاب ۾ ڪاٽڻ واري کي چريو ئي تہ چئبو.

•

مريم پناهگير

ڳوٺ ۾ مريم نالي سان ٻه عورتون رهنديون هيون، جيڪي گهرن جو ڪم ڪاج ڪري پنهنجو پيٽ گذران ڪنديون هيون. ٻئي رئيس وٽ ڪم ڪنديون هيون ۽ رئيس جي محلي ۾ ئي رهنديون هيون. انهن ۾ هڪ مريم سڪئي واري جي نالي سان مشهور هئي ته ٻي مريم پناهگير جي نالي سان سڃاتي ويندي هئي. ان جو سبب اهو هو جو مريم سڪئي واري، سڪئي نالي هڪ نوجوان ڇوڪري سان عشق ڪندي هئي، جيڪو جوانيءَ ۾ ئي سلهه وگهي هي جهان ڇڏي ويو پر مريم تي اهو نالو پڪو پئجي چڪو هو. جڏهن ته ٻي مريم پناهگير ان ڪري سڏبي هئي جو هوءَ ورهاڳي واري دور ۾ خبر ناهي ڪٿان ڏڪا ٽاپا کائيندي، مٿن مائٽن کان وڇڙي اچي هت پهتي هئي ۽ رئيس وڏي جي رحمدليءَ جي پناهه ۾ اچي، اتي ئي نپني ۽ وڏي ٿي. ڪيس پاڻ ٻه خبر ڪانه هئي ته هوءَ ڪٿان آئي، ڪير هئي ۽ سندس ڪهڙا مٽ مائٽ هئا. باقي جڏهن ٻه ڪو جهيڙو جهٽو ڏسندي هئي يا ڪنهن ڏاڙي ۽ خون جي خبر ٻڌندي هئي ته پيلي ٿي ويندي هئي.

مريم پناهگير کي پاليو ته رئيس وڏي هئو پر هوءَ سڄي محلي ۾، جتي وٽندو هوس وڃي ڪم ڪندي هئي ۽ جت رات پوندي هئي اتي پئجي رهندي هئي. هر ڪو ڪيس پنهنجو ڪري ليکيندو هو. سندس ڪڇهريءَ ۾ ساهڙ هئو ڳالهين جي ڳهير هئي تنهن ڪري ننڍيون وڏيون جڏهن رات جو ڪم ڪار کاڌي پيتي، ڪار وهنوار کان واندیون ٿي اچي وشال اڱڻ تي وڇايل ڪٽن تي ويڙهي رکيل هنڌن تي ٽيڪ ڏئي ويهنديون هيون ۽ ڪي وڏيون وري چلم دکائي نڙ سان گُڙڪا ڪندي تماڪ جو دونهون اڏائينديون هيون ته ان انتظار ۾ هونديون هيون ته من اڄ مريم پناهگير وٽن اچي. پوءِ ڪٿي نه ڪٿي هوءَ پهچي ويندي هئي ۽ وڃي ڪا منجي والاريندي هئي ۽ پڪين پوڙهين جي پيرن کي زور ٻه ڏيندي هئي ۽ سڄي ڏينهن جي

ڪارڪردگيءَ جي رپورٽ ۾ پهچائيندي هئي. پوءِ ماني ۾ اتي ته پاڻي ۾ اتي ۽ ننڍ جو جهوٽو آيس ته منجيءَ تي ئي آهيلڙجي پوندي هئي ۽ فجر جي بانگ ٻڌندي ئي ٻڃندي هئي رئيس وڏي جي صفحي ڏانهن ته جيئن نماز لاءِ وضو ڪرائيس ۽ گرم گرم چانهه ناهي آڻي ڏيس ته جيئن رئيس اوطاق تي وڃڻ کان اڳ تازو توانو ٿي وڃي. پوءِ ويندي رئيسياڻيءَ وٽ ۽ بصر ڳڻڻ شروع ڪندي يا چانور ڪٽي ڇُوندڀيندي ۽ جڏهن هر ڪو ننڍ مان اتي هيڏانهن هوڏانهن ٽيندو ته ٻهارو ڪٽي ڪچي فرش واري اڱڻ کي ميڙڻ شروع ڪندي ۽ سڄي فضا کي متيءَ هاڻو ڪري. واپس رڌڻي ۾ پهچي ويندي ڪم ڪرڻ.

مريم پناهگير ننڍي ئي هئي ته هن لاءِ پاڙي اوڙي مان سنگ جي گهُر ٿي. هر ڪنهن اهو ئي ڄاتو ته جتي هوءَ ويندي اتي گهٽ ۾ گهٽ گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ ۾ ڪابه گهٽ وڌائي ڪانه ٿيندي. پر هن جي قسمت ۾ شايد پنهنجو گهر لکيل ڪونه هو. جو جتي ۾ هن وڃڻ ٿي چاهيو اتي ڪونه ڪو اعتراض پيدا ٿي ٿي پيو يا ته گهوٽ چگو ماڻهو نه هو يا خاندان ۾ چور ۽ ڏاڙيل هئا يا وري گهوٽ ٿي اعتراض ڪيو ته هن کي مريم جهڙي ڪوجهي زال نه ڪپي. مريم ۾ اهي ڳالهيون ٻڌي ٻڌي آخر انهن جي عادي ٿي وئي ۽ عمر ويس گذرندي. تان جو وڏي رئيس جو لاڏاڻو ٿي ويو. جنهن هن کي جهوري وڏو. هن کي لڳو وڃڻ سندس مٽي تان ڪو ٽڏو پاڇو هٽي ويو هجي. هوءَ وري اڪيلي ئي گنگا ڏنڌ جي ڪناري تي پهچي وئي هجي. جتان رئيس هن کي بي واهي ڏسي ڪٽي آيو هو. رئيس جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ۾ ڪيترا ڏينهن هوءَ بانگ ٻڌي ڪونئر و ۽ چلمچي ڪٽي رئيس واري صفحي ۾ وڃي پهچندي هئي ۽ پوءِ بي اختيار ايندڙ لڙڪن کي رئي سان اگهندي ٻاهر نڪري اچي رئيسياڻيءَ جي پيرن ۾ پٽ تي ويهي رهندي هئي. جيڪا پڻ رئيس جي مرڻ کان پوءِ وسامي چڪي هئي.

ڪيترا ڏينهن سڄو محلو رئيس جهڙي اشراف ۽ مانائتي بزرگ جي وڃڻ جي غم ۾ غلطان رهيو پر زمانو ته هلڻو آهي. ڪير ٿو مرندي سان مري. زندگي وري ۾ پنهنجي زور شور ۽ آب و تاب سان محلي ۾ موٽي آئي ۽ وري ساڳيون ڪچهريون. چلمن جا گڙڪا ۽ مريم جا گفتا شروع ٿي ويا. هاڻ البت هڪڙو فرق آيو جو اڳ هوءَ وڏي رئيس وارن سان واڳيل هوندي هئي. هاڻ سڄو محلو هُن جو هو. سڄو وقت هِت هُت پيئي هل هل ڪندي هئي. ڪٽي ڪپڙا پئي ڏوئي ڏيندي هئي. ڪٽي ٻوڙ کي داڳُ ڏيندي نظر ايندي هئي ته ڪٽي سرنهن جو ساڳ رڌيندي هئي. پر اوير سوير رات جو وڏي

رئيسياٽيءَ جي پيرن کان رلي وڃائي پئي اُٻ ۾ جانچيندي هئي ۽ تارن جي جهرمر ۾ خواب اڻندي هئي. اهڙا خواب جن جي کا ساپيان کاڻ هوندي آهي. ڪڏهن هوءَ پري ٿي پئي آسمان گهمندي هئي، ڪڏهن ڪنهن جادوگر جي جادوءَ مان انسان مان تارو بنجي آڪاش تي چمڪندي هئي ۽ ڪڏهن پنهنجو پاڻ کان پڇندي هئي ته هوءَ آخر آهي ڪير؟ ڇو جو ڪيس پنهنجي نندپڻ جو ڪوبه واقعو ياد ڪونه هو. هن کي ته بس ايترو ياد هئو ته ماٽهن جو هجوم هو. جو هيڏانهن هوڏانهن پئي پگهو رڙيون ۽ واڪا هئا ۽ هوءَ به رڙيون ڪندي ڊُڪندي ڊُڪندي هڪ هنڌ ڪري پيئي هئي، جتي رئيس نرشتو بنجي آيو هو ۽ ڪيس آٽي هن وشال گهر ۾ ڇڏيو هئائين. هن کي صرف پنهنجو نالو ياد هو "مريم" ۽ هاڻ ته هوءَ به پاڻ کي مريم پناهگير سڏائيندي هئي. هوءَ اڃا تائين پناهه ۾ هئي، رئيسياٽيءَ جي پناهه ۾.

هاڻي ته هوءَ محلي جو هڪ اهڙو فرد هئي جنهن جو ڪنهن سان ڪوبه رشتو نه هوندي هر هڪ سان رشتو هو. ڪٽان پيار ملندو هوس ته ڪٽان ماني. ڪنهن ڏاهي ڪهڙو نه چگو چيو آهي ته غريب مانيءَ سان گڏ پيار جو به بکيو هوندو آهي، هن کي ٻنهي شين جي کوٽ کاڻ هئي، محلي ۾ ڪنهن به گهر ۾ جڏهن رات جو ڪا مرداڻي پهر نه هوندي هئي ته هن کي گهرائي ويهاريندا هئا. هونئن به محلي ۾ اندر مختلف گهر وڏين پٽين سان جدا ٽيل ڪونه هئا. بس ڪمرا هوندا هئا وڏا ۽ ننڍا ۽ اڳڻ جيڪي ننڍن ٻنوڙن ذريعي جدا هوندا هئا، نه ته هڪ اڳڻ تي ويهي ڪوبه پئي اڳڻ تي ويٺلن سان ڳالهيون ڪري سگهيو ٿي. دليون ڳنڍيل هيون. هڪ جو مهمان سيني جو مهمان، مرد سڀ فجر جي نماز کان سمهڻيءَ تائين اوطاقن تي، ٻنين تي ڪم ڪار ڪرڻ ۾ رڌل ۽ رات جو گهر ايندي ئي ماني کائي نند ۾ غلطان ٿي ويندا هئا ۽ زائفائون سجو ڏينهن ڪم ڪار ڪري، شام جو اڇا اجرا ڪپڑا، چٽيل رَنا پائي هڪ ٻئي جي اڳڻ تي اڇ وڇ شروع ڪنديون هيون. اهڙيون ٻيون ڪم واريون به هونديون هيون جيڪي ڪم ڪار لاهي، مانيءَ پور کائي ڪجهه گهر لاءِ به ڪٽي روانيون ٿي ويندیون هيون، پر مريم لاءِ ته گهر به اهو ۽ ڪم جي جڳهه به اها. هوءَ اتي ئي هوندي هئي. هن ڪيترين آڪاٽيون، سهرا ۽ لاڙا به ياد ڪري ورتا هئا جيڪي سکل ڳائي شادي مرادیءَ تي. هڪ هٽ ڪن کي ڏئي ڳائيندي هئي ء محفل کي مچائي ڇڏيندي هئي. "لونگ ڦوٽا ٽالهيءَ ۾، آءٌ ڪنيو پئي اچان" مريم جهونگاريندي رهندي هئي.

رئيسن جا ٻار جيڪي شهر ۾ پڙهندا هئا ۽ هاسٽل ۾ رهندا هئا، اهي ٻه هر موڪل واري ڏينهن تي ڳوٺ پهچي ويندا هئا ۽ ڏينهن جو دير دير تائين اڳڙ ۾ ستا پيا هوندا هئا، تان جو اُس مٽان اچي ويندي هئن ته وري اڏ پوريل اکين سان اٿي کتن کي پٽ واري پاسي ڇانوَ ڏانهن ڇڪيندا ويندا هئا پر جڏهن مريم ٻهارو ڪٽي اچي ٻيهندي هئي ته هو ٻه اٿي کڑا ٽيندا هئا، ڇو جو خبر هئن. ته هن ٻهاري مان اٽندڙ مٽيءَ جو ڏائقو کين سڄي عمر پيو کنگهڻ تي مجبور ڪندو. "مائي مريم ٻيهه ٻيهه" رئيس جو وڏو پٽ اختر چوندو پنهنجو هنڌ ڪلهي تي ڪٽي ڪمري ڏانهن پڇندو هو. هن کي مريم ئي ننڊپڻ ۾ نپايو هو. مريم مُرڪندي جهونگاريندي اڳڙ ٻهاريندي رهندي هئي.

هاڻ مريم وهي کائي چڪي، منهن تي گهُنج ظاهر ٿيڻ لڳس. محلي جا ٻه ڪيترا پڪا پوڙها راهي ملڪ عدم ٿيا. رئيسياڻي ٻه نه رهي ته اهي ڏاڏيون نانيون جن جي چلمن جي گُڙڪن جي موسيقي اڃا تائين هن جي ڪنن ۾ پئي ٻُري. هاڻ هن کي اڪيلائيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو هو. هتي ايندي ئي جن کي ڏٺو هئائين، انهن مان ڪافي هليا ويا. جيجي حَول، ماسي باني، جيئري ڪاسائڻ، جانُل وادي، هڪ هڪ ڪري سڀ هلندا ويا. مريم سڪئي واري ٻه شادي ڪري هلي وئي. هاڻ اهي هئا جن کي هن سان پالي وڏو ڪيو هو. هو ٻه ڪيس پائيندا هئا، مان ڏيندا هئا. پر اهي ڪٽي جيڪي ڇپر ڇانوَ هئا. جن جي پيرن ۾ ويهندي جنت جو احساس ٿيندو هو جن جي دڙڪن ۾ دلين ڇو ڏڙڪڻ سمايل هيو. جن جي اکين ۾ هن لاءِ اوسيڙو هوندو هو. اهي نه رهيا، تڏهن هن کي وري اچي ان خيال ورايو ته آخر هوءَ ڪير هئي؟ ڪنهن کان پڇي، ته هوءَ ڪير هئي؟ ڪٽان آئي هئي، آخر ماءُ پيءُ ٻه ته هوندس!؟ گنگا جي ڪناري تي بينل ڪنڊي جي وڻ ته هن کي ڪونه ڇٽيو هوندو. وري سوچيندي هئي، هوءَ ته مريم پناهگير آهي. پناهه ونڊ آئي هئي، پناهه ۾ رهي. پر اهي ٻه ته نه رهيا جن کيس پناهه ڏني هئي، ته ڇا هت سڀ پناهگير آهن؟ ڪوبه هميشه رهڻ ڪونه ٿو اچي. بس انسان پيدا ٿئي ٿو ۽ مري ٿو. مريم جي دماغ کي گهوماٽيون اچي ويندیون هيون. ائين وقت وڌندو رهيو. تان جو اهو ڏينهن اچي ويو جنهن جي مريم کي ڏاڍي تانگهه هئي. اهو هئو وڏي رئيس جي پٽ اختر جي شاديءَ جو ڏينهن. جنهن جون تياريون ته ڪافي ڏينهن کان هلي رهيون هيون پر هر دفعي جڏهن تاريخ ٻڌجي ته ڪونه ڪو عزيز گذاريو وڃي ۽ وقت وڃي وڌندو ۽ آخر

تاريخ بڌجي وئي. پڌريءَ جون رسمون ٿي ويون. اڳڙ ڳائڻين سان گڏ مريم پناهگير جي گيتن سان گونجندا رهيا.

هن کي ائين لڳي رهيو هو جڙ هن جي پنهنجي پٽ جي شادي ٿي رهي هجي. هن کي رئيس ۽ رئيسياڻي ياد اچي رهيا هئا جن کي پٽ جي سهرن ڏسڻ جي ڏاڍي آس هئي. پر اختر جو ضد هو ته جڏهن هو پڙهي ايندو تڏهن شادي ڪندو. پر تيسين دير ٿي چڪي هئي. رئيس ۽ رئيسياڻي پنهنجون خواهشون دل ۾ ئي کٽي هليا ويا هئا. پر اختر هڪ سني پٽ وانگر اتان ئي شادي پئي ڪئي جتي ماءُ پيءُ سندس سڱ ڪري ويا هئا. خانداني رسم موجب گهوٽ ڪنوار سڳا سئوٽ هئا. تنهن ڪري سڄي خاندان ۾ خوشين جا شادمانا وڄي رهيا هئا ۽ هر ڪو دعا ڪري رهيو هو ته هاڻي شاديءَ ۾ ڪا رندڪ نه پوي. مريم به دل ئي دل ۾ مخدوم نوح کي باسون باسي رهي هئي ته شل هيءَ شادي خير خوبيءَ سان ٿي وڃي. ڇا ٿيو جو هن کي ڪو اولاد ڪونه هو. اختر به سندس اولاد جيان ئي هو. سندس ڪچ تي چڙهي هٿ تان شيون ونڊ ويندو هو. کير به سندس هٿان ئي پيئندو هو. جيستائين ننڍو هو مائي به هوءَ ئي کارائيندي هئس ۽ لوليون ڏئي سمهاريندي هئس. وڏي هوندي جڏهن هو پڙهڻ شهر ويو هو ته رئيسياڻيءَ سان گڏ هن به لکي لکي ڳوڙها ڳاڙيا هئا. جڏهن موڪلن تي گهر ايندو هو ته هوءَ به ته وڃي ڳرائڙيون پائيندي هئس. خدا شل ڪيس خوش رکي، سُکي رکي. وري ڪنهن ڪنهن مهل سوچيندي هئي جي خدا نه ڪري وري ڪو هلي ڇُريو ته شادي سال لاءِ پوئتي ٿي ويندي. نه نه... خدا نه ڪري ائين ڪونه ٿيندو. الله مونکي اختر جا موڙ ضرور ڏيکارينڊو... ۽ هاڻ جڏهن اختر جي شاديءَ ۾ باقي ڪي ڏينهن وڃي بچيا هئا ته هن جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي. محلي واريون به چونديون هيون: "امان، ويچاريءَ جو نه ڪو مت نه مائٽ، آخر اختر کي پنهنجو ٿي سمجهي، خير خواهه آهي، تڏهن ٿي خوش ٿئي، نه ته پلا هن ويچاري جو هت ڪير؟"

ائين شاديءَ جو ڏينهن اچي ويو. اختر سڄو ڏينهن تيارين ۾ لڳو پيو هو. شهر مان ڪافي دوست آيا هئس تن جي خاطر مدارت پئي ڪيائين. متن مائٽن ۽ ڳوٺ جي ماڻهن جا حشام هئا. جيڪي پئي آيا ۽ ويا، کو گوشت پيو کهائي ته کو چانور پيو صاف ڪرائي. تندور لڳي ويا. ڪاسائي گوشت پچائڻ ۽ نانوائي نان لڳائڻ ۾ مصروف هئا. اُستو بچل ۽ اُستو اسماعيل ديگين تي بيٺا هئا ۽ اختر جا مٽ مائٽ هر شئي جي پرگهور لهي رهيا هئا. اختر جو چهرو خوشيءَ کان ٽڙي گلاب بنجي ويو هو. وقت پَرَ

ڪندو پئي ويو پر اختر چاهيو ٿي تہ وقت سان گڏ هُن کي بہ پَر نڪري پون تہ جيئن جلدي رات اچي. نڪاح ٿئي ۽ هو پنهنجي وني ماڻي. اوچتو هن کي خيال ٿو اچي تہ هُن مريم پناهگير لاءِ هڪ اُڇو وڳو آندو هو. جيڪو ڪيس ڪونہ ڏنو اٿس. هو بي چئن ٿي ويو هوءَ ڇا سوچيندي هوندي؟ مونکي اهو وڳو پهرين ئي هن کي ڏيڻ کپندو هو. اهو سوچي هو پنهنجي ڪمري ڏانهن ويو جتي ڏسي تہ مريم هن جي فوٽو کي سيني سان لايو ڀوڙها پئي ڀاڙي. هن جي دل ڀچي پئي. ۽ بي اختيار هن مريم کي وڃي ڀاڪر وڌو "امان مريم". هن جي وات مان اهي اجنبي لفظ ٻڌي مريم پنڌ پهڻ تي وئي. هن ٻيو ساهہ ئي نہ کنيو. اختر جي ڀاڪر ۾ دم ڏنائين. هن کي جيئن جيئڻ لاءِ ڪنهن جي ضرورت هئي، تيئن ئي شايد مرڻ لاءِ بہ ڪنهن سهاري جي ضرورت هئس.

اختر جون اکيون لڙکن سان پرجي آيون ۽ هن کيس ماءُ واري ڪٽ تي ليٽايو ۽ سڏڪا پريندو ٻاهر نڪتو جتي سندس مائٽياڻيون ڪم ڪار ۾ رُڌل هيون. هن کي سڏڪن ۾ ڏسي هو سڀ اچي متائنس مڙيون: "چا ٿيو ابا... چا ٿيو... خير تہ آهي."

"امان مري وئي." اختر جي نڙيءَ مان آواز ائين نڪتو جڙ ڪو شخص کوهہ مان اندران ڳالهائي رهيو هجي.

"ويچاري کي شايد ماءُ جي ياد اچي وئي آهي." ڪنهن چيو.

"امان مري وئي، هاڻ هيءَ شادي نہ ٿيندي" اختر چئي رهيو هو.

"ابا چوين چا پيو هوش ڪر." سندس چاچيءَ چڙٻ ڏنس.

تيسين ڪنهن اندران چيو: "اڙي مريم پناهگير گذاري وئي- ويچاري!"

"ها، منهنجي پناهگير ماءُ گذاري وئي..." اختر ائين چوندو ٻاهر نڪري ويو.

•

شال مَ وجي شان

بہ ڏينهن ٿيا هئا، هن جي گهر ۾ ڪُني ڪانہ چڙهي هئي. اها ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ هئي. جڏهن ڪان هن ون يونٽ خلاف ٽيندڙ بک هڙتال ۾ هار پائي شرڪت ڪئي هئي ۽ سرڪاري نوڪريءَ کان هٿ ڏوتا هئائين، هن جو گهر ائين ئي اول پٽڻ ٿي ويو هو. آٽيون ۽ چاڙهيون وارين حالتن کي وڃي پهتو هو. ڪڏهن ڪو اخبار وارو پروف ريڊنگ جو ڪم ڏيندو هوس، تہ ڪا پريس معمولي ڪم. جنهن مان گهر جو گاڏو پيو گهلبو هو. زال، جيڪا مستريااڻي هئي، تنهن جو پگهار سڃي گهر جو بار ڪٽڻ جهڙو نہ هو. ويتر هن جي عتاب ۾ اچڻ کان پوءِ زال کي بہ ٽريننگ ڪرڻ لاءِ پري پري اسڪولن ۾ پئي اماڻيو ويو. جنهن ۾ هن جو اڌ پگهار تہ پاڻ ۾ ئي پورو ٿي ويندو هو. باقي ٻارهن ورهين جو پٽ ۽ ڏهن ورهين جي ڌيءَ، تن کي سرڪاري اسڪولن ۾ بہ پڙهائڻ مشڪل ٿي پيو هو. اهو تہ ڇڪو ٿيو جو تحريڪ دوران ڪجهہ سرنديءَ وارن دوستن هنن کي داخلائون ونڻي ڏنيون هيون. ڪتابن جو بندوبست بہ پاڙي اوڙي مان ٿي ويندو هو. پر گهر جو گهٽو دارو مدار سندس نوڪريءَ تي هئو. اها ڪسجي ويس ۽ ون يونٽ ٽُٽي بہ ويو پر ڪيس نوڪري نہ ملي. نہ اهي دوست ئي واپس مليس جن ڪيس گلن جا هار وجهي قربانيءَ جو ٻڪرو بنائي گاڏي ڪاتي ۾ بک هڙتالي ڪئمپ ۾ وهاريو هو ۽ سندس نالي سان بينر لڳائي، جوش خروش سان ون يونٽ خلاف نعري بازي ڪئي هئائون. هو خوشيءَ کان ڳاڙهو ڳٽول ٿيو پنهنجي شهرت جا مزا چکي رهيو هئو. جيڪا اڳتي هلي سندس ڳچيءَ جو زنجير بنجڻ واري هئي.

هن کي ياد هو هڪ دولتمند دانشور هن جي شان ۾ قصيدا ڳائي رهيو هئو. هڪ نوجوان جوشيلو هن کي نئين دور جو مسيحا ڪوٺي رهيو هو ۽ ڪيترا مرد ۽ عورتون پنهنجين چمڪندڙ ڪارن مان لهي هن مهان انسان

کي ڏسڻ آيا هئا، جنهن پنهنجي سرڪاري نوڪري داءُ تي لڳائي ڇڏي هئي، بلڪ ڪيترائي ڪامورا اتي اچي پنهنجي ڪمزوريءَ جو احساس ٻڌائي رهيا هئا، پنهنجي مستقبل ۾ بچڻن جي خيال جي ڪري تحريڪ ۾ ڪلم ڪلا حصو نه وٺڻ تي معذرت ڪري رهيا هئا.

هن نوڪريءَ مان نڪرڻ وقت اهو محسوس ڪيو هو ته هن پنهنجي ضمير جو قرض چڪايو آهي. هن اها ڳالهه ڪنهن سان به ڪرڻ نه ٿي چاهي. ويندي گهر وارن سان به ان باري ۾ ڪو ذڪر ڪونه ڪيائين. ڪيس اهو به خيال هو ته هاڻ هو پنهنجن دوستن سان گڏ قومي خدمت جي ڪم ۾ جنبي ويندو ۽ سڪ سان پنهنجو گذر سفر ڪندو. هن کي ڪهڙي خبر ته جن سندس قرباني‌ءَ وقت واهه واهه جا راڳ پئي ڳايا، اهي هڪدم ڪيڏانهن غائب ٿي ويندا. بلڪ هن کي حيرت ٿي ته انهن مان ڪيترن کي اوچتو ئي اوچتو سرڪاري ۽ غير سرڪاري نوڪريون به ملي ويون ته ڪن جي اولاد کي سرڪار گود ورتو. ائين هو جڙ ته اڪيلو ٿي ويو. صرف بي روزگار ۽ ڏکويل اديبن ۽ جوانن جا ٽولا هن وٽ ايندا هئا. پنهنجون لکڻيون درست ڪرائيندا هئا ۽ استاد، استاد چئي سندس هانوَ جو بار هلڪو ڪندا هئا. پر روح سان گڏ پيٽ به گهري ٿو. گهر جو سمورو بار گهر واري جي مختصر پگهار تي وڃي پيو. پر هن دل نه لاٿي. هو ته هونئن به دلير شخص هو.

هڪ ننڍڙي واهڻ جو واسي هوندي به تعليم حاصل ڪيائين. ڪنهن جي ڪاڻ ڪانه ڪڍيائين. پيءُ سان گڏ هَرَ به ڪاهيائين ته ماءُ کي جنڊ پيهڻ ۾ به هٿ وندايائين. ننڍي وڏي کي پيو ڪم ايندو هو. ڪنهن ڪمي ڪاسبيءَ لاءِ ڳوٺ ته ڇهيو پر پرپاسي وارن وڏيرن سان مهاڏو اٽڪائي وهندو هو. خاص ڪري هندن جي لڏ پلاڻ وقت ته اهڙو مڙس ماڻهو ٿي بينو جو اوسي پاسي جي ڪنهن هندوءَ ڏانهن ڪنهن کي اک ڪٽڻ جي همت ڪانه ٿيندي هئي. هن نه ٿي چاهيو ته سوين سالن کان رهندڙ هندو پنهجو وطن ائين بي سرو سامانيءَ ۾ ڇڏي وڃن. مڙس هندن جو ايجنٽ هجڻ جا الزام به لڳا. پوليس به پڪڙيس پر پاڻ پنهنجي هوڏ تان نه هٽيو. چاهي جو هو ٽيٽيءَ کي اڙ ٽيٽي نه ڪري سگهيو. وري اچي جنون چڙهيس ته چوڪريون پڙهن، انهن کي به تعليم حاصل ڪرڻ جو حق هجي. ان ڳالهه کي وري ڳوٺ وارن قبول نه ٿي ڪيو. هن گهٽا حيلا ۽ وس هلايا پر پنهنجي ان مقصد ۾ ڪامياب نه ٿيو پر اهي ڏينهن هن کان ڪڏهن وسريا ڪونه. تڏهن ئي ته هن پنهنجي پٽ سان گڏ ڏيءَ کي به اسڪول ۾ داخل ڪرايو هو. جڏهن کان

ڳوٺ ڇڏي حيدرآباد اچي وسائي هوائين. وري واپس ڳوٺ ڪونہ ويو هو. ڇو جو هن جو اتي ڪوبہ ڪونہ هو. هاڻ پاڻ هو سندس زال هئي ۽ بہ ٻار جن کي پڙهائڻ بہ هن لاءِ دشوار هئو. اُن وقت هر ڪو ڪيس سنڌ جو محسن ۽ رهبر چئي رهيو هو. شاعر هن لاءِ قصيدا لکي وڏا شاعر بنجندا پئي ويا ۽ هن جي دوستن کي سرڪاري عهديدار پنهنجي گهر گهرائي اِهو سمجهائيندا هئا تہ همراهہ کي بک هڙتال تان اڳاريو. انهن مان ڪيترا دوست ان ڪم ڪرڻ جو واعدو ڪري پٽن کي داخلائون ۽ پائرن کي نوڪريون بہ ڏياري چڪا. خود پنهنجي لاءِ تہ هنن بيشمار فائدا حاصل ڪيا. ڇو جو ڪين پڪ هئي تہ جيڪو سنڊن چوڻ تي بک هڙتال تي وينو آهي. اهو سنڊن چوڻ تي بک هڙتال ختم بہ ڪري ڇڏيندو. پر جڏهن هو پنڊال ۾ هن وٽ آيا. جتي غريب هارين ۽ مزدورن جا انبوهہ هن جي چوڌاري چپ چاپ وينا هئا. تڏهن پهرين تہ هن کي چون جي همٿ نہ ٿي ٿين. پر نيٺ هڪ وڏي اديب ۽ دانشور هن کي سمجهائيندڙ انداز ۾ پنهنجو مقصد ٻڌايو تہ هُن جا تاڪ وڃي ويا. اڙي هن تہ مون کي بک هڙتال تي ويهاريو هو؟ هن سوچيو. هُن کي ڪهڙي خبر تہ هي دانشور هڪ اداري جي سيڪريٽريءَ جو عهدو حاصل ڪري آيو آهي ۽ هاڻ آسائتين اکين سان هن ڏسي رهيو آهي. هُن کي ڏاڍي ڪهل آئي پنهنجي دانشور دوست تي ۽ سندس بي وقوفيءَ تي ڏک ٿيس. ڇيائينس تہ "پائو آءٌ توهان مان ڪنهن جي لاءِ نہ پر هنن غريب سنڌين لاءِ ۽ سنڌ جي آجپي لاءِ بک هڙتال تي وينو آهيان." هن جي جواب سيني جا تاڪ وڃائي ڇڏيا. هو مايوس ٿي اٿيا ۽ حسرت پريل نگاهن سان هن ڏانهن ڏسندا هليا ويا ۽ نتيجي ۾ هُن کي ڏسمس ڪيو ويو. هو بي روزگار ٿي ويو. دوستن همدردي ظاهر ڪئي. پر هن پنهنجي ڪمزوري ظاهر نہ ڪئي ۽ ويو پوئتي ٿيندو تان جو غربت جي آخري ليڪ بہ لتاڙي ويو.

حالتن جي تبديليءَ حڪمرانن کي مجبور ڪيو تہ ون يونٽ ختم ڪيو وڃي. ڇو جو هاڻ هو ڪين فائدي بدران نقصان ڏئي رهيو هو. ٻيو تہ هاڻ ان کي ختم ڪري سنڌ جي عوام جو پراڻو مطالبو پورو ڪري. هنن جو ساڻ حاصل ڪرڻ بہ ضروري ٿي ويو هو سو ون يونٽ جو خاتمو سرڪاري حڪم سان ٿيو. ون يونٽ تہ ٿيو پر هن کي نوڪري واپس نہ ملي. جڙ ون يونٽ مڙهيو ئي هن کي نوڪريءَ مان ڪڍڻ لاءِ ويو هو. ڪن دوستن راءِ ڏنس تہ حڪومت جي ان قدم جي ساراهہ ڪر تہ وري نوڪري ملي ويندءِ. پر هن نہ مڃيو.

ائين هو ون يونٽ جو زخم کائي پنهنجي زندگي زهر ڪري چڪو هو. وقت بيهڻ وارو نه هئو وقت جو وهڪرو پنهنجي مخصوص رفتار سان هلندو رهيو. هو اڪيلو ٿي ويو. هاڻ نه اهي دوست هئس نه يار. ڪي چار چگا اهڙا هئا جيڪي هن جي مدد ڪرڻ لاءِ جتن ڪندا رهندا هئا. ليڪن هو ڪنهن جي مدد به ته قبول نه ڪندو هو. تنهن ڪري اڪيلي سٽڪل سان هن کي مختلف ڪم ڏئي هن جو وقت پيا ڪيندا هئا. بک ۽ سڪ جو سفر گڏوگڏ هلندو هو. اهو سڀ ته ٿيو پر هن جي شاعري ۽ افسانن ۾ هاڻ وڌيڪ سرهاڻ اچي وئي هئي. رسالن وارا هن وٽ ڇڪر پيا ڪاٽيندا هئا. هن جا ڪيترا ڪتاب به شايع ٿي چڪا هئا. جن جو هڪ ٽڪو به هن جي ڪيسي ۾ ڪونه ويو. ان ڪري جو سنڌي پبلشر اديب کي معاوضو ڏيڻ گناهه سمجهندو آهي. ها البته ڪتاب جون به ڪاپيون هن کي ضرور ملنديون هيون جيڪي هن طاق تي سجائي رکيون هيون ۽ اکين جو ڏيءُ هوندیون هيون. آهستي آهستي هن کي فڪر کان پيدا ٿيندڙ بيماريون به وکوڙيندیون ويون. بلڊپريشر، شگر، انسومينيا ۽ ڊپريشن. تنهن ڪري هن جي ماني ته خود بخود گهٽبي وئي پر ٻارن جو ڇا ڪري؟ تنهن لاءِ ٻوڙ ٻُڪ ڪري پيو ڪم ڪار ڪندو هو. پر جيڪڏهن راهه ۾ ڪو پراڻو دوست ڪار ۾ ويندي ڏسندو هو ته هڪدم هيٺ پنهنجن پيرن ۾ پيل چمپل ڏانهن ڏسڻ شروع ڪندو هو. اها بي ڀالهه آهي ته ادبي دنيا ۾ نالي جي ڪري ڪن دوستن وري به ڪافي ڪوششون ڪيون هيون ته ڪيس ڪنهن وزير يا ڪاموري وٽ امداد لاءِ وٺي وڃن ۽ پنهنجا به ڪي ڪم سڌا ڪري وٺن. پر هن ٽپ جواب ڏنو. چئي: "هاڻي ڪاري ڪتي سان ويندس پر توهان سان نه". صحافي به هن کي ڦري ايندا هئا ته ثقافت ڪاتي کان مدد گهرو. اسين تا اخبارن ۾ لکون. ڪلي چوندو هو ته "هو پاڻ ويچارا پيناڪ. فنڊن ۾ گهو ٻيون هٽندا وٽن. اهي ٻين جي کهڙي مدد ڪندا. پر توهين به عجيب ماڻهو آهيو. مرڻ جيئڻ ته دنيا جي پَر آهي. پني جيئڻ کان ته بهتر آهي ته خاموشيءَ سان مري وڃجي!" صحافي سندس اها ڀالهه ٻڌي کيس مثال ڏيندا هئا ته ڏسو ڪيئن فلاڻي شاعر ڏهه لک ورتا. فلاڻي اٺ لک. فلاڻي آفيسر ته پنهنجي پٽ جو ڪروڙين روپين جو علاج سرڪاري خرچ تي ڪرايو. توهين ته قومي ورثو آهيو. هو چوندو هو ته. "قومي ورثو هميشه شوڪيسن ۾ ٿهندو آهي. باقي جن پني علاج ڪرايا. انهن مان ڪير جيئرو آهي. مرڻ ته سيني کي آهي. ته پلي بک پرم جي شال مَ وڃي شان." سندس اهو جواب ٻڌي سڀ چپ ٿي

ويندا هئا. ائين هو صحت ۾ بہ پوئتي پوندو ويو ۽ وقت تمام سست رفتاريءَ سان هن کي نستو ڪري ڇڏيو.

اڄ بہ ٻن ڏينهن کان گهر ۾ ڪُني ڪونہ چڙهي هئي. ٻارن بہ سڪل مانيون بصر جي ڳڻيءَ سان کاڌيون هيون. هن کي تہ اهي بہ نصيب ڪونہ ٿيون هيون. بس بہ گلاس پاڻيءَ جا پي شام واري مشاعري لاءِ غزل لکڻ ويهي رهيو. هن کي مشاعري جي صدارت ڪرڻي هئي. جت سنڌ جا وڏا شاعر اچي رهيا هئا. هن پهرين تہ ان مشاعري ۾ شرڪت کان انڪار ڪيو هو. ڇو جو ڪيس هاڻي انهن محفلن ۾ ڪوڙ ۽ فريب جي بوءِ ايندي هئي. اديبن ۽ شاعرن جي محفل ۾ اديبن ۽ شاعرن کي اڳيان بہ ويهڻ ڪونہ ڏنو ويندو هو. منتظم، آفيسرن، وڏيرن ۽ ناظمن جي اڳيان وڇيا پيا هوندا هئا. سندن اڳيان منرل واٽر جون بوتلون پيون هونديون هيون. جڏهن تہ اديب ۽ شاعر ڪن ڪنڊن ۾ پنهنجا جهڳٽا ناهيو اُڇيا، ٻُڪيا. پنهنجي واري جو انتظار ڪندا رهندا هئا. پر هي مشاعرو نوجوان شاعر ڪري رهيا هئا، جن مٿس صدارت ڪرڻ جو زور پريو هو تنهن ڪري هن سندن دل نہ توڙڻ جو خيال ڪري ڪٽي ها ڪئي. حالانڪہ ٻن ڏينهن جي بک، وري شگر جي ڪري هرهر غسلخاني ۾ وڃڻ جو مسئلو هن لاءِ ڳمبير هو. پر هاڻي چا ڪري، ها ڪري ويٺو هو هن غزل لکڻ شروع ڪيو.

مون زندگيءَ ۾ هر شيءَ حاصل ڪري ڇڏي
پر زندگيءَ بہ مون سان ڏاڍي ڪري ڇڏي.

اڃا هن شعر لکڻ شروع ڪيو تہ نڙيءَ ۾ ڪنڌا ڇُپڻ لڳس. اکين آڏو اونداهي اچڻ لڳس هن کٽ تان اٿي گلاس کنيو ۽ مٺ جي ويجهو پهتو تہ تڙي ڪري پيو. گهر ۾ رڳو ڏيءَ وينو هوس. هوءَ ڊوڙي باهر نڪتي ۽ رڙ ڪيئين "بابا". هن آهستي چيس: "آءٌ نيڪ آهيان" پوءِ آهستي اٿي پٽ تي ئي ويهي رهيو. ڊيٽس وڏي اچي هٿ مان گلاس ورتس ۽ پاڻي پيري ڏنائينس، پوءِ آهستي اٽاري کٽ تي اچي ويهاريائينس تيسين هن جي زال بہ پگهر ۾ شرم سهڪندي سهڪندي گهر ۾ گهڙي. هن جي حالت ڏسي پنهنجو ٽڪ ئي وسري ويس. پڪ ٿي ويس تہ شگر گهٽي اٿس جو ماني ڪانہ ڪاڌي اٿس. پهريون پيرو زندگيءَ ۾ ڊڪندي پاڙي جي گهر ۾ وئي ۽ هڪ پليٽ ۾ سائي پاڄي ۽ ڊبڪيءَ ۾ ماني ڪٽي اچي مڙس جي اڳيان رکيائين. هن حيرانيءَ وچان ڏانهنس نهاريو. پر سندس هٿ کي ڪونہ تاريائين. هُن گراهہ ناهي وات

ڀر وڌس پر تيسين دير ٿي چڪي هئي. هن جو روح جسم کان جند ڇڏائي چڪو هو.

هن جي وفات جي خبر هڪدم پکڙجي وئي. ڪٽان ڪٽان جا ماڻهو اچي گڻا ٿيا. پاڙي وارا، شهر وارا، پرپاسي وارا، اهي دوست جيڪي دوست نه رهيا هئا ۽ مشاعري جا منتظمين. هن جي گهر جي باهران هڪ سوڳوار ماحول هو هر کو هن جون ڳالهيون ڪري رهيو هو. هن جا ڳُڻ ڳائي رهيو هو. کو چئي رهيو هو: "هن جهڙو اصول پرست کو شخص نه ڏٺوسين".

"يار، شاعر به ڪلاس جو هو".

"ميان ون يونٽ جو هيرو ته هيءُ هو. جنهن سرڪاري نوڪري به قربان ڪري ڇڏي".

"سائين قلم ڏٽي هو".

"اسان جو ته يار سڄي عمر جو ساٿ هيو".

"ميان، اسان سان ته اهڙي دوستي هئس جو توهان کي ٻڌائي نٿا سگهون".

ميان، وڏو ماڻهو هو اسان جو ته يار هو سائين".

"سنڌي ادب کي نڌڪو ڪري ويو".

خبر ناهي ڇا ٿيس، اڄ ته مشاعري جي صدارت ڪرڻي هيس".

"بس يار حياتيءَ تي ڪهڙو پروسو".

هو ڏانهن اندر جنازو تيار ٿي رهيو هئو زال جون اکيون خشڪ هيون ۽ چپ ڪٻني رهيا هئا، پار اوچنگارون ڏئي روئي رهيا هئا. پاڙي جون عورتون به پار ڪيڏي رهيون هيون. جنهن پالڪ ۽ ماني موڪلي هئي، اها به ڏک ۾ پئي نظر آئي. پاڙي وارا مولوي ولي آيا هئا.

"سائين، اسين هن کي لطيف سرڪار تي دفن ڪنداسين" هڪ ادیب جذباتي انداز ۾ چيو.

"نه نه مڪليءَ تي، دريا خان ۽ حسام الدين راشديءَ سان گڏ" پئي چيو.

پاڙي وارن هن جي گهر ڏانهن ڏٺو. هن جي زال چئي رهي هئي: "نه، هن کي ٽنڊي يوسف جي مقام ۾، پنهنجي ماءُ پيءُ جي پيرن ۾ دفن ڪيو".

"پر هي هڪ وڏو ادیب هو. تمام وڏو ماڻهو هو. هن سنڌ لاءِ وڏي قرباني ڏني آهي" باهران آواز آيو.

"قربانيون ڏئي چڪو هاڻ ماءُ پيءُ جي پيرن ۾ دفن ٿيڻ جي قرباني نه ڏيندو". هن جي زال جو تيز آواز در کان ٻاهر اچي رهيو هو.

جنازو ٻاهر کڄي آيو مولويءَ وڏي آواز ۾ چيو "ابا جي مرحوم ڏانهن ڪنهن جو قرض هجي، يا مرحوم جو ڪنهن تي قرض هجي ته ٻڌايو".

هڪ نوجوان سيڪڙات شاعر جيڪو اڄ جي ميزبانن ۾ شامل هو سو اڳتي وڌي آيو: "مرحوم تي ڪنهن جو قرض آهي يا نه، اها خبر ڪانه اٿم پر سنڌ جو هر دانشور، هر اديب ۽ هر شخص مرحوم جو مقروض آهي."

●

مريم

مريم جو تعارف ڪرائڻ لاءِ ايترو ئي چوڻ ڪافي ٿيندو ته هوءَ هڪ عام شڪل جي غريب ڇوڪري هئي، جنهن کي ڳوٺ جي هڪ معزز خاندان، ترس کائي گهر ۾ ڪم حاج تي لڳائي ڇڏيو هو. هوءَ لاوارث به هئي تنهنڪري انهيءَ خاندان ڪيس رهڻ جو آجهو به مهيا ڪري ڏنو هو. وڏي اگڻ جي ڪنڊ تي ٽهيل پڪسريءَ ڪوٺيءَ ۾ هن جو ميرو هنڊ، ٽين جي ننڍڙي پيتي ۾ ٻيو نه جاڻان ته ڇا اُتي پيل هوندو هو.

هوءَ سڄو ڏينهن ڪم ڪار ۾ لڳي پئي هوندي هئي. "مريم پاڻي ته ڪوسو ڪر، مريم چلم ته تازي ڪر، مريم سلائيءَ واري کان قميص ته وٺي اچ، مريم هي ته ڪر....هو ته ڪر..." سڄو ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن ڪِرت ۾ رُڌل هوندي هئي، ۽ ٻاهران اوطاق تان ڪو نوڪر چاڪر گهنڊ وڄائي سڏيندو هو ته مريم ئي اوڏانهن ويندي هئي.

ائين ئي، نه جاڻان ڪيئن هن جو نينهن سڪئي ڪوريءَ سان وڃي اٽڪيو. بس، مريم ته سڄي بدلجي وئي. ڪم ۾ تيزي، چال ۾ ڦرتي ۽ ڳالهين ۾ سواد اچي ويس. البته منجهند جو جنهن مهل گهنڊ وڄندو هو ته ٻئي ڪنهن جو ٻڌندي به ڪانه هئي. جيڪي ڪجهه هٿ ۾ هوندو هوس ڇِٽو ڪري ٻاهر جو رخ ڪندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪنهن در جي چانئٽ ۾ اٽڪي ٻوٽ ير ڦهڪو به وڃي ڪندي هئي. پر ان وقت اهڙين ڳالهين جي ڪيس ڪابه پرواهه ڪانه رهندي هئي. اها ئي تات هوندي هئس ته ڪيئن به ڪري ٻاهر پهچي، جتي سڪيو مسڪين صورت بنايو هن جي انتظار ۾ اکيون در ۾ لايو بيٺو هوندو هو.

هن جي ۽ سڪئي جي تعلقات جي اوچتو خبر تڏهن پئي جڏهن سڪيو سِلهه ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ هن اهو ٻڌي روئي روئي ڪٽي اکيون سڄايون. رئيسياڻيءَ سمجهي ورتو ته مريم جي جواني عشق جي سلهه ۾ ڦاٽي آهي. هن

آخر پُڇيس ۽ جڏهن خبر پيس ته مريم سڪئي سان قاتل آهي ته حيران ٿي وئي، چي: "مئي، هن مڙهي ۾ ڏٺو چا اٿئي؟"

"امان جيجي، جيڪي ڏٺو سو مون!" مريم اوچنگارون ڏيندي چيو.

"مئي! ڪو خلم جهڙو ڪم ته ڪونه ڪيو اٿئي؟" رئيسياڻيءَ همدرديءَ وچان پڇيو. هن کي لاوارث ڇوڪريءَ جي بي ڏپائيءَ تي پيار اچي ويو.

"خبر ناهي جيجي، خبر ناهي." مريم وڏيڪ ڪجهه نه چيو. پر نالو پڇجي ويس مريم سڪئي واري.

مريم سڪئي واري ته سڏجندي رهي پر سڪ سندس نصيب ۾ ڪونه هو. هوءَ پنهنجي حصي جو ڪاڏو ۽ ڪير ڪٽي روز سڪئي جي گهر ويندي هئي، جيڪو رئيسن جي ڪوٺ جي ٻاهرين وڏي در وٽ رهندو هو. اتي هوءَ سڪئي جي ڪَٽَ جي سيرانديءَ ويهي هن سان گالهيون ڪندي هئي، ڪيس ماني کارائيندي هئي ۽ ڪير پياريندي هئي ۽ سڪئي جي ماءُ هن کي سخت ناپسند ڪرڻ کان پوءِ به روڪي نه سگهندي هئي. ڪيس پٽ جي آخري خواهش جو خيال هو جيڪا هر وقت هن جي اُجهامندڙ نگاهن مان جهاتيون پائيندي نظر ايندي رهندي هئي.

اهو ڏينهن به اچي ويو جڏهن سرڪاري ڊاڪٽر سڪئي کي سُڪو جواب ڏنو: "هن مرض جو ڪوبه علاج ڪونهي، بس دعا ڪريو دعا!"

مريم دعائن ۾ لڳي وئي. فجر نماز پڙهي زور زور سان چوندي هئي: "اي الله! هن کي ٺيڪ ڪر... آءٌ بادشاهه پير جي منائي ورهائيندس... لاکيٽي لال لطيف جي صدقي سڪئي کي ٺيڪ ڪر...!" ائين هن جون دعائون نيرن پڃاڙ تائين هلنديون هيون ۽ نيرن پڃائي پنهنجي حصي جي ماني ڪٽي هوءَ سڪئي ڏانهن ويندي هئي ته رئيسياڻي ٽڏو ساهه پري ڏک سان هن ڏانهن ڏسندي هئي، چو جو ڪيس خبر هئي ته مريم جو زندگيءَ ۾ ٻيو ڪو سهارو ڪونه هو. هوءَ اڪيلي هئي، لاوارث هئي. بس اهو هڪ انسان هو جنهن کي هن پنهنجو ٿي سمجهيو. جنهن لاءِ هن پنهنجي ٽين جي پيتيءَ ۾ پئسا پئي گڏ ڪيا ته جيئن ٺيڪ ٿئي ته بادشاهه پير جي منائي ورهائي.

پر هي سڀ محنتون برباد ٿي ويون. هڪ ڏينهن جيئن هوءَ ماني پڃائي رهي هئي ته اوچتو سندس دل جو ڏڙڪو تيز ٿي ويو. خيال آيس ته پڪ ڪجهه نه ڪجهه ٿيو آهي. اهو سوچيندي ڇڏيندي ماني پٽ تي، ونءِ ڏک پاتائين. اڃا وڏي در جي اندران ئي هئي ته ڪنن تي مخصوص قسم جي پار ڪيي روئڻ جو آواز پيس. هوءَ اتي ئي پٽ تي ويهي رهي. قدمن

اڳيان وڌڻ کان ناڪار ڪري ڇڏيس. ڪافي دير هوءَ پٽ تي بي خيالي ۾ ويٺي رهي. "سکيا، به نه رهين!" هن سوچيو 'منهنجو اڳ ڪير ڪونه هو.... هاڻي به ڪير ڪونهي.' هوءَ اٿي ۽ ماڻ ڪري واپس اندر ڪوٺ ۾ وئي ۽ رڌڻي ۾ وڃي پهرين ته ٿئي تي پيل ستڙيل ماني ڪيڏي ڦٽي ڪيائين، جيڪا ڪاري ٿي چڪي هئي ۽ ساڙ جي ڪري سڄي رڌڻي ۾ دونهون ڀرجي ويو هو. پوءِ بي ماني ٿئي ۾ وڌائين ۽ گنديءَ سان اکيون صاف ڪري ڪم ۾ لڳي وئي. ان ڏينهن کانپوءِ ڪنهن هن جي واتان سڪئي جو نالو نه ٻڌو ۽ نه ڪنهن ان جو نالو ورتو پر هن جو نالو "مريم سڪئي واري" پئجي ويو.

سڪئي جي موت کان پوءِ مريم پاڻ وڌيڪ دل سان ڪم ڪرڻ لڳي. هاڻ هن ٻارن کي ڪپڙا پارائڻ، اسڪول پهچائڻ ۽ واپس آڻڻ جو ڪم، پنهنجي ذمي کنيو. رئيسياڻيءَ کي ته اصل ڪٽ تان لهڻ ڪونه ڏيندي هئي. مجال آهي جو چلم جي ٽوپي ٽڏي ٽئي يا چلم جو پاڻي سڪي. ماني پچائڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، ٻهاري ڏيڻ، سڀ ڪم هن جي ئي ذمي هو. ڪڏهن ڪڏهن رئيسياڻي پيار مان چوندي هئس، "مئي، منهنجا ته ڪٽ تي وهاري وهاري سنڌ ئي سڪائي ڇڏيا اٽئي." ته هوءَ وڃي ٽنگن کي زور ڏيڻ لڳندي هئس. پوءِ سڄو ڏينهن ڪم ڪار ڪرڻ کان پوءِ رات جو واندي ٿي پنهنجي ڪمري ۾ ويندي هئي ته اندران ڪنهن ڪنهن مهل ائين آواز ايندا هئا، جڙ ڪنهن سان ڳالهائيندي هجي. ۽ جڏهن به ڪنهن ٻار اوچتو جهاتي پائي اندر تي ڏٺو ته هوءَ چرڪ پري پنهنجي ٽين جي پيتي بند ڪندي نظر ايندي هئي.

ڏينهن تي ڏينهن گذرندا ويا. رئيس ۽ رئيسياڻيءَ سوچيو ته هن غريب جو گهر وسائجي. سو هڪ ڇڪو گهر ڏسي هن جا ڏينهن پڪا ڪيائون. اها خبر جڏهن مريم کي پئي ته هن روئي روئي ڪٽي حشر مچايو. چي، "هن گهر مان منهنجو لاش ويندو." پر رئيسياڻيءَ جي زور پرڻ تي چپ ٿي وئي ۽ ائين چپ چپات ۾ هن جو ۽ عدلوءَ جو نڪاح ٿي ويو. ۽ هوءَ ڳوڙها وهائيندي، لڇندي، ڦٽڪندي پنهنجي ٽين جي پيتي ڪٽي حويليءَ مان نڪتي. رئيسياڻيءَ کي ائين لڳو جڙ هن جي پنهنجي ڏيءَ پرڻجي ٻئي هنڌ هلي وئي هجي، دل کولي رنائين. پر نيٺ ماڻ اچي ويس.

رئيسياڻي صبح جو سوير اٿي ته جيئن گهر جي ڪم ڪار جي نظرداري ڪري، مريم ته هئي ڪانه جو هوءَ آرام سان ستي پئي هجي ها. هوءَ جيئن ئي ڪٽ تان لهي باهر نڪتي، ته رڌڻي مان دونهون نڪرندي ڏٺائين. پڪ ٽيس ته رات باهه وسائڻ وسري وئي هوندن. سو وڃي ڏٺي ڏاڻهن. پر

اتي اچي پنڌ پهڻ ٿي وئي. مريم آلين ڪانئين کي ٿوڪون ڏئي باهر ٻاري رهي هئي. جنهن ڪري ايترو ته دونهون پئي ٿيو جو اکيون به ڪونه ٿي ڪليس.

"مئي، تون ڇو آئين؟" رئيسياڻيءَ کان ايترو ئي اڪلي سگهيو.

"جيجي، ٻار جو اسڪول ويندا!" مريم رئي جي پلاند سان تئي کي اگهندي ائين چيو. جڙ ته ڪا ڳالهه ئي ڪانه هئي.

"پر... پر، مڙسهئن ڪيئن چڏيئه؟" آخر رئيسياڻيءَ چئي ڏنو.

"توهان وٽ اچڻ لاءِ مون کي ڪنهن جي موڪل جي گهرج ناهي جيجي!" مريم هڪ لحظي لاءِ هن ڏانهن ڏسي چيو ۽ پوءِ مانين پچائڻ ۾ لڳي وئي.

مريم جي شاديءَ جو صرف اهو اثر ٿيو هو جو هوءَ رات جو دير سان گهر هلي ويندي هئي، پر صبح جو سج جي ڪنڌي ڪيڻ کان اڳ ڪم تي اچي ويندي هئي. رئيسياڻيءَ هن کي ڏاڍو سمجهايو، پر هوءَ نه مڙي. اصل ڪجهه ٻڌڻ لاءِ به تيار ڪانه هئي. آخر رئيسياڻيءَ به ٽڪجي ڪجهه چوڻ چڏي ڏنس.

هڪ صبح جو رئيسياڻي اڃا ننڊ ۾ ئي هئي ته ائين لڳس، جڙ ڪو سندس ڪٽ وٽ بيهي روئي رهيو هجي. هن جي اک کلي وئي، ڏٺائين ته مريم روئي پئي. هوءَ اٿي ويهي رهي. "ڇا ٿيو مريم؟" هن پڇيو.

"جيجي...." مريم اچي اوچنگارن ۾ پئي.

"پر مُئي، ٿيو ڇا؟" رئيسياڻيءَ وري پڇيس.

"هوبي ڪري آيو." مريم چيو.

"ڇا؟ ڇا؟... عدلوءَ بي شادي ڪئي... پر ڇو ڪيائين!" رئيسياڻيءَ کي ڪجهه سمجهه ۾ ڪونه پئي آيو ته ڇا چوي.

"مون کي چوندو هو ته هتي نه اچان... بس مون ڪونه مڃيو. رات بي ونئي آيو ۽ هينئر مون کي ٿي طلاقون ڏنائين." مريم چيو.

"طلاق... پر آءٌ ٿي رئيس کي چوان." رئيسياڻي ٻيءَ کٽ تي ستل رئيس کي اڌارڻ لڳي.

"نه جيجي نه... آءٌ هاڻ هن ڏانهن ڪونه ويندیس، هن مون کي طلاق ڏني آهي. آءٌ هتي رهندیس، آءٌ هتي رهندیس." مريم چيڪي مٽيءَ جي پٽر وانگر ڀري پئي.

رئيسياٽيءَ هن ڏانهن ڏٺو. هن جا ڳٽل وار ڳوڙهن سان وهنتل ميرو منهن، هن کي رحم اچي ويو. "نياڳي، الائي ته نصيب ۾ ڇا اٽئي، ڇگو وڃي ماني ٺاهـ."

"ها جيجي"، مريم خوش ٿي وئي ۽ ٻاهر اڳڻ ۾ پيل ٽين جي پيتي کٽي پنهنجي پراٽي ڪوٽيءَ ۾ رکڻ هلي وئي.

مريم ڪجهه ئي ڏينهن ۾ سيکجهه وساري ڇڏيو پر رات جو جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ ويندي هئي ته ڪڏهن ڪڏهن اهڙا آواز ايندا هئا، جو لڳندو هو ته ڇڻ هوءَ ڪنهن سان ڳالهائي رهي هجي؛ پر جڏهن به ڪنهن ڏٺو ٿي ته هوءَ پنهنجي ٽين جي پيتي ٻڌا ڪندي ئي نظر ٿي آئي.

ائين مريم جي زندگي هڪ دفعو وري پنهنجي پراٽي ڍنگ تي اچي وئي. هوءَ هڪ مشن جيان روز پنهنجو معمول جيان ڪم ڪندي صبح کي شام ڪندي هئي ۽ وري رات مان ڏينهن. رئيسياٽيءَ جو هر ڪم خودبخود ٿيندو هو. هن کي ڪنهن شيءِ جي طلب ڪرڻ لاءِ صرف دل ۾ سوچڻو ئي پوندو هو اهو ڪم خودبخود ٿي ويندو هو.

ٻار به هاٿي وڌا ٿي ويا هئا. مريم جي سينڊ مان به اڇن وارن جهاتيون وجهڻ شروع ڪري ڏنيون هيون؛ پر هن کي انهن جي پرواهه ڪانه هئي. بس پنهنجي ڪم سان ڪم هوس. سڄي گهر تان قربان ٿئي ٿيندي هئي. رئيسياٽي چوندي هئس، "مئي، تون ڄائي ڇو هئين؟" ته هوءَ مرڪي زور ڏيڻ لڳندي هئس.

مريم کي ايڏا به ڪڏهن ڪڏهن کي پاڙي وارين 'مريم سکئي واري' ڪري سڏيندیون هيون، پر هن ڪڏهن به ان تي اعتراض ڪونه ڪيو. بلڪ هن کي ته پنهنجو نالو ئي مريم سکئي واري لڳندو هو. سکئي جي ياد هن جي سيني ۾ دفن هئي، جتان ڪڏهن ڪڏهن ڀڙڪو ڪائي نڪرندي هئي ته اکين جون ڪنڊون آليون ٿي ويندیون هئس ۽ سيني مان ٺڏو ساهه ڀڙڪو ڪائي نڪري ايندو هئس. ان وقت هوءَ هرويرو ڪونه ڪو ڪم ڪرڻ ۾ جنبي ويندي هئي.

وقت جي گذرڻ سان مريم ۾ ڪوبه ڦيرو ڪونه آيو. پر ايڏا هن جي قسمت ۾ ڇڪ هو. بقا محمد جمعدار ننڍن ننڍن هن ڳوٺ ۾ آيو هو. هو روز شام جو ٽاٽي جي ٻاهران ڪرسي وڇهي ويهندو هو ۽ هر ايندڙ ويندڙ تي تيز نظر رکندو هو. ائين هڪ ڏينهن جيئن مريم ٻارن کي اسڪول ۾ ڇڏي موٽي ته بقا محمد تي نظر پيس، جيڪو هن کي ڏسي مڇون مروڙڻ لڳو. پهرين ته

مريم کي ڏاڍو ڊپ لڳو ڇو جو پوليس کان هن کي هميشہ ڊپ لڳندو هو پر جڏهن ٻہ چار دفعا ائين ٿيو ۽ بقا محمد هڪ اڌ دفعو ڏند ٽيڙي هن ڏانهن ڏنو تہ هن جو ڊپ ٻہ ڊيرو ٿيو. ائين ڀالهہ وڌڻ لڳي. آخر هڪ ڏينهن هن رات جو رئيسياڻيءَ کي زور ڏيندي چيو "جيجي هڪ ڀالهہ چوان."

"چئہ وري ڇا آهي." رئيسياڻي چيو.

"هو آهي ڏاڍو چگو." مريم شرمائيندي چيو.

"مئي، تون شرمائين پئي!" رئيسياڻي حيران ٿي وئي، "آهي ڪير؟"

"جماندار." مريم چيو.

"مئي تون پوليس واري سان ڪيئن اٽڪين ٿا!" رئيسياڻيءَ حيرت مان چيو.

"سپ لکيو آهي جيجي." مريم ٽڏو ساهہ پريندي چيو.

ائين، "مريم سکئي واري" جمعدار بقا محمد سان پرٽجي شهر ۾ هلي وئي. ويندي مهل ايترو تہ رني جو رئيسياڻي تہ نهيو پر پاڙي واريون ٻہ اچي روئڻ ۾ پيون. هن سيني کي پاکر پائي موکلايو. ٻارن کي ور ور ڪري پئي چميون ڏنائين ۽ نيٺ پنهنجي ٽين جي پيٽي کڻي، ڪوٺڙيءَ جو در بند ڪري ٻاهر وڃڻ لڳي.

"هن ڪوٺڙيءَ ڏانهن ڏسي، مئي، اسان جو تہ هانوَ ڇڇندو." رئيسياڻيءَ چيو ۽ هوءَ چنبڙي ويس.

"جيجي آءٌ تنهنجي غلام آهيان." هوءَ چئي رهي هئي.

"بس تون وڃ... وڃ" رئيسياڻيءَ ائين چيس جڏ چوندي هجيس تہ مون کي ڇڏي نہ وڃ، مئي.

مريم هلي وئي. ڪجهہ ڏينهن تہ رئيسياڻيءَ کي گهر ڪائڻ پيو ايندو هو. ڪم ڪاج لاءِ تہ ٻيون ٻہ ملي ويون، پر اها مريم ڪٽي جيڪا هر ماني تئي تي وجهڻ مهل ان جي ڪائڻ واري جو نالو ڪٽندي هئي. جيڪا هر ڪم بنا چئي ڪندي هئي. جنهن جون نگاهون سڄي گهر تي پهرا ڏيندیون هيون. هن جي قدمن جا سرڪاٽ چوطرف پيا گونجندا هئا. ڪجهہ نہ ڪجهہ پيو ڪڙڪندو هو. ڪڏهن ٻہ خاموشي ڪانہ هوندي هئي. ڪڏهن ٻارن کي پئي تيار ڪندي هئي تہ ڪڏهن رڌڻي ۾ ديگڙا پئي ڪڙڪائيندي هئي. پر هاڻ اهي آواز صرف مخصوص وقتن تي اچڻ لڳا. نہ صرف ايترو پر شاديءَ کان پوءِ جمعدار بقا محمد پنهنجي بدلي ڪرائي ڇڏي هئي. جتان

مريم جي باري ۾ کا خبر به ته ڪونه ٿي آئي، نه ئي هن جو پتو ڪنهن کي معلوم هو.

مريم شاديءَ جي سال کان پوءِ هڪ ڏينهن اوچتي موتي آئي. رئيسياٽيءَ کي هن جي اچڻ جي خبر تڏهن پئي جڏهن صبح جو سوير رڌڻي ۾ ڪڙڪو ٻڌائين. هن سمجهيو ته شايد نوڪرياڻي سوير اچي وئي آهي، پر وري به ائين لڳس جڻ ڪا خاص ڳالهه ٿي هجي. تنهنڪري هوءَ اُٿي رڌڻي ۾ وئي ۽ حيران ٿي وئي. چا ڏسي ته مريم اڇا اُجرا ڪپڙا پايو ٽانوَ پئي ملي. هن کي ڏسندي ئي اٿي ۽ ڊڪ پائي جنبڑي ويس. رئيسياٽيءَ کي ائين لڳو جڻ سندس وجود جو ڪو ٿُنڀل ٽڪرو ساٺس اچي مليو هجي.

"مُئي تون ڪٿان آئين؟" رئيسياٽي اڪر ته اهي چيا پر لڳو ٿي ته چيو هجائين: "ڪٿي هئينءَ هيترا ڏينهن."

"جيجي... جيجي... آءُ هتان ڪڏهن به ڪونه ويندیس." مريم روئندي چيو.

"چو وري چا ٿيو؟ مڙسهين ڪٽي آهي؟" رئيسياٽيءَ پڇيو.

"ڪجهه به ڪونه ٿيو آهي جيجي.... ڪجهه به ڪونه ٿيو آهي. بس آءُ ڪونه ويندیس." ائين چئي هوءَ ڪمر ۾ جنبي وئي. رئيسياٽي هن کي ڏسندي رهي، پار هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. هن وري ڪونڙي کولي پنهنجي ٽِين جي پيٽي ان ۾ رکي.

ڳوٺ ۾ چوپول ٿي ويو ته مريم سکئي واري اچي وئي - واپس اچي وئي. ڪن چيو ته مئيءَ کي ڪٽي به سڪ ڪونهي، ڪن چيو ته پڪ چال چلت خراب هوندس جو مڙس ڪيڏي ڇڏيس. مطلب ته جنهن کي جيئن آيو ٿي، تيئن ٿي چيائون. ٻئي طرف جمعدار بقا محمد ۽ چار پنڊ ڪيا. دڙڪو داب ڪرڙ جي ڪوشش ڪيائين پر رئيس به ڪو عام ماڻهو ڪونه هو تنهن ڪري دال نه ڳرندي ڏسي، آخر هو به ٿي طلاقون ڏئي پنهنجي راهه وٽي رمندو رهيو.

رئيسياٽي سخت حيران هئي ته آخر ڳالهه چا آهي. مريم جو اصلي مسئلو چا آهي، چو هن کي پنهنجو گهر راس نه ٿو اچي. آخر هڪ دفعي جڏهن رات جو واندي ٿي هُوءَ پنهنجي ڪونڙيءَ ۾ وئي تڏهن رئيسياٽيءَ به آهستي اٿي پٽيان ويس. اڄ هن مريم سان کلي ڳالهائڻ ٿي چاهيو سمجهائڻ ٿي چاهيائينس، حالانڪ هن دل سان چاهيو ٿي ته مريم وٽس ئي هجي پر ڪيس به سکيو ڏسڻ ٿي چاهيائين. تنهنڪري ئي سيني جي سمهڻ کان پوءِ هن جي ڪونڙي ڏانهن وئي ته جيئن اکيلائيءَ ۾ هن کي سمجهي به سگهي

۽ سمجهائي ٻه سگهي. هُن آهستي آهستي ڪونڙيءَ جو دروازو ڏڪو ڏئي ڪوليو. هن کي ائين لڳو جڙ مريم ڪنهن سان ڳالهائي رهي هجي. پر مريم در جو ڪڙڪو ٻڌي ورتو. هوءَ پنهنجي ٽين جي پيتي ڪوليو وينِي هئي. جيڪا ڪڙڪو ٻڌي هڪدم کٽي بند ڪيائين. "جيجي تون!" هن حيران ٿي چيو.

"ڇا آهي پيتيءَ ۾؟" رئيسياڻيءَ جي آواز ۾ حڪم هو.

هن آهستي آهستي پيتي کولي. پيتيءَ ۾ چيٽ جي گلابي گلن وارو وڳو پيو هو "جيجي... سڪئي هي مون کي شاديءَ رات پائڻ لاءِ ڏنو هو...." هن روئي ڏنو. "مون هي ڪونہ پاتو جيجي. مون ٻين جا ڏنل وڳا پاتا... آءُ هاڻ ڪوبہ وڳو ڪانہ پائيندس. منهنجو وڳو هيءُ آهي. جيجي منهنجو وڳو هيءُ آهي."

هوءَ روئندي رهي ۽ رئيسياڻي ماڻ ڪري ٻاهر نڪري آئي. "مريم هاڻي ڪيڏانهن ٻہ نہ ويندي" هن فيصلو ڪري ڇڏيو.

•

بُکي

پشاور ميوزيم ۾ هونئن ته هر شئي تاريخي اهميت واري هئي پر کا نئين شئي کانه هئي، تنهن ڪري ترت ئي بور ٿي پيس. ٻُڌ جي شانت چهري تي اها ئي هميشه واري مات ۽ گنبيرتا چانيل هئي. ٻُکيو ٻُڌ، جنهن جو پيٽ پٽن سان وڄي لڳو هو، منهن ۾ ڪڏون پئجي ويون هئس تڏهن به اکيون ٻوٽيون، پنهنجي من جي دنيا ۾ گم هو. جڏ ته نيٺ نائي نهاري رهيو هو ۽ ڪيس دوست جو ديرو نظر اچي ويو هو. هن تي رشڪ ڪندو، پيار ڪندو، قبائلي دور واري حصي ۾ گهڙيس. 'ڇا بک به محسوس ڪرڻ سان آهي؟' آءٌ سوچي رهيو هئس. 'بک ته دنيا جي وڏي ۾ وڏي حقيقت آهي.' منهنجي اندر ۾ سوال جواب ٿيندا رهيا. 'بک بيڻو ٽول، دانا ديوانا ڪري، پر لطيف ته چيو آهي ته:

گندي ۽ گراهه جنين سامايو ساهه ۾،
تنين کان الله، اڃا آڳاهون ٿيو.

پر ايياز ته چيو آهي:

'ڏوَبنا ڏولا، ڪانهي ساڃهه سونهه جي.'

مون کي به ائين ٿو لڳي. شايد ان منزل تي نه پهتا آهيون، جتي گندي ۽ گراهه جي اهميت ختم ٿيو وڃي. پر اڃا تازو ميوزيم جي در تي جڏهن هڪ سهڻي افغاني نينگريءَ کي اشارن سان بيک گهرندي ڏٺو هئم، تڏهن ائين لڳو هئم جڏ بک جو ڪو روپ هجي. هوءَ شايد گونگي هئي يا مون ائين سمجهي هئي. ان وقت ڪيسي ۾ جيڪي به ڪليا پئسا هئم، ڪڍي ڏئي ڇڏيامانس. هوءَ بيشڪ ايتري سهڻي هئي جو جيڪڏهن ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي هجي ها ته وڏيرن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جا هڏ چوڪرا هن جي اک جي هڪ اشاري تي ناٽي جي خورجينن جا منهن کولڻ لاءِ تيار هجن ها. پر هوءَ جهنگلي بلڪ جابلو گُل هئي جنهن جو قدردان ٿئي ئي ڪونه.

اهي ئي ڳالهيون من ئي من ۾ پچائيندو قبائلي حصي ۾ گهڙڻ ٿو. سامهون ڪاٺ جا چوڪيدار بيٺا آهن. هيبت ناڪ، پوائتي ڊيل ڊول وارا، پر چپ چاپ جڙ ته ڪنهن جي حڪم جي انتظار ۾ هجن. هنن کان ٿورو اڳيرو ڪاٺ جي گهوڙن تي ڪاٺ جا فوجي ۽ امير ماڻهو ويٺا آهن. اهي به چپ چاپ آهن. سامهون شيشن ۾ هٿيار ٽانو ۽ لباس پيا آهن. هنن جي پنهنجي ڪهاڻي آهي، خاموش ڪهاڻي جيڪا صرف محسوس ڪري سگهجي ٿي. اتي ئي مون کي مورتي نظر اچي وئي. آءٌ حيران ٿي ويس. ڇا شو ڪيس ۾ بينل چترالي چوڪري اها ئي آهي جيڪا باهر مون کان خيرات گهري رهي هئي!

بلڪل ساڳي چوڪري، ساڳيو نڪ، ساڳيو نقشو ساڳي نزاڪت... پر هوءَ ته افغاني هئي، هن جو لباس افغاني هو... هن جو لباس مختلف آهي. هن کي مٿي تي ٽڪندو ڪپڙو هو هن کي ٽوپي آهي. پر واهه ڪاريگر! اڄ کان سؤ ورهيه اڳ جيڪا مورتي ٺاهي ويو آهين، سا خدا اڄ خلقي آهي. اصل ڪهڙو ۽ رپليڪا (نقل) ڪهڙي؟ اصول موجب ته جيڪا اڳ ٺهي سا اصل ۽ پوءِ ٺهي سا رپليڪا.

مون مورتي جي ويجهو وڃي ڏٺو. ويجهو اچڻ سان مون کي ٿورو فرق محسوس ٿيو. اهڙو ئي فرق جهڙو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن کي ويجهو ڏسي محسوس ٿيندو آهي ۽ ائين لڳندو آهي جڙ ته اهو چهرو ڪنهن ڏاڙئين جو هجي. هيءَ مورتي شيشي جي شو ڪيس ۾ بند هئي تنهن ڪري هن جي شادابيءَ تي مٽي، سج ۽ هوا ڪوبه اثر ڪونه وڌو هو. هن جا نرم نازڪ هٿ، ڳلن جي لالائي، چپن جي مُرڪ ۽ نهارڻ جو انداز ابدي هئا. پر جيڪا ميوزيم کان ٻاهر هئي، ان جا هٿ ميرا، ڳل مرجهايل ۽ نهارڻ جي انداز ۾ هڪ عجيب ڏک سمويل هو. مون وڏي مورتيءَ کي ڇهڻ ٿي چاهيو پر پنهنجي جذبات کي قابو ڪري اڳتي وڌڻ جي ڪندي، هن ڏانهن ڏٺم. مون کي ائين ٿي لڳو جڙ هوءَ ساهه کٽي رهي هجي. وري ائين ٿي لڳو جڙ مُرڪي رهي هجي. ٿورو پاسيرو ٿي ڏٺم ته لڳم جڙ مون کي ويندو ڏسي ڏک ٿي رهيو هجيس. هڪ دفعو ته وري بيهي رهيس. مون کي ائين لڳي رهيو هو جڙ ڪنهن ظالم جادوگر ڪنهن سهڻي وينگس کي جادوءَ جي زور سان پنڌ پهڻ ڪري ڇڏيو هجي ۽ در تي اهي ڪاٺ جي گهوڙن تي سوار ڪاٺ جا ماڻهو ۽ ڪاٺ جا محافظ بيهاري ڇڏيا هجنس. ۽ آءٌ شهزادو جان عالم بنجي ان انجمن آرا کي ڇڏائڻ لاءِ آيو هجان. مون کي پنهنجن انهن خيالن تي ڪِل ٻه

پئي آئي ۽ ائين پئي محسوس ڪيم جڙ ٿوري دير لاءِ آءُ ڄان ڪنگزات ٿي ويو هجان. جيڪو پنهنجي پَر ۾ دنيا کي ظلم کان آزاد ڪرائڻ هليو هو.

هن ئي مورتيءَ سان گڏ ٻين شو ڪيسن ۾ ڪوهستان ۽ ڪافرستان جون ٻه مورتيون ٻه آهن پر هنن ۾ ڪا جان ڪانهي. آءُ هڪ دفعو اڳتي وڌي وري واپس هن مورتيءَ وٽ اچان ٿو. مون کي لڳو ته هوءَ باقائدي مُرڪي رهي هئي. جڙ پنهنجي سونهن ۾ ايڏي ڪشش ڏسي ڪيس خوشي ٿيندي هجي. مون هن ڏانهن ڏسندي سوچيو ڪيڏي نه خوش قسمت آهي. ڪڏهن بک ٻه ڪانه لڳندي هوندس. نه مانيءَ جي پرواهه نه پاڻيءَ جي. هوءَ ويچاري جيڪا ٻاهر ٻيئي آهي ۽ هر ڪنهن جي آڏو وات کولي، آواز ڪرڻ بنا ئي هٿ سان پيٽ ڏانهن اشارو ٿي ڪري، هڪ غير ملڪ مان آئي آهي. نه گهر اٽس نه گهاٽ. جڏهن ته هيءَ شيشي جي شو ڪيس ۾ بند، هجي ها شو ڪيس کان ٻاهر، ته ڪيترو وقت اڳ مري کپي چڪي ها. فنا ٿي چڪي ها. مون کي ڪيٽس وارو يوناني ڪوزو ياد آيو جنهن تي اُڪريل تصويرن کي ڏسي ڪيٽس پنهنجو مشهور نظم اوڊ آن اي گريشين آرن لکيو هو. هن ان ڪوزي تي اڪريل تصويرن کي ابدي ڪوٺيو هو.

هن جي اڳيان ٻيئي ٻيئي مون کي ائين پيو لڳي جڙ ته آءُ هن بت سان پيار ڪرڻ لڳو آهيان. هوءَ مون ڏانهن ڏسي ته ڪيئن پئي. بنا اکيون چنيئي هڪ ٽڪ پئي ڏسي. پر سندس چپن جي مُرڪ ڪنهن مهل تيز ته ڪنهن مهل گهٽ ڇو پئي ٿئي؟ اهو سڀ وهم آهي. پر چون ٿا ته زندگي ٻه هڪ وهم آهي، گمان آهي، تصور آهي، نقالي آهي، هڪ اهڙي ازلي زندگيءَ جي، جيڪا ابدي ٻه آهي. ته ڇا هي گمان ٻه ڪنهن حقيقت تي ٻڌل آهي؟

آءُ مورتيءَ کي اتي ئي ٻيئل ڇڏي ٻاهر ٿو وڃان. هاڻ هت ساهه ٿو ٻوساڻجي. هن مورتيءَ جي قسمت ۾ ئي اهو آهي ته هوءَ ان شوڪيس ۾ بند رهي ۽ اهي ڪاڻ جا ماڻهو ڪاڻ جي گهوڙي تي ويهي، ڪاڻ جي هٿيارن سان مٿس پهرو ڏيندا رهن. هوءَ ڪڏهن آزاد نه ٿي سگهندي. آزاديءَ جو سڄ هن لاءِ هميشه هميشه لاءِ ٻڏي چڪو آهي. هاڻ جي هوءَ آزاد ٻه ٿيندي ته مري ويندي، هميشه هميشه لاءِ ختم ٿي ويندي. تنهن ڪري پلي ته هوءَ پنهنجي غلاميءَ ۾ خوش هجي، جتي نه بک جي پرواهه اٽس نه ڪپڑي لٽي جو فڪر. اهي سڀ نعمتون ته آزاد دنيا لاءِ آهن، آزاد انسانن لاءِ آهن.

آءُ ٻاهر نڪرڻ کان اڳ وري ٻه مڙي هن ڏانهن ڏسان ٿو. هوءَ ساڳي طرح مُرڪي رهي آهي. جڙ چئي رهي آهي ته تون ٻه ٻين وانگي آهين سڏڻيو.

سِڪڙيو نہ آهين. 'سڏڻيا ڪهڙو پيار ڪندا!' مون هن کان اڪيون بچائڻ چاهيون. هن جي ان ڳالهه جو مون وٽ ڪوبہ جواب ڪونہ هو. آءٌ تيز تيز قدم کڻي ميوزيم جي عمارت مان ٻاهر نڪران ٿو ۽ هڪ وڏو ساهہ کڻان ٿو.

ميوزيم مان ٻاهر نڪري مون کي عجيب آزادي ۽ سکون جو احساس ٿئي ٿو. جڙ تہ ڪنهن طلسم مان ٻاهر نڪري آيو هجان. ٻاهر اصلي گل ٻوٽا، هلندڙ ڦرندڙ انسان ۽ تيز رفتار موٽرون، بسون ۽ ٽيڪسيون ڏسي پاڻ کي جيئرن گڏ محسوس ڪريان ٿو. 'انسان ڪڏهن بہ ماضيءَ ۾ نہ ٿو رهي سگهي... ماضي موت آهي، اوندهہ آهي، تصور آهي... حال ئي زندگي آهي، حقيقت آهي.' آءٌ سوچيان ٿو.

ميوزيم جي ٻاهرين دروازي کان پريرو فت پاڻ تي هڪ هجوم ٿو نظر اچي. وڏي ڏسان ٿو. ماڻهن جي انبوهہ جي وچ ۾ هڪ ڏاڙهيءَ وارو ڏٺو مٿو نوجوان جنهن جي جسم تي افغاني لباس آهي، مٿي تي پٽڪو ۽ ڪلهي سان رائفل لڙڪي رهي آهيس، هن ساڳي افغاني چوڪريءَ کي ماري رهيو آهي جنهن کي سويرو آءٌ خيرات ڏئي چڪو هئس. سندس هڪ هٿ ۾ بہ نان بہ آهن جيڪي هن شايد ان چوڪريءَ کان ڦريا آهن. چوڪريءَ جي نازڪ چپن جي ڪنارن تان رت سيرون ڪري وهي رهيو آهي. هوءَ پٽ تي پيئي آهي. ڪوبہ هن جي مدد ڪونہ ڪري رهيو آهي. سڀ خاموش تماشائي آهن. آءٌ چاهيندي بہ هن جي مدد نہ ٿو ڪري سگهان. هو افغاني مون کان ڪئين پيرا وڌيڪ سگهارو آهي. رائفل بہ ڪلهي سان لڙڪيل اٿس. 'شايد هن جي پيٽ يا مائٽ آهي جنهن جي پنڊ تي ڪاوڙ آئي اٿس.' آءٌ سوچيان ٿو. 'افغاني غيرتمند هوندا آهن.' مون وري سوچيو. ايستائين هو هِن کي ڏڪ هڻي ڪيرائي چڪو هو. هجوم مان ڪوبہ اڳتي ڪونہ ٿي وڌيو. هن جيڪي ڪجهہ چيوپئي تنهن مان مون کي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ ڪونہ پئي آيو. چوڪري صرف دانهون ڪري رهي هئي. آخر هن نوجوان هڪ زوردار لت چوڪريءَ کي ڪک ۾ هنئي جنهن تي چوڪريءَ کان ڪيڪڙاٽ نڪري ويو. پوءِ هو هليو ويو. چوڪري پٽ تي اڌ مڙدي حالت ۾ پيئي هئي، سندس ڪپڑا بہ ڪٽان ڪٽان ڪاتي پيا هئا ۽ سڄو جسم مٿيءَ ۾ پيوت ٿي ويو هئس. ماڻهو بہ تماشو ڏسي آهستي آهستي وڃي رهيا هئا. مان هجوم سان گڏ واپس ٽيندڙ هڪ سفيد ريش شخص کان پڇان ٿو: "هي سڀ ڇا آهي؟ هن چوڪريءَ کي مارڻ وارو ڪير هو؟ چو ٿي ماريائين؟"

"آهي وري چا؟ هيءَ حرامڑي افغاني ڪانهي. ڪوڙ ڪري ٿي خيرات وٺي. افغاني ڪپڑا پائي ماٺهن کي ٺڳي ٿي، سمجهيئه."

جواب ٻڌي مون حيرانيءَ وچان چيو:"پر تنهن ۾ ڪنهن جو چا ٿو ويڃي. جي هوءَ افغاني بنجي ٿي خيرات پني ته ان ۾ ڪهڙي اربع خطا آهي؟"

"واهه"، هن شخص ٽوڪ ڪندي چيو. "افغاني کو خيرات پنڻ کونه آيا آهن. سمجهيئه؟ ڪير ٿو خوشيءَ سان پنهنجا گهر ڇڏي؟ هو ته مجبور ٿي پنهنجا ماڳ ڇڏي آيا آهن. واپس ورڻ لاءِ..." ائين چئي هو رمندو رهيو.

پر مون کي همدردي اڃتي وڌڻ نه ٿي ڏي. آءُ بيهي رهان ٿو. منهنجي دل ٿي گهري ته آءُ هن پٽ تي قدرت جي شاهڪار جي مٿي تي هٿ ڦيريان. دلداري ڏيانس. هن جي چوڌاري ته ڪنهن شوڪيس جون ديوارون کونه هيون. کوپڙُ کونه هو کوليکو کونه هو. پر رڳو ايتروچئي سگهان ٿو:

"تون ڪير آهين؟ افغاني ناهين چا؟"

هوءَ زخمي هرڻيءَ جيان ڪنڌ پٽ تان ڪٽي، مڑي مون ڏانهن ڏسي ٿي.

"افغاني ناهين ته پوءِ ڪير آهين؟" آءُ پڇانس ٿو.

اڌ ڪليل اکين سان مون ڏانهن نهاري ٿي. مون کي ائين لڳو جڻ ڪنهن شرابيءَ ڇُڪي سرس پي ڇڏي هجي ۽ نشي کان سڄيون اکيون نه کولي سگهندو هجي.

پوءِ هن جي ڇپن مان آهستگيءَ سان چند لفظ نڪتا:

"آءُ ٻُڪي آهيان."

ائين چئي هن جو ڪنڌ لڙي ٿو پوي ۽ چهري تان پيڙا جا سمورا نشان ائين ميٽجي ٿا وڃن، جيئن سمنڊ جي ڪناري تي ٺهيل پيرن جا نشان پاڻيءَ جي لهرن جي ورڻ سان ميسارجي ويندا آهن. هاڻ هن جي منهن تي شانتيءَ جو احساس پکڙيل ٿو نظر اچي جهڙو ميوزيم ۾ اندر بکئي ٻڌ جي چهري تي نظر آيو هئم.

•

گرمي ۽ گل مهر

هوءَ گلابي قميص ۽ سائي سلوار پايو. وراندي جي پيلي ٽنيي کي ٽيڪ ڏيو. گلاب جي گل جيان نڙي بيٺي آهي. آءٌ آهستي آهستي هلندو هن جي ويجهو ٿو وڃان. هوءَ هڪ ٽڪ اکڙ ۾ بيٺل گل مهر جي وڻ ۾ اکيون کپايو بيٺي آهي. آءٌ هن جي ويجهو پهچان ٿو. ته به هوءَ مون کي ڪونہ ٿي ڏسي. مون وڻ ڏانهن ڏٺو جتي ڪڙيل گل مهر جا ڳاڙهَا ڳاڙهَا گل هن جي اکين ۾ اکيون وجهيو رهاٽيون ڪري رهيا هئا.

"هر سال جڏهن هي گل ڦٽندا آهن، آءٌ سمجهندي آهيان ته بهار اچي وئي." هن آهستي پٽڪيو.

"۽ آءٌ سمجهندو آهيان، ته منهنجي عمر جو هڪ سال ٻيو ب گهٽيو." مون زور سان چيو. هن کان چرڪ نڪري ويو. هن جي اکين ۾ شرم جي اهڙي لالاٽ اچي وئي، جو جڙ ته مون هن جون ۽ گل مهر جون ڳالهيون ٻڌي ورتيون آهن.

"هن وڻ ۾ ڇا آهي؟ هن جي ته ياڇي ب ڪونہ ٿهي." ٻيو ساٿي ب اچي ويو.

"ياڇي سائين ڪچنار جي گلن جي." پٽيوالي چانهہ ۾ ڪنڊ وجهندي ڪمري مان ليئو وجهي چيو.

"توبهہ. جاهل... ڪٽي ڪچنار جون سهٽيون ڪچيون ڪليون... ڪٽي ياڇيءَ جو تصور." هوءَ اڃا ب گل مهر جي پناهہ ۾ هئي.

"اڙي ڪٽي آهيو سڀ!" زوردار آواز ٿو اچي.

آدم بو... آدم بو... ديو جو آواز ٻڌي جانِ عالم انجمن آرا کي وڻ جي ٽڙ ۾ ٿو لڪائي. ائين نہ جيئن اڪبر انارڪليءَ کي پڪين سرن جي چوديواريءَ ۾ لڪايو هو... سڄو مانڌاڻ ڦٽي ويو هر ڪو پنهنجي پنهنجي غار ۾ هليو ويو.

نڪ... نڪ... نڪ... ڪا سهڻي نينگري... سهڻي خواب جيان...
هوائن جي آڌار تي... خوشبو بنجي اچي پئي.. اچي پئي... اجهو هو اچي ويو
ڏاڙهين مڇن سان سليوَليس (Sleeve less) قميص، گلي ۾ سوني چئن، زناني
ڪُڙيءَ وارو بوٽ. اعتبار ڪجي ته ڪنهن تي ڪجي، گلي ۾ سوني چئن...
ڪلهي ۾ ڪلاشنڪوف!
"آڻ ته روز لفٽ وٺي هلي ويندي آهيان." پاسي مان ايندڙ آواز. "پلي
ڪنهن جي به ڪار هجي، بس ڪار ضرور هجي."
"توکي ڊپ ڪونہ لڳي!" حيرت سان پريل آواز.
"هن دفعي لڳو هئم ڪٽي مئو پرس نہ ڪٽي وڃي."
"بس، پرس جو ڊپ لڳو هوئي!!"
"ڊڄ خدا ير... پنهنجو بل ته ڪڍهن غلط ڪونہ پريو اٽئي، اهو ته
شڪر آهي جو آڻ پاڻ ويس، نہ ته مون وارا پئسا ته تون هضم ڪري وڃين
ها." پئي غار مان ايندڙ آواز.
"پئسو تمام خراب شئي آهي، دانا ديوانا ڪريو وڃهي." هڪ پئي غار
مان ايندڙ آواز.
"تڍهن به هڪ کو آهي ته هن جي پنيان!" جواب.
"آڻ ته ڪونہ آهيان."
"اها به ڪا دانائي ڪانهي."
"پلا ٻڌو اٿم ته سيمسٽر جا اگهہ وڌن پيا."
"اِجا به چئو ٿا ته پئسو...."
"چڍيو پئسي جي ڳالهہ ڪا ٻي ڳالهہ ڪريو... ها، سيمسٽر جا اگهہ
وڌيا آهن چا؟"
"ڪهڙيون نيون فلمون ڏٺوَ...." پئي غار مان مرداڻو آواز.
"ڏوڙ پئي آهي نين فلمن ڪي..." زنانو آواز: "هر فلم ۾ ٽڪا ٽوڪي...
سين...."
"هاڻ ته هندستاني فارمولا فلمون پيا ناهين...."
"اهي به فلمون... فلمون هيون اسان جي وقت جون."
"چوندا آهن پوڙهو اُٺ به ڪنواٽ لهي...."
"پوڙهو اُٺ نہ... ڪي پر اڻو اُٺ!"

"چا دور هو اسان جو... ڏاڙيل بہ زائفان ۽ ساداتن جو خيال ڪندا هئا، ٻيڙو تري نون ليڪڻ جو ساداتن جي خلاف لکي لکي، ڏاڙيلن جي اکين مان بہ شرم ڪڍي ڇڏيو اٿن."

هوءَ منهنجي منهن ۾ ڏسي رهي هئي ۽ آءٌ هريرو ڦڪو ٿي نظرون جهڪائي رهيو هوس. "خبر اٿئي، چاچري پهچڻ تي صبح ساڻ مون چا ڏنو هو؟" آءٌ ڳالهه چوريان ٿو.

"تون چاچري چو ويو هئين؟" هوءَ پڇي ٿي.

"اها پڇ پڇ واري عادت خراب آهي." آءٌ چوان ٿو: "ان ڪري تہ زال ڪونہ وٺيم." دل ۾ چوان ٿو.

"مون واري زال ڏاڍي سگهڙ آهي." ۽ واري غار مان آواز آيو: "آءٌ بہ جيڪي ڪمايان وڃيو هٿ تي رکانس... وري ڪڏهن بہ گهُر ڪانہ ڪري"

"سڀ ڀئسا نہ ڏينس... ڪي پاڻ وٽ بہ رک، پوءِ ڏس سگهڙپائي!" جواب مليو.

"ڏيني ڪي ٻڌواٿئي...." ٻئي غار مان آواز آيو.

"نہ، چا ڪندو هو؟"

"ائڪٽر هو ائڪٽر... سڄي دنيا ۾ غريب ٻارڻن جي مدد لاءِ مسخريءَ جا شو ڪيا اٿائين."

"سڄي دنيا جا غريب ٻار!"

"ها، سواءِ ايشيا جي... ايشيا ايجا دنيا جي نقشي تي ڪانهي."

"جي هو خيراتي شو ڪندو وتندو هو تہ فلمن ۾ ڪم ڪير ڪندو هو؟"

"ميان، انٽرنيشنل پين جي گڏجاڻيءَ ۾ جارج شلز جي تقرير تي اديب ناراض ٿي ويا. آرٽر ملر لاءِ جان بچائڻ مسئلو ٿي پيو." پرئين غار مان آواز آيو.

"مون چا پئي چيو؟" هيترن آوازن ۾ مون کي پنهنجو آواز بہ اوپرو پئي لڳو.

"چاچري ۾ الاهي چا ڏنو هوئي؟" هن وراڻيو.

"الاهي چا، اتي تہ مون مور نچندي ڏٺا هئا، عاج جي ٻانهين سان رنگ برنگي لباس ۾ ويڙهيل لڏندڙ لمندڙ جسمن کي مٿي ۽ ڪچن ۾ گهڙا ڪنيو ڪورس ۾ جهونگاريندو ترائيءَ ڏانهن پاڻي پرڻ ويندي ڏٺو هئم. رستن تي

نانگ ۾ بلائون، گدرا ۾ ونگيون، پيون ۾ گولاڙا ڏنا هئم. ريتيءَ جون پٽون ۾ نهل جسم وارا بي ڍولا انسان ڏنا هئم. گهوڙن تي سوار هٿياربند نڪر، تلڪ ڪيل ٽلها ٽنيرا هانيڙ ڏنا هئم. الاهي توکي چا ٿي ٻڌائڻ چاهيم... مون کوهه مريءَ ۾ به مينهن وسندي ڏٺو آهي ۽ ٿر ۾ به... پر جو مزو ٿر ۾ مينهن وسڻ جو آهي، سو هنن ساون جبلن ۾ ڪٿي... هُت مينهن موسم کي سهڻو ٿو ڪري.. هِت مينهن ٻُکين جو پيٽ ٿو پالي."

"تو اهو ڏٺو هو چاچري ۾...." هوءَ حيران ٿي ٿئي.

"ها... ۽ مون هڪ گڏهه کي بک کان مرندو ڏٺو هو... ۽ هڪ ٻار کي جيڪو ماءُ جي چاتيءَ سان چهٽيل ئي مري ويو هو هنن کي کاڌو ته نهيو پر پاڻي به نه مليو هو... پاڻي.... ويچارو ٻار...."

"۽ ماءُ...."

"هوءَ اڳ ۾ ئي مري چڪي هئي."

"ڏينهن ڪي ڪي خبر پوي ها ته ضرور شو ڪري ها."

"سائين، ڪنهن جي مرڻ جي ڳالهه پيا ڪريو؟" پاسي واري منهنجو جملو ٻڌو ته هو پر سمجهيو ڪونه هئائين.

"ڪو مري ويو چا؟" ٻئي پاسي کان آواز آيو.

"اناالله وانا اليه راجعون" ٽئين طرف کان آواز آيو.

"سائين، عذرخواهي تي ضرور هلجي" ڪنهن چيو.

"ها ادا، اهو انساني فرض آهي" ٻئي چيو.

"وڃڻو ته هر ڪنهن کي آهي" هن وري چيو.

"سائين، توهين وڃو ته اسان کي ونيو هلجو" پهرئين چيو.

هوءَ منهنجي منهن ۾ ڏسي رهي هئي، هن جو رنگ ٽوروڪو ٿي ويو هو.

"بس، چاچري ۾ اهو ڏٺو هوئي" هن ڪجهه رڪجي پڇيو.

نه نه مون چاچري کان به ميل پري رام ڳڙهه جو ميلو به ڏٺو هو... اُٺن ۽ گهوڙن تي سوار پيلين پگڙين وارن نوجوانن جي نيزي بازي، اُٺن جي ريس، رنگ برنگي ڪپڙن واريون مومليون... ها، اها سوني سوناري به ڏٺي هئم، جيڪا منائيءَ واري هَٽ تان برفي ونڻي کائي رهي هئي ۽ مون ڏانهن ڏسي وڏا ٽهڪ ڏيئي رهي هئي... اهائي جيڪا واپسيءَ تي اُٺ تان ڪِري رڙيون ڪندي رُئندي ڏٺي هئم ۽ منهنجو ننڍپڻ جو دوست به جيڪو مون کان رُسي، هڪ پٽ تي ويهي اڪيلو منائي کائي رهيو هو... ٻيو چا؟ ها... اُن کي به ڏٺم جنهن مور کي جهلي ڪُهي چڏيو...

"مور کي؟ چا ماٹھو مور جو گوشت بہ کائيندا آھن؟ اھڑي سھڻي پکيءَ جو؟" ھوءَ حيران ٿي وئي.

"بک ۾ ماٹھو ماٹھوءَ جو گوشت بہ کائيندا آھن" مون وراٹيو.

"توبھ توبھ گوشت کيڏو نہ مھانگو ٿي ويو آھي" پاسي مان آواز آيو.

"دال کان تہ وري بہ سستو آھي" ٻئي چيو.

"کيئن نہ ويليوز بدلجن ٿا. ڪڏھن گوشت کائڻ تي فخر ڪبو ھو ھاڻي دال کائڻ تي." اتان ئي ڪنھن چيو.

"ادا سائين پئسو ٿا کائون پئسو چا دال چا گوشت" پرئين پر کان آواز آيو.

"پھرين بلن جو مسئلو تہ حل ڪريو منھنجا پئسا کير پريندو؟ دال وارو يا گوشت وارو." ايا تائين احتجاج ٿي رھيو ھو.

"پلا پئسا وڌيا بہ آھن يا؟" ٻيو آواز اُپريو.

"سائين اسان اھي زمانا ڏٺا آھن جڏھن ٽکي جا ٻکريءَ جا بہ مغز ملندا ھئا. منيءَ ۾ اڳاڙو ڪاسائي وڪٽندو ھو." سڀ ٽھڪ ڏين ٿا... ٽھڪن جي گوڙ ۾ ھن جو آواز اُپري ٿو:

"چون ٿا ماٹھوءَ جو گوشت لذيذ ٿئي ٿو؟"

"ٽيندو ھوندو." مون وراٹيو.

"ڪالھ اسان کي ڏاڍو سٺو گوشت مليو ھو. لذيذ ھو ڏاڍو." پاسي مان آواز آيو.

"ماٹھوءَ جو ھوندو." جواب آيو.

"دال ۾ اھا تہ پڪ آھي تہ ماٹھوءَ جي ٿي نہ ٿي سگھي." ڪنھن چيو.

"بک ٿي لڳي تہ خودبخود مانيءَ ۾ ڪاڏي جون ڳالھيون ڪرڻ تي دل ٿي چوي." ھُن ئي چيو.

"توھين مائ چو ٿي ويا، ٻڌايو تہ سوني سواري ڪير ھئي؟" ھن پڇيو.

"لوڪ ادب غور سان پڑھ. پاٹھئي خبر پوندءِ." مون وراٹيو.

"لوڪ ادب ۾ تہ ڪھاڻيون آھن." ھن چيو.

"زندگي بہ تہ ڪھاڻي آھي. ابتدا ۽ انتھا تي ٻڌل." مون چيو.

"انتھا .... پڇاڻي.. بکيو ٻار بکي ماءُ جي ھنج ۾...." ھوءَ وري چپ ٿي وئي. گھڙي ڪن رکي مون ڏانھن ڏٺائين.

موت جو ڊپ تہ آهي ئي خراب. گل مهر ڏي ڏسي هن جو رنگ جيڪو گلابي پئي لڳو سو هاڻ بدلجي چڪو هو. مون هڪ دفعو هن جي اکين ۾ ليئو وڌو... اُت ايجا به گل مهر جا گل هئا.

"چا پيا ڏسو؟" هن چيو.

"وري چوندين ۽ چو پيا ڏسو." مون وراڻيو.

پاسي واري غار مان هلڪا هلڪا آواز اچڻ لڳا.

"اڄ ڪلهه هن وٽ ڪو اچي ٿو؟" هُن چيو.

"تون به تہ مون وٽ ويٺي آهين." مون وراڻيو.

"منهنجي ڀالهه ٻي آهي." هن موڙو ڏيندي چيو.

"سائين وري ڏاڙو لڳو آهي." هن ٻاهران زور سان چيو.

"ابا، ڪا نئين ڀالهه ڪر." ٻئي وراڻيو.

"سائين، مون کي تہ ڊپ آهي تہ جي ڪو ڪٽي ويو ۽ گهريائين لک روپين جو تہ چا ٿيندو!" هُن وري چيو.

"مٺا سجو ڏينهن ٿا ڏاڙيلن جون ڀالهيون ڪن." هن چيو....

"جيڪي ٻڌندا... ڏسندا... تنهن جو ئي تہ ذڪر ڪندا." مون چيو: "پلا اڄ ڪلهه چا پئي پڙهين؟"

"اڳ ريلوي ٽائيم ٽيبل وٽندو هئم.... هاڻي ٽيليفون ڊائريڪٽري" جواب.

"ٽيليفون جي ڀالهه ڪنهن ڪئي؟" پريان آواز. "اسان جا تہ لاهه پٽي چڏيا اٿن. فون ڪريون نہ ڪريون، بل ضرور ايندو."

"تہ پوءِ بهتر آهي فون ڪريو.... پئسا تہ حلال ٿين." جواب.

"سائين، سفر چا ۾ ڪجي... جهاز ۾ تہ اغوا جو ڊپ ٿو لڳو... ريل به گهٽ خطرناڪ ڪانهي... ڪار ۾ به جان جو جوکو آهي... پنڌ ممڪن ڪونهي." هو چئي رهيو هو.

"خواب ۾ سفر ڪر... خواب ۾ نہ خوف نہ خطرو." هن وراڻيس.

"آءٌ تہ جڏهن سوچيندي آهيان تہ پڙهائيءَ مان جان چٽي، تہ ڏاڍي خوش ٿيندي آهيان." هوءَ مون کي چئي رهي هئي.

"ها، آءٌ جيستائين ڪجهه پڙهان نہ، تيستائين ننڊ ئي ڪانہ ايندي اٿم." مون وراڻيو.

"سائين، ننڊ جي ڀالهه ڪنهن ڪئي... مون کي به ننڊ ڪونہ ٿي اچي." هن وري ٻاهران چيو.

"پلا ڪو چانهه پيارينديو يا نہ!" پرئين غار مان آواز آيو.

"ڪو چا... هُو ئي پياريندو... ويچارو پٽيوالو... ڇگو پلو جمعدار هو پوليس ۾ پاڙي پتيءَ جا ڪڙ پڪڙيو رڌيو ڪايو ويٺو هوندو هو... رٽائر ٿي اچي پٽيوالي ڪئي اٿس. هاڻ وري سڄو ڏينهن پيو چانهه ناهي پياري جمعداري مان پٽيوالو پٽيوالي مان بار وارو."

"پگهار مان ته پورت ئي ڪانه ٿي ٿئي." هوءَ چئي رهي هئي.

"پگهار مان ته ڪنهن جي پورت ڪانه ٿيندي آهي."

مون چيس: "پگهاردارن جو سهارو ته بينڪ آو ڊي هوندي آهي."

"بينڪ ۾ به مُئي مئنيجر سان اڌ ڪلاڪ مغزماري ڪجي، تڏهن او ڊي ملي." هن بيزاريءَ وچان چيو.

"سائين جديد ادب جي باري ۾ هڪ سوال نامو آيو آهي، توهان ڏئو آهي؟" هن پاسي واري غار مان رڙ ڪري چيو.

"اهو ته ناهيو ئي مون آهي." مون وراڻيو.

"سڄو ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن ڏڌي ۾ لڳا پيا آهيو... ڪو ڪم چو نه ٿا ڪريو." هوءَ چئي رهي هئي.

"توهان وٽ بال پين آهي." پاسي واري غار مان هوءَ نڪ سُٽڪندي اندر آئي ۽ ميز تي پيل بال پين کڻي بنا ڪجهه ٻڌڻ جي نڪ سٽڪندي هلي وئي.

"آئي هئي ڏسڻ ته پاڻ چا پيا ڪريون." هن چيو.

"توهين عورتون جڏهن پاڻ هڪ ٻئي کي ڪونه ٿيون سهو ته ڪيئن ٿيون عورتن جي آزاديءَ لاءِ رڙيون ڪريو؟" آءٌ پڇانس ٿو.

"عورتن کي آزادي هئڻ گهرجي... مردن سان ڪُلهوڪلهي ۾ ملائي هلڻ جي آزادي." هن جوش وچان چيو.

"ڪاش توهين اسان سان ڪُلهوڪُلهي ۾ ملائي هلو." پاسي واري غار مان ڏڏي ساهه سان گڏيل آواز آيو.

"سائين ڪو آهي." ٻاهران ڪنهن سڏيو پئي. اندر خاموشي ٿي وئي... سپ غار ماڻ ۾ گم ٿي ويا... "شايد سپ هليا ويا." ٻاهران آيل مايوس ٿي هليو ويو.

"تون ماڻ چو ٿي ويو آهين." هن ماڻ کان بيزار ٿيندي چيو. ٻاهران سينڊلن جي ڪٽ ڪٽ ٻڌڻ ۾ آئي: "هوءَ ته هلي... هاڻ ونندي لفٽ." ٿوري ماڻ کان پوءِ به وري سينڊلن جي ڪٽ ڪٽ....

"هوءَ به هلي... آءٌ ته چانهه پيئندیس."

چانهه اچي ٿي... گرم گرم ٻاڦ نڪرندڙ چانهه... گرم گرم ماحول... تيز اُس ۽ حبس، چرنويل جي ايٽمي ري ايڪٽر مان نڪتل گرم گرم اُلا....

"چون ٿا ته اها گرمي تابڪاريءَ جي ڪري آهي. پر اها هت پهتي ڪيئن؟" هن پڇيو.

"جيئن سائبيريا جي آڙي يا ڏڪوش منجهر تي پهچندا آهن... ساڳئي روٽ کان ٽڏيون هوائون به ته هت پهچن ٿيون.... پوءِ گرم هوا چونه ٿي پهچي سگهي؟"

"چون ٿا ته ياڃين ۽ گاهه کائيندڙ جانورن جي ڪير تي اثر ٿيندو آهي تابڪاريءَ جو."

هن پڇيو: "پوءِ آءٌ ترڪڏهن نه کان... گوشت وٽيمر کونه."

"سائين قومن جي ڪرڙ ۽ سڌرڙ ۾ ادب جو وڏو حصو هوندو آهي." هن ير واري غار مان رڙڪري چيو.

"سڌريل قومن جا اديب سڌريل ۽ ڪريل قومن جا اديب ڪريل هوندا آهن." هن چيو.

"حالانڪ مصلح ڪريل قومن ۾ پيدا ٿيندا آهن." مون وراٽيو.

"توهان جي ته هر ڳالهه ابتي آهي." هن چيو.

"ها، جيڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي، اها ابتي ئي ته چئبي..." مون چيو.

"سائين هڪڙو انگريز فرينچ هو."

"نه نه انگريز فرينچ ڪونه ٿيندا آهن."

"منهنجو مطلب آهي ته انگريز فرينچ ۾ لکيو."

"نه ادا.... انگريز فرانسي ڪونه لکندا آهن."

"منهنجو مطلب آهي ته..."

"تنهنجو مطلب آهي ته ڪنهن فرينچ ليکڪ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل مضمون."

"ها ها... ائين... ائين...."

هوءَ چئني طرفن کان ايندڙ آوازن کي ٻڌي بور ٿي اوباسي ڏئي ٽي ۽ بنا ڪجهه ڪيئي باهر نڪري ٽي وڃي.... آءٌ اُٽي هن جي پٺيان ٽو وڃان. هوءَ ورانڊي ۾ ٽنيي کي ٽيڪ ڏئي گل مهر جي وڻ ۾ ڏسڻ ٿي لڳي - آءٌ به ٻئي ٽنيي کي ٽيڪ ڏئي گل مهر جي وڻ کي ٽو ڏسان. جيڪو سخت ٻوسٽ ۽ گرميءَ جي باوجود چپ چاپ، گلن سان جهنجهيو مرڪي پيو.

•

آوازن جو جهنگ

آوازن جي جهنگ ۾ خاموشيءَ جو ٻُوتو ڦُٽي پيو. جڏ ڪنهن وشال سمنڊ جي وچ ۾ ڪو پٽڪڙو بيٽ پيدا ٿي ويو هجي. جيڪو چؤطرف پري پري تائين سمنڊ جي سيني تي لهرن جي ناچ کي حيرانيءَ سان ڏسندو هجي. پر سمنڊ هن کي پنهنجي ڇاتيءَ تي هڪ ناسور سمجهي. ان کي صفحہ هستيءَ تان هيسارڻ لاءِ لهرن جون تلوارون هلائڻ لڳو هجي.

هو خاموش هو. بلڪل خاموش- آواز ٻڌي رهيو هو. گوڙ ۽ شور سندس سڃي وجود کي ڏوڏي رهيو هو. پر ڪيس سمجهه ۾ ڪجهه ڪونه ٿي آيو. ڪي نامانوس لفظ هئا. جن جو ڪو مفهوم ڪونه هو. بس ائين لڳي رهيو هو جڏ سندس چوطرف کي گناهگار ڏوهاري چور ۽ بدمعاش آواز هئا. جيڪي پنهنجو پاڻ کي سادّ ۽ سڃو ثابت ڪرڻ لاءِ. پنهنجي ئي اندر مان اُپرندڙ سوالن جا جواب ڏيئي رهيا هئا. اهڙا جواب جيڪي سوال بہ خود ئي هئا.

"توهان پنهنجي زندگيءَ جو ڪو خاص تجربو ٻڌايو". ٿي. وي ڪمپيئر هڪ پنڌرهن ورهين جي سهڻي نينگريءَ کان پڇي رهيو آهي.

"هي آهي اسان جو مشهور ڊرامانويس. جنهن پنهنجي ٽيهه سالہ ڪيريئر ۾ بہ ڊراما لکيا آهن." هڪ ڊرامانويس جو تعارف. جيڪو هڪ سرڪاري ڪامورو آهي.

•"منهنجو پهريون ڊرائيور ڏاڍو سنو هو."

"چو؟"

"همراهہ سگريٽ پيئندو هو."

"تنهن ۾ چگائي ڪهڙي آهي."

"اڙي يار! ڪڏهن ڏندن ۾ ڪجهه ڦاسندو ته ماچيس جي تيلي ته گهري سگهبي هئي نا!"

"ءِ هيءُ ڊرائيور؟"
"هيءُ تہ نسوار ٿو کائي. هاڻي ڏند چا سان کوٽجي؟"

• مارکيٽ ۾ واڪ پيا ڏين: ڏهہ روپيہ... ڏهہ روپيہ... ڏهہ روپيہ... ساڍا ڏهہ روپيہ... يارنهن روپيہ... هارنهن روپيہ... هارنهن روپيہ... چار آنہ... ويهہ روپيہ... پنجويهہ روپيہ... پنجويهہ روپيہ... پنجويهہ روپيہ... پنجويهہ روپيہ... پنجويهہ روپيہ... (واڪ پورو ٿيو).

"آءٌ ٽيهہ ٿو ڏيان."

"بابا زبان ٽي وئي."

آفيس ۾ واڪ پيا اچن، ڏهہ لک... يارنهن لک... ويهہ پنجويهہ لک... پنجويهہ لک هک... پنجويهہ لک ٻ... پنجويهہ لک ٽي..! (واڪ ختم)

"سائين! آءٌ ٽيهہ ٿو ڏيان." هک سهڪندو پهتو.

"هو ڏس."

"يار زبان ٽي وئي."

"زبان پئسي کان مٿي آهي چا؟"

"هر شيءِ ملي ٿي. اخلاق، شرافت، محبت چا گهرجي؟

بس، هجئي ناڻو تہ گهر لاڙڪاڻو... هونئن تہ انهن شين جي ڪا وڏي قيمت تہ آهي ڪانہ جو پريشان ٿو ٿين. ها اسڪاچ وسڪي البتہ مهانگي آهي. پر ماڻهو اُها بہ هٽ ڪيو ونن.

"خبر اٿئي هو وڏو ماڻهو... جڏهن بہ منهنجي گهر وٽان لنگهندو آهي تڏهن مون کي موبائيل تي فون ضرور ڪندو آهي."

"پر تون تہ ڪو ايڏو وڏو ماڻهو ڪونہ آهين جو اهڙا ماڻهو توکي فون ڪندا وتن."

"ادا! وڏن ماڻهن کي بہ تہ ننڍن ماڻهن جي ضرورت آهي نہ." "سائين! ڪم تہ ننڍا ماڻهو ئي ڪندا نہ! ڪنهن هن کي ڪن ۾ ٻڌايو.

"ها يار... ڳالهہ سچي آهي. مُلان تہ پاڻ ۾ ڪڏهن ڪونہ ٽهن. باقي موالي هک ئي فلسفيءَ تي هڪٻئي سان هک جان ٻڌيا وينا هوندا آهن. شرابيءَ جي دوستي شرابيءَ سان، تڏهن تہ اُنهن جي محفلن ۾ شراب جي بوءِ ءِ نشي جا اثر ملن ٿا."

"گهوڙي جي دوستي گاهہ سان ڪانہ ٿئي، گهوڙيءَ سان ٿئي. گاهہ ويچارو."

• "چُپ ڪريو چُپ ڪريو سائين پيو اچي. خاموش ، سائين جيپ مان لٿو آهي. سائين پگ پيو درست ڪري. سائين ڪمدار سان پيو سُس پس ڪري، سائين اچي پيو."

"هيءَ ڏپ ڪٽان پيئي اچي؟" کو پُڇي ٿو.

"چپ چورا، سائين جوراب پيو لاهي." چڙب ٿي مليس. .اڙي هي چندا ڪير پيو هٽي." ڪنهن چيو.

"ماڻ، سائينءَ نڙي صاف ڪرڻ لاءِ کانگهارو ڪڍيو هوندو" چڙب ٿي ملي.

"اڙي سائين ڪِري پيو... ڪِري پيو. .. چا ٿيو؟"

"چُپ چورا، سڄي رات پيتو هوندن، هاڻ ننڊ آئي هوندن"

جواب. "ابا جلدي ڪري کٽ کٽي اچو سائين الله کي پيارو ٿي ويو."

"شڪر الحمدالله" هڪ چيو "ڪيڏو نہ سکيو موت آيس! نہ سڪرات نہ تڪليف."

"ڏاڍو سٺو ٿيو شل سڀ سائين سُکيا ٿين تہ ڪي ٻيا سُک جو ساهہ کٽن."

"سائين هليو ويو" ڏک جي ڳالهہ.

"همیشہ لاءِ هليو ويو" خوشيءَ جي ڳالهہ.

"پٽيان ولر ٻارن جا ڇڏي ويو آهي."

"ڪتن جا گلر بہ ڇڏي ويو آهي."

"خبر نٿي پوي تہ اُنهن مان ٻار ڪهڙا آهن ۽ گلر ڪهڙا؟"

"رڳو آوازن مان خبر ٿي پوي"

"ها، ٻار پونکن پيا ۽ ڪتا اونائين پيا."

"اُستي بہ ڪمال ڪيو. واهہ جو عشق هئس سائينءَ سان. سائينءَ جي استعمال واري پاڪي بہ هن سان گڏ دفن ڪري ڇڏيائين."

"ڊپ هئس تہ ڪٽي سائينءَ وارا جيوڙا ٻين تي نہ اثر ڪن."

"هاڻي سائينءَ جون بيواهون چا ڪنديون."

"ڪورٽن جا چڪر هڻنديون."

"ها، سائينءَ جا قرض بہ تہ پورا ڪرڻا پوندن."

"ڪير."

"بيواهون."

"اُهي تہ ويون ڪڏهوڪو!... باقي ڏاڏي پوتي سائنڊ آهي.... عدت هن جي حصي ۾ آئي آهي... شڪر آهي جو ڪنهن کي ڪجهہ تہ حصي ۾ مليو."

ويچاري سائينءَ وت هوئي چا؟"

"ها، سڀ ڪجهہ پرايو ئي تہ هوس."

"اولاد سميت"، ڪنهن هجوم مان چيو. سيني مُڙي ڏنو تہ هتي تہ ڪو هوئي ڪونہ.

"هيءَ دنيا ڪنهن جي ٿي آهي؟"

"هاءِ هاءِ ويچارو سڪندر بہ تہ خالي هٿين ويو."

"چون ٿا تہ هٿ ڪفن مان ڪيڙائي ڇڏيا هئائين تہ جيئن ماڻهو ڏسي سگهن تہ هو ڪجهہ بہ ڪونہ پيو کڻيو ويجي."

"پڳٽ ڪنوررام چوندو هو تہ جي ڪفن ۾ ڪيسا هجن ها تہ هو بہ پئسا گڏ ڪري ها."

"سڪندر ۽ پڳٽ ڪنور ۾ وڏو فرق هو. هو تلوار سان حڪومت ڪندو هو ۽ پڳٽ پنهنجي سُريلي آواز سان."

"سچ ٿو چوين، بادشاهہ صرف زندگيءَ ۾ حڪومت ڪن ۽ فقير مرڻ کان پوءِ بہ راج ڪن. بادشاهن جي قبرن تي ڏينيو ۽ فقيرن جي مزارن تي ميلائي ميلا. بي ايمان، ايماندار کي ٿوڪون پيا هڻن ۽ ايماندار منهن لڪايو پيا هلن. ڪوڙا سڄن تي ڏمريل تہ سچا پاڻ بچائڻ ۾ پورا. چوندا آهن تہ سچ هڪ ڏال جيان انسان جي حفاظت ڪري ٿو ۽ ڪوڙ کي پير ڪونہ ٽين. جڏهن تہ سچ مان جان جو جوکو ۽ ڪوڙ کي پيرن جي ضرورت ئي نہ رهي آهي. مون پاڻ ڏٺو کي غمگين ۽ کي بنا ڪنهن تاثر جي ، خوش ڇهرن ڏانهن ڏسي غمگين ٿي نظر آيا ۽ مايوس ڇهرن ڏانهن ڏسي خوش. اُتي مون سچ کي ڪوڙ جي آڏو چمڪندو ڏٺو. هزارن ايڪڙن جو مالڪ ڪوڙ ۽ ذات ڏٺي سچ، پر جهڪيل ڪنڊ سان. چا روح بہ جهڪيل هوس؟ روح نظر ڪونہ ٿي آيو. هڪ چريو بہ نظر آيو جنهن سيني کي چريو پئي چيو پر ڪو اهڙو ڏاهو نظر ڪونہ آيو جيڪو ٻئي ڪنهن کي ڏاهو چوندو هجي. هڪ اهڙو بہ خوش پوشاڪ دولتمند ڏٺم، جنهن کي ماڻهو ميڙ ڪيو ٻينا هئا، پر جڏهن هو ويو تہ ڪنهن چيو تہ وات مان ڪيتري نہ ڏپ پئي آيس. مختلف رايا هئا، مختلف آواز هئا. آوازن جو هڪ جهنگ هو جنهن ۾ هر ڪنهن پنهنجي ٻولي ٿي ٻولي. ڪنهن کي بہ ٻئي جي ٻُالهہ ٻڌڻ کان فرصت ڪانہ

هئي. هائيڊ پارڪ ۾ هرڪو زور زور سان چئي رهيو هو ته "آءٌ ايماندار آهيان، ڪير چوي ٿو ته آءٌ بي ايمان آهيان، ڪير چوي ٿو؟" هو چوڙ واري کي ڳولي پيو جيڪو هن جي اندر ۾ ئي ڪٽي لڪل آهي. وري هڪ ليڪڪ جي تعريف پيو ڪري "ڏاڍو سٺو لڪندو آهي. وڏو اديب آهي، دانشور آهي، ان کي مون ڊسڪور ڪيو هو." هن پنهنجو پاڻ کي اوارڊ ڏئي چڏيو. دانشور وري پريشان هو اهو سوچي ته هن کڻڙي دانش جي ڳالهه ڪئي هئي يا لکيو هئائين، جنهن تي ايتري داد پئي مليس. هن ته صرف پنهنجي ذهني ڪيفيت ۽ دلي وارتا جو ذڪر لکيو هو. هن ته پنهنجو پاڻ کي ئي ڊسڪور ڪونہ ڪيو هو ته هي ٻيو ڪير پيو هن کي ڊسڪور ڪرڻ جي دعويٰ ڪري. هڪڙو وري فخر سان چئي رهيو هو "آءٌ سڄي دنيا ڏسي آيو آهيان. هر پيري هر وفد ۾ مون کي نامزد ڪيو ويندو آهي." نامزد ڪرڻ وارو به هو پاڻ ئي هو پر شينهن کي ڪير چوي ته تنهنجي وات ۾ ڏپ آهي؟

ٻئي طرف وري هو ٻيئيون هيون، زرق برق لباس ۾، عورتن جي حقن جون چئمپين! هڪ چئي رهي هئي، "ويچاريون عورتون ڪيڏيون نہ مظلوم آهن. مردن جي استحصال جو شڪار آهن. مرد پاڻ ته صبح جو هر ڪنيو وڃي ٻني ڪاهين، عيش ڪن، راتين جو پاڻي ورائڻ لاءِ لُنڊيون لتاڙين ۽ مايون ويٺيون جنڊ پيهن، ڏڏ ولوڙين، مکڙ ڪڍن، ڀهاريون ڏين، مانيون پچائين ۽ چيٽا ٽڦين، وري مڙسن جي ماني به پهچائين، پنهنجا هار پالين ظالم آهن هي مرد." وري موضوع بدلجي ٿو "پريمي جوڙن تي ڪيترو نہ ظلم آهي، پنهنجي پسند جو مڙس به ڪرڻ نٿا ڏين، مرد ظالم ته آهن نہ."

"وڏا ظالم آهن هي مرد". هڪ نهيل جڙيل عورت اي سي ۾ پگهر محسوس ڪندي ٽشو پيپر سان پيشاني اگهي چيو: "آءٌ وڃان ٿي، منهنجو پٽ منهنجي ئي هٿ جي پڪل ماني کائيندو آهي." هوءَ اُٿي ٽي. "مردن جي ظلم خلاف جيڪو به قدم کڻندا، آءٌ توهان سان گڏ آهيان. الله حياتي ڏئي منهنجي مڙس کي، هو به انهيءَ جدوجهد ۾ مون سان گڏ آهي." مردن واري گروپ مان ان عورت جو مڙس نماڻين نگاهن سان پنهنجي زال کي وڃڻ لاءِ تيار ڏسي پاڻ به کسڪڻ جي ڪري ٿو. "يار زال کان ايترو ڊڄين ٿو هڪ چويس ٿو "نہ هُن جي ڪُر ڪُر کان بيزاري ٿيندي اٿم."

هوءَ جيڪا سهٽي چوڪري بيني آهي نہ اُها پنجاهه ورهين جي اٿئي. تازو پلاسٽڪ سرجري ڪرائي آئي آهي. هر سال پنج لک روپيا خرچ ڪندي آهي، تڏهن ته ميٽر سورهن ورهين تي بيهي رهيو اٿس." هڪ عورت

چيو "ها، پر رڳو هلڻ مان عمر جي خبر ٿي پوي" ٻيءَ چيو "تڏهن ته هن کي ويچارين عورتن جي حقن جو ڏاڍو خيال آهي، هيومن رائيٽس ۾ دلچسپي اٿس." هن سگريٽ دکايو ۽ وڏو کش هنيائين.

دعوتون، جشن، شامون ملهائجڻ، فرصت هجي ته کجهه کجي. هڪ ته هر ادارو اوارڊ ڏيڻ وارو فارم ڏيو وڃي. فارم پر نه پر، اوارڊ مليو وڃي. اها خبر ناهي ته اوارڊ ڇا جو آهي. بس تاڙيون وڄن، فوٽو نڪرن، ٻيو ڇا کپي. فوٽو جيڪي زور بدلجندا تا ورهن. اوارڊ يافته سزا يافته ٿيو وڃن، اعزازي ڊگريون اعزاز ئي ڦريو چڏن. ڪوڙ جو رنگ ڪنهن ڏٺو آهي؟ نه ته هُن کي ڏسو جيڪو روالونگ چيئر ۾ ڪاٽو ويٺو آهي. لڳي ٿو ته روالونگ چيئر به هن مان ڪاٽي پئي آهي. وڏي چيئر تي ننڍا ماٽهو ننڍين ڪرسين ۽ اسٽولن تي وڏا ماٽهو. ڪٿي ڪرسي ماٽهوءَ تي ويٺي آهي ته ڪٿي وري ماٽهو ڪرسيءَ ۾ ڪاٽل آهي. آءٌ ڪير آهيان؟ هو ڪير آهي؟ ڪير ڪير آهي، اهڙو ڪيل آهي جو اب جي لکڻ واري کي به شايد ياد نه رهيو آهي.

اسين آهيون ڇا؟ صرف چهرا، جڻ ماسڪ آهن. ڪنهن جا پرون وڇونءَ جهڙا، ڪنهن جا نڪ طوطي جهڙا، ڪنهن جا ڳل بُلڊاگ جهڙا، کي رڍن جيان معصوم ته کي بگهڙن کان پيا ڊجن. اوندهه آهي يا روشني . ٻڌجي کجهه ٿو ڏسجي کجهه ٿو ۽ سمجهجي وري کجهه ٻيو ٿو. خوبصورت کار ۾ ويٺل بدصورت شخص، فٽ پاٽ تي پنندڙ خوبصورت نينگريءَ کي ڏسي گگون پيو وهائي. خوبصورت عورت پنهنجي مڙس سان گڏ هوندي به ٽيڏي اک سان دکان تي ويٺل سهڻي چوکري کي پئي تاڙي. پسند ناهي.... پسند ناهي، جي پسند به آهي ته کجهه ڏينهن لاءِ "چاليهه سال منهنجي رفيق حيات رهي." هڪ شخص پنهنجي زال جي مرڻ تي ماتم پيو ڪري. "پنجاهه سالن کان هن مصيبت کي پوڳيو اٿم"، ستر سالن جو شخص زال کي طلاق ٿو ڏي. ڪٿي به ڪا شيءِ پنهنجي جڳهه تي ناهي. دل آهي ته دماغ ڪونهي، دماغ آهي ته وسيلا ڪونهن. وسيلا آهن ته ضايع پيا ٿين. پاڻي پلين جي هيٺان وهي رهيو آهي. سڪل درياهه جي پُل هيٺان ڏوڙ پئي اُڏامي. ڪوڙ ڳالهائيندڙ جي چهري تي ڏوڙجا آثار نظر پيا اچن. ڪٽان ڪٽان وقفي وقفي سان وڄ جا چمڪات پيا ٿن. مينهن ايندو ضرور ايندو. انجواءِ ڪبو. برسات جي موسم. هُو وري گارو پيو ناهي. ڇت لنبٽي آهي. مينهن ۾ وهندي۔ ڪيڏانهن وڃبو. آسمان ۾ اکيون وجهيو التجائون پيا ڪن ته نه وس، ڪيڏانهن ويندا سين. انساني حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ليڊر

جهاز ۾ بکنگ نہ ملڻ ڪري نہ پهتا تہ انسان مايوس ٿي ويا. هڪ جماعت جي ايڪٽيوسٽ اچڻ کان انڪار ڪيو جو ايئرڪنڈيشنڈ ڪمرو ڇڏڻ ٿي سگهيو. انسان پنهنجا حق زمين تي ڳولي ڪ هاڻي آسمان ڏانهن پيو نهاري. تہ متان اُتان وسندڙ مينهن هنن جا حق آڻي. جهوپڙي جا نيصلا محلن ۾ پيا ٿين. ڏکاريلن کي اناج نہ ٿو ملي، تہ ڪيڪ پيسٽريون ڇو نہ ٿا کائن؟ واقعي راڻيءَ سچ چيو هو ڪيڪ پيسٽريون تہ تيار ملن ٿا نہ. هر شيءِ شوڪيس ۾ رکي آهي. اچو چونڊيو ۽ ڦريو. هڪ نان لاءِ گولي هڻڻ کان بہ نہ ڪيهايو. حق گهرڻ سان نہ ملندا آهن، کسڻ سان ملندا آهن.

پيءُ پڃاڻان پاڻڙي، دودا پانءِ مَ راند،
راڄ نہ ملن مڱيا، مڱيا ملن ڏاند.

عجب آهي، ماڻهوءَ جي ننڍي ۽ وڏي هجڻ جي حيثيت هن جي ڏوهن مان لڳائي ٿي وڃي. جيب ڪترو، چور، ڏاڙيل، خوني ۽ ايڏا بہ وڏو دهشتگرد دهشت ڦهلائي حق حاصل ڪندڙ جوڏو ڏاڙيل، غريب پرور، رابن هُڊ جا پوئلڳ سڀ ۾ سڀي ميندي انساني رت. هڪ دفعو لڳي تہ ڪڏهن بہ نہ ڦِٽي. ميڪبيٿ جي زال تڏهن تہ پنهنجن هٿن تي رت جا داغ محسوس ڪندي، صاف ڪندي چوي ٿي:

All perfumes of Arabia,
Cannot Sweeten these little hands.

تير ڪمان ۾ سونهين، نڪتو تہ وري نہ موٽندو. خنجر ميان ۾ سونهين، پيٽ ۾ لڳو تہ ماري وجهندو. اوارڊ سان پيٽ نہ ڀربو. پيٽ ڀرڻ لاءِ ڪيڪ پيسٽري ڪپي- راڻي چئي وئي هئي. راڻيون ئي تہ حڪومت ڪنديون آهن، بادشاهہ تہ جنگيون ڪندا هئا، ڪنيزن جا ناچ ڏسندا هئا، شراب پيئندا هئا ۽ وڏ ۾ وڏ انصاف جي گهنڊ جو آواز ٻڌي سگهندا هئا. نورجهان جهانگير جي هر فيصلي وقت پردي جي پويان هن جي ڪلهن تي هٿ رکندي هئي. ڪڏهن آهستي، ڪڏهن زور سان، هر اشاري جو مفهوم جدا هوندو هو. تڏهن تہ جهانگير جو مقبرو سهڻو ٺهيو جو نورجهان جيئري هئي ۽ نورجهان جو مقبرو؟

بر مزارِ ماں غريباں نے چراغ و نے گلے،
نے پرے پروانہ سوزد، نے صدائے بُلبلے۔

عورتن جا حق تڏهن بہ محفوظ نہ هئا، جيئري کٽي هوندن پر مئي کان پوءِ تہ بلڪل نہ. زالون مڙسن مئي ستيون ۾ مڙس زالن مئي هڪدم نَوَل آڻن. آهي نہ ظلم.

ڳالهيون ڪٽنديون ويون. محفل جهڪي ٽيندي وئي ۾ هائيڊ پارڪ ويران ٽيندو ويو. باقي هڪ پوڙهو ۾ پوڙهي بچيا، جن بچيل سامان چوندي فرج ۾ پئي رکيو ۽ئي سيشن لاءِ وري نئين سر رڌ پچاءُ ڪيرِ ڪري انڊا لالٽين ڪنيو سڃن کي روشني پيا ڏيکارين. چريا ڏاهن کي پيا سمجهائين ۾ هوڙا مستقبل جا آواز ٻڌي خوف کان گونگا بنجي ويا آهن. باقي وڃي اُهي بچيا آهن جيڪي جو ڪجهہ ڏسن تا، ٻنهي هٿن سان لُٽيو وڃن. جيڪي ٻڌن تا، ان جي ابترَ عمل پيا ڪن ۾ جيڪي موجود اٿن، ان کان وڌيڪ چاهين تا. ڪنهن بہ طريقي سان رستي تي نڪا هلن، شارٽ ڪٽ تا ڳولين. ڪار ۾ چڙهي واڪ تا ڪن ۾ پيچري ۾ ڦاٽل تترن جو شڪار تا ڪن. مئل شينهن جي ڪَل تي پير رکي فوٽو تا ڪيڙائين. ڏينهن جو در دريون بند ڪري لائيٽ آف ڪري، رات بنايو اي سي ۾ آرام سان خوابن جي وادين جو سير پيا ڪن ۾ رات جو تيز روشنيون ٻاريو ڏينهن ڪيو وسڪيءَ جي بوتلون کوليو بيخود بنجيو تاش جي پتن ۾ سگريٽ جي دونهين ۾ پناهہ وڃيو ويٺا آهن.

نيڪ نام شخص گمنام خط پيا لکن، گمنام شخص نيڪيءَ جا ڪم پيا ڪن. نيڪ نام تقرير پيا ڪن ۾ ثابت پيا ڪن تہ هو نيڪ نام ان ڪري آهن جو هو سچا، ايماندار ۾ بهادر آهن. وري هنن جي نيڪ نامي هنن جي تقرير مان ظاهر آهي. پر هو گونگو ڇا ڪري، جنهن جي نيڪ نامي رڳو هن جي گونگي هجڻ جي ڪري ظاهر نہ ٿي ٿئي.

هر آواز هڪ هوڪو آهي. هرڪو پنهنجو پاڻ کي پنهنجن لفظن ۾ وکري لاءِ پيش پيو ڪري. شاعر، اديب، هاري، مزدور، عورت، مرد، آفيسر ۾ زيردست، سڀ پنهنجو پاڻ کي پيش پيا ڪن، صرف لفظ ۾ لهجا جدا آهن. ميدان ۾ خريدار گهٽ آهن، وڪڻندڙ زياده وڪڻندڙ جو تہ زباني خرچ آهي، پر خريدار ڏوڪڙ ڪٽان آڻي جو ڪجهہ خريد ڪري، مجبوراً هو بہ هوڪا ڏيڻ ٿو لڳي، پنهنجي غربت جا، پنهنجي مجبوريءَ جا.

"آهي ڪو اسان جي غربت خريد ڪرڻ وارو." آوازن جي جهنگ ۾ ميلو متل آهي.

ڇَسو

سياري جي شام ڪار ڪراچيءَ کي پويان ڇڏي ٽول پلازا ٽپي پنهنجي منزل ڏانهن وڌي رهي هئي. رفتار جي سُئي سئ، ستر کي ڇهي رهي هئي. پر جوانيءَ جو زور اڃان به پير کي ايڪسيليٽر تي زور وجهڻ تي هرکائي رهيو هو. مون ڪار لائيٽر سان سگريٽ دکائيندي هن جي بي فڪر چهري ۾ ڏٺو. مون کي ائين لڳو ته اکيون ته هن جون بيشڪ رستي کي ڏسي رهيون هيون پر سوچ ڪنهن ٻئي طرف هوس. مون کي پاڻ ڏانهن نهارينڊو ڏسي هن هڪ لمحو مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ هڪ آئل ٽينڪر کي اوور ٽيڪ ڪندي چيائين، "گهٽن ڏيهڙن کان پوءِ ملیا آهيون، ڪيئن؟"

"ته به لڳي ٿو جڙ روز ملندا هجون." مون کاڀي هٿ سان ٽاءِ جي ناٽ کي ڏرو ڪندي چيو.

"ها." هن هڪ تيز بس کان ڪار کي اڳتي ڪڍيو ۽ وري اصلي رفتار تي آڻي ڇڏيائين. "وقت ڪيئن نه گذرندو ٿو وڃي!" هن مرڪي چيو.

"ها ۽ تون به بدليل ٿو پائنجين!" مون وراٽيو.

"چا ۾؟" هن پڇيو.

"منهن مان ئي لڳي ٿو." مون چيو.

"تون به ته بدليل ٿو لڳين؟" هن به چيو.

"پر مختلف طرف." مون چيو.

"چا مطلب؟" هن حيرانيءَ مان پڇيو.

"مطلب هي ته تنهنجا ڳل وڏيڪ ڳاڙها ۽ گول ٿي ويا آهن ۽ ...." پر هن مون کي جملو پورو ڪرڻ نه ڏنو ۽ ڪلندي چيائين. "۽ تنهنجي ڳلن جا هڏا وڏيڪ نڪري آيا آهن. مطلب ته تو ۾ ۽ مون ۾ گلاب ۽ سرنهن جي گل جيترو فرق آهي." هن ڪلي ڏنو "پر اها به ڳالهه ظاهر آهي ته ٻنهي گلن جي

پنهنجي پنهنجي اهميت آهي؟" هن سوالیہ نگاهن سان مون ڏانهن ڏٺو آءُ هڪ گهڙي مان ٿي ويس.

هو مونکي ڪيترن سالن کان پوءِ اوچتو مليو هو. اسان ٻنهي ڪالیج تائين گڏ تعليم حاصل ڪئي هئي. هو گريجويشن ڪرڻ کان پوءِ ترت ئي مقابلي وارو هڪ امتحان پاس ڪري سرڪاري ڪاتي ۾ ڪلاس ٽو گزيٽيڊ نوڪريءَ ۾ وڃي لڳو هو ۽ آءُ تعليم جاري رکي يونيورسٽيءَ مان سياسيات ۾ ڊگري ونئي ڪالیج ۾ هڪ استاد جي حيثيت سان پڙهائي رهيو هوس. اڄ اوچتو آءُ جيئن ڪراچيءَ مان ڪنهن ڪار لاهي گرومندر وٽ حيدرآباد وڃڻ لاءِ بس جو انتظار ڪري رهيو هوس تہ هو مون کي ڪار ۾ ويندو نظر آيو. هن جي ٻہ مون تي نظر پئي ۽ هڪدم ڪار روڪيندي هيٺ لهي آيو ۽ ڪافي دير تائين هڪٻئي کي ڀاڪرن ۾ پکوڙي جڏ تہ انهيءَ وقت جو س. ونندا رهياسين. جيڪو ڪافي اڳي اسان کي ڇڏي هليو ويو هو. اهو وقت جنهن کي لاپرواهي ۽ الهڙپڻ جو دور چئبو آهي. بي فڪريءَ جو درو ننڍپڻ ۽ جواني جو دور.

"واهہ يار واهہ مليو ٻہ آهين تہ ڪيئن!" هن کلندي چيو.

"حيدرآباد پيو هلين نہ؟"

۽ وري جواب ٻڌڻ بنان ئي منهنجو ٽيلهو کڻي ڪار جي پوئين سيٽ تي ڦٽو ڪيائين ۽ ڪار جو در کولیندي مون کي چڪي اندر ڪيائين. "ٻڌاءِ تہ ڪهڙو حال اٿئي!" هن منهنجي هٿ کي زور سان جهليندي چيو.

"تون ٻڌاءِ؟" مون چيو "هيترن ڏينهن ۾ ڪا خير خبر ٻہ ڪانہ ڏنئي."

"يار خبرون خيرن جون. پر سرڪاري نوڪري اهڙو جنجال آهي جو چا چوان. مون تہ ٻڌو هو تہ تون ماستر ٿيو آهين." هن کلندي چيو.

مون اها ڳالهہ دل ۾ ڪونہ ڪئي. ان کري جو ماستري اڳ ٻہ ۽ اڄ ٻہ منهنجي لاءِ سڀ کان وڌيڪ عزت وارو پيشو آهي.

"۽ ها." هو چئي رهيو هو. "آءُ پاڻ هڪ خاص ڪم سان پيو هلان. چگو جو تون ملي وئين. هاڻ تہ ڪم ضرور ٿيندوا!"

"ڪهڙو ڪم اٿئي؟" پڇيومانس.

"تڪڙ ڪانهي. في الحال تہ بيون ڳالهيون ڪر." هن مهارت سان شهر جي پر هجوم رستن تي ڪار کي هلائيندي چيو.

آءُ هن جي اها مهارت ڏسي رهيو هوس. مون کي اهي ڏينهن ياد هئا. جڏهن اسين پنهنجين سائيڪلن تي چڑهي مصطفيٰ موتي، طاهر سنهڙي ۽

ضمير چڇ سان گڏ ڪاليج مان موتندي چوتڪي گهٽيءَ جي هيٺان ڪارونيشن درٻار هوٽل جي ٻاهران اچي بيهندا هواسين ۽ ايندڙ ويندڙ ڪار تي حسرت جي نگاه وجهندا هئاسين. هو چوندو هو ته "يار، چا اسان جي نصيب ۾ هيءَ ڪار ڪاڻ ايندي؟" وري چوندو هو "پر ٻيلي هي ڪارون ته انهن وٽ آهن جيڪي غريبن جو رت چوسي، سمگلنگ ۽ چوريون ڪري، ڪوڙيون پيريون مريديون هلائن يا رشوتون وٺن ٿا. اهڙي ڪار ڪي ٻاهه ڏجي."

اسين دوست هن جي ڳالهين تي فخر ڪندا هواسين. واقعي ايتري دولت ڪا جائز رستي سان ته نه ٿي اچي. دولت ڪمائڻ لاءِ ته هر قسم جا جائز ناجائز وسيلا استعمال ڪرڻا ٿا پون. پوءِ اسين اهڙن ماڻهن جا مثال ڏيندا هواسين جيڪي تمام معمولي گهرن جا هئا پر پنهنجن پيشن مان ناجائز فائدو وٺي بدلجي ويا هوا. "پلا هڪ عام چور ۽ هڪ اهڙي وڏي ماڻهوءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي، جيڪو ٻين جي رت تي پلجي ٿو ٻين جي محنت مزدوريءَ مان ڪميشن ڪٽي لکاپتي بنجي ٿو؟" هو چوندو هو. ۽ اسين سڀ چوندا هواسون. "اهو ته عام چور کان به خراب ٿيو. انڪري جو چور ته حالتن کان مجبور ٿي يا ٻين اجاين سجاين گهرجن جي ڪري چوري ٿو ڪري پر هي ته وڏ کان وڏ ٿجوڙين جو منهن پرڻ لاءِ ٿا پنهنجي دنيا ڪاري ڪن."

اسان جا اهي بحث مباحثا هميشه جاري هوندا هوا. "هو ڏس ڪالهه تائين ته ليڪچرار هو ۽ هاڻ سي ايس پي ٿي ڪيڏو نه ڏيڍ ڪيو اٿس." اسين ڪنهن واقفڪار آفيسر کي ڏسي چوندا هئاسين ۽ هو ڪلي چوندو هو "ميان نلاڻو سيڃاڻين، ها ها جيڪو شيورليٽ ڪنيو پيو هلي. سال اڳ هڪ اخبار ۾ معمولي اجرت تي رپورٽر هو. صبح جو هٿ ۾ لوٽو ۽ وات ۾ ڏندڻ وجهي پريم پارڪ جي پوئين پاسي جهنگ جي خيال سان ويندو پيو ڏسبو هو. گگ هوندو هو گگ، شل نه ڪٽي ملي ۽ هاڻ....هاڻ پنهنجو ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ڪسٽم ۾ گهڙيو. چڙ ته قسمت ئي بدلجي ويس. پاڻ به اهڙو ئي بدلجي ويو آهي."

اسين ڪلي چوندا هواسون، "توکي ته سڄي دنيا سان ئي چڙ آهي. ميان ڪا اهڙي نوڪري ملندءِ ته تون به بدلجي ويندين."

ان تي هو سينو ڦوڪي چوندو هو "اصل نه، آزمائي ڏسجو."

اهي ڏينهن ويا. هو آفيسر ٿي ويو. مصطفيٰ وڃي ٻنيون سنياليون. طاهر فئنسي دڪان کوليو ۽ ضمير ڪلارڪ ٿيو سڄو ماندارڻ ڦٽي ويو. هاڻ ڪڏهن ڪڏهن ملبو هو ته مصطفيٰ پاڻ جو اڳهه ڪٽائڻ ۾ نظر ايندو هو ته

طاهر زيڪو سلويڪا جا رومال وڪڙ ۾ ۽ ضمير هڪ ٻار ڪلهي تي، هڪ ڪچ ۾ ۽ هڪ چيچ ۾ جهليل ونيو بازار ۾ دڪاندارن کي چڪ پائيندو نظر ايندو هو.

خود منهنجي حالت به ڪا نيڪ ڪونہ هئي. وڏو ڪنبو خود پنهنجا چار ٻار پائر ۽ پينرون، بس مانيءَ يور ڪائي سگهبو هو. هڪ اڏ چگو وڳو ڪو سبرائي چڏيو هئم جيڪو پائي ٿهي ٿڪي دنيا کي ڏيکاربو هو تہ ڏسو آءُ به خوش آهيان.

اڄ به ڪراچيءَ اچڻ لاءِ پاڙي مان پنجاهہ روپيہ اڌارا ونڊا پيا هئا. سو هاڻ اهي ڇهہ روپيہ وڌيڪ بچيا جو موٽر ۾ پئي واپس ويس.

"ڪهڙن خيالن ۾ ٻڏي وئين؟" هن مون کي خاموش ڏسي پڇيو.

"ائين گذريل وقت بابت پئي سوچيم." مون ڏڏو ساهہ پريندي چيو.

"يار تون تہ خوش هوندين، نڪو بدلي نہ ڪو پبلڪ ڊيلنگ، نہ هرو پرو صاحبن جي آڏو خوشامد. اسان جو تہ اهو حال آهي جو زمانو ئي آڪڙيو ٿو وتي." هن چيو.

"چو مالي حالتون خراب اٿئي چا؟" مون پڇيو.

"نہ اهڙي ڳالهہ تہ ڪانهي، گذر بسر ٿئي پيو. تازو هينئر بات آئلينڊ ۾ بنگلو ٺهرايو اٿم، غريباڻو آهي، ست لکن ۾ ورتو اٿم."

"ها ادا، ويچارن جي ايجان به مدد ڪر." مون آهستي چيو. هن شايد ڪجهہ به ڪونہ سمجهيو. اڏ رستي تي پهچي هن چانهہ پيئڻ لاءِ هڪ هوٽل جي ٻاهران گاڏي روڪي ۽ ٻئي هيٺ لهي چانهہ پيئڻ لڳاسين. چانهہ پي هن هوٽل ۾ ڪتابن جي ننڍڙي ڪائونٽر ڏانهن ڏٺو "چگا آهن." مون اٿي ڪتابن جي ويجهو ويجي چيو.

"پر يار ڪتابن ۾ رڳو چگيون ڳالهيون تہ نہ هونديون آهن؟" هن جو رويو مون کي عجيب لڳو.

"اهو اسان تي دارومدار ٿو رکي تہ اسين ڪتابن مان ڪهڙيون ڳالهيون ٿا ڪڍون، چگيون يا خراب!" مون چيو.

"خير... خير... پلا ٻڌ تہ، هن ويجهو اچي هلٽر جي بايو گرافي هٿ ۾ کڻي چيو.

"اسان جي وڏي صاحب جو پٽ چٽاپيٽيءَ واري امتحان ۾ وينو آهي."

"سوا" مون حيران ٿي پڇيو. حالانڪ ڳالهه ته سمجهه ۾ اچي وئي هئم. واقعي هن سان منهنجو ملڻ به عجيب اتفاق هئو. ڇو جو پوليٽيڪل سائنس جو پيپر هن دفعي مون وٽ آيو هو.

"تون ٻڌ ته سهي نه... ٻين پيپرن جي ته خبر پئجي وئي آهي. پر هن جو پوليٽيڪل سائنس جو پيپر حيدرآباد ۾ ڪنهن وٽ آهي...." هن واپس ويندي چيو. آءٌ به پنهنجي هليوسانس.

رات ٿي وئي هئي، سيءُ اهڙو هو جو اصل رت خشڪ ٿيو ٿي ويو. تيز تيز وڄي ڪار ۾ ويناسون. ايتري ۾ هتي ڪي بسون آيو پئي ۽ ڪي ويون پئي. هن گاڏي استارٽ ڪئي ۽ تيزيءَ سان پڪي رستي تي چڙهي وري روانا ٿياسين.

"هاڻ يار ڪا مدد ڪر... صاحب راضي ٿي ويو ته منهنجو پروموشن پڪو ۽ ٻيو هڪڙي ڳالهه ٻڌايائين،" هن ٽورو رڪجي چيو "مون تي هڪڙي انڪوائري ٻه پئي هلي ۽ انهيءَ تي روپيه لڳي ويا. مٿان جو ٻارن لاءِ نئين ڪار ورتر تنهن ته هٽي پينگيو ڪري وڌو." هن سنجيدگيءَ سان چيو. مون حيران ٿيڻ جي خيال کي ٽڏو ڪندي چيو. "شادي ڪيئي چا؟ ڪٽان؟"

"اڙي يار هوءَ ڪانه هوندي هئي... شهباز." هن مون کي ياد ڏياريندي چيو.

مون کي ياد آيو شهناز اصلي آگري جي هئي. هن جو پيءُ اتي ٻه جتيون وڪڻندو هو ۽ حيدرآباد ۾ ٻه بوٽن جو دڪان هوس. ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي فضيلت واري هوندي هئي. اسان کان هڪ سال سينئر هئي. پر جيتري مون کي خبر هئي ته هو هڪ وڏيري جي پٽ سان گڏ هلندي ڦرندي هئي، جنهن تي منهنجي هن دوست پڻ گهڻا قصا گهڙيا هوا. ان کانسواءِ به هن لاءِ عام راءِ سڀي ڪو نه هوندي هئي ڇو جو هوءَ ڪلم ڪلا چوندي هئي ته اسان کي مائٽ پڙهڻ لاءِ ئي ان کري تا موڪلين ته جيئن اسين پنهنجا مڙس ڳولي ونون.

"پر هوءَ ته..." مون چوڻ چاهيو پر هن ڪلي مون کي اڌ ۾ روڪي ڇڏيو.

"نه يار اهي هن تي الزام هوا. هو ته ڏاڍا چڱا ماڻهو آهن. ها ٽورو فارورڊ آهن، تنهنڪري هر ڪو پيو هنن تي الزام تراشي ڪندو هو."

آءٌ سمجهي ويس ته همراهه چار ۾ ڦاسي ويو. پڪ چوريءَ جي مائٽن کي هن سان سگ ڪرڻ ۾ فائدو نظر آيو هوندو.

"اڙي هو ته اهڙا چڱا ماڻهو آهن جو مون جڏهن به سندن مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي ته ڪاوڙجي ٿي پيا. ۽ ٿي ٽيڪا وٺي ڏنا مان، پهرين ته نه ونن وڏي مشڪل سان مڃيائون. ويچارا پنهنجي بدران ٻين جي ڪمن لاءِ

پيا هلندا آهن." هو چوندو رهيو ۽ آءُ تصور تي تصور ۾ اهڙا ماڻهو ڏسندو رهيس جيڪي ڪالهه تائين جانورن جون ڪلون سڪائي گهيتلا ناهي رهيا هوا تہ اڄ هو بنان محنت جي وڏا ٺيڪيدار ۽ معاشري جا اهم فرد بنجي ويا آهن.

"بس يار انڪوائريءَ مان جان ڇڏ جو بہ رستو آهي." هو چوندو رهيو "سچ ٻڌايان تہ منهنجو ڪو ڏوهہ ڪونهي. مون تہ پنهنجي ڪيسي مان پئسا خرچ ڪري بنگلو ٺهرايو آهي، پر هروپرو مون تي الزام ڪٽي هنيو اٽن تہ مون سرڪاري ٺيڪيدارن کان مفت ۾ اهو بنگلو ٺهرايو آهي. جي حج جو هي ڪم ٿي وڃي تہ پوءِ پون پارنهن آهن. بس ٻيو سڀ بندوبست ٿي ويو آهي، باقي اهو هڪڙو پيپر رهيل آهي." هن هڪ بس کي اوورٽيڪ ڪندي چيو.

آءُ خاموش هوس. حقيقت ۾ منهنجي ذهن ايجا بہ اهو قبول نہ ٿي ڪيو تہ منهنجو هي دوست جنهن جي ڀالهين کي آئيڊيل بنائي مون پنهنجي زندگيءَ لاءِ بہ اهڙيون راهون چونڊيون، جن جو اهڙين خرابين سان بظاهر تہ ڪو واسطو ڪونہ هو. سو اهڙو بہ ٿي سگهي ٿو!

"پوءِ..... ڪبي ڪا مدد،" هن چيو.

"آءُ چاٽو ڪري سگهان؟" مون چيو.

"يار تنهنجي ڇاڻ سڃاڻ هوندي ۽ ٻيو تہ آءُ اهو ڪم مفت ۾ تہ ڪونہ ٿو ڪرايان. هي ڏس." هن پاسي ۾ پيل بريف ڪيس هڪ هٿ سان کوليو "پنج هزار ڏهہ هزار ويهہ هزار، ٻيو پلا ايجا چا ڪريان!"

آءُ پهرين تہ هيڪي ويس، ايترا پئسا تہ مون رڳو نلمن ۾ ڏٺا هوا. "پر ڪهڙو استاد رشوت وٺندو؟" منهنجي اندر ۾ جڙ تہ هورا ڪورا مچي وئي.

"رشوت!..... ڪمال آهي. هيءَ تہ مٺائي آهي ۽ تون آهين ڪهڙي دنيا ۾..... مون ٻين پيپرن جو بہ تہ بندوبست ڪيو آهي. هتي تہ ٻن ٻن هزارن ۾ ڪم ٿي ويو." هن حيرت کان چيو.

"پر يار، مون کي تہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي." مون چيو.

"صفا ڪو چسو آهين، تڏهن تہ منهن جا هڏائي نڪري آيا اٿئي." هن زور پريندي چيو.

هڪ هن جو زور پرڻ، ٻيو منهنجون مالي مجبوريون ۽ ٽيو پئسن جو ڏيڪ. آءُ جڙ ٽن حصن ۾ واهجي ويس. ڪار ۾ گرميءَ جو احساس اچي ٽپيو. پيٽ ۾ وڪڙ پوڙ لڳم. مون ڪار جو شيشو ٽورو هيٺ ڪيو تہ ٽڏي هوا جا جهوٽا اندر آيا. واقعي پئسي سان انسان چا نہ ٿو ڪري سگهي؟ آءُ تہ

پنهنجي ٻارن کي پورا ڪتاب ٻ وڻي نہ ٽوڙئي سگهان. منهنجي زال وٽ اهڙو ڪو ڪپڙو نہ رهيو آهي، جو هوءَ شادي مرادي ۽ ۾ ويڄي سگهي. ڇا منهنجي پوڙهي ماءُ پيءُ کي اهو حق ناهي تہ هو صبح جو بوائل بيدو کائي سگهن يا رات جو هيٽر ٻاري ڪمرو گرم ڪري سگهن. آخر آءٌ پاڻ ٻ هيءَ سفيد پوشي ڪيستائين برقرار رکي سگهندس؟ نيٺ تہ اهو پرم ٻ ڪلندو. اهڙي دولت جيڪا آءٌ صرف پنهنجي پين جي هڪ جنبش سان حاصل ڪري سگهان. نہ ڪنهن جو ڪِيس کڻان نہ ڪروڙ. ڪنهن کي خبر. خود هن کي ٻ تہ خبر ڪانهي تہ اهو پيپر مون وٽ آهي!

منهنجو هٿ وڌي ويڄي پئسن واري بيگ کي لڳو.

مون کي اها ايڏي تہ گرم لڳي جو هڪ وار تہ خيال آيم تہ پڪ هٿ ئي لوساتجي ويو هوندو. اندر جو جوش وڌندو ويو. واقعي، جي خوشيون ايتريون سوليون ۽ سستيون ملي وڃن تہ خريد نہ ڪرڻ وارو ڇسو ئي چوائيندو. تصور ۾ مون کي پنهنجي زال جا ٻُسا ڪن. ايرنگن سان رنگيل نظر آيا. هن جي گلي جي سونهن موتين جي هار ايجا ٻ وڌائي ڇڏي هئي. هن جا خوبصورت ڪپڑا ۽ جديد فئشن جا ڪٽيل وار..... خوش خوش کول مٽول، صاف ۽ سٿڻ ڪپڙن وارا ٻار رائيٽنگ ٽيبلن تي پڙهندا ڏسڻ جي خواهش ايري آئي... 'ها ها، مون کي ٻ خوشيون ماڻڻ جو پورو پورو حق آهي. جڏهن هر ڪو خوشي حاصل ڪري سگهي ٿو... جڏهن سڄي دنيا هڪ طرف پئي هلي تہ ڇا صرف مون اهو ٽيڪو ڪنيو آهي جو تڪليفون ڏسان ۽ پنهنجين خواهشن جي نڑيءَ تي ننهن رکان!

مون کي ائين لڳو جڙ دنيا ۾ جيڪي ٻ ناصح آيا هئا تن صرف انڪري نصيحتون ڪيون هيون، جو هو پاڻ ڪجهہ حاصل نہ ڪري سگهيا هئا. هن بيوقوف ... ڇسا، اهڙيون ڳالهيون ڪري ويا جو اهي دنيا ۾ آهن ئي ڪونہ. الائجي ڪهڙين دنيائن ۾ رهندا هوا. اسين ٻين کي ڏيکارڻ لاءِ سڄي زندگي عذاب ۾ رهون ۽ ٻيا فائدا ونندا رهن.

مون دوست ڏانهن ڏٺو ڪيئن نہ منهنجي دماغ ۾ پنهنجا خيال وجهي پاڻ بي فڪر ٽيو سيٽي وڄائي رهيو هو. مون وري هٿ وڌائي بيگ کي جهليو. 'ڏئي تہ ويهہ هزار ئي ڏئي. آءٌ گهٽ ڪونہ ونندو سانس. ۽ هو تہ پاڻ ان ۾ خوش ٻ ٽيندو تہ مون وٽ پيپر آهي.'

"پوءِ....." مون ڏڍو ساهہ ڀري هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"تون ٻڌاءِ نہ..." سامهون ٽول پلازا جون بتيون پئي نظر آيون.

"ٺيڪ آهي." آءٌ جڙ تہ وگهري ويس ۾ سڃو وجود پاڻي بنجي وهي ويو.

"چا تہ تون هٿ ڪندين!" هن خوشيءَ وچان رڙ ڪري چيو "واقعي دوست دوست آهي، پڪي ڳالهہ ڪر."

مون بئگ جي ڪڙي کي زور سان هٿ ۾ جهليندي چيو. .فڪر ئي نہ ڪر، پيپر مون وٽ آهي."

"واهہ واهہ.... تو تہ مون کي بچائي ورتو. انهيءَ کي چئبو آهي دوستي، ڪم بہ ٿيو ۾ پئسا بہ بچيا. ڏاڍو دير سان ٻڌايئي، آءٌ تہ ويهن هزارن تان آسرو ڪنيو ويٺو هوس. مون کي ڪهڙي خبر تہ منهنجي دوست وٽان ڪم ٿيندي هاڻي هي پئسا صاحب جي پٽ کي پاس ٿيڻ تي مڙئي مور ڏيندس."

•

علاج

سهائو سومار اچي ڪنڌ تي بينو هو. سائين جي بابرڪت سواري اچڻ واري هئي.

شادمانن جا اهتمام ٿي رهيا هئا. رستن ۾ پيچرن تي بهه ۾ پلال جا تهه چڙهي چڪا هئا. ڪچڙن گهرن جا متيءَ سان ليپيل اڳڻ ٻهار جي سهار جي صاف ٿي چڪا هئا. اوطاقن جا اڳڻ چٽڪار جي چڪا هئا. مڇ جي واڻ سان مڙهيل جنبيءَ جي ڪٽن تي اڇيون اجريون چادرون وڇائجي چڪيون هيون ڪٽن جي آڏو وري تنئورين ۾ تڏن جون قطارون جڙ ادب جا هٿ ٻڌيو وينيون هيون. منهن ۾ ماڙين تي رنگبرنگي جهنڊيون جهولي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪري رهيون هيون گهرن ۾ گهٽين ۾ ماٺهن جا ڪلن جا ڪوڪرا ٻڌجي رهيا هئا.

"ساڌا مرشد آوي" ساڌا سائين آوي" جا آواز هنڌان ٻڌجي رهيا هئا. عبدالغفور ساڻين سميت پنهنجي سريلي آواز ۾ "حورن هار هٿن ۾..." جو ورد لائي ڏنو هو باگڙي عورتون متيءَ جا ٿهيل راندڪا، جن تي رنگين پنا چڙهيل هئا، ڪنيو ورتيون ٿي ڳوٺ جون گهٽيون گهمنديون ۾ ٻارن کي لالچائيندیون. ڳوٺ جي وچ ۾ سائين مست واري پڙ ۾ وري چوڏول واري اچي ديرو جمايو هو ۾ ٻارن کان پنج پنج پئسا وٺي پئي هنن کي چڪر هڻايائين. اتي ئي ڪيترن گهورڙين به اچي ڊالڊا جي خالي ڊبن تي چٽن، ٽاڻن، ۾ بسڪوٽن جا ٽالهه رکيا هئا، جيڪي مڪين سان جنجهيا پيا هئا. جن تي ڏوڙ ۾ رئيءَ سان لٿيل پيرن ۾ منهن وارن ٻارن جو مارو هو.

اوطاقن ۾ مرد، گهرن ۾ عورتون ۾ گهٽين ۾ ٻار، بس سائينءَ جي بابرڪت قدمن جي آهٽ ٻڌڻ لاءِ بي قرار هئا. جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو هو وڌيڪ بي چٽن ٿيندا ٿي ويا سائين هر سال سهائي سومر تي وٽن اچي ديرو ڪندو هو. صبح جو پنهنجي شاندار ابلق تي چڙهي خاص خليفن

جي وچ ۾ جيئن تارن ۾ چنڊ، هو جڏهن ڳوٺ جي ويجهو پهچندو هو تہ پر واري شاخ جي پکيءَ پل تي سڃو ڳوٺ وڃي سندن آمد جو نظارو ڪندو هو مولودي مولود شروع ڪندا هئا. "حورن هار هٿن ۾..." ڳوٺ جون ڪنواريون نياڻيون ڪٽل گج ۽ ليڙون ليڙون لوئيءَ ۾ پنهنجي لڄ لڪائيندیون ان رستيءَ تي گلن جي ورکا ڪنديون هيون جتان سائينءَ جي سواري لنگهندي هئي، پوءِ تہ ماڻهون وڃي سائينءَ جي ويجهو ٿي سندس هٿ پير چمڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ان ڪوشش ۾ جي ڪير ڪري پيو يا زخمي ٿي پيو تہ وڏو پاڳ وارو ڇڏيو. پوءِ سڃو سال پيو ان جو قصو هلندو. هن جو فصل بہ پلو ٿي ويندو ۽ ٻيون بہ ڇگيون ڳالهيون ٿيندیون. پر سال تہ عدلوءَ کي سائين جي ابلق جو پوئين لت ٽڪاءُ ڪئي تہ همراهہ اٽوڙ جي ڪري پيو تہ بہ چوي "ميڊا مرشدا آوي... ميڊا سائين آوي..."

پوءِ سائينءَ جي سواري لهندي ڪنهن اوطاق تي. جنهن اوطاق تي سائينءَ جي سواري لٿي تہ اتي ڇڙ تہ چنڊ لهي آيو. هر ڪو پيو ان کي مبارڪون ڏيندو ۽ ميزبان پنهنجن ڪپڙن ۾ ڪونہ پيو ماپندو. ڪي وري هن کي رشڪ جي نگاهہ سان پيا ڏسندا.

هن معاملي ۾ سائين جي پاسخاطري ڪونہ ڪندا هئا. پلي تہ ڪنهن غريب جي اوطاقڙي ڇونہ هجي، پاڻ جتي لٿا پوءِ ڪائيندا بہ ان جو ۽ رهندا بہ ان وٽ. وڏيرو جاڙو ۽ رئيس فتح خان بہ ڇڙ تہ پوءِ اهي ڏينهن ان در جا سلامي ٿي پوندا. صبح سنجهہ پيا در جا ڦيرا ڏيندا. ڪڏهن خليفن جي پيا حاضري پريندا ۽ سائينءَ جي ضرورت جو پڇندا تہ ڪڏهن وري سائينءَ جي حاضري ۾ ڪنڊ جهڪايو فيصلا پيا پيش ڪندا ۽ سائين، جن تي علم ۽ عقل جا درياءَ اٿليل هئا، سي، پنهنجي ريش ۾ آڱريون پيا ڦيرائيندا ۽ ڪنڊ جهڪايو مرڪندا پيا فيصلا صادر ڪندا ان ڏينهن تي گذريل سڃي سال جا سمورا ديني ۽ دنياوي مسئلا پيا طئي ٿيندا سڀ ڪنهن کي انصاف پلئہ پوندو ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ۾ ڪي فيصلا ڪن کي اگرا لڳندا يا انهن مان ناانصافيءَ جي بوءِ بہ ايندي پر سيني کي خبر هئي تہ سائينءَ جا فيصلا غلط ٿي نٿا سگهن. انهن ۾ ضرور ڪا نہ ڪا حڪمت لڪل هئي. آخرت لاءِ ستا سٽيل هئي، تڏهن تہ ڪو سائينءَ جي فيصلي تي نابري ڪونہ واريندو هو. هڪ دفعي رڳو گلوءَ جي وات مان هڪ اهڙي ئي فيصلي جي خلاف ٽورو شڪ جو اکر نڪتو هو بس پوءِ تہ ويچاري تي مصيبتن جا پهاڙ ڪري پيا هئا، سڃو گهر بيمار، فصل خراب ٿي ويس، گهوڙو گم ٿي ويس، ڏيڳا. مري

ويس، پوءِ تہ سيئي ٻڌا سائين وٽ جيڪو پر پاسي واري ڪنهن ڳوٺ ۾ لٽل هو وري ٻہ هن سندن عرض اگهايو ۽ ويچاري گلوءَ جي جان ڇٽي تڏهن سائين صاف چئي ڇڏين تہ "ابا الله جون رمزون ڄاڻڻ هر ڪنهن جي وس ۾ ناهي" پوءِ حضرت عيسيٰ ۽ خواجہ خضر وارو قصو ڪري ٻڌايائين تہ ڪيئن نہ حضرت عيسيٰ ۽ خواجہ خضر گڏجي ڪيڏانهن نڪتا پر خواجہ خضرت عيسيٰ کان وعدو ورتو تہ هو سندس ڪنهن ڳالهہ تي پڇا ڳاڇا نہ ڪندو سو هڪ هنڌ درياهہ تي هڪ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي جيئن هنن درياهہ پار ڪري ورتو تہ خواجہ خضر ٻيڙي جي تري ۾ ٽنگ ڪري وڏو ۽ ٻيڙي وڇي پاڻيءَ جو ترو ورتو. حضرت عيسيٰ حيران ٿي چيس تہ خواجہ خضر توهان هن شخص کي پلائيءَ جو اهو اجورو ڏنوا مورڳو ٻيڙي ٻوڙي ڇڏيوس بس خواجہ صاحب ڪاوڙ ۾ چيو هاڻ ان جو سبب آئون ٻڌايان ٿو باقي پوءِ پنهنجون راهون جدا سمجهہ. اهو چئي حضرت عيسيٰ کي آگر سان هڪ طرف اشارو ڪندي چيائين. "هو ڏس بادشاهہ جا ڪارندا پيا اچن. هو سيني ملاحن جون مڙيون ونگار ۾ ڪاهي ويندا. پر هن جي ٻيڙي ٽٽل آهي تنهن ڪري هي ڀڄي ويندو. باقي پوءِ پاڻ ٻيڙي ڇڪي ٻاهر ڪيندو ۽ مرمت ڪري پنهنجي ڏنڊي سان لڳي ويندو. ڏنو حڪمت" اهو ٻڌي سڄي ڳوٺ. کي ڏندين آڱريون اچي ويون سبحان الله سبحان الله.

ڳوٺ وارن ڪيتري ڪوشش ڪئي هئي تہ سائينءَ بجاءِ هڪ دفعو اچڻ جي ٻہ دفعا يا چار دفعا اچي، پر سائين جي مصروفيت ايتري هئي جو ائين نہ ڪري سگهيا. اهائي وڏي ڳالهہ هئي جو پاڻ سال جي پهرين سهائي سومر تي هن ڳوٺ کي اچي برڪت بخشيندا هئا. ڳوٺ وارا سڄو سال هن ڏينهن جي انتظار ۾ سوڪڙيون پاڪڙيون، اجرڪون، رليون، سونيون واليون ۽ ويڙهہ گڏ ڪرڻ وقت انهن ويلن جي رنج ۽ تڪليف کي ٻہ وساري ڇڏيندا هئا، جيڪي ڪين هي سڀ شيون ميڙڻ جي عيوض ڪاٽڻا پوندا هئا. سچ تہ سائينءَ لاءِ ڪيل هر تڪليف ۾ روحاني راحت سمايل هئي. شل نہ سائين ڪنهن جي ڏاندن جي جوڙيءَ کي پسند ڪري، پوءِ زوري اها جوڙي سائين جي ڳوٺ حويليءَ تي پهچائي ايندا هئا. ائين ڪٽي ڇڪجي تہ هرڪو ان تانگهہ ۾ هوندو هو تہ شل سائين ڪجهہ گهريا ڪيترن جي اها حسرت هئي تہ شل سائين ڪائنڪ جان گهري پر سائين سندن خير خواهہ هئا تنهن ڪري رڳو اهڙي شيءِ پسند ڪندا هئا جيڪا جان کان گهٽ قيمت واري هوندي هئي.

وڏيرو جاڙو ۽ رئيس فتح خان ته اصل چتا پيٽيءَ تي لهي ايندا هئا. جي وڏيرو جاڙو هزار روپيا نذر ڪندو هو ته فتح خان ٻه هزار. جي وڏيرو جاڙو گهوڙو پيش ڪندو هو ته فتح خان ٽريڪٽر تائين وڃي پهچندو هو ۽ سائين ٻه ته هنن تي چانور ڪيو وينو هو. نه ته جيڪي ڏوهه گناهه هنن ڪيا، اهي جي ڪو ٻيو ڪري ها ته هوند ڪوڙهيو ٿي مري ها. پر اهي سائينءَ جون دعائون هيون جو وڏيري جاڙي جهڙو رهزن ۽ رئيس فتح خان جهڙو شرابي ۽ زاني ايڏا ڏرتيءَ جي سيني تي مڱ ڏري رهيا هئا. وري جن تي سائين جي مهر جي نظر تن کي ٻيو ڪير چا چئي ٿو سگهي! سائين جو پيارو سو الله جو پيارو.

اهي سڀ سائينءَ جي برڪت پريل قدمن جا ڪرشما هئا، جو هن ڳوٺ ۾ هڪ ڏينهن ته اهڙو ضرور ايندو هو جو سڀ ڳوٺ وارا پاڻ ۾ گڏجي سڏجي پنهنجي سموري ميڙي چونڊي آڻي سائينءَ جي قدمن ۾ اڇليندا هئا. سائين ته انهن شين ڏانهن نهارينداي ئي ڪونه هئا، باقي سائينءَ جا خليفا ڏاڍا تيز هئا. هو هر شيءِ تڪي توري ڪٽندا هئا ۽ وري سيني سان انهن جي ڏنل نذراني مطابق رويو رکندا هئا. رئيس جاڙي سان ته ڪلي ملندا، پر وسائي ملنگ سان ڳالهائڻ مهل منهن تي پيل ورن کي لاهڻ جو خيال ڪو نه ڪندا هئا. پر اهي ڳالهيون ڪي ايڏيون اهم ڪونهن. اصل ڳالهه ته آهي سائين جي اچڻ جي. هو خوش ته جڙ جهان خوش. پر سائين جي اچڻ جو وقت اچي ڪنڊ تي پهتو هو. اُستي بچل ته ديڳيون ٻه چاڙهي چڏيون هيون نم ۽ سرءِ جي وٽن جي اوچين ٽارين سان ٽنگيل ٻڪرين جون ڪلون ۽ ديڳين مان داغ ڀُڄڻ جي خوشبو ۽ مٺان عبدالغفور مولودي‌ءَ جو "حورن هار هٿن ۾..." چوڏول جي رين رين، باگڙي عورتن جا ٺاهيل ٽڪرن جا ٽغارا جن تي ڳئون جي ڳوشت جو وڪو چڙهيل تن تي ٻارن جي تيلين سان ٽيندڙ ٽڪ ٽڪ ۽ ماٺهن جا مستيءَ جا نعرا: جمعي ڪوريءَ جي دل ۾ ته هر هر پئي ٿي ته سائينءَ جي اچڻ جو اعلان ڪري.

هاڻ سڀ ڳوٺ وارا شاخ واري پل ڏانهن هلڻ لاءِ نڪتا ته جيئن سائين جي آمد جو نظارو اکين رستي دل جي تاکين ۾ وهارين. سڄي ڳوٺ وارا "ادا فلاڻا او....." جي انداز ۾ سڏ ڪندا پئي نڪتا. پر ڪريم ڪٽي هو؟ پٽس شبير ڪٽي هو.... ۽ حليمان ڪٽي هئي؟ چا هو سائينءَ جا قدم چمڻ لاءِ نه هلندا؟ پنهنجي قيامت ڪاري ڪرٽي اٽن چا؟ اها به ڪا ڳالهه! مورڳو انهن جي ڪري سڄي ڳوٺ تي ڪو ڏرت نه اچي وڃي.

پر هوڏانهن ڪريم جي پٽ شبير تہ اصل ويل وهائي ڇڏيو. هو ڇئي تہ حليمان سائينءَ جي قدم بوسيءَ لاءِ نہ ويندي. ائين بہ ڪڏهن ڪو ٿيو آهي! چوري جو دماغ خراب ٿي ويو.....چا ٿيو! بہ اکر بہ پيٽ ۾ چا پيا اٿس. پنهنجو بڻ بنياد کي وساري ويٺو. اڳ ئي ماٺهن ڪريم کي چيو هو ۽ خود سائينءَ بہ چيو هو تہ "بابا، توهان جو ڏنڏو ٻني ٻارو ڪرڻ، توهين ڪڙمي جو ٽا پٽ کي پڙهايو. اصل ذات پيا متايوس..... پڙهي ڪڙم جو ويري نہ ٿيو تہ مون کي چئجو." پر چورو هٺ تان نہ لٿو ۽ سڄا سارا ڏهہ سال لائي ڊاڪٽري ڪري آيو. ڊاڪٽري چا ڪري آيو سيني جا وات ئي بند ڪري ڇڏيائين. اڳ پاڻ چيٽن سان لڦيو پيو هوندو هو پر هاڻ چيٽي جي باس سندس ننڍ ٽي ڦٽائي. منيءَ ۾ جيوڙا ٽي نظر آيس تہ دونهين مان دم ٽي ٽيس. چريو چورو. تڏهن تہ چئبو آهي نہ تہ پنهنجو اصل نہ وسارجي. هاڻي اچي ڪريم تي ڦٽو هو تہ ڳوٺ ڇڏ شهر ۾ هلي رهہ. آئون حليمان کي پڙهائيندس. اڙي کو ٻڌو ڪنهن سئو تہ پاءُ ٿو پنهنجيءَ جواڻ جماڻ پيٽ کي پڙهائڻ هلي. پر سائين ڪير چوي: هاڻ چوي ٿو تہ حليمان سائينءَ جو ديدار ڪرڻ ڪونہ هلندي. بيوقوف، هنن جي گهر تي تہ سائينءَ جي خاص نظر آهي. جڏهن ڪريم جي زال جيئري هئي تڏهن تہ هوءَ ئي سائين جي خاص خدمت ڪندي هئي. سائين جي مٽس مهر هوندي هئي. سائين ڪٽي بہ وڃي ٽڪندو تہ هوءَ خدمت لاءِ حاضر ٿيندي هئي ۽ جنهن ڏينهن هن جو لاش انڊي ڪڍ جي پر ۾ ڪهڙن جي پاڙ وٽان مليو هو تہ سائين خاص هلي آيو هو. ڪريم تہ اها ڪهاڙي ساهہ سان سانڊي رکي هئي، جنهن سان ڪنهن، جيئري کي هميشہ لاءِ ماري ڇڏيو هئو. خوني ڪونہ "خوني ڪوڙهي ٽي مرندو." هن ڳوٺ ۾ ايجان تہ ڪنهن کي ڪوڙهہ ڪانہ نڪتي هئي، پر سيني کي پڪ هئي تہ خوني ڪوڙهي ٽي مرندو ۽ جڏهن هو ڪوڙهي ٽي مئو تہ خبر پئجي ويندي تہ خوني ڪير آهي ۽ پوءِ. ڪريم هميشہ ڪهاڙي جي ڌر کي تيز ڪندو رهندو هو. ڪيس پڪ هئي تہ پنهنجي زندگيءَ ۾ هو پنهنجيءَ زال جو بدلو ضرور ونندو. ظالم خونيءَ کان، جنهن وري پنهنجو ڏوهہ ٻين تي مڙهڻ لاءِ خون ڪري پنهنجي قدمن جا نشان جاڙي خان جي اوطاق وٽ وڃي پورا ڪيا هئا.

حليمان پاءُ جو سهارو ڏسي هلڻ کان پڙ ڪيو ٻيني. هن کي گلان ۽ صفوران جي واتان سس پس جي انداز ۾ بڏل قصن ايڏو تہ ڊيڄاري ڇڏيو هو جو سائينءَ جي آڏو وڃڻ جي خيال ئي هن کي ڏڪائي ٽي ڇڏيو. هن سائين

کي ڪيترائي دفعہ روبرو ڏٺو هو. بندرو قد، پيٽ نڪتل، مٿو وارن کان آجو. وڏي چاپوئين ڏاڙهي، اکيون ڳاڙهيون، هٿ بي چينيءَ کان هر هر ڏاڙهيءَ جي وارن ۾ چر پر ۾ مصروف، آواز ڳروءِ رعبدار... هوءَ اڳ ته ڪڏهن ڪانہ ڏني هئي، پر جڏهن گلان کي ڏيڃارو ٿي پيو هو ۽ پٽس هن کي سائينءَ وٽ وڃي ويو هو. سائينءَ ڏاڍي مهرباني ڪري هن کي تعويذ ڏنو. گلان جو ڏيڃاڙو ۽ صفوران جا چرڪ ته هميشہ لاءِ ويندا رهيا، پر ستاري جي زال جنوءَ ۽ بني وادي جي زال کي هميشہ لاءِ چرڪن جي بيماري ٿي پئي. اهي خيال ڪندي ڪندي ڪڏهن ڪڏهن حليمان کي ب اڇي چرڪ پوندا هئا. جيستائين ماٽس زنده هئي تيستائين ته ڪو ڪونہ ٿي ڪيو پر هن جي خون ڪان پوءِ پٽس جي مرضي اڇي ٿي ته ڪيس ب سائينءَ کان تعويذ ڦل ڪرائي ڏي پر اهو خيال ب حليمان کي چرڪائڻ لاءِ ڪافي هو.

حليمان کي خبر هئي ته جي اڄ هوءَ سائين جي آڏو حاضر ٿي ته ڪيس ب تعويذ ونڻ لاءِ حاضري پرٽي پوندي. هن پاٽس ڏانهن ڏٺو جنهن جي چهري تي عجيب ڳڻيپر تا چانيل هئي.... وري پيءُ کي ڏنائين جيڪو مظلوميت جو نشانو بڻيو ويٺو هو. در تي ڳوٺ وارن جا سڏ تي سڏ لڳا پيا هئا.

"حليمان ڪونہ هلندي نہ ڪو آئون ويندس." شبير آخري فيصلو ڏنو. "ابا، سائين مرشد آهن، ڪاوڙجي پيا ته الاجي ڇا ٿيندو؟" پيءُ پنهنجي صدين جي روايتي زنجيرن ۾ جڪڙيل جواب ڏنو.

"بابا، آئون توهان سان بحث ڪري اجايو وقت نہ ٿو وڃائڻ چاهيان. باقي اهو ٻڌي ڇڏيو ته انسان چند تي ب پنهنجا پير گهمائي آيو آهي. ڇڏيو هنن پيرن فقيرن کي..... توهين پلي وڃو. حليمان نہ ويندي" شبير حليمان جي مٿي تي هٿ رکندي چيو. حليمان اندر ئي اندر ۾ پنهنجي جوانيءَ جي چوڏاري شيهي جي ديوار جي حفاظت ۾ محسوس ڪيو.

"پر ابا مون ته سائينءَ جي خليفي کي چوائي موڪليو هو ته اڄ حليمان کي تعويذ لکارائي ڏيو. راتين جو چرڪ پري ٿي." پٽس جهيٽي آواز ۾ چيو.

"ان جو علاج آئون پاڻ ڪندس. توهان فڪر نہ ڪريو." شبير چيو.

"هن جو تون علاج ڪندين ڊاڪٽر نہ ٿئين ولي الله ٿئين." پوڙهي آخر هار مڃي ۽ ٻاهر نڪري ويو. ويندي ويندي مڙي چيائين. "اهي علاج ۽ ڊاڪٽريون رهڻ ڏي، سائينءَ جا قدم چم..... سندس هڪ هڪ آگر ۾ شفا آهي."

شبير ڪجھ بہ نہ ڪيو ۽ مات ڪري ڪت تي ويهي رهيو حليمان چپ چاپ ويهي رهي. هو هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي بہ ڪونہ رهيا هئا. وقت رڙهندو رهيو. ان دوران شادمانا وڳا. دهل ۽ شرنائين جا آواز تيز کان تيز ٿي وري جهڪا ٿي ويا. پڪ سائينءَ جي سواري ڪٽي هوندي: شام ٿي ويئي، رات ٿي وئي، آڌيءَ مهل ڪريم اجرڪ ڪلهن تي رکيو گهر ۾ گهڙيو لالٽين جي روشنيءَ ۾ هن جو نبل چهرو وڌيڪ پوائتو لڳي رهيو هو. "ابا، شبير... سائينءَ جو خليفو آيو آهي." هن جاڳندڙ شبير جا ڪلها لوڏيندي چيو.

"چو؟" شبير ليٽي ئي وراٽيو.

"ابا، سائينءَ چيو آهي تہ توکي گهٽن ڏينهن کان ڪونہ ڏئو اٽس وڃي وٺائنس ٿي اڇ."

"نہ، آئون نہ ويندس." شبير چيو.

"چورا، چوين چا ٿو!" شبير چيو.

"چورا، چوين چا ٿو!" ڪريم کي ڪاوڙ اچي ورتو. "سڄو راڄ تنهنجي قسمت تي ريس پيو ڪري. اڙي سائينءَ جي هن گهر تي هميشہ مهر جي نظر رهي آهي. نہ تہ هن ڪڏهن ڪنهن کي ڪونہ سڏيو. اڄ تہ رئيس جاڙي جو بہ وات پٽجي ويو.... ۽ تون ..... اٺ، باهر خليفو بينو آهي."

شبير ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي حليمان ڏانهن ڏئو جيڪا اڌ ننڊ اڌ جاڳ ۾ خوفزدهہ انداز ۾ هن ڏانهن ڏسي رهي هئي. هن جي ڏهن ۾ سائينءَ جو خوفناڪ چهرو اچي رهيو هو. هن کي پڪ هئي تہ اڄ شبير جو خير ناهي. هي پهريون دفعو نہ هو. هن کان اڳ بہ ڪن سائين جي حڪم عدولي ڪئي هئي ۽ نقصان پيو هون. قدرت انهن جي خلاف ٿي وئي هئي. هوءَ بہ سائينءَ جي پٽ پاراتي کان ٻني ٿي. پر هوءَ چپ رهي. شبير ڏکويل نگاهن سان پيءُ ڏانهن ڏسي ٻاهر نڪري ويو.

خليفي سان گڏ ڳوٺ جون گهٽيون لتاڙيندو هو ان گهر ڏانهن وڃي رهيو هو جتي سائين رهيل هئو. رستي تي جڳهہ جڳهہ جهنڊين جا هوا کان ٽُٽي پوندڙ ٽڪرا ۽ ڏينهن جو ڪاڌل پٽ جا هڏا، جن تي ڪتا اچي مڙياها، تڙيا پکڙيا پيا هئا. اچي اُجي چانڊوڪيءَ ۾ هن کي پنهنجو پاڇو پنهنجي قد کان ننڍڙو نظر اچي رهيو هو. جنهن شهر جي ڪاليجن ۽ ماحول ۾ رهڻ سکيو هو، جنهن انسان جي آزاديءَ جو سبق سکيو هو سو اڄ ان ساڳئي اڌوهي ڪاڌل نظام جي هڪ ٽنيي ڏانهن وڃي رهيو هو. هن کي ان جو نتيجو بہ معلوم هو پر خبر ناهي ڇو هن پيءُ جو اهو پرم نہ ٿي ٽوڙڻ چاهيو: جيڪو

هن کاوڑ ڏيکاري ظاهر ڪيو هو جيڪڏهن هو جهيٽي آواز ۾ چوپس ها تہ شايد هو ڪڏهن بہ ڪُمهلو پير سائينءَ ڏانهن وڃڻ جي نہ ڪري ها.

ڪچي گهر جي ٻاهران پهچي خليفو هن کي اندر وڃڻ جو اشارو ڪري پاڻ ٻاهر بيهي رهيو. گهر ۾ اندر گهڙي هن اگٽ لتاڙيو. اگٽ ۾ ڪيترين ڪٽون پيون هيون، جن تي ڪيترا ماڻهو اڏ ننڊ ۾ ۽ اڏ جاڳ ۾ ڪڇريون ڪري هريا هئا. هن کي ڏسي سڀ چپ ٿي ويا. هو محتاط قدم کڻندو ان ڪمري ۾ داخل ٿيو. جتي پيٽرومڪس گولو ٻري رهيو هو. سائين ساڻئي جلال سان نواڙي کٽ تي ويٺا هئا.

"اڇ ابا، اڇ. شبير آهين نہ... ڪريم جو پٽ" سائينءَ چيو. "جي". شبير کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ ڪيئن خطاب ڪري.

"چو ابا ڪاوڑ آهي چا؟" سائينءَ سڏو سنئون سوال ڪيو. شبير کي ڪو جواب ڪونہ سجهيو. سائين موقع شناس هو تنهن ڪري ڳالهہ تي ڳنڍ ڪونہ ٻڌي ٻيٺو. خليفي کي سڏ ڪري چيائين تہ ڪمري جو دروازو ٻيڪڙي ڇڏي. پوءِ شبير کي پاڻ ڏي اچڻ جو اشارو ڪندي چيائين.

"اسين الله لوڪ آهيون. ايندئو تہ بہ واهہ نہ ايندئو تہ بہ واهہ. پلا ٻڌو اٿم تہ ڏاڍو سٺو ڊاڪٽر آهين."

ان تي شبير آهستي چيو بس سائين، "اڃا هاڻ هائوس جاب ڪري نڪتو آهيان." هن جي دل تي عجيب عجيب وسوسا چائجي رهيا هئا. پير سائين جي در بند ڪرائڻ کان پوءِ هو پاڻ کي ڪنهن پکيءَ وانگر پيجري ۾ بند محسوس ڪري رهيو هو. هو پنهنجي جڳهہ تان هڪ انچ بہ نہ وڌيو: اهو ڏسي پير سائين کٽ تان اُتيو ۽ وڏي اچي هن جي ڪنبندڙ ڪلهي تي هٿ رکيائين.

"اسين روح جو علاج ڪرڻ ڄاڻون ۽ توهان ڊاڪٽر جسم جو." پوءِ ٿورو مشڪندي چيائين "توسان ملڻ جو بہ شوق هئم. ۽ ها! ٻڌو اٽئون تہ ڪرستان ڊاڪٽرن اهڙي دوا ناهي آهي جيڪا ڪائڻ سان پوڙها بہ جوان ٿيو پون." وري شبير جي نگاهن کان نگاهون چورائيندي نواڙي کٽ ڏانهن ڏسندي آهستي چيائين، "ابا، اسان کي بہ ڪا اهڙي دوا ڏي..."

•

ساييان

نيشنل هاءِ وي تي. هالا نوان كان چند ميل اورتي جڏڙا واتر كان ہن كوهن جي فاصلي تي هي واقعو ٿيو هو. واقعو چا هو حادثو هو. هڪ خوبصورت ڳوٺاڻي چوڪريءَ پنهنجي ڇچيءَ پر رسو وجهي پير جي وڏي وٽ جي تمام مٿانهن تاريءَ تان ٽپ ڏنو هو. ۽ ها، رسي جو ٻيو سرو انهي تاريءَ سان ٻڌو هئائين ظاهر ظهور خودڪشي پنهنجي جان پاڻ ورتائين چو؟

ڳوٺاڻن چيو تہ "سائينءَ جو پاراتو لڳو هئس. الله وارن سان منهن اٽڪائڻ جو اهو ئي نتيجو ٿيندو آهي. جيڪڏهن سائين فقير بخش شاه جي ائين گهٽتائي نہ ڪري ها تہ ڪڏهن بہ اهڙو حال نہ ٿئيس ها، جو پنهنجن هٿن سان پنهنجو انت آندائين. سوبہ بيگاهہ آڏي رات جو اهو تہ اسر مهل ولڻ مال چارڻ لاءِ ڪاهيو ٻئي ويو تہ ڳوٺ جي پر واري پير پر هن ڪي لڙڪندو ڏنائين پهرين تہ هن اهو ڪو جنن جو واقعو سمجهيو چو جو اهو پير تہ ڳرو مشهور آهي. ماڻهو ڏينهن جو ان جي هيڻيان ڪوبہ وهندا آهن رات جو ايڏانهن ويڙ تہ وڏي بي جگريءَ جو ڪم هو سو بہ هڪ چوڪريءَ لاءِ. سو بہ سونيءَ لاءِ جنهن جي نزاڪت ۽ نفاست جي هنڌين ماڳين هاڪ هئي.

سوني سهڻي بہ هئي ۽ جوان بہ ڪنڊي جي گهر جو ڏيئو هئي. جنهن ڪي هو پنهنجي اجرڪ جي پلاند سان. هر طوفان کان بچائيندو. لڪائيندو وتندو هو. ماءُ ڪانہ هئس تہ هو ماءُ بہ هو. ڏيءَ کي ڪڏهن احساس نہ ٿيڻ ڏنائين تہ ڪو هوءَ ماءُ کان سواءِ آهي. ہي شادي بہ ڪوبہ ڪيائين. پراين ٻنين کي، پنهنجو پگهر ڏئي سائو ڪندو رهيو. جيڪي رکي سکي هوندي هئس ، تنهن تي شڪر هوندو هو. رڳو اهو فڪر هوندو هئس تہ سونيءَ کي ڪو اهنج نہ ٿئي. هوءَ سکي رهي، بس اها سندس آس هئي. هن سونيءَ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي هئي. ڏينهن جو ڪٽي بہ هوندو هو تہ ڏيان

سونيءَ ۾ هوندو هئس. شام جي پاڇي لڙڻ سان گهر پهچي ويندو هو ۽ سونيءَ کي مرڪندو ڏسي سڀ ڏک سور وساري وهندو هو.

هن زندگيءَ جي سختين کي پنهنجي سيني تي سٺو هئو. اڃ حياتي بيگار وهندي گذري هئس. گرم ڏينهن جي تپش ۽ سرد راتين جي سختين جو عادي هو. اگهاڙي پيرين زندگيءَ جو سفر کاڌيندو آيو هو. لنڊين ۽ ڪپرن سان جهيڙا کائيندو هن عمر کي پهتو هو. پر کيس ڪڏهن به ڪنهن جي پر واهه ڪو نه رهي هئي. ها، سونيءَ جي سامائجڻ کان پوءِ پنهنجي پاڇي کان به پيو ڇرڪندو هو. ڪواڻ ڏنل پَئو هئس جيڪو سندس اندر ۾ ڪاٽ وجهي ويٺو هو. انهيءَ خوف کيس بزدل بنائي ڇڏيو هو. سونيءَ کيس بزدل ڪري وڌو هو خاص ڪري اهڙي حالت ۾ جڏهن ڪيترائي سونيءَ لاءِ سڏون ڪري رهيا هئا. هن ته پنهنجي سونيءَ جي برابر ڪنهن کي سمجهيو ئي ڪونه ٿي، پر ڪن ته هئس. ڪنهن چيو ٿي ته وڏيرو جاڙو سونيءَ کي هٿ ڪرڻ ٿو چاهي. ته ڪنهن وري پيرو ڏاڙيل جي ٻالهه ٿي ڪئي: جنهن ڪلم ڪلا چيو هئو ته جڏهن به کيس موقعو مليو هو سونيءَ کي ڪٽي ويندو ڪنڊي جي گهر ۾ ڪاٽ هٽڻ کو سؤلو ڪم ته ڪونه هئو. ڪنڊو فيل مڙس هئو. هڪ هٿ سان ڏاند کي وهاري ڇڏيندو هو. گاهه سان پريل گاڏي هٿن سان ڇڪي ڪوهن جا ڪوهه ڪري ويندو هو ۽ هاڻ ته بچت ڪري رکي سگهي ڪائي، هڪ نالي بندوق به ونڊي ڇڏي هئائين. هن جي هوندي ته تر ۾ ڪنهن جي مجال نه هئي جو هن جي گهر ۾ گهڙي وڏيرو جاڙو به نه... هن کي به خبر هئي ته هڪ حد کان پوءِ ڪنڊو واقعي ڪنڊو بنجي ڇڏي ويندو.

ڪنڊو هاڻ فڪرمند به هئو ته ڇا ڪري؟ هن املهه ماڻڪ جي حفاظت ڪيئن ۽ ڪيستائين ڪري هن کي فڪرمند ڏسي سوني سڀ ڪجهه سمجهي ويندي هئي ۽ من ئي من ۾ مرڪي ڏيندي هئي. ڪيس پنهنجي سونهن جو پورو احساس هئو ڪيس خبر هئي، ته سڄو ڳوٺ ۽ پرپاسي جا ڳوٺ سندس سونهن تي حيران هئا. جيڪي به سگ لاءِ ايندا هئا تن جي ڪيس خبر پوندي هئي دائي بچائي سندس رازدان هئي. هوءَ ڪائنس ڪا به ٻالهه ڪانه لڪائيندي هئي. هر ٻالهه ڪيس اڇي ٻڌائيندي هئي. سوني به هن کي دل جا ڳجهه ڏئي وهندي هئي. هن ننڊپڻ کان ماءُ جو ڪانه ڏٺي هئي! ظاهر آهي ته ڪي ٻالهيون اهڙيون آهن، جيڪي هوءَ پيءُ سان ته نه ٿي ڪري سگهي-

اهو ڏينهن بہ آيو جو سونيءَ جي دل ۾ ڪنهن لاءِ سور پئدا ٿيڻ لڳو صديق تپيدارپنهنجي ڪميت تي چڙهي ڳوٺ آيو هو. وڏيرو هن جي اڳيان وڇائجي ويو هو. ڏاڍو آدر پاءُ ڪيو هئائينس کاڏا پيتا، پئسا ڏوکڙ معافي ڏيارڻ جا واعدا ونيِ چڏيو هئائينس تڏهن هو شام جو واپس وريو هو جو سونيءَ جي مٿس نظر پئي هئي.

هوءَ وار چوڙيو پنهنجي ڪچي ڪوٺيءَ جي در تي چانور چونڊي رهي هئي، جو صديق اتان اچي لانگهاٽو ٿيو. سونيءَ تي نظر پوندي تي پنڊپهڻ ٿي ويو. سونيءَ جو سڄو وجود هن کي ڏسي ائين وگهڻ لڳو جيئن ڪوئاريءَ ۾ سون وگهڻ لڳندو آهي. سوني پنهنجي وگهرجندڙ وجود کي سنيالينديِ ونيِ اندر ڀڳي هن پٽيان مڙي بہ ڪونہ ڏٺو تہ در تي بيٺل ان بت جو چا ٿيو جنهن جي سڄي جهان ڇڪجي سندس چڙيل وارن ۾ اٽڪي پئي هئي، هوءَ سهڪنديِ سهڪنديِ وچي منجيءَ تي ڪري هئي. ڪيس پهريون دفعو پنهنجي دل جو آواز ايڏو چٽيءَ طرح ٻڌڻ ۾ آيو هو. هن کي ائين پئي لڳو جڻ سندس دل جا اهي ڏڪ دل مان اندران نہ پر ٻاهران لڳندا هجن. هن هٿ جي زور سان دل جي رفتار کي روڪڻ ٿي چاهيو پر ڪامياب نہ ٿي هن پاسا ورائڻ شروع ڪيا پر ڪنهن بہ پاسي سک ڪونہ ٿي آيس هن اٿي گهڙيِ مان پاڻيءَ ڪٽورو پيري هڪ ئي ڇيت ۾ پي چڏيو پر رهيو ڪو نہ ٿيس. وري اٿي در تي آئي. صديق ايجا بہ اتي موجود هو هو گهوڙي تي ئي ويٺل هو. اکيون در ۾ ڪُتل هئس. بلڪل بي جان پئي لڳو. سونيءَ کي وسوسا ويڙهي ويا. 'آهي ڪير ٿيو چا آهيس! گذاري ويو چا؟' هن چاهيو تي تہ وڏيِ هٿن کان جهليس پڇيس. هو هن کي ڏاڍو وٽيو هو ان مهل اوچتو جڻ صديق کي هوش اچي ويو. هن هڪ ٻرٻور نگاهہ سونيءَ تي وڏيِ ۽ گهوڙي جو لغام ڏرو چڏي ڏنائين سوني هن کي ويندو ڏسندي رهي. هن جي دل تي چيو تہ سڏ ڪري روکي وجهيس. پر هوءَ ايئن نہ ڪري سگهي.

دائيءَ هن کي غور سان ٻڏو ۽ سندس مدد ڪرڻ جو واعدو بہ ڪيو ۽ ائين ڪري بہ ڏيکاريائين هڪ ڏينهن تاڪ منجهند جو جڏهن ماڻهو مرون توڙي پکي پکڻ سواءِ ڪنهن مجبوريءَ جي، چانو چڏڻ لاءِ تيار نہ هئا، هوءَ انبن جي باغ ۾ صديق سان ملي ملي چا، جڻ هڪ ٿي وئي. صديق جو سمورو وجود سونيءَ جي وجود تي چانئجي ويو هئو. هن نہ ٿي سمجهيو تہ چا ڪري ٻانهن وجهي ياڪر ۾ وهاريس، اکين ۾ وهاريس يا چين ۾ گم ڪري چڏيس، هنن جي جسم جي گرمي موسم جي گرميءَ کي مات ڪري چڏيو هو. دنيا

کان بي خبر هو روح رهاڻ ڪندا رهيا. هڪ اکر به نه ڪڍيا ۽ سڀ ڪجهه چئي چڏيائون اهي ڳالهيون به جن کي ڪرڻ لاءِ وقت کي به حوصلو ڪرڻو پوندو آهي.

سوني واقعي سون ٿي وئي هڪ ئي ملاقات هن کي بدلائي چڏيو. هر وقت ڳائڻ تي دل چوندي هئس. چاهيندي هئي ته ڪلي، ٿهڪ ڏي، هوا سان ڏوڙ پڄائي، ڪرن جي مٿان چڙهي آسمان تان تارا ٽوڙي اڇي ۽ چا نه....

هن کي اها خبر ئي ڪانه هئي ته اها ڳالهه سندس پيءُ تي ڪهڙو اثر ڪندي. ڳوٺ راڄ وارا چا چوندا جن جا سڳ موتايا هئائون. اهي چا چوندا. هن کي ڪا به پرواهه ڪانه هئي. هوءَ ته ان ڏينهن جو انتظار ڪري رهي هئي، جڏهن هو وري ايندو جنهن ۾ سندس سڄي ڪائنات گم هئي.

دائيءَ هن جا حوصلا وڌايا پئي هن کي مثال پئي ڏنائين ته ڪيئن سهٽي ڪچي گهڙي تي درياهه تپي ميهار سان ملڻ ويندي هئي. ڪيئن مومل مينڊري جي انتظار ۾ راتين کي ڏينهن ڪندي هئي ۽ هوءَ سوچيندي هئي ته اهو سڀ سندس پيار اڳيان ڪوڙ آهي هوءَ پنهنجي پياري سان هڪ ٿي وڃڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هئي.

ڪنڊي کي به ڏيءَ ۾ ڏاڍي تبديلي محسوس ٿي هئي. پر هو خوش هو. سوني جا خوش هئي. هن اهوئي ته چاهيو ٿي ته سوني خوش هجي. هو به خوش هو. بيحد خوش. هن سونيءَ سان واعدو ڪيو هو ته پٽ جي ميلي تان هن لاءِ ڳانا آڻيندو. ڪلا ۽ سڪل توت آڻيندو ۽ سوني انتظار ۾ هئي ته ڪڏهن ٿو ميلو اچي. انڪري نه ته ڪو ڳانا اچن يا ڪلا ۽ توت گهرجن. پر انڪري جو صديق ميلي واري ڏينهن وٽس اچڻو هو. هن جو نياپو آيو هو. نياپو نه هئو پر سونيءَ لاءِ جيءَ جو جياپو هئو.

ميلو آيو صديق به آيو. پر ڪميت تي چڙهي نه پيرين پنڌ - انبن جي باغ ۾ نه پر ڪنڊ مندر وٽ - پير جي هيڻان ڳرو پير..... پر پيار ڪرڻ وارن کي ڪهڙي پرواهه. صديق پير هيڻان بيٺو هو. هن کي ايندو ڏسي ٻانهون کولي اکيون ڪٽي بند ڪيائين. هن جو وجود سندس ٻانهن ۾ گم ٿي ويو.

"سوني."

"هنء"

"سوني."

"هنء"

"سوني"

"هنـ"

بس اهي لفظ هئا. گلن جيان چٽي رهيا هئا. ڪائنات ڪي واسي رهيا هئا. گرم گرم ساهه هئا. بي چئن چَپ هئا.

"هل تہ وڃ جي ڪنهن ڏار تي هلي پکين وانگر آکيرو ناهيون." هُن چيو.

"آءٌ ڪيئن چڙهنديس؟" سونيءَ چيو. "مونکي وڃ تي چڙهڻ ڪونہ اچي. تون بہ نہ چڙهجئين." پهريون پيرو سونيءَ جي آواز مان خوف ظاهر ٿيو.

"چو؟" هن چپن تي چپ رکندي پڇيس.

"ڳرو آهي." سونيءَ چيو.

"تون ڪونہ ٿي ڏچين؟" هن وري پڇيس.

"تون جو آهين؟" سونيءَ جي جواب تي صديق جو وار وار واسجي ويو.

ميلاپ جو وقت پر ڪري اڏامي ويو. سوني ٽڏا ساهه پريندي گهر پهتي ڪنڌو ميلي مان مال سان جهولي پري ڪٽي آيو هو. هو ور ور ڪري ڪانئس خاموشيءَ جو سبب پڇي رهيو هو. پر سونيءَ کي پاڻ ئي خبر ڪانہ هئي تہ ڇا جواب ڏئيس. هن کي تہ وري ان گهڙيءَ جو انتظار هئو جڏهن وقت جي رفتار رڪجي ويندي ۽ هوءَ پنهنجي محبوب سان ملي هڪ ٿي ويندي. اهو وقت ڪڏهن ايندو ڪڏهن ايندو؟ سوني انتظار ۾ هئي.

سانوڻ اچي ويو. وڃن وراکا ڏيڻ شروع ڪيا. اتر کان ڪڪرن جا ميرا گدلا ڏڻ تي آيا ۽ ٿر بر وسائي اڳتي وڌندا ٿي ويا. اڻي جي هوا سونيءَ جي اندر ۾ چڳون لڳائي ويندي هئي. هوءَ بي اختيار پنهنجي محبوب جي ٻانهن ۾ گم ٿي وڃڻ چاهيندي هئي. پر هن جو ڪو نيا پوئي ڪونہ آيو هو.

نہ ڪا خبر نہ ڪو خواب، نڪي اوڻي آئيا.

هوءَ اوسيئڙي ۾ هئي. هوءَ هر وقت پئي واجهائيندي هئي. دائيءَ بہ ڪا خبر ڪانہ ڪئي هئي. ٻيو ڪنهن سان ڪچي، ڪنهن کي چوي. بس سڄو ڏينهن در جي چانئٹ ۾ اکيون وجهيو ويني هوندي هئي.

هڪ ڏينهن هوءَ در وٽ بيٺي هئي تہ ٻاهران سائين فقير بخش شاه جي سواري اچي لانگهائو ٿي. سائينءَ سان گڏ سندس ڪيترا مريد ۽ مولودي بہ هئا، جيڪي سر ۾ صلواتون پڙهي رهيا هئا ۽ ماحول کي احترام جي قابل بنائي رهيا هئا. هن سائينءَ جي جلوس کي ڏٺو جنهن جي پويان ڳوناٹا وڄي اهتمام ۽ احترام سان هلي رهيا هئا. پوءِ خبر ناهي چا ٿيو؟ سائينءَ جو گهوڙو بيهي رهيو. سائين لانگ ورائي لهڻ جي ڪئي تہ هجوم مان ڪنڌو ڏوڪندو

نڪتو ۽ سائينءَ جي پير کي رڪاب مان نڪرندو ڏسي هٿ ڏگهيري سائينءَ جي پير هيٺ جهليائين. قسمت هن سان وڏا پال پلايا هئا جو سائينءَ جي سواري هن جي در تي لٿي هئي، نہ تہ ڪٿي ڪنڀو ڪٿي سائين فقير بخش شاه.

سائينءَ لاءِ وڏيري جي اوطاق تان جنڀيءَ جي نواهري ڪٽ گهرائي وئي. سائين ڪمري ۾ ٽي ويندو ۽ مريد باهر نڪهڙ اس ۾ ويهي رهيا. ڪنڀي تي مبارڪن جو ڏوڙيو وسي ويو. اڇوڪي رات سائين هن جو مهمان هو هونئن بہ سائين سال ۾ هڪ پيرو هن ڳوٺ ۾ اچي رهندو هو. مريد ۽ معتقد ڏن پريندا هئا ۽ سائين بهشت جون بشارتون ڏيندو هليو ويندو هو. ان هڪ رات ۾ ڪئين عورتن جا جن نڪرندا هئا، اميدوارن کي پٽ نصيب ٿيندا هئا ۽ فصل پلي ٿيڻ جون خوشخبريون! ڪنڀي لاءِ تہ اها ئي وڏي خوشخبري هئي جو سائين هن وٽ ترسيو هو. سو بہ اهڙي وقت جڏهن هن کي سائين کان سوال بہ ڪرڻو هو.

هن خليفي عمر کان صلاح پڇي هئي، جنهن چيس تہ اڄ سائين چا، قدرت مٿس مهربان آهي، تنهنڪري جيڪي گهرڻو اٿس سو گهري. هن عقيدت ۽ جوش وچان خليفي عمر جا هٿ بہ کڻي اکين تي رکيا هئا.

رات جو پهريون پهر گذري چڪو هو. ڪنڀو ۽ سوني سائين جي خدمت ۾ وينا هئا. ڪنڀو هر هر سونيءَ ڏانهن ڏسي رهيو هو جيڪا وينی تہ اتي هئي پر ڏيان ڪنهن ٻئي طرف هئس.

"ابا ڇئہ چا ٿو چوين؟" سائينءَ چيو ۽ ڪنڀو حيران ٿي ويو تہ سائينءَ کي سندس دل جي خبر ڪيئن پئي! هن جي دل عقيدت سان سرشار ٿي وئي. هن مرشد جي پيرن کي چمندي چيو:

"قبلہ سائين، سونيءَ لاءِ دعا ڪريو."

سائينءَ جلالي اکين سان سونيءَ ڏانهن نهاريو.

"هنہ" سائينءَ چيو.

ڪنڀي سونيءَ کي اشارو ڪيو تہ وڏي سائينءَ جي پيرن تي هٿ رکي. سونيءَ ڪجهہ نہ ڪيو. وڏي اچي سائينءَ جي پيرن کي زور ڏيڻ لڳي. سائين اکيون بند ڪري چپن ۾ ڪجهہ بڙ بڙ ڪرڻ لڳو. ڪنڀو ماڻ ڪري اٿيو ۽ آهستي هلندو ڪمري کان ٻاهر هليو ويو.

'خدا شل سائينءَ جي دل ۾ وجهي تہ هن کي گهرائي هُن کي.' سوني پنهنجي محبوب سان ملڻ جي دعا گهري رهي هئي تہ هو اچي کيس پاڪر

وجهي، منيون ڏي....." هوءَ سوچي رهي هئي، ڪيس ائين پئي محسوس ٿيو جڙ سندس دعا پوري ٿي رهي هجي. هو اچي ويو هجي، ڪيس پاڪر پائي چميون ڏئي رهيو هجي..... اوچتو هن کي هوسٽ محسوس ٿيڻ لڳي. هن جا حواس غائب ٿيڻ لڳا. هن جو هوش اُڏامي ويو. سائينءَ جو جسم هن کي جڪڑيو پيو هو. هو ڄار ۾ قاتل مڇيءَ جيان ڦٽڪي رهي هئي سندس وات تي هن جو هٿ هئو ۽ ٻاهران زور زور سان مولودن جا آواز اچي رهيا .هن زور سان ڦٽڪڻ شروع ڪيو. ڪيس ائين پئي لڳو جڙ سندس وجود کي ڳيا ڳيا ڪيو پيو وڃي. هن رڙ ڪري پيءَ کي سڏڻ ٿي چاهيو. جنهن جو آواز ڪنهن ڪنهن مهل ڇٽيءَ طرح ٻاهران ٻڌڻ ۾ پئي آيو. هن گهٽو زور لڳايو ليڪن سندس آواز اصل گهٽجي ويو هو. اوچتو هن جي وات تان هٿ جو زور ڏورو ٿيو. هن وٽي رڙ ڪئي. سائين ٽپ ڏئي پٽ تي لهي آيو ۽ پٽلي ماري اکيون بند ڪري تسبيهه جا داڻا ڦيرائڻ لڳو.

رڙ تي ڪنبو ڊوڙي اندر پهتو. هن جي اکين جيڪو ڏٺو تنهن هن جا هوش حواس گم ڪري ڇڏيا. سوني اڌ اگهاڙي ڪٽ تي پئي هئي ۽ رڙيون پئي ڪيائين ۽ سائين پٽ تي اکيون بند ڪري تسبيهه پڙهي رهيو هو. ڪنبي جي آواز تي هن اکيون کوليون:

"بند ڪر مردار ڪي، اسان جو ٿي امتحان وٺي." سائينءَ جي پر جلال آواز ڪنبي کي شرم کان جهڪائي ڇڏيو. سوني اهڙي ذلت ڪرائيندي هن ڪڏهن سوچيو به ڪونه هو. پر واهه سائينءَ جو شان، مجال آهي جو دل ۾ ڪا برائي آئي هجيس اهو سوچيندي هن سونيءَ کي اڌاريو جيڪا دانهون ڪري ٻڌائي رهي هئي ته مٿس ڇا وهيو ڇا واپريو ڪنبي ٽڦڙ وهائي ڪڍيس.

"نه نه نادان آهي، هن تي ڪو ڪري جن جو قبضو آهي. ڇڏي ويندس، ڇڏي ويندس. هڪ رات ۾ ٺيڪ نه ٿئي ته اسين به مرشد ناهيون." سائين جي آواز ڪنبي جي بت ۾ ساهه وجهي ڇڏيو هو هڪدم مڙيو ۽ واپس ٿيو "هي ڪوڙو آهي. ڪوڙو ذليل، مون کي حساب ڪونهي. بابا مون کي حساب ڪونهي." سوني رڙيون ڪندي رهي.

"تنهنجو حساب ته اسين تا پورو ڪريون چوري." سائينءَ آهستي چيو پر سوني اوستائين ڪٽ تان اٿي چڪي هئي. هو هن تي اهڙو آساني سان قابو نه ٿي ڪري سگهيو. پر اها خبر هئس ته هاڻي ڪو به مريد اندر اچڻ جي همٽ ڪونه ڪندو. هن ڊوڙي وڃي جهليس. سونيءَ جهڪي ڪنجهي

جو وٽو ڪنيو ۽ ڦهڪائي ڪيائينس. پر سائينءَ تي جڙ تہ ڪو جادو ٽي ويو هو. هن ڏڪ جي پرواهہ ئي ڪانہ ڪئي. وري وڃي ٻڪ وڏائينس. سونيءَ گهٽائي چڪ هنيس ٽڪون هنيائينس، مڪون ۽ ڏڪ هنيا، رڙيون ڪيائين، گاريون ڏنائين، پر هو گهلي ڪٽ تائين ونيءَ آيس. سوني هڪ دفعو وري زور لاتو پر هاڻ بيوس ٽي وئي. سندس بت ڪپڙن کان آجو ٽي ويو. ٻاهران شڪراني جا آواز ايندا رهيا.

سائينءَ جن کي رام ڪيو هو ۽ هاڻ آرامي هو. صبح جو سوير اک کولي ڏنائون تہ سوني ڪونہ هئي. هئي تہ ڪٿي؟ پيپر جي وڻ ۾ لڙڪيل هئي.

"سائينءَ جو پاراتو لڳو آهيس. الله وارن سان منهن اٽڪائڻ جو اهوئي نتيجو ٿيندو آهي."

ڪنڀي جو ڪنڌ شرم کان جهڪيل هو ۽ دل ڏک ۾ رت جا ڳوڙها وهائي رهي هئس. "سائين تہ پنهنجي ڪئي، پر جيڪا رب جي رضا ـ".

●

رت جو روپ

تھ سيارو هئو سج جي روشني جهڪي ٽي رهي هئي. اڳڙ تان اُس هٿندي هٿندي ٻنوڙا ٽپي پت تي چڙهي وئي هئي ۽ اچي ڇُن جي پوچيءَ هيٺان گم ٽيل پت جو مٽيون حصو سونهري اُس ۾ جرڪي رهيو هئو ڪمري جي در وٽ پيل ڪٽ تي جنون چانور چونڊي رهي هئي ۽ رشيد. پاٽس جي ڪٽ تي پيل رسالا اٽلائي پٽلائي رهي هئي، جيڪي هوءَ گذريل ڇهن ڏينهن ۾ خبر ناهي ته ڪيترا دفعا ڏسي چڪي هئي. هينئر به هوءَ ڏسي ته اهيئي رسالا رهي هئي، پر دماغ اتي ڪونہ هئس. هن جي عمر ئي اٺڙي هئي جو دماغ هڪ هنڌ رهي نہ ٿو سگهي. هوءَ اختر کان ٻہ سال ننڍي هئي پر ڳوناٽي آبهوا ۽ بي فڪريءَ جي ڪري ظاهري طرح اختر کان وڏي پئي لڳندي هئي. خاص ڪري جو اختر پڙهائيءَ جي ڪري گهٽو وقت شهر ۾ ٽي رهيو جتي نہ ڪاڏو صاف ٽي مليو نہ ئي هوا نتيجي ۾ هو ڪافي ڳري ويو هئو. تڏهن ئي ته وڏيري علڻ هن کي چيو هئو ته مکڙ ڪاءُ ميان مکڙ ڪاءُ، ۽ هن ڪلي اچي ماٽس کي ٻڌايو هئو. رشيده سوچيندي ٻاهر نهاريو. اڄا تائين پٽس وهنجڻ جاءِ ۾ هئو. 'ڪيترو چيو مانس ته بابا، پاٽي ڪوسو ڪري ڏيان. اصل نہ مڃيائين!' هن کي جڙ ته ڪاوڙ لڳي وئي. هن کي گهر ۾ پيءَ جو پوليس وارن وارو ورتاءُ اصل ڪونہ وٽندو هئو.

جمعدار الهداد خان ڪو جهڙو تهڙو پوليس وارو ته ڪونہ هئو! هن ٽيهہ ورهيہ پوليس جي نوڪري ڪئي هئي. پنهنجي صاحبن جو هميشہ فرمانبردار ۽ ڏوهارين لاءِ تکي تلوار هوندو هو. اها ٻي ڳالهہ آهي ته ڪي ماڻهو هن جي ڪن ڪمزورين مان فائدو وٺي هن کان ناجائز فائدا حاصل ڪري ونندا هئا. اهوئي ته سبب هئو جو جيڪو ڪم ٻيا آفيسر پئسا وٺي ڪندا هئا، سو ڪم رڳو هن جي ڪوڙي خوشامد ڪري ڪيرائي ويندا هئا. بس رڳو اهو چوڻ جي دير هئي ته واهہ سائين، جمعدار الهداد ڪير

چوائي؟ ۽ همراه اصل پٽ تي اچي ڦهڪو ڪندو هو: مڃون وٽي. ڏنبو هٿ ۾ سوگهو ڪري چوندو هئو. "حڪم ڪر اسين يارن جا يار آهيون!" مطلب ته تعريف جو اصل ڪچو هئو. هڪ دفعي ته اصل ڪمال ڪري وڏائين جو مورڳو نوڪريءَ سان گڏ سر ٽي ويس. راڄڙيءَ جي ٻيلي مان چار جوابدار سوگها ڪري خاصيءَ ۾ اچي ديرو ڪيو هئائين، جو اتي انهن ڏوهارين کي ڪٽڻ لاءِ خاص گاڏي اچي رهي هئي. اتي وٺي ٿوري ويرم مس ٽي هئس جو انهن ڏوهارين مان هڪ ٻئي کي آهستي چوڻ لڳو "ٻيلي مون کي ته رڳو اها خوشي آهي جو ڪنهن مڙس جهليو اٿئون. شهپر ته ڏسوس!" بس اهو جملو هن جي وات مان نڪتو ناهي، جمعدار جي اندر ۾ انڊ مانڊ ٽي پئي. نيٺ جڏهن گاڏي آئي ته هوريان هوريان وڃي آهستگيءَ سان هن جون هٿڪڑيون لاهي ڇڏيائين. اهو ته ڪنهن ڏٺو ڪونہ ۽ همراهہ کي ڀڄڻ کان اڳ ئي ٻين پوليس وارن جهلي ورتو نہ ته جمعدار جي نوڪري ڇٽ هئي. اهڙا ٻيا ٻہ گهٽائي واقعا هئا. پر آخرڪار پنهنجي نوڪريءَ جو معياد خير خوبيءَ سان پورو ڪيائين ۽ هاڻ ڪالهہ ئي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڳوٺ واپس پهتو هئو ۽ وهنجي سهنجي ٻاهر نڪرڻ جي تياري ڪري رهيو هئو.

سڃي عمر ڪپڪ (ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ) ۽ پينڪ (پاڪستان پينل ڪوڊ) جا ڦيرا ڪيندي ڪيندي، ڪوڙن سچن ڏوهارين کان سچيون ڪرائيندي، هاڻ جڏهن هو پنهنجي گهر اچي پهتو هئو ته هن کي گهر اصل ڪائڻ ٽي آيو. نہ ڪو سلوٽ نہ ڪو سلام نہ هٿڪڑين جي ڇڻ ڇڻ نہ رائيفل جي ليور ڏهائڻ جا آواز نہ ڏنبي جو زيپٽ. ڀڻ ته زندگي ئي بي رونق ۽ ڦڪي ٽي وئي هئي. مٽان وري رشيده جو قدبت ڏسي ته همراهہ هيسجي ويو. ايندي شرط جوڙس چيو هئس ته هاڻ هن جي اتارڻ لاءِ ٻہ ڪجهہ ڪر. وري ڪيس خبر هئي ته هن کي اتارڻ سان گڏ وري اختر جي مٿي تي موڙ ڏسڻ ٻہ لازمي آهن. "اختر ڪٿي آهي؟" هن ڦٽيءَ سان وارسڏا ڪندي پڇيو.

"ڪيڏانهن ٻاهر ويو آهي." رشيده رسالو ڦٽو ڪندي چيو "ڪيڏانهن وري ڪيڏانهن ويو آهي؟" هن سڃي ڪرائڻ واري انداز ۾ پڇيو.

"اسان کي ڪهڙي خبر؟" جوڙس جواب ڏنو. "جڏهن کان آيو آهي، خبر ناهي منجهند ٽيندي ئي ڪيڏانهن ٽوهليو وڃي!"

"وڏيري علڻ وٽ ته ڪونہ ٿو وڃي؟ پڪ هو گهرائيندو هوندس، يا سيٺ آسودي وٽ ويندو هوندو." جمعدار الهداد مرڪندي چيو. وڏيري ۽ سيٺ جو ساٿ هن جي زندگيءَ جو اهو پهلو هئو جنهن تي هن کي ڏاڍو ناز

هئو. جڏهن به کيس پئسي پنجڑ جي ضرورت پوندي هئي ته سيٺ سندس هر مشڪل کي آسان ڪندو هئو ۽ وڏيرو ته سندس ايڏو خيال ڪندو هو جو ساري جڳ کي ته پٽ تي ويهارينڊو هئو. پر جمعدار الهداد لاءِ هميشہ موڙو پنهنجي پير ۾ رکائيندو هئو. پوءِ اهڙن يارن لاءِ جمعدار اصل نہ وسهي. آخر سچ ۽ ڪوڙ ڪوڙ ثابت ٿيو. وڏيري ته پاڻ ڏاڙيلن جو ڏس پتو هٿ ڪري هن کي ڏنو ۽ هن به پنهنجي انسپيڪٽر صاحب سان گڏجي ڇاپو هٽي ڏاڙيلن کي ٻڏرايو. شايد ڏاڙيلن کي اها خبر پئجي وئي هئي ته وڏيري جهلايو آهي. تنهنڪري هروپيرو وڃي ڪوڙ هنيائون ته کين هميشہ وڏيرو پناه ڏينڊو هئو. پر هن فرشتي جهڙي وڏيري جي خلاف شڪايت ڪير ٿو ٻڌي؟ هڪ دشمن ته هن تي رن پڃائڻ جو الزام به هنيو هئو ۽ چيو هئائين ته اها ٻانهن وڏيري پنهنجي دوست سيٺ آسودي وٽ لڪائي آهي. پر اها ڳالهہ به جمعدار وچ ۾ پئجي ڪوڙي ثابت ڪئي. اصل ۾ مائي ته ڪوه ۾ ٽپي خود ڪشي ڪئي هئي. پوءِ ڪٽي ڊاڪٽر پنهنجي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ اهو لکيو هئو ته مائيءَ جو موت ڦاهي ڏيڻ جي ڪري ٿيو هئو. ڊاڪٽر کان به ته آخر غلطي ٿي سگهي ٿي! هڪ دفعي ته ڳوٺ جي هڪ ٻئي چگي مڙس، جيڪو هميشہ ڪاميٽين جي چونڊن ۾ وڏيري جو مقابلو ڪندو هئو ۽ ٻوٽ پر وڃي ڦهڪو ڪندو هئو اهو به ڪوڙ هنيو ته وڏيري چونڊن ۾ بينل اميدوار ممن کي ڪهائي اٽن کي پيارائي ڇڏيو آهي. پر پنهنجي انسپيڪٽر صاحب جي مدد سان هن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته همراهہ ملڪ ڇڏي پڃي ويو هئو ۽ اهڙيون ڳالهيون هن ٻين سان به ڪيون هيون. چگي مڙس ته ممن جا رت ۾ ٻڏل ڪپڑا به آڻي ڏيکاريا هئا پر پوليس جي هڪ ماڻهو چيو ته رت ڪبوتر جو آهي. مطلب ته ڏڻائي ماڻهو هروپيرو ڪونہ ڪو ڏڻو ڪندا هئا ۽ جمعدار ويچارو حد ڇڏي اچي ڪڙ ڪندو هئو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته پنهنجي گهر وڃڻ جو موقعو به ڪونہ ملندو هئس. وڏيرو ته چوندو ئي هئو ته جمعدار الهداد منهنجو پاڻ آهي پاڻ، ۽ جمعدار مڃون مروڻي فخر سان هيٺ وينل ماڻهن ڏانهن نهارينڊو هئو جيڪي وڏيري سيٺ ۽ جمعدار کي هن ڳوٺ جا ابا ڪري سڏيندا هئا.

وڏيرو اختر کي ته ڏاڍو پائيندو هو. هميشہ پنهنجي پير ۾ ويهارينڊو هئس. هن جون ڳالهيون ڏاڍي پاڻهہ سان ٻڌندو هئو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته هن جون ڳالهيون ٻڌي ڪلي ڪلي ڪيرو ٿي پوندو هئو. اختر جڏهن به شهر مان ايندو هئو ته ڪا نہ ڪا نئين ڳالهہ ضرور ڪٽي ايندو هئو. ڪڏهن فلسطين

جي مظلومن جا قصا پيو ٻڌائيندو هو تہ ڪڏهن ويٺنام جي جيالن جو ذڪر پيو ڪندو هئو. وڏيري ڪي تہ ان تي اعتبار ئي ڪونہ ايندو هو تہ ڪو ويٺنام جا ڪارا ڪوجها ننڍڙي قد وارا ماڻهو جهنگ جهرن ۾ امريڪا جهڙي وڏي ملڪ جي ديو جيڏن جهازن جي بم گولن سان منهن ڏئي رهيا آهن. ڳاڙهي انقلاب ۽ زرد صحافت جو هو ٻڌي ڪلندو هئو. ڪڏهن اهو بہ ٿيو آهي تہ هاري ۽ زميندار هڪ برابر ٿين يا مزدور ۽ مالڪ هڪجهڙا هجن! هو اهو ٻڌي حيران بہ ٿيندو هئو تہ ڪل بہ ايندي هئس. پوءِ اختر ڪي چوندو هئو تہ "ابا، الله سڀ آڳريون برابر ڪونہ خلقيون آهن. اهي هن جون رمزون آهن جو هو ڪن ڪي گهٽ ڏي ڪن ڪي وڌ." ۽ اختر اُهي ڳالهيون ڪلي ڪلي گهر ۾ اچي ڪندو هئو. جمعدار تہ جڏهن بہ پٽ سان مليو هئو آهي ڳالهيون ٻڌيون هئائين. "پر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ سڀ ماڻهو برابر هجن. جي ائين هجي تہ سڀ ماڻهو وڏيري سان گڏ ڪٽ تي ڪونہ اچي ويهن!" پر وري بہ هن شهرن جو ڪجهہ واءُ سواءُ ورتو هئو سو نعرن هٽندڙن، هڙتالن ڪندڙن سان بہ واسطو پيو هئس. پر اهو بہ ڪيس عجيب ڪونہ لڳندو هئو. آخر جيڪو حق ٿو گهري سوهن ڪي ملڻ گهرجي. هو سوچيندو تہ هو پر ڪيس اها خبر ڪانہ هئي تہ ڪير ڪهڙو حق ٿو گهري. البتہ سرڪار جي خلاف جيڪي نعرا لڳندا هئا جي ڪونہ وٽندا هئس. پوءِ جڏهن بہ هو ڳوٺ ايندو هو تہ اهي ڳالهيون ڪلي ڪلي جوءِ ڪي ٻڌائيندو هئو. جيڪا هر جملو ٻڌڻ ڪانپوءِ چوندي هئي، "رشيده جو ڪو فڪر اٿئي ڪي نہ" يا وري "اختر ڪي بہ ڪٽي پوليس ۾ پرتي ڪراءِ" هو بہ چوندو هئو. "ها ڏسنداسين." ۽ وري وڏيري جي اوطاق تي بہ ساڳيون ڳالهيون هونديون هيون ۽ ڪلن جا ڪوڪرا.

جمعدار تيل ڦٽي ڪري آئيني ۾ پنهنجي تيزيءَ سان اڇا ٽيندڙ وارن ڪي ڏسي شهپر وٽيندو جوٽس وٽ اچي بيٺو ئي مس ۽ هن اڇا ڏانهس نهاريو تہ در تي ٽڪ ٽڪ ٿي.

"پڪ ڪوڙل هوندوا!" هن ڪي پڪ هئي تہ اهو ڪمدار ڪوڙن آهي. هن جو ٽڪاءُ ئي پڏرو هئو. سو زور سان چيائين. "آيس ڪمدار ڪوڙل آيس." پوءِ قميص وغيره جي ڪيسن تي هٿ هڻي باهر وڏيو. هن جو منهن خوشيءَ ڪان ٻهڪڻ لڳو هئو. "واهہ واهہ وڏيرا واهہ، دوست اهڙو اڇا آيس پئي تہ پاڻ ماڻهو موڪلي ورتائين."

"اختر ڪي وٺيو اچجئين." جوٽس چيو. "ها، سيٺ سان بہ ڪو پئسي پنجڙ جو ڳالهائجئين هاڻ تہ رشيده بہ...." هن ان سوال جو جواب ڏيڻ مناسب

نہ ڇاتو. در وٽ پهچندي هن رڌڻي مان رشيده کي نڪرندي ڏٺو. هوءَ پسيل هٿ گندیءَ سان اکهي رهي هئي. جمعدار کي خبر ناهي ڇو اهي ايڏا هٿ ڏايا ٻسا پئي لڳا. هن جي دل ٿي ته انهن هٿن جي ترين تي جيڪڏهن مينديِ لڳل هجي ته ڏاڍو سٺو. وري هن ڪنڌ جهڪايو ۽ ٻاهر نڪتو. ڪوڙل سلام ڪري هٿ ملايس ۽ ٻئي ڇڻا بنا ڪجهه ڪيئي وڌيري جي اوطاق ڏانهن هليا.

اوطاق ڏانهن ويندي جمعدار الهداد خان خاموش هئو. هن کي ڇوٽ جو ماحول ڪجهه بدليل بدليل پئي نظر آيو. ائين ٿي لڳو جڙ هو پهرين ان ڇوٽ کي ڪنهن جبل تان بيهي ڏسندو رهيو هجي. اڄ پهريون پيرو هيٺ ڏرتيءَ تي اچي اهو ڇوٽ کيس ڏاڍو عجيب ٿي لڳو. ماڻهن هٿ مٿي تائين وڌائي، سيني تي آڻي کيس سلام ٿي ڪيو ۽ هن مرڪي جواب ٿي ڏنو پر کيس ائين ٿي لڳو جڙ ڪو به کيس سلام ڪونہ ڪري رهيو هئو نہ ڪو هو پاڻ ئي مرڪي رهيو هئو هن هڪ دفعو ته شڪ کان چپن تي هٿ لائي ڏنو ته مرڪ آهي به ڪي نڙ حقيقت ۾ زندگيءَ جو وڏو ۽ اهم حصو نوڪريءَ ۾ گذاريڻ کانپوءِ ظاهر آهي ته نئين ماحول سان ناهه ڪرڻ ايڏو سولو ڪونہ هئو. اول ته مليشا جي قميص ۽ خاڪي پتلون کانسواءِ هن کي ائين ٿي لڳو جڙ ته جسم تي ڪپڙو ئي پيل ڪونهيس، پر ڪري ڇا ٿي سگهيو؟ وري به اهو ڏڍ هئس ته سيٽ ۽ وڌيري جهڙا دوست آهن، باقي حياتي به ائين ڪٽجي ويندي.

هروچن جي پاڙي کان ٿي ميمڻن جي مسيت وٽان مڙي هو وڌيري جي اوطاق ۾ داخل ٿيو. وڌيرو پاڻ ته ڪونہ هئو البته هيٺ منجين ۽ گلم تي ڪي ماڻهو وينا هئا. جن اٿي ساٽس هٿ ملايو. خير عافيت پڇي ۽ پوءِ هن ڏنو ته غلطيءَ کان وڌيري جي پلنگ جي پر ۾ همیشہ جيان پير موڙو هئو ئي ڪونہ. هن کي سخت ڪاوڙ اچي وئي. 'وڌيرو ڏسندو ته ڪيڏو نہ ڏڪ ٿيندس، پر آءٌ به وهندس ڪونہ. پلي ته نوڪر پادر ڪائن.' هن ڪوڙل ڏانهن ڏنو جيڪو هڪ منجي سيري ان تي ويهي رهيو.

هو ڪافي دير پلنگ جي پر ۾ بيٺو رهيو. سندس دل ۾ عجيب عجيب خيال اچي رهيا هئا. وس هليس ها ته سڏ ڪري وڌيري کي گهرائي وٺي ها پر اهڙو ته ڪڏهن موقعو ئي ڪونہ آيو هئو. همیشہ وڌيرو مرڪي هن کي در تان وٺي ايندو هئو ۽ گهٽو ڪري ته اندرئين ڪمري ۾ وٺي ويندو هئس جتي وسڪي ۽ سوڊا جا دور به هلندا هئا. وڌيرو کلي مشڪريءَ وچان هن جي گلاس ۾ تمام ٿوري وسڪي ۽ گهڻي سوڊا وجهي چڌيندو هو ۽ پوءِ ٻئي پيا

کلندا هئا. سيٺ تہ اصل ڪونہ پيئندو هو. چو جو ڪيس اهو ڊپ هوندو هئو تہ ڪٽي ڪيس اها عادت نہ پئجي وڃي.

بيهي بيهي هن جي پيرن ۾ سور پئجي ويو. اوڏي مهل هن کي سيٺ آسودو ٻاهرين در مان ايندي نظر آيو. هن تي نظر پوندي ئي آسودو جنهن جون همیشہ واڇون نڙي پونديون هيون، جڙ تہ نا آسودو ٿي ويو. منهن تي گهنج اچي ويس. هن مرڪي چيس، "سيٺ آسودا خوش آهين؟" پوءِ سوچيائين تہ رشيد جي ڏاڄ لاءِ قرض گهرڻ لاءِ بهترين موقعو آهي، چو جو هينئر وڏيرو بہ ايندو ءِ ہن دوستن جي وچ ۾ هو انڪار ڪونہ ڪندو. ظاهر آهي تہ جمعدار سچي دوستي ءِ تعريف جا حق نيائيندو هٿن ٺلهوئي پينشن تي لٽو هو پر سيٺ جي جملي هن جي دل جي ڏڪڻ ئي وڌائي ڇڏي "الهداد خان، چگو جو آئين، هاڻ ليکو چوکو صاف ڪر. گهٽا ڏينهن ٿي ويا آهن." ائين چئي هو اندرئين ڪمري ۾ هليو ويو. جمعدار الهداد جو تہ رت ئي سڪي ويو. "مار سيٺ تہ سچاڻي ئي ڪونہ ٿو." هن کي ائين لڳو جڙ اتي ويٺل سيني ماڻهن سيٺ جو اهو جملو ٻڌو هجي. هن کي ائين بہ لڳو تہ جڙ اتي موجود ماڻهون هن کي ڪابہ اهميت ڪونہ ڏئي رهيا آهن. شايد هو سندس خلاف اکين ئي اکين ۾ ڪجهہ ڳالهائي بہ رهيا هئا. جمعدار الهداد کان رهيو ڪونہ ٿيو. اهڙي بي عزتي تہ ڪڏهن ڪماني ءَ بہ ڪانہ ڪئي هئس. اتي بہ ڏاڍي فضيلت ۾ گيٽ آئوٽ يا نڪل جائو ٻڌو هئائين ءِ هي ۽ اهي ماڻهو هئا، جيڪي هيستائين جهڪي جهڪي پيا سلام ڪندا هئا سي اڄ.... جمعدار وڏيڪ سوچي نہ سگهيو. ءِ چاهيائين تہ وڏي ڪمري ۾ داخل ٿئي تہ ڪمري جو دروازو کليو. وڏيري کي مرڪندو ڏسي هن جي جسم ۾ جڙ تہ ساهہ پئجي ويو. هن کي پنهنجي خيال جي پختائيءَ تي يقين اچي ويو تہ دوست هرحالت ۾ دوست رهندو سيٺ تہ هئوئي، واپاري پر وڏيري جي مٿس نظر پئي ءِ منهن تان مرڪ غائب ٿي ويس. هن نہ ڪيس دعا نہ سلام چيائين، "چوري کي سمجهائي ڇڏ. سچو ڏينهن ٿو هارين کي پنيلائي، ڳاڙهن پيلن ملڪن جون ڳالهيون ڪري اسان جون پاڙون ٿو پٽڻ چاهي. ڪافر، چوي ٿو تہ ہنيون هارين جون آهن. ميان! اهي ہنيون اسان کي مالڪ مولا ڏنيون آهن. ڪوپڙهين ڪونہ وٽي ڏنيون آهن. اڄ ٿوري ۾ ڇڏيو اتمانس. وري جي هتي ڏنومانس تہ ٻڌ رولي ڇڏيندوسانس." وڏيرو ويڪساهي چوندو رهيو ءِ جمعدار الهداد خان جي منهن جا ور بدلجندا ويا. هن جون نظرون وڏيري جي ہن نوڪرن تي وڃي پيئون جيڪي اڳڙ جي ڪنڊ وٽ، ٻاهرين در جي

پرسان اناج جون ڳوٹيون رکڻ واري ڪونڙيءَ مان اختر کي ٻنهي ٻانهن کان گهليندا پئي آيا. هن جي پيشانيءَ ۾ ڏاڪ لڳل هئا، جن مان رت ڳڙي منهن تائين پهچي جمي ويو هئو. سيءَ جي ڪري يا گهٽي رت وهڻ جي ڪري هن جو جوان جماڻ گلاب جهڙو چهرو سرهه جي پيلي پن جهڙو ٿي ويو هئو هو شرابين وانگر لڏندو لمندو پئي آيو. شام جي سرمائي ڏنڊ ۾ هن جو وجود ايڏو ته عجيب لڳي رهيو هئو جو سڄي حياتي رت جي راند ڏسندي، پراڻن لاشن کي قبرن مان ڪڍائي پوسٽ مارٽم ڪرائيندي ۽ خود ڏوهارين کان ڏوهه باسائڻ لاءِ هنن کي ڏنڊي جي ڏڪن سان رت ۾ ڳاڙهو ڪندي ۽ جمعدار کي ڪڏهن رت جو روپ ايڏو پوائتو ڪونه لڳو هئو.

جمعدار جي اکين ۾ رت وري آيو. هن جون اکيون جڙ ته ڪلي ويون هن وڏيري ڏانهن ڏٺو جيڪو هاڻ پلنگ تي ويهي سيٽ سان ڪن ۾ ڪجهه ڳالهائي رهيو هئو ۽ ائين ٿي لڳو جڙ هن ماحول سان سندس ڪو واسطو ئي ڪونه هئو. هن پوءِ ڪوڙل ڏانهن نهاريو جيڪو سندس نگاهن جون اماڙيون سهي نه سگهيو ۽ ڪنڌ جهڪائي منجيءَ جي واڻ مان ڪک پٽڻ لڳو.

پوءِ هن اتي ويٺل ماڻهن ڏانهن ڏٺو انهن ڪڙمين ڪاسبين ڏانهن جن تي اڳ هن جي ڪڏهن نظر ئي ڪانه پئي هئي. هاڻ هو انهن کي سڃاڻي رهيو هئو. گلو عارب، لالو عدلو چٽو نوح.....

جمعدار پهريون دفعو هنن ڏانهن ڏٺو هئو جن کي ڏسڻ لاءِ نگاهون جهڪائڻ جي ضرورت هئي، چو جو هو هميشه هيٺ وهندا هئا، هن پهريون دفعو هنن ڏانهن اهڙين نگاهن سان ڏٺو جو هو سڀ اتي بيهي رهيا. جن ته انهن نگاهن جو انتظار هون هنن اڳتي وڌي اختر کي سنياليو جنهن کي وڏيري جا نوڪر چڏي چڪا هئا.

•

هڪ شخص چار خط

Hotel New Singapore
Room No
Tel

محترم والد صاحب

دائم اقبال

بعد شوق ملاقات و قدم بوسي عرض ته آءٌ هت خيريت سان پهچي ويو آهيان ۽ اميد ته اوهين به خدا تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان ٺيڪ ٺاڪ هوندا. فلائيٽ ۾ مون کي ڪا به تڪليف ڪونہ ٿي. بس رڳو ڪولمبو ايئرپورٽ تي نماز قضا ٿيندي ٿيندي رهجي وئي. پر مون جهاز جي سيٽ تي ئي فرض ادا ڪري ڇڏيو. آءٌ جيئن ئي ڪراچي مان نڪتو هوس تيئن توهان جو ٻڌايل وظيفو پڙهڻ شروع ڪيو هئم. جنهن جي برڪت سان اصل ڪولوڏوئي ڪونہ آيو.

بابا سائين، توهان کان پري رهي پان کي ڏاڍو اڪيلو پير محسوس ڪريان. پر توهان جا ڏنل سبق ڪونہ وساريا اٿم. پنج ئي وقت نماز پڙهندو آهيان ۽ گهر کان ٻاهر نڪرڻ مهل قميص جي ڪالر واري ٻيڙي کي به بند ڪندو آهيان. ٽوپيءَ کان سواءِ ته اصل ٻاهر ڪونہ نڪران. ڪالهہ قميص جو مٿيون ٻيڙو ٽٽي پيو هوم پر تاکي ڇڏيم.

هتي مونکي ڏاڍو سٺو ماحول ملي ويو آهي. جنهن هنڌ هوٽل آهي اتي چو طرف رڳو مسجدون آهن. تنهنڪري ڏاڍو روح پرور نظارو آهي. پنج ئي وقت آزانن جا آواز ڪنن تي پيا ايندا آهن. هوٽل جا ٻيرا ۽ مالڪ به صوم وصلوات جا پابند آهن. آءٌ ته نامحرمن ڏانهن اک کٽي ڪونہ ڏسان. بس يا ته هوٽل جي ڪمري ۾ آهيان يا آفيس ۾ ويندو آهيان يا مسجد ۾. مون ايندي شرط هن مسجد ۾ 5 ڊالر چندو به ڏنو آهي.

ها بابا، مونکي مهرباني ڪري به سو ڊالر ڏياري موڪليو ته جيئن ڪنهن ثواب جهڙي ڪم ۾ منهنجو هٿ تنگ نہ ٿي پوي.

منهنجو عرض ياد رکجو. نماز جو وقت ٿئي وري ٻئي وقت تفصيل سان خط لکندس.

توهانجو فرمانبردار پٽ

Hotel New Singapore
Room No.....
Tel.....

جناب ڊائريڪٽر صاحب۔

اسلام عليڪم

سائين، مان خدا جي فضل سان آرام سان هتي پهچي ويس. روز باقائدگيءَ سان ٽريننگ لاءِ ويندو آهيان. مشغوليت تمام گهڻي آهي. اصل مٿي کنهڻ جي فرصت به ڪانه ٿي ملي. صبح جو اٺين کان شام جو ستين بجي تائين آفيس ۾ پوءِ اهڙو ٿڪ اچيو ٿئي جو چا کٽي چئجي! ته به سائين آءٌ ڪجهه فائيل ڪمري تي به کٽي ايندو آهيان.

"ائين، هتي آفيس جو انتظام ڏاڍو سٺو آهي. عمارتون به صاف ستريون، وڏيون ڪشاديون آهن. ماٺهو به ڏاڍا هوشيار ۽ ڪم سان ڪم رکڻ وارا آهن. پر رڳو هڪ ڳالهه جي ڪوٽ آهي، جي هتي اوهان جهڙو ڪو اعليٰ صلاحيتن جو مالڪ ائڊمنسٽريٽر هجي ته واهه واهه. هونئن به توهان جي هتي ڏاڍي هاڪ آهي. مونکي فخر آهي جو آءٌ اوهان جهڙي هڪ بيدار مغز ڊائريڪٽر جي انڊر ۾ ڪم ڪندو آهيان.

ها سائين، هتي مڙئي اسٽينڊرڊ ڪجهه وڌيڪ اوچو آهي. مهرباني ڪري مونکي سو ڊالر وڌيڪ منظور ڪري ڏيندا. ان ۾ توهان جو ئي نالو ٿيندو.

آءٌ هينئر هڪ سرڪاري ڊنر ۾ پيو وڃان. اتي اوهان جو ذڪر به ضرور ٿيندو. انشاء الله وري جلد اوهان کي خط لکندس.

قلم تازو۔ مون توهان جي لاءِ بينسن ائنڊ هيجز جو ڪارٽن ورتو آهي ۽ ها سائين، منهنجو عرض نه وسارينداِ.

اوهانجو فرمانبردار۔

Hotel New Singapore
Room No.....
Tel.....

ڊيئر رخشي۔

آءٌ خيريت سان سنگاپور پهچي ويو آهيان. ايئرپورٽ تي توکان موڪلائي جهاز ۾ سوار ٿيس ته به تنهنجي ياد مون سان گڏ هئي. سچ چوان ته

هڪ دفعو تہ اهو خيال آيم تہ واپس هليو اچان. توکان سواءِ ٻاهر رهڻ ڇا مقصد؟ پر وري سوچيم تہ خود دل ۾ ڪندينءَ تہ آءٌ ڇو ٽريننگ لاءِ نہ ويس ۽ ٻيو تہ تنهنجي لاءِ انڊين ساڙهيو بہ تہ آڻيون هيون.

جان، مون هتي اچي محسوس ڪيو آهي تہ زال ڪانسواءِ ۽ تہ جهڙي قربائتي زال ڪان سواءِ دنيا ۾ ٻيو ڇا آهي؟ سچ چوان تہ ڪراچي ڪان ڪولمبو ۽ ڪولمبو ڪان سنگاپور تائين، سڄو وقت تون ياد هئينءَ. هينئر بہ تنهنجو فوٽو اڳيان رکيو اٿم. بس انهيءَ سان ڳالهائي دل وندرائيندو آهيان. نڪو ٻاهر نڪران نڪو گهمان. البتہ بازارن جا چڪر ضرور هڻندو آهيان، چو جو تنهنجي لاءِ جو خريداري ڪرڻي اٿم.

تون ڪو بہ الڪو نہ ڪجئين۔ آءٌ تمام آرام سان آهيان. بس رڳو تنهنجي ياد چهنڀڙيون ٿي وجهيم. توکي ڏاڍو مس ٿو ڪريان، پر ڇا ڪجي هاڻ تہ ٽريننگ ڪري ئي ايندس. ٿي سگهي ٿو تہ ٽريننگ جو هفتو ڏيڍ وڌيڪ ٿي وڃي، آءٌ تہ ڪوشش ڪندس تہ جلدي هليو اچان پر ڏسجي.

رخشي، ڪالهہ مون مارڪيٽ ۾ هڪڙي چوڪريءَ کي ڏاڍي سهڻي پرنٽيڊ ساڙهي پيل ڏني. چوڪريءَ ڏانهن تہ مون ڏيان ڪونہ ڏنو باقي ساڙهيءَ جو پرنٽ ڏاڍو سٺو هوس. آءٌ تنهنجي لاءِ بہ اهڙي ساڙهي آڻيندس سچ تہ توکي ڏاڍي نهندي. ٻيون شيون بہ تنهنجي لاءِ ونندس.

منهنجو خيال آهي تہ هاڻ آءٌ سمهان تہ جيئن صبح جو سوير آفيس وڃان ان لاءِ تہ شايد تيز ڪم ڪرڻ ڪري ٽريننگ جو ڪجهہ عرصو گهٽارائي پگهان توکي وري خط لکندس. اوستائين خدا حافظ.

فقط تنهنجو۔

نوٽ۔ بابا کي بہ خط لکيو اٿم.
چئجائنس تہ جواب جلد ڏي.

Hotel New Singapore
Room No.....
Tel.....

ڊيئر سڪندر،

آءٌ خيريت سان سنگاپور پهچي ويو آهيان. مون تہ پهچندي ئي چاهيو ٿي تہ توکي خط لکان پر يار هتي تہ مزائي ٻيا آهن اصل وقت ئي ڪونہ ٿي مليو. اڄ شويا کان لکي اچي ڪمري ۾ ويٺو آهيان. سوچيم تہ توکي خط لکان پر يار ڇا لکان؟ لفظ ئي نہ تا ملن زندگي ڪا اهڙي سهڻي بہ ٿي سگهي

ٿي، اها خبر ڪونہ هئم. ڪراچي کان ڪولمبو ۽ ڪولمبو کان سنگاپور جو سفر چا هو جڏ تہ الادين واري جادوئي چراغ ۾ گهڙي ويو هوس. ڪي- ايم جو جهاز تہ بس رنگ ۽ خوشبو سان پريل هئو. چوطرف حسين چهرا، حورن جهڙيون ايئر هوسٽس، مرڪن سان مهمان نوازيون ڪري رهيون هيون. منهنجي پرواري سيٽ تي هڪ ڊچ چوڪري ڪيرول ايلن ويٺل هئي، جنهن ڏاڍي سادگيءَ سان پنهنجي ڊيگهہ ويڪر ۽ وزن جا انگ اکر پئي ٻڌايا! ايترو تہ ويجهو ٿي ڳالهايائين ٿي جو سندس چپن جو چهاءُ منهنجي ڪنن جي پاڙين کي ڳاڙهو ڪري ٿي ويو. هن جي ڳالهين ۾ وقت بہ پر ڪري آڏامي پئي ويو. پر يار چا ٻڌايان! ڪولمبو جي هوائي اڈي تي سيتا کي ڏسي ڪن ئي ڳاڙها ٿي ويا هئاسين. ٽيو چا جو هڪ ٿي استال تي چار خوبصورت چوڪريون بيٺيون هيون. هڪڙي مڙئي وڏيڪ ناهوڪي هئي، سو مونکي ڏسي انهن مان هڪ چوڪريءَ چيو:

"Look a Handsome boy is Coming"

اهو ٻڌي سهٽي چوڪريءَ مرڪي چيو.

"I am Also Beautiful

۽ پوءِ اچي ٽهڪن ۾ چٽي. اوڏي مهل هڪ پوڙهي هن کي سڏ ڪيو.

"Sita be Quick we Have no Time"

مون ڏٺو تہ هوءَ ڊيل جيان تلندي هن پوڙهي ڏانهن هلي وئي. پڪ پيءُ هوندس. ٻيون چوڪريون بہ هليون ويون.

يار ڪي- ايل - ايم وارا خالص ڊچ شراب ٿا ڏين سو اصل وات جو مزو ئي بدلجي ويو. اسين پلا ڪيروز وسڪي ۽ ڊراءِ جن جا هيراڪ.... مون سيتا مان اکيون مس ڪڍيون تہ وري جهاز ۾ چڙهڻ جو حڪم ٽيو. پر ڪيرول اتي ئي لهي وئي هئي.

بهرحال گهر جي عذاب مان نڪري آءٌ تہ جڏ جنت ۾ پهچي ويو آهيان. واقعي يار اها دنيا ڏاڍي خوبصورت ٿي ٽئي جتي زال نہ هجي، پوڙهن جون پابنديون نہ هجن. مون تہ سڄي عمر پاتال ۾ گذاريو آهي توکي تہ خبر آهي تہ جيڪو عذاب بابا مون سان ڪندو آهي. سڄي عمر لڪي سگريٽ پيئڻ ۾ گذري آهي. هتي مزا ئي ٻيا آهن. مس ڪلاڪ اڳ ٽريننگ لاءِ ويجي ٽو بس پوءِ تہ سمنڊ جو ڪمارو شويا جو گرم گرم جسم، بربن ۽ اسڪاچ وسڪيءَ جا چسڪا، رٽمئن جا سوٽا هوندا آهن. يار سمنڊ تہ اتي بہ آهي پر هتي جيڪو حال آهي چا ٻڌايان.

تون چوندين تہ شويا ڪير آهي؟ شويا، شويا آهي. انهي ڏينهن سرڪاري پارٽيءَ ۾ ملي هُئي. مون نالو پچيومانس تہ ڏاڍي انداز ۾ چيائين "آءٌ اجنبين کي پنهنجو نالو ڪونہ ٻڌائيندي آهيان."

مون ڪلي چيو مانس "جي آءٌ چوان تہ تنهنجو اکيون ڏاڍيون خوبصورت آهن." تہ ان تي ڪلي چيائين "منهنجو نالو شويا آهي."

مون چيو "سچ آهي." وري چيومانس، "چا مان شويا کي ڇهي سگهان ٿو؟". شرمائي هٽ وڌايائين پر مون ڪنڌ لوڏي چيو تہ "آءٌ شويا کي صرف اکين يا چپن سان ڇهندو آهيان." تنهن تي مرڪي چيائين، "نہ."

مون ٿورو رنج ٿي چيو "چو؟"

چيائين، "سمنڊ تي هل، اتي."

آءٌ تہ اصل پارٽي مان اٿي ڪڙو ٿيس. (پوءِ آفيس وارا مڙئي ڪاوڙيا.)

سمنڊ تي پهچي هوءَ اصل بدلجي وئي ۽ مون کي ياڪر وجهي ڪٽي ريتيءَ تي ڪيرايائين. مون ٻہ دل کولي سونهن جون سرڪيون پريون.

يار هاڻي توکي چا ٻڌايان! اصل هڪ منٽ نہ ٿي ڇڏي هاڻ پلا ٻڌاءِ تہ هڪ مستقل چوڪريءَ سان گڏ مارڪيٽ گهمڻ ۾ ڪهڙو مزو ايندو! ڇڙ ڪا جو. هجي، وري ساڳي پابندي. پر خير ڪالهہ هڪڙي پرنٽيڊ ساڙهي پاتي هوائين ڏاڍي ٺهيس ٿي.

بس يار چيني چوڪرين جون اڌ اگهاڙيون ٽنگون ڏسي توکي ياد ڪندو آهيان. تون هجين ها تہ ايڏا وڏيڪ مزو اچي ها.

وقت پر ڪيو پيو اڏامي. خدا ڪري تہ ڪو هفتو ٻہ ٽريننگ جو وقت وڌائين. شويا تہ چوي ٿي تہ اصل موڙ سان گڏ ايڏانهن ايندي۔ هاڻ چريءَ کي ڪهڙي منهن سان ٻڌايان تہ آءٌ شاديٰ شده آهيان ۽ ٻيو تہ هندواٽيءَ سان آءٌ شادي ڪيئن ڪندس۔ تنهن کان سواءِ آءٌ اهو ٻڌائي هن جي دل ٻہ نہ ٽوڙڻ چاهيان نہ آءٌ شادي شده آهيان.

بس يار پانيان ٿو تہ شويا اچي پئي. هاڻ خدا حافظ وري توکي خط لکندس.

۔ تنهنجو دوست

•

پڇڻ کم وريام جو!!

رات جا گهرا، پاڇا سڄي ڪائنات کي پنهنجي گهيري ۾ ونڊي ڇڪا هئا. چؤطرف سانت هئي. ڪنهن ڪنهن مهل ڪتن جي باهوڙ ٽي ٽي يا ڪٽان ڪٽان چوڪيدار جو هوشيار يا الاهي خير، جو آواز ٽي آيو. نه ته هن رات ۾ ته انهن قافلن جي اٽن جي ڳڇين ۾ ٻڌل گهنڊٽين جو آواز به ڪونه ٽي ٻڌڻ ۾ آيو جيڪي پر واري رستي تان لنگهندا رهندا هئا. هوا بلڪل بند هئي. جنهنڪري ڪو وڻ جو پن به ڪونه ٽي ڪڙڪيو سڄو ڳوٺ ڇڻ اوندهه جي چادر اوڙهيو ماڻ جي ماحول سان رهاڻيون ڪري رهيو هو. بس اونداهي هئي ۽ خاموشي.

هن خاموشي ۽ اونداهي رات ۾ ڳوٺ جي اترئين پاسي واري ڇيڙي ۾ هڪ اڏ جهريل جهوپڙيءَ مان به پاڇا، مٽي تي هڙون ڪنيو خاموشيءَ سان نڪتا ۽ اهڙي طرح اونداهين گهٽين کان ٽيندا هو ٻنين جي وچان ويندڙ انڌن پيچرن تي ائين هلڻ لڳا، جڻ ته هوا ڪيون بند ڪري انهن ڏڳن تي هلڻ جا عادي هوا. هنن جا تيز تيز قدم پڪي رستي تائين پهچڻ لاءِ آتا هئا، جيڪو ڳوٺ جي ٻاهران ٽي لنگهيو. هنن جي قدمن هيٺان سڪل وڻن جا سڪل پن آيا ٽي ته هڪ عجيب ڪڙڪو ٽي ٽيو. ڪنهن ڪنهن مهل ته هو پنهنجي ڪڙڪي ڪان ئي ڇرڪي ٽي ويا. پر هنن جي رفتار ۾ ڪو به فرق ڪونه ٽي آيو. هنن کي ڏسي پهرين نه ڪتا به يونڪيا. پر شايد هنن کي سڃاڻي ورتائون ۽ هڪڙو ڪتو ته زبان ڪڍي پڇ لوڏيندو هنن جي پويان هلڻ لڳو. اوچتو حويلي جي چوڪيدار پنهنجي مخصوص انداز ۾ هوشيار رهو جي صدا هنئي ۽ هو پل ڪن لاءِ رڪجي ويا. پر وري سندن قدمن تيز هلڻ شروع ڪيو.

هنن جلد ڪان جلد پڪي رستي تي پهچڻ تي چاهيو. هي اهو رستو هو جيڪو انگريز سرڪار پنهنجي فوجن کي آسانيءَ سان سنڌ جي ڪنڊ

ڪڙڇ تائين، پهچائڻ لاءِ تيار ڪرايو هو ۽ سنڌ کي سڄي هندستان سان ملائيندو هو. هن ئي رستي تان انگريزن جون اهي ترڪون ۽ ٽينڪون آيون هيون جن هن ئي ڳوٺ جي ڪيترن باشندن تي انگريزن جو دشمن ۽ غدار هئڻ جي الزام ۾ گوليبازي ڪئي هئي. جيڪي به مڙس مارجي ويا هوا، تن جا لاش هن ئي رستي جي ڪناري تي ڦٽا ڪيا ويا هوا، جيئن ايندڙ ويندڙ ان مان عبرت حاصل ڪن. انهيءَ رستي تان ڳوٺاڻا شهرن ڏانهن آن ۽ گاهه ڪٽي ويندا هوا ۽ ڪپڙا لٽا، گهه ڳڻا ٺهرائي ايندا هوا. پر هاڻ هو هن رستي کي ڳوٺ مان پڇڙ لاءِ استعمال ڪري رهيا هئا. کين خبر هئي ته پڪي رستي تان ڪا نه ڪا بس يا لوڊنگ کين ملي ويندي، جيڪا کين هتان کان پري، تمام پري پهچائي ڇڏيندي جتي هو سک جو ساه کٽي سگهندا.

پڪي رستي تي چڙهندي ئي هنن جي رفتار گهٽجي وئي. هنن هڪ طرف هلڻ شروع ڪيو پر هر هر مڙي پويان ڏسندا رهيا ته متان ڪا سواري ايندي هجي. هنن ٻڌو هو ته اڳي جڏهن هي رستو اجان ڪونہ ٺهيو هو تڏهن ماڻهو پنڌ ئي پنڌ ولايتن تائين وڃي نڪرندا هئا. "ڪا نه ڪا سواري ملي ئي ويندي" الهڏني آمونءَ کي تسلي ڏيندي. چيو ۽ وک وڌائيندا رهيا.

هو تيز تيز هلندا رهيا. ڪچي رستي جي پنڌ تي ته پير هريل هئن پر پڪي جي پنڌ پير پٽون ڪري وڌن. گهران نڪرڻ مهل هنن اهو ڪين سوچيو هو ته ڪو رستو ايڏو اڻانگو ٿي سگهي ٿو. بلڪ هنن ڪجهه ڪونہ سوچيو هو. صرف اهو ٿي چاهيائون ته هن جهنم مان نڪري، وڃن. هن عذاب مان جان ڇڏائين، جت هنن جو داڻو پاڻي زهر ٿي ويو هو. ڪرا سڙيا ته جهڳي ناس ٿي، سزائون ڪاڌايون. هڪڙي شئي جنهن جي ڪارڻ ايڏا ڪلور ٿيا هئا، سا بچائڻ جي واسطي هو راتو واه پنهنجي ڳوٺ راڄ کي چڏي پڳا هئا.

اها صلاح سڄي راڄ جي هئي. چاچي گلوءَ چيو هو "جتي پڇڙ ناهي ڪم ات پڇڙ ڪم وريام جو."

عبدالغفور آخوند جيڪو شريعت جو ڄاڻو هئو تنهن حديث شريف ٻڌائيندي چيو "هرندڙ ٻاهه کان پاسو ڪجي." مديني واري رسول جي حديث ٻڌائيندي هن جو گلو پرجي آيو ۽ پاڻي اکين رستي اچي چاپئين ڏاڙهيءَ تي ڪريس.

"بابا ڏاڏي جي لٽ کي ٻه مٽا." پوڙهي ڪرڙ پنهنجي حياتي جي تجربن جو نچوڙ هڪ ست ۾ بيان ڪري ڇڏيو.

"جان آهي تہ جهان آهي." شهباز خان چيو.

"پلي بک پرمرجي شال نہ وجي شان." ماسي ڦاپل چيو.

"پر، آءٌ پنهنجو ڳوٺ ڇڏي ڪيڏانهن وڃان؟" الهڏني رڙ ڪئي، نہ نہ هن تمام آهستي ڳالهايو هو. ايترو آهستي جو بين جي ڪنن تائين جڙ تہ هن جي پيڙا جو پڙلاءُ پهچي ڪونہ سگهيو. "آخر آءٌ ڪيڏانهن وڃان ؟" هن وري چيو "آخر آءٌ ڪيڏانهن وڃان؟" پوءِ چوندو رهيو. "ڪيڏانهن وڃان، ڪيڏانهن وڃان....." ۽ سڄي ماحول تي ڏک جا ڪڪر چانئجي ويا. هر اک ڳوڙهن سان پرجي وئي وئي.

"تون شهر وڃ....سانگهڙ.... نہ..... حيدرآباد....نہ..... ڪراچي وڃ.... ڪراچي وڏو ملڪ آهي.... الاهي ماڻهو آهن، ڪنهن کي توهانجو پتو ئي ڪونہ پوندو. مون ڪراچي ڏٺي آهي...وڏو ملڪ آهي." شهباز خان هن ٻاڻ اونداهہ ۾ پنهنجي وت اهر روشنيءَ جا ڪرڻا پئدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"ڇا اتي وڏيرو خان محمد نہ ٿو پهچي سگهي؟" الهڏي سوال ڪيو "وڏيرو تہ ڇا وڏيرو جو پيءُ بہ نہ ٿو پهچي سگهي." شهباز خان ڪاوڙ مان چيو. "اها وڏيرپائي بہ هتي ٿو ڪري. شهر ۾ اهڙا اهڙا ڊينگ پيا در بدر ٿين، جن جي جتيءَ برابر بہ هي ڪونهي. اڙي هتي وڏا انتظام آهن، انتظام. تون بس هيئن ڪر، آمونءَ کي وٺي راتو واهہ پکي تي وڃي پئہ. اتان ڪا نہ ڪا لاري يا لوڊنگ ملي پوندي ۽ بہ تي ڏوڪڙ ڏينديں تہ وڃي شهر ڪيندءِ ڏوڪڙ اٺئي؟" هن پڇيو.

"ها، ڏوڪڙ تہ آهن سڄا سارا بہ سؤ روپيہ اٿم." الهڏني چيو.

"آمونءَ کي زيور ڏڙو آهي نہ؟" شهباز خان پڇيو. اها ڳالهہ الهڏني کي نہ وٽي. "زيور زال جي لڄ آهن، جي لڄ لهراٽي هجي ها تہ ايتري عذاب ۾ چو پوان ها!" هن ٿورو ڪڙي لهجي ۾ چيو.

شهباز خان ماڻ تي ويو. ٻيا بہ ماڻ تي ويا. ماحول تي سانت چانئجي ويئي. الهڏني سمورن ماڻن ڏانهن نهاريو. انهن ڏانهن بہ جيڪي ڪائنس سڏ پنڌ تي ڪچين قبرن جي ڪچن ۾ اگهور ننڊ ۾ پيا هئا. انهن ۾ هن جو پيءُ بہ هو ماءُ بہ هئي، پاءُ بہ هئا، پيٽ بہ هئي. بس هو انهن کان جدا زاني جي طوفان ۾ اچي ڦاٿو هو جنهن ۾ صرف آمون سندس ساٿي هئي ساٿي بہ هئي تہ سموري عذاب جو ڪارڻ بہ.

آمون بيحد سهٽي هئي. سڄي ڳوٺ ۾ بلڪ اوڙي پاڙي ۾ هن جو ڪو مٽ ڪونہ هو. هن جا نيٽ گلاب ۽ ماکيءَ رتا چپ، ڏسڻ وارن جي دل ۾ هورا

کورا مچائي ڇڏيندا هئا. هن هوش ۾ ايندي ئي الهڏني کي ڏٺو هو. سوٽ هوس، مگيندو هوس ۽ جڏهن انهن ڀالهين تي غور ڪرڻ جي قابل ٿي تڏهن شادي ٻه ٿي وين.

آمون چا سامائي، بر ۾ باهه لڳي ويئي. ڀالهه وڌندي ويجي وڏيري خان محمد جي حويلي ۾ پهتي. وڏي ڪوٽ جي پيٽ ۾ پوريل حويلي، جنهن جي گهٽيل ماحول ۾ آمون جي سونهن جي واکاڻ اهڙي ته نموني ٿي جو وڏيري جو وات پاڻي ٿي ويو ۽ حويلي جي ڪنڊ ڪڙڇ تي آمون جي سونهن جو واس ڇانئجي ويو. وڏيري جون ننڊون گم ٿي ويون. اصل حيران پريشان ٿي ويو. ڪم ڪار تان دل کڄي ويس. ٻيو ته ڏهيو پر ننڍي وڏيريءَ جو منهن ٻه ٽي وٽيس. حالانڪ انهيءَ سان شادي ڪئي پنج مهينا ٻه ڪونه ٿيا هوس. اهڙو منجهي پيو هو جو ڪيترا غلط فيصلا ٻه ڪري ويٺو هو. نيٺ هڪ فيصلو ڪري الهڏني، کي پاڻ وٽ گهرايائين.

"بابا الهڏنا، گهٽا ڏينهن ٿي ويا آهن، منهن ئي ڪونه ڏيکاريو اٿئي!" هن چيو. الهڏني گلر تي ويهڻ جي ڪئي ته روڪيندي چيائينس، "نه نه، منجي تي ٿي ويهه." الهڏني کي ڪنن تي اعتبار ڪونه پيو اچي. منجي ته ڪمدار جو حق هئي ۽ هو غريب هاريا هڪڙي جوڙي وارو هاري، وڏيري جي ٻني تي هر ڪاهيندي ڪاهيندي هن جي خاندان جون ڪئين پيڙهيون ويجي قبر پيڙيون ٿيون هيون. پر ڪنهن کي ٻه وڏيري جي حضور اڪ ڪڍڻ جي جرئت ڪانه ٿي هئي نه ڪو ڪنهن کي انهيءَ جنڀيءَ جي منجيءَ تي ويهڻ جو فخر حاصل ٿيو هو جيڪا ڪڏهن ضرور خوبصورت هوندي، پر هاڻ پنهنجا رنگ وڃائي ايتري ئي بي رونق ۽ بي ڍنگي ٿي چڪي هئي، جيتريون وڏيرڪيون ريتون ۽ رسمون.

الهڏني جي اها خوشي ڪمدار کي ڪونه وڻي. هن کي اها ته پروڙهئي ته وڏيري جون نوازشون ڪنهن خاص مقصد سان آهن، تڏهن ٻه هن کي اهو قبول ڪونه هو ته سندس جيئري ڪنهن خسيس هاريءَ کي ان منجي تي وهاريو وڃي، جنهن تي وهندي ئي هاري ناري عام گندين مورين ۽ پاٽيءَ جي بيئل ڏهن ۾ سرندڙ ڪيئن جيترا ننڍا، بي ضرور ۽ نفرت جي قابل نظر ايندا هئا.

انهيءَ ڪري هن خود الهڏني جي ڪن ۾ پڪ وڌي ته وڏيري جون اکيون جوٽهين ۾ آڻئي: الهڏنو پڙڪي اٽيو چئي، هُن ان جي شڪل نه ڏسان. سوئر جو پٽ سمجهي چاٽو پاڻ کي.

ڪمدار اهي جملا ڏاڍي صافگوئي ۾ بي رباڻي سان وڏيري کي اڇي ٻڌايا. جنهن جي ڪنن ۾ جڙ پگهريل شيهو اوتجي ويو. "اهو ماڻ جو..... سان... ڳيا ڪرائي چڏيندوسانس." هن جي وات مان اڪر ڪونہ ٿي اُڪليو.

اهو ڏينهن ۾ هي ڏينهن، وڏيري ڪار ڪري چڏي ڪري ۾ ان ساڙائي سڄو الزام الهڏني تي مڙهيائين. رات وچ ۾ جهڳي پٽ ڪرائي چڏيائينس ڏاند جي چوريءَ ۾ ٻڌايائينس جو ٿي مهينا بي دريافتو پي جيل ۾ سڙيو. نيٺ ڳوٺ جا سمورا ماڻهو وڏيري کي منٽ ميڙ ڪري واپس ونڻي آيس. سو ٻه انهيءَ شرط تي تہ پادر وات ۾ وجهي معافي ونندو ۾ پاڻ جوءِ سوڏو وڏيري جي حويلي ۾ نوڪري ڪندو.

الهڏنو گهر پهتو پر اهي شرط ٻڌي باهہ ٿي ويو. اصل وڻ گهوڙو نہ ٻڌڻ ڏي چئي: انهيءَ پيٽسان جو پاپ ڦاڙيندس. ڪهاڙي کڻي نڪتو ٿي تہ آمون اڇي پيرن تي ڦهڪو ڪيس. هو منجهي پيو. جنهن کي پاڪر ۾ وهاري آسيس. ڪندو هو تنهن کي هيئن چنل گل وانگر پٽ تي ڪريل ڏسي نہ سگهيو. لامارو ڏيئي کٽي هيانءَ سان لانائينس.

"وڏيري جي کٽي مج." آمونءَ ڳوڙهن کي اگهندي چيو.

"خبردار جو ٻيو اکر ڪڇي آهين." الهڏني جو هٿ وري وڇي کهاڙي ۾ پيو. جيڪا پٽ تي ڪري پئي هئس. "حياتي هڪڙي آهي. عزت کان مٿي ڪجهہ ناهي."

هن ڏٺو تہ آمونءَ جو رنگ زرد ٿي ويو هو. اکيون ڏرا ڏئي ويون هئس. ڏيل ڪنبي رهيو هئس.

"ٻلا هتان نڪري هل." هن وري چيو.

"اڙي مٽ مائٽ چا چوندا؟ پنهنجو ڳوٺ ڪنهن چڏيو آهي؟" الهڏني کي ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ ٿي آئي.

"ڪير ڪجهہ ڪونہ چوندو ۾ هت پنهنجو آهي ٻہ چا؟

ٻہ ساهہ آهيون ڪٽي نہ ڪٽي مزوري ڪري ٻہ هلي ٻہ ويلا پيٽ ڪائينداسين." مون ويچاري انداز سان چيو.

هو چپ ڪري باهر نڪري آيو هو. رات جو سندس سمورا مائٽ ۾ همدرد اڇي پهتا هئا. جتي آخر اهو فيصلو ٿيو تہ هن کي اباڻا وٽاڻ چڏڻا پوندا. هن ٻہ ڪنڌ جهڪائي انهن ڳوڙهن کي وهڻ ڏنو جيڪي ڪافي دير کان سندس اکين جي جوت کي ڏنڏلو ڪيو تڙپيا پئي.

هو اڳيان وڌي رهيا هوا، خاموش، تيز تيز قدمن سان. هو هر وک سان هڪ اڻ ڏٺل منزل ڏانهن پنهنجو فاصلو گهٽائي رهيا هوا. هنن کي خبر هئي ته صبح ساڻ وڏيري کي خبر پئجي ويندي ۽ هو پاڻ جيپ ۾ چڙهي منٽن ۾ اچي کين هٿ ڪندو. اهو سوچي هنن جا قدم به تيز ٿيو ٿي ويا.

ڪافي پنڌ ڪرڻ ڪانپوءِ هنن کي پٽيان رستي تان ٻه ٻرندڙ بتيون پاڻ ڏانهن ايندیون نظر آيون. هو انهيءَ آس ۾ بيهي رهيا ته ڪا بس يا لوڊنگ هوندي. بتيون ويجهيون ايندیون ايندیون بيهي رهيون. اها هڪ ٽرڪ هئي. ڪلينر هنن کان ڏهه ڏهه روپيا وٺي کين ڪراچيءَ پهچائڻ جو واعدو ڪيو ۽ چيائين ته شهر ۾ گهڙندي ئي لهڻو پوندن. هنن لوڊنگ جي چٽ تي ويهي سڪ جو ساهه ڪنيو.

"پاڻ صبح جو ته پهچي ويندا سين؟" آمون هن کان پڇيو.

"ها ها، فڪر چو ٿي ڪرين؟ هاڻ پاڻ شهر پيا وڃون، ٻڌئي ڪونه شهباز خان چا چيو هو؟" هن جي اکين اڳيان ايجا به ڳوٺ جون گهٽيون، هٽ، ٻنيون ٻارا، نار ۽ واٽر ڪورس ڦري رهيا هئا. 'خبر ناهي ڪرڙ ڏاندن جو خيال رکندو يا نه؟' هن سوچيو. وري وڏيري جو ٿي خيال آيس ته دل ۾ ڦٽڪو ٿي پيس. "لغ لعنت هجيس." هن آهستي چيو.

"هون!" آمون ننڊ کان جهوٽا کائيندي پڇيس.

"ماڻ ڪري سمهي رهه." هن چيو وري سوچ ۾ گم ٿي ويو. آمونءَ کي به ننڊ اچي وئي.

هنن جي اک تڏهن ڪلي جڏهن سج گهڻو مٿي چڙهي آيو هو. سامهون شهر جون وڏيون وڏيون عمارتون نظر پي آيون. الهڏني اکيون مهٽي جو پوبان نهاريو ته ساهه ئي سڪي ويس. وڏيري جي جيپ اصل لوڊنگ سان گڏو گڏ هلي رهي هئي. وڏيرو ڪمدار ۽ وڏيري جا به ماڻهو بندوقن سان جيپ ۾ وينا هئا. هنن کين ڏسي ورتو هو ۽ هنن جي چهرن تي جوش ۽ غضب جا الا پڙڪي رهيا هئا.

لوڊنگ کي هڪ جهٽڪو آيو. ڊرائيور تيز بريڪ هنيو هو. آمون جيڪا هيسيل هرٽيءَ وانگر الهڏني ۾ لڪي ويٺي هئي سا ته ڪرندي ڪرندي بچي هئي. هنن سامهون ڏنو ته کين لوڊنگ جي آڏو مزدورن جو هڪ وڏو جلوس زوردار آوازن ۾ نعرا هٽندو لنگهندو نظر آيو. هو سرمائيدارن خلاف جوشيل نعرا هٽي رهيا هئا.

الهڏني وڏيري جي جيپ تي نگاهه وڌي ته وڏيرو به ڪجهه هيسيل نظر آيس. هن جي چهري تي هڪ عجيب خوشي جا اهجاڻ اچي ويا جڙ ته

نجات جي راهہ نظر اچي ويس. آمون کي ٻانهن کان جهلي کڻي هيٺ ٽپو ڏنائين. هڙون کڙڪ ٻہ وسري وين. ڏک ٻہ لڳن پر کين ڪجهہ ٻہ ياد ڪونہ هو. سڏو وڃي هجوم ۾ پهتا.

"وڏيرو مرده باد." الهڏني جي واتِ مان بي اختيار نڪتو.

"وڏيرو مرده باد." آمونءَ جي رڙ ٻہ هن جي آواز سان شامل ٿي وئي.

"وڏيرا شاهي مرده باد." سڄي هجوم جو آواز هنن سان هم آواز ٿي ويو هاڻ هجوم جو رخ مڙي وڏيري ڏانهن ٿي ويو جيڪو بدحواس ٿيو جيپ ۾ ويٺو هو سندس ٽنگ ٽنگ تي رکيل هئي ۽ هڪ پير مان سليپر لٽل هوس جنهن جي آڱرين جي وچ مان هو مر ڪيي رهيو هو. هجوم کي جيپ ڏانهن مڙندو ڏسي اول تہ هن ڊرائيور کي گاڏي موڙڻ لاءِ چيو پر ايڏو تہ بدحواس ٿي چڪو هو جو جيپ مان وٺي ٽپو ڏنائين ٻئي پير ۾ سليپر وجهڻ ٻہ وسري ويس ۽ وٺي پوئتي ڊوڙ وڏائين.

●

پاڙيتو

ڪو وقت هو جو سڄي تر تي رئيس ڦوٽي خان جي انصاف، رحمدلي ۽ شاهہ خرچيءَ جو ڏاڪو ويٺل هئو. هن جي اوڙي پاڙي ڪا ناانصافي ٿي وڃي، اهو ته ڪو سوچي ئي ڪونہ ٿي سگهيو. ڪنهن شخص جي مجال هئي جو رئيس ڦوٽي خان جي آڏو ڪوڙ ڳالهائي سگهي يا سندس ڳوٺ جي پسگردائيءَ ۾ ڪنهن کي تنگ ڪري سگهي. پلي ته جواڻ جماڻ نينگريون کوهہ تي وڃي پاڻي پرين، پنهنجي ورن، پائرن ۽ پينرن سان گڏ ٻنين جي نت رنگ بدلائيندڙن نظارن سان راندين ڪن يا چانڊوڪي راتين ۾ چور پوليس، ۽ ڦر ڦر سونٽو راند ڪن. پر ڪير اهڙو هو جو هنن کي ميري نظر سان ٻ ڏسي سگهي؟ تڏهن ته پکيون پوڙهيون بي فڪر ٿيو گهر ۾ جنڊ پيون پيهنديون، ولوڙيندیون ۽ تيز نظر جوان ڏيئرن کان ڇُون ڪيرائيندیون هيون صرف هڪ پيري ڪانسواءِ جڏهن جمال جهڙي جنگ جواڻ کي بندوق جي گولي جو ٻک بنائي رحيمداد پاڻ وڃي پوليس ۾ پيش پيو هو. هن ٻيو هڪ اکر ٻ نہ اَڪليو هو سين کي ڏندين آڳريون اچي ويون هيون ته هن اهو ڇو ڪيو؟ جمال سان ته سندن دشمني ڪانہ هئي، ڪو ويڙ پار ڪونہ هئس، پوءِ ايڏو وڏو قدم ڇو کنيائين؟ پک ڪنهن نينگريءَ جو معاملو هوندو اهو سوچي هڪ وار ته سيني مائٽن پنهنجن جوان ڏيئرن ڏانهن شڪ جي نگاهہ سان ڏنو هو رئيس ڦوٽي خان تي ته ايڏو اٿر ٿيو هو جو هن حيدرآباد شهر ۾ هڪڙي ماڙي مُلهہ ونڻي، پنهنجي زال، ننڍڙي ڏيءَ ۽ جواڻ پيٽ کي وڃي اتي رهايو هئو جتان پوءِ لڏي ڪراچي هليو ويو هو. ڳوٺ ۾ مائي ڪاتل کي حويلي جون چاٻيون ڏئي چڏيون هئائيس، جيڪا پئي چند ڦوڪ ڪندي هئي ۽ جڏهن رئيس مهيني ۾ ٻ چار چڪر ڪرڻ ايندو هو ته خدمت چاڪري پئي ڪندي هئس پر هڪ ڳالهہ ضرور هئي ته رئيس جي لڏي وڃڻ ڪانپوءِ ٻ ڳوٺ

ڀ وري اهڙو ڪو بہ واقعو ڪونہ ٿيو هو ۽ هن واقعي کي پريا چوڏهن سال گذري چڪا هئا.

رئيس ڦوٽو خان جيپ پاڻ هلائي رهيو هن جون نگاهون رستي تي ڪتل هيون پر ڌيان ڪنهن ٻئي طرف هئس هر هر ڏند پڪوڙجي ٽي ويس اکين جي ڳاڙهاڻ ٻڌائي رهي هئي تہ راتين جون ننڊون رسي ويون اٽس هٿن تي هلڪي ڪنبٽي ٻڌائي رهي هئي تہ اندر ڀ ڪو مانڌاڻ متل هئس نہ تہ ڳوٽ ڏانهن ويندي هن جي حالت اهڙي ڪونہ هوندي هئي.

هالا نوان هو پويان چڏي آيو هو. هاڻ سعيد آباد اچڻ وارو هئو ۽ پوءِ سڪرنڊ. جتان چند ڪوهن جي فاصلي تي سندس ڳوٽ هئو. جنهن سان هو هميشہ واسطو رکيو ٿي آيو. نہ تہ گذريل چوڏهن سالن ڀ چا چا تبديليون ڪونہ آيون هيون. هن پاڻ بہ ابن ڏاڏن جي جوڙيل ملڪيت جو وڏو حصو وڪڻي ڪراچيءَ ڀ هڪ مل هنئي هئي جيئن تہ پاڻ بہ هاڻ ڪراچيءَ ڀ رهندو هو تنهنڪري سلوار ۽ قميص جي بدران فل سوٽ پائيندو هو. ڏيءَ کي فائن آرٽس جي اڪيڊمي ڀ داخل ڪرايو هئائين. ڪلبن ۽ هوٽلن ڀ ويڙهڻ شروع ڪيو هئائين. وڏن وڏن ماڻهن سان دوستي ياري هئس. وڏا صاحب، پوليس جا ڪماني ۽ ڪليڪٽر يار هئس. ٻہ چار اڪر انگريزيءَ جا بہ سکي ويو هو. گڊمارننگ، گڊنائيٽ ۽ ٿينڪ يو ائين چوندو هو جو خبر ڪانہ پوندي هئي تہ ڪو صفا اڻ پڙهيل آهي. تنهن ڪانسواءِ هو عام سرمائيدارن وانگر پئسن کي بہ ڪونہ چنبڙيو پيو هوندو هو هُو اصل جو فراخ دل ۽ شاهہ خرچ هو. سيني کي حيرت هوندي هئي تہ هي ڪهڙو شخص آهي؟ هڪ مل اٽس تہ بہ ڏيڪ ائين ٿو ڏي جڻ ڪو ڪروڙپتي آهي پر هن کي هميشہ ڳوٽ جو الڪو هوندو هو. جتي سندس راڄ هئو ۽ ايجان ايتري بني هئس جو وڃڻ ضروري هئس ۽ ڪاتل بہ هئي، جيڪا هن جو سڀ ڪجهہ سنياليو ويٺي هوندي هئي.

هُن جيپ ڪچي ڀ لاتي. هو هڪ هٿ سان استيئرنگ سنياليو ويٺو هو ۽ هڪ هٿ سان وارن کي ٺيڪ ڪري رهيو هو. ڪيس سمجهہ ڀ نہ پئي آيو تہ چا ڪري؟ اهڙي حال ڀ هوش کي سنيالي رکڻ بہ وڏو مسئلو هو. ڪيس چوڏهن ورهيہ اڳ وارو اهو واقعو چٽي طرح ياد هئو جڏهن هن جمال کي پنهنجي هٿن سان پورو ڪيو هو. پنهنجي حويليءَ جي ڏيڏيءَ وٽ اڌ رات جو جمال کي ڪنهن سان پيار وندبيندڙ ڏسي ڪيس هوش ئي نہ رهيو هو. اصل بنا ڪنهن مهلت جي گولي وهائي ڪيڏيائين.

هن کي اهو به ياد هو ته ڪيئن سڄي حويلي سجاڳ ٿي وئي هئي ۽ اهو پاڇو لو جمال کي ڪرندو ڏسي ڊوڙي حويليءَ ۾ هليو ويو هو ۽ رحيمداد سهڪندو سهڪندو اچي پهتو هو. هن رحيمداد ڏانهن ڏٺو هو ۽ بندوق هٿ ۾ ڏ ئي چڏي هٽائينس. رحيمداد هڪ ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪيو هئي باقي جڏهن سزا آئي هئس تڏهن رڳو ايترو چيو هٽائين ته سندس زال ۽ ننڍڙي پٽ کي هتان ڪيو وڃي شهر ۾ ڪٽي رهائي جتي هنن کي ڪو خونيءَ جو پٽ نه چوي. رئيس ڦوتي خان پنهنجو واعدو پاريو ۽ هنن کي حيدرآباد ۾ ئي هڪ ننڍڙي جڳهه وٽي ڏنائين ۽ پريا چوڏهن سال اچي ٽيا ته به اجا مهيني سر خرچ ڏياريو ٿي موڪليائين.

هن کي اهو واقعو ياد هئو. پر ان واقعي ۽ هن واقعي ۾ وڏو فرق هو. ان واقعي ۾ ٻيو پاڇولو ڪير هو؟ سو ڪيس اڄ ڏينهن تائين معلوم ڪونه هو. ان وقت حويليءَ ۾ سندس زال هئي ۽ ٻيٽ به هن ان ڳالهه تي سوچڻ ئي ڪونه ٿي چاهيو جيتوڻيڪ ظاهر به ٿي رحيمداد قبولي ڏوهاري هو. پر هن ڳوٺ مان لڏڻ ئي مناسب سمجهيو هو پر هن پيري ته هن پنهنجي اکين سان ڏٺو هو فريدهه ۽ هو هن جو رت ئي ٿهڪيو پنواٽيون ٿي آيس. هٽ پير ٽڏا ٿي ويس. چنچر جي ئي ڳالهه هئي هو ڪلفٽن تان آيو پئي ته فريئر هال گارڊن وٽ ٽرئفڪ ڪنهن سبب رڪي پئي هئي. هن گاڏي روڪي ۽ ائين ئي هيڏانهن هوڏانهن ڏنائين پئي ته ڪيس فريدهه نظر آئي. هو باغ جي ڏاڪڻن وٽ بيٺي هئي. پر نه هوءَ اڪيلي ڪانه هئي. هن سان گڏ ساڳيو چوڪرو به هو. جنهن کي گذريل هفتي به ڏٺو هوائين ۽ اکين جو دوکو سمجهيو هٽائين ڦوتي خان جي اکين ۾ رت تري آيو هيءَ هتي ڪيئن پهتي؟ هو پاڻ فريدهه کي اڪيڊمي ۾ چڏي آيو هو. دل ۾ آيس ته پر ۾ سيٽ تي رڪيل روالور کڻي ٻنهي کي پورو ڪري چڏيو پر ائين نه ڪري سگهيو. هن جي نگاهن ۾ ڳوٺ وارو واقعو تري آيو. هن خبر ناهي ڪيئن پنهنجو پاڻ تي قبضو رکيو ۽ چپ ڪري هليو ويو پر سڄي رات ننڊ ڪونه آيس ڪنهن پر به ارام ڪونه ٿي مليس سندس بي آرامي ڏسي گهر وارا به پريشان ٿي ويا. هو به سڄي رات جاڳندا رهيا.

اجا پرهه ڦٽي مس ٿي ته هن جيپ استارٽ ڪئي ۽ ڳوٺ روانو ٿيو. چو؟ اتي چا هو؟ ڪيس ڪا به ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه ٿي آئي. شايد هن پنهنجي وطن جي مٽي جو خوشبو ۾ پناهه ٿي وٺڻ چاهي سڄي وات سندس جوش ۽ خيال لوندٽين مان ڦاٽڻ پئي لڳا. هو پاڇو ڪنهن جو هو؟ مريم جويا

جميلا جو هو اهو بہ سوچي رهيو ۽ وري فريدھ ٿي ياد آيس تہ اندر ۾ وڌ ٿي پيس. هن کيس ان لاءِ ڪوبہ پڙهايو هو تہ هوءَ غير چوڪرن سان ملندي رهي سندس غيرت سان راند ڪري. سندس پرم ٽوڙي. کيس اهو بہ ياد آيو تہ هن ٻئي دفعا چنچر جي ڏينهن شام جو هنن کي ڏٺو هو. پهريون دفعو تہ اکين جو دوکو سمجهائين پر ٻيو دفعو هن جي غيرت جوالا ٻڌجي هن جي رت کي ٿهڪائي رهي هئي. سندس ڏي سندس عزت سان کيڏي رهي هئي. هن تہ ڪڏهن کيس پرٽائڻ جو بہ ڪوبہ سوچيو هو. جميلا کي بہ تہ ڪنوارو وهاري چڏيو هئائين. آخر سندس هم پلئہ ڪير هو؟ اهو مرد مير هو جيڪو سندس ڏيءَ سان پرٽجي ۽ کيس پنهنجي ڏيءَ تي پروسو بہ تہ ڏاڍو هو ڪيڏي نہ سمجهو ۽ قربانتي هئي نماز روزي جي پابند سندس خدمت بہ ڪندي هئي. هر وقت خوش رکندي هئس تڏهن تہ هُن کيس پڙهايو بہ هو. فائن آرٽس ۾ داخلا بہ ونڻي ڏني هئائينس پر هن سندس عزت ڪانہ رکي سندس پيار جو ناجائز فائدو ورتائين. هو چاهي ها تہ گولي هڻي اتي جو اتي پورو ڪري چڏين ها، پر نہ..... هو ائين نہ ڪري سگهيو ڪڏهن هن ائين ڪيو هو اها بي ڀالھ هئي.

ڳوٺ ۾ اچي هن جي من جي پيڙا اڃا بہ وڌي چڪي هئي. هن جو سڄو ڏيان پويان گهر ۾ لڳل هئو. 'خبر ناهي تہ چا ٿيو هوندو' هو سوچي رهيو هو۔ 'ان چوڪري جي مجال جو فريدھ سان گڏ گهمي' رئيس قوٽي خان جي اندر جو رئيس ڦٽڪي رهيو هو تڑپي رهيو هو.

ائين تڑپندي ڦٽڪندي پنج ڏينهن گذري ويا تہ اوچتو اهڙو واقعو ٿيو جنهن هن جي اکين ۾ چمڪ آڻي چڏين هن کي پهرين تہ اعتبار ئي ڪونہ پئي آيو تہ چا واقعي هو رحيمداد هو؟ پر جڏهن هن پنهنجي پيرن تي رحيمداد جا هٿ محسوس ڪيا تہ ڏاڍو سڪون مليس. رحيمداد چوڏنهن ورهيہ جيل ڪاٽي واپس اچي چڪو هو هو جهڙو جوان ويو هو اهڙو ئي موٽيو هو. جيل سواءِ هن جا وار اڃا ڪرڻ ۽ پيشاني تي چند گهنج وجهڻ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيو هو.

رئيس قوٽي خان رحيمداد کي جيپ ۾ وهاريو ۽ ڪراچي روانو ٿي ويو.

رحيمداد ڏاڍو خوش ٿيو هو نمڪ حلال هو. هن پنهنجي مالڪ، پنهنجي رئيس لاءِ ڪم ڪيو هو جڙ چوڏهن سال ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ۾ نوڪري ڪري آيو هو ڪيس خبر هئي تہ سندس زال ۽ پٽ حيدرآباد ۾ خوش آهن. هن جلد کان جلد کين ڏسڻ ٿي چاهيو. هن گذريل چوڏهن سالن ۾ کين

ڪونہ ڏنو هو هن پاڻ کين منع ڪئي هئي نہ ٿي چاهايائين تہ سندس ابهر پٽ تي ان جو ڪو خراب اثر پوي. هن کي خبر هئي تہ رئيس ڦوٽي خان هنن کي ڪا بہ تڪليف ٿيڻ ڪونہ ڏني هئي. ڏاڍو خيال رکيو هئائين.

هن وڏي عقيدت سان رئيس ڏانهن ڏنو جيڪو هاڻ يڪسوئي ۽ اطمينان سان جيپ هلائي رهيو هو. هن کيس چيو هو تہ پهرين سندس هڪ ڪم ڪري کيس وري هڪ دفعو پنهنجي نمڪ حلاليءَ جو ثبوت ڏيڻو هو ٿي سگهيو ٿي تہ وري هڪ وڏي عرصي لاءِ نوڪريءَ تي وڃڻو پوي اڳ تہ اکين ڏٺي شاهد نہ هڻڻ ڪري موت جي سزا کان بچي ويو هو. پر هاڻ..... هن تقدير تي سڀ ڪجهہ ڇڏي ڏنو. آخر هتي رهي بہ تہ هو زال ۽ پٽ لاءِ ڪمائيندو ۽ جيل ۾ رهي بہ اهو ڪم ٿئي پيو. متان رئيس ڦوٽي خان جهڙي انصاف پسند رئيس جي ڪم اچڻ اهو پاڻ وارو هئو جو کيس حياتيءَ ۾ پنهنجي رئيس لاءَ ٻيو دفعو ڪم اچڻ جو موقعو پئي مليو. کيس ان جو نتيجو معلوم هو. پر هڪ دفعو پنهنجي پاڻ ۾ ۽ پنهنجي نصير کي ڏسڻ جي سڪ هئس، آرزو هئس سا تہ هو ضرور پوري ڪندو هن سوچي ڇڏيو هو.

ڪراچي ۾ پهچڻ جي ٻئي ڏينهن فريدہ کي اڪيڊميءَ ۾ ڇڏي رئيس ڦوٽو خان گاڏي اتي ئي بيهاري ويهي رهيو سندس دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي وئي آندڻ مانڊ وڏي ويس اکين آڏو اڇا اڇا ٻرندا پئي آيس نڙيءَ ۾ ڪنڌا چيندا پئي محسوس ٿيس. کيس ائين ٿي لڳو جڙ سڀ منظر ابتا ٿيندا ويندا هجن هن اکيون ڦاڙي ڏنو کيس اهو ساڳيو چوڪرو پريان ايندي نظر آيو. پر ان کان اڳ جو هو اڪيڊمي جي در ۾ داخل ٿئي، ڦوٽي خان گاڏي وڃي هن جي پر ۾ روڪي ۽ حيران ٿيندڙ چوڪري کي سڏ ڪيائين. چوڪرو هيڪندو هن جي ويجهو آيو. هن گاڏي جو در کولينديي چيو:

"اندر اڇ. آءٌ فريدہ جو پيءُ آهيان." اهو ٻڌي چوڪري جي پيشاني ڳهر سان آلي ٿي وئي. هو سندس ويجهو آيو ۽ ڪار جي ڪليل در مان اندر ٿي ويٺو.

"مون کي توسان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي." رئيس چيو ۽ ڪار اسٽارٽ ڪيائين، هن جو لهجو ڪجهہ اهڙي قسم جو هو جو چوڪرو بي وسي وچان دريءَ مان ٻاهر نهارينديو چپ چاپ ويٺو رهيو.

رات جي پوئين پهر پئرا ٻائٽ پوائنٽ جي پهاڙين تان انساني جسم جي ٽڪرن سان پريل ڳوٺ ڦٽي ڪري. رحيمداد ڏڏو ساهہ پريو. لهرن جي گوڙ ۾ ڳوٺ جي پاڻيءَ ۾ ڪرڻ جو ڦهڪو بہ ڪونہ ٿيو هو.

هاڻ هن کي پنهنجي زال ۽ پٽ سان ملڻ جو فڪر هو ان کان اڳ جو پوليس کي کا پڌڪ پئجي وڃي، هن ٻه چار گهڙيون پنهنجي ننڍڙي ڪٽنب سان گهارڻ ٿي گهريون. اهڙي ماحول ۾ رهڻ ٿي چاهيائين، جنهن جو ساڻ سواد ئي هاڻ وسري ويو هئس هن پهاڙيءَ تان لهي رستي تي جيپ ۾ ويٺل رئيس ڦوٽي خان ڏانهن نهاريو جيڪو ڏاڍو مطمئن ۽ آسودو لڳي رهيو هو.

صبح ساڻ اٿي هن رئيس سان ملاقات ڪئي، جنهن سندس هٿ تي سئو سئو جي نوٽن جي ٿهي رکي ۽ چيائين، "ابا الله ڪندو خوش هوندين." هو ٻه رئيس کي دعائون ڏيندو ريل ۾ چڙهيو ۽ خيال پچائيندو پچائيندو حيدرآباد اچي پهتو.

گهر ڳولڻ ۾ کا تڪليف ڪونہ ٿيس. چگو پڪيرو گهر هو. در ڪليل هو هن کي اڳڻ ۾ چانور چونڊيندي هڪ پوڙهي عورت نظر آئي.

"پاڳ پريا" هن جي وات مان بي اختيار نڪتو پاڳ پري بت بڌجي وئي. هٿ جت هئس ات رکجي ويس. جوانيءَ کي پيري ڪرڻ ۾ جيڪي عذاب جون صديون گذاريون هٿائين، تنهن جي زهر جو ترياق سامهون بيٺوهو هن جو ڪانڌ، پاڳ، سهاڳ.

رحيمداد وڏي اچي پاڪر وڏس. هوءَ ڇڇي پئي پري پئي چوڌهن ورهين کان رکيل ڳوڙهن جو بند ٽٽي پيو اڇوڪي ڏينهن جا خواب سندس ڳوڙهن مان وهي سندس گهنجيل چهري تي پکڙجڻ لڳا.

"پاڳ پري" هن آهستي چيو.

پاڳ پري چپ چاپ هن جي ڇاتي ۾ منهن هنيو سڏ ڪندي رهي. اهو ڏينهن ٻه ايندو جو هوءَ وري رحيمداد کي ڏسندي، هن ڪڏهن سوچيو ٻه ڪونہ هو هن جي سانير ۾ تہ ڪنهن جو ڪانڌ اهڙي سفر تان ڪونہ موٽيو هو پر رحيمداد جمال کي خون چو ڪيو هوءَ اها ڳالهہ اڄ سوڌو سمجهہ ۾ ڪونہ آئي هئس هن تہ جڏهن ٻڌو هو تڏهن ڏنڊڻجي وئي هئي. اهو سوچي اکين اڳيان اوندهہ اچي وئي هئس تہ هاڻ جيل جيڏي زندگي ڪيئن گذاريندي: خاص ڪري اهڙي حالت ۾ جو خود رحيمداد ڪيس منع ڪئي هئي تہ ڪڏهن ٻه ملاقات لاءِ جيل تي نہ اچي. ڳوٺ چڏي شهر ۾ وڃي رهي تہ ڪٿي جمال جا مائٽ پلاند نہ ڪن هوءَ مئي ٻه ماڻ مئي ٻه ماڻ ڪري اچي شهر ۾ رهي رئيس پٽسا موڪليندو رهيو هوءَ پاڻ ٻه پاڙي اوڙي جو ڪم ڪار ڪندي رهي پر نصير کي پڙهائي وڏو ڪيائين هاڻ هن ۾ ئي اميدون آسرا هئس، جو اوچتو رحيمداد سڪ جي تصوير بڌجي اچي ويو.

هن کان پنهنجي خوشي جو اظهار ئي ڪونہ پئي ٿي سگهيو. ڇا ڪري؟ نچي، ڳائي، جهمر وجهي، ائين رحيمداد کي ڳراٽيون وجهيو ويٺي رهي. ورهين جي عذاب جي ڏنڊ ڏوئڻ لاءِ ڳوڙهن جي رم جهم ڪندي رهي! هن ڪنڊ متي ڪٽي رحيمداد جي منهن ۾ ڏٺو.

"نصير ڪٽي آهي؟" رحيمداد جو آواز چپن مان نہ پر دل مان نڪتو.

"ڪٽي آهي منهنجو ٻچوا!"

"اجهو ٿو اچي.... چنچر تي ڪراچي ويندو آهي، اڄ اچڻو هو نہ آيو....هاڻ ايندو هوندو" پاڳيري چئي رهي هئي ۽ هو ڏاڍي پيار ۽ پاڻهه سان سندس پٺي ٿپري پنهنجي اٽلجندڙ پيار جو اظهار ڪري رهيو هو.

•

سُکون

"حرامزادي، ذليل، ڪُتي."
"ڪميٽي- بي حيا- مائٽن کي جيئري ئي ماري وئي."
"نڪُ ڪپائي وئي."
"الله دشمن سان بہ اهڙي نہ ڪري"
"اهو ڏينهن ڏيکارڻ کان اڳ الله مون کي کڻي وڃي ها."
"قيامت آهي قيامت."
"ٻيو اڃا قيامت کي سنگ ٿيندا آهن!"
"مئي ذليل اصل قاتي ٿي- مائٽن ڏينهن ديرچا ڪئي، چوري پڃي وئي."
"مڙس تہ مائٽن بہ ڏنس ٿي."
"پر جنهن جي نصيب ۾ ذلت لکيل هجي تنهن کي چا ٿو ڪري سگهجي."
"الله شل دشمن سان بہ اهڙي نہ ڪري"
"پٽس تہ صبح کان اونڌي منجي ڪيو پيو آهي."
"ماڻس بہ مئي پئي آهي ٻيو چا؟"
"ها امان، اها حياتي بہ ڪا حياتي چئجي."
ڏيئرن کي تہ جمندي ئي گهٽو ڏيئي پورو ڪجي."
" نہ هوندیون نہ مصيبت ٿيندي"
"انهيءَ کان تہ زهر کائي ڇڏي ها."
"هيءَ بہ ڪا حياتي!"
"مئي ڪهڙي نہ سادي هوندي هئي."
"اسان تہ ڪڏهن بہ ڪونہ ٻڌو تہ هن ڪنهن سان اک کڻي ڳالهايو بہ هجي."
"گلان جي ڏيءَ جون خبرون تہ پوندیون هيون، پر هيءَ تہ ميسوڻي نڪتي."

"ڏس بلقيس جون اکيون هڪ رات ۾ ڏرا ڏئي ويون آهن."
"ڪجهه ڪيڙي ٻه ته ڪونه ٿي."
"ڇا چوي؟ رهيو ڇا آهي؟"
"ڪالهه منجهند جو چوري نڪتي آهي."
"الله بخش جون ته وايون ولڙيون ٿي ويون آهن."
"ستر ورهين جي ڄمار ۾ وڻيءَ جو آسرو مليو هئس، اها به وئي."
"انهيءَ مئي کي به هن عمر ۾ اڇي شاديءَ جي پئي هئي!"
"به ته ماري ڇڪو آهي، مئو."
"ٻڙي، مڙس کي پوڙها ٽيندا آهن ڇا؟"
"ها، پوڙهو اُٺ به ڪنواڻ لهي."
"جانوءَ کي ڪهڙي پئي هئي جو مريم جو پلئه هن سان ٿي اٽڪايائين."
"ٻيو ڇا ڪري ها، آچار وجهي ها ڏيءَ جو؟"
"هينئر ته فضل سان پڄي وئي.....!"
"فضل ماءُ ته قسم ٿي کڻي ته هن جو نينگرو اهڙو ڪونه هو."
"ادي، اسين ڪونه سڃاڻون ڇا؟"
"چوڪرو ملوڪ آهي."
"پر ذات وارو ته ڪونهي...."
"ٻني هارو به ڪونهيس."
"ادي ڪجهه به هجي، ادي جانوءَ جو ته نڪ ئي ڪپجي ويو."
"خدا خير ڪري، ڪجهه ڪري نه وهي."
"اهو ياڙي ڇا ڪندو؟ هجي مڙد ته ڳولي ٻنهي کي ڀيا ڀيا ڪري ڇڏي."
"اڳ به ڪيترا ڀيا ٿيا آهن، پر وريو ڇا آهي."
"جيڪا وڃڻ چاهي تنهن کي ڪير روڪي سگهيو آهي؟"
"شانوءَ جي ڀالهه وسري ويئي."
"انهيءَ ته هڪ ڪارو منهن ڪيو مٽان ڪورٽ ۾ بيهي بيان ڏنائين."
"سڄو خاندان آٽي بيهاريائين."
"ميُن جو مڙس کان سواءِ ساهه ٿو وڃي."
"امڙ مون کي ڏسو مون ته شادي ئي ڪانه ڪئي."
"الله عزت سان زندگي گذاري، پنهنجن مڙدن جي هٿن ۾ سرهيون ٽيون."
"ٻڙي، بلقيس ته اصل ماڻ آهي. ڪيڙي ئي ڪونه ٿي."
"ويچاري ڇا چوي، ڇا ڪيڙي؟"

"سڄي ڳوٺ ۾ ٻاکر ڪٽو مچي ويو هو."
"لڳي ٿو ته جانوءَ وارا هُن کي نه ڇڏيندا. ڪارو ڪاري ڪري پورو ڪندن."
"وقت ۾ رهيو ڪونهي."
"هن ته ڪارو منهن ڪيو هاڻ هي به قاهيءَ چڙهندا."
"عزت تان قربان ٿيڻ مڙس جو شان آهي."
"شل خدا ڪنهن زال کي رن زال نه ڪري"
"ٻنهي کي جهلي، ڪارو منهن ڪري، ڪهاڙيءَ جي هڪ ڏڪ سان ئي پورو ڪري ڇڏجي."
"پر جيڪا دانگي هو مائٽن جي منهن تي ملي وئي آهي، اها....."
"دل جي باهه ته نڪرندي."
"پر ڏس ته ميسٽي، ڪنهن کي ڪا خبر پئي!"
"فضل ڪڏهن سگ جي گهُر به ته ڪونه ڪئي هئي."
"ادي ڪئي هئائين."
"جانو ڪٽي ٿو مچي."
ڏيءَ ڏانهن ٽيڪ نه هئو. جي هوءَ لاڏ پيار وچان وڃي چنبڙندي هئس ته ڪاوڙ جي پوندو هو. ميلن ملاکڙن مان ٽي ايندو هو ته ڏيءَ لاءِ ڦلن جي مٽ به وٺي ڪونه ايندو هو. پر هوءَ مست هوندي هئي. ماءُ جي پيار هن ۾ عجيب انداز پئدا ڪري ڇڏيو هو.
بلقيس کي پنهنجي جواني جا ڏينهن ياد هئا هن کي ڪڏهن به پيءُ جو پيار نه مليو هو. ۽ ماٽس جو سڄو ڏيان پنهنجي پائرن ڏانهن هوندو هو. هن ڪڏهن اهو نه ڏٺو ته سندس ڏيءَ جو رنگ ۽ روپ بدلجي چڪو آهي. هن جون به ڪي ضرورتون آهن. خواهشون آهن! ته به هوءَ جهنگلي گل وانگر پنهنجو پاڻ جوان ٽي جواني جي تقاضا هن کي شهمير جهڙي جوان سان وڃي اڙايو. پر قدرت کي ڪي هيو منظور هو. ماٽس کيس پنهنجي پاءَ جي پٽ جانوءَ سان پرٽائي ڇڏيو. هن هڪ لفظ نه ڪيهو هو. هن کي جانو اصل ڪونه وٽندو هو. نه شڪل صورت نه افعال نه پرڪار بيڪار ٻنيءَ جو ٽڪر هئس ۽ بس سڄو ڏينهن اوتارن ۾ پيو پٽڪندو هو. ڪسبياٽين وٽ وڃڻ راڳ رنگ ۾ گم رهڻ ۽ بس ائين بلقيس ٻوڙي، گونگي ۽ انڌي بنجي هن وٽ آئي. بس اها ڏيءَ هئس. سا به فضل سان ڀڄي وئي.
اها خبر هن تي به وڄ جيان ڪري هئي. پر خبر ناهي ڇو دل کي سڪون ملي ويو هئس. جڏهن کان جانوءَ الله بخش سان هُن جو مڱڻو ڪيو

هو هن جي دل کي بي چيني رهندي هئي. اها کا نئين ڳالهه کانه هئي. عمرن ۾ ڏهن ويهن ورهين جو تفاوت کو ايڏو اهم نه هئو. پر کيس پنهنجي ڏيءَ سان حد کان وڌيڪ پيار هئو ۽ ٻيو ته هوءَ خود به الله بخش کي چاچا کوٽيندي هئي. پر هي فضل ڪٽان اچي ويو؟ اها خبر کيس به کانه هئي.

'خبر ناهي چوري ڪهڙي حال ۾ هوندي'. هن دل ۾ چيو. 'هي مٺا هٿ ڏوئي پٽيان پيا اٿس.' هن چاهيو ٿي ته اُڏامي وڃي ۽ هنن جي مٿان چانوَ ڪري 'خدا ڪوسو واءُ نه لڳائين.' هن سوچيو. 'فضل آهي چگو پر پنهنجي ذات جو ڪونهي. چوڪريءَ ٻي ذات واري سان نه وڃي ها.' هن وري سوچيو. سندس دماغ کي چڪر اچي رهيا هئا. رات ننڊ کانه آئي هئس ۽ سجو ڏينهن ڳوٺ وارن جون ڳالهيون ٻڌندي ٻڌندي چڪرائجي وئي هئي.

هن کي جانوءَ جو اُلڪو هئو جيڪو ان خبر ٻڌڻ کان پوءِ گهر ئي ڪونه آيو هو. 'خبر ناهي چا سوچيندو هوندو!' هن سوچيو. 'هن کي ته ڏيءَ اصل وٽي ئي کانه مٿان هي ڳالهه ٿي وئي!' هن بي اختيار پنهنجي نڪ تي هٿ هڻي ڏٺو جيڪو پنهنجي جڳهه تي موجود هو. 'خبر ناهي چا ٿيندو؟' هن کي عجيب عجيب خيال اچڻ لڳا. 'الله بخش به ته مائ ڪري ڪونه وينو هوندو؟' هن جو خيال الله بخش ڏانهن ويو. ڪيس اها ڳلتي هئي ته ڪٽي هو ڪو وڏو قدم نه کٽي. هن کي ائين لڳي رهيو هو جڙ سجو ڳوٺ بلڪ سڄي دنيا سندس ڏيءَ جي دشمن ٿي بيٺي آهي.' پر هن ڪنهن جي چوري ته ڪونه ڪئي آهي، ڪاٽ ته ڪونه هنيو آهي. پنهنجو پاڻ کي وئي وئي. آهي. ڪجهه به ته ڪونه ڪٽي وئي آهي. پوءِ سڀ هُن جا دشمن ڇو آهن؟' هن کي وري ڳوٺ جي عورتن جي ڳالهين تي حيرت ٿيڻ لڳي. جيڪي سندس ڏيءَ جي خلاف ائين ڳالهائي رهيون هيون، جڙ هُن کي انهن جو ڏوهه ڪيو هجي. جڙ هو پاڻ فضل سان شادي ڪرڻ چاهيندیون هجن يا نانءُ بنائڻ چاهيندیون هجنس. جيڪڏهن هنن جو ڪو واسطو نه هو ته پوءِ اهڙي ڪاوڙ ڇو ٿي ڪيائون.

ڏينهن گذري ويو. رات جي اوندهه ڳوٺ کي ڪارنهن ۾ وکوڙي ڇڏيو. هن لالٽين به ڪونه ٻاريو. اڪيلي ئي منهن ويڙهي پئجي رهي. عجيب عجيب خواب ڏسندي رهي. هن ڏٺو ته شهمير پلي گهوڙي تي سوار ٿي آيو آهي ۽ هو ان گهوڙي تي چڙهڻ جون ڪيتريون ڪوششون ٿي ڪري پر چڙهي نه ٿي سگهي. شهمير مرڪندو ٿو رهي. هوءَ هن ڏانهن وڌي ٿي پر فاصلو وڌندو ٿو رهي. هوءَ جڙ ته وهندڙ پاڻيءَ ۾ لڙهندڙ بند تي وينل هجي ۽

پاڻيءَ جي وهڪري سان گڏ وهندي ڪيڏانهن وڃي رهي هجي. ڪنهن ڪنهن مهل ائين ٿي لڳس جڙ ڪنهن ٻيلي ۾ اڪيلي هلندي هجي، جتي صرف هوا جي زور تي وڻن جي شاخن جي لڏڻ جا آواز ايندا هجن. پوائتا پاڇولا هجن..... هن کي ائين لڳو جڙ شڪاري سندس ڳولا ۾ هجن. شهمير جي ڳولا ۾ هجن. هن کي جانو نظر آيو. الله بخش نظر آيو ۽ ڪيترا ٻيا.... شڪاري ڪتن وانگر هنن جي بوءِ تي ڳولا ڪندا هجن. هن ڊوڙي نظر نہ ايندڙ شهمير کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن اهي سڀ وار پنهنجي سيني تي کائڻ ٿي گهريا جيڪي شهمير تي ڪيا پئي ويا. شهمير اڃا هن کان پرپرو گهوڙي تي وينو هو. مرڪي رهيو هوءَ ۽ هو ڪهاڙين جا وار سهي زخمجي، ڦٽجي، لڇي رهي هئي، ڦٽڪي رهي هئي. هڪ آواز ٽيو ۽ هن جون اکيون پٽجي ويون.

پهرين ته اهو سمجهه ۾ ڪونہ ٿي آيس ته رات هئي يا صبح! ڪٿ تي پيل هئي يا پٽ تي! چا ٽيو هو. اوندهہ چو هئي؟ هي ويجها ايندڙ آواز چا جا هئا. باڪل اهڙا آواز هئا جهڙا مرونءَ جي شڪار تان موٽڻ مهل ايندا هئا. آوازن ۾ جوش هو جذبو هو فتحمندي جو اظهار هو.

آواز ويجها ايندا ويا. صاف ٿيندا ويا. تمام چٽا. هن هڪ هڪ لفظ سمجهو پئي.

"ويندا ڪيڏانهن؟"

"شابس هجي شهمير کي. ڏڪ ئي هڪ وهايائين."

"چوري ۾ ڳيا ٿي وئي."

"ڳجو فضل ۾ ڪونہ"

"ڳجي ڪيڏانهن ها. شهمير جي ور چڙهيو هو."

بلقيس جو ذهن وري اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويو. آواز گم ٿي ويا. ساڳيو ٻيلو هو ساڳيا وڻن جا پوائتا آواز هوءَ اڪيلي لڇي رهي هئي، ڦٽڪي رهي هئي. گهٽيل آواز ۾ رڙيون ڪري رهي هئي. آهستي آهستي اهي آواز ۾ گم ٿي ويا. هوءَ ٻڪون سان گهري ننڊ سمهي رهي.

•

احساس جو سفر

صبح جو دير سان اک ڪلي. جلدي جلدي هٿ منهن ڌوئي، نيرانو چانهه جو ڪوپ پي، ڪپڙا بدلائي وارن کي ڦٽي ڏيڻ کان سواءِ ٻي ڪتاب هٿ ۾ کڻي، تڪڙو تڪڙو ڏاڪڻ تان هيٺ لهي اچي ٻاهر نڪتس. اسڪول کي ڏاڍي دير ٿي وئي هئي. هونئن ته عادت هئم ته صبح جو ريڊيو سلون تان اينڊرٽ پراڻن گانن جو پروگرام ايندي ئي اک ڪلي ويندي هئي. ليڪن رات وڏي ياءُ جي اچڻ جي ڪري الاهي دير تائين جاڳيا هئاسين ۽ ٻيو ته امان به حيدرآباد هلي وئي، تنهنڪري ٻئي ڪنهن جي همٿ ئي نه ٿي ته کٽي ننڊ مان اُٺاريم. سو اک ڪونه ڪلي سگهي. تنهن کان سواءِ اڄ انگريزيءَ جو جيڪو ليسن پڙهڻو هئو سو مون اڳ ۾ ئي برزبان ياد ڪري ڇڏيو هئو. تنهنڪري اهو به خيال هئم ته ڪٽي پنهنجي قابليت ڏيکارڻ جو اهو موقعو هٿ مان نه نڪري وڃي. سو تڪڙو تڪڙو جيئن ٻاهر رستي تي پهتس ته ڏٺم ته بابا به تيار ٿيو آفيس ڏانهن پئي ويو. آفيس اسان جي گهر جي بلڪل سامهون هئي. اتي موجود ماڻهن جي ميڙ ۾ مون کي ٻن پوليس وارن ۽ هڪ عورت پوليس واريءَ سان گڏ هڪ نهايت حسين عورت به ويٺل نظر آئي، جنهن جو سڄو بت اجرڪ ۾ ويڙهيل هئو. صرف منهن کليل هئس. هن جي چهري تي سونهن ۽ معصوميت جو اهڙو ته گڏيل اظهار هئو جو مون کي حيرت ٿي ته آخر هن کهڙو ڏوهه ڪيو هوندو؟ ههڙي ملوڪڙي نينگري پوليس وارن جي وچ ۾ ڏسي ڏاڍو ترس آيو. دل چيو ته هن کان پڇان ته آخر هن کي پوليس ڇو جهليو آهي يا وري ڏوڙي وڃي بابا کي چوان ته بابا، هن ويچاريءَ کي ته ڇڏي ڏيو. پر وري خيال آيم ته بابا سرڪاري ڪمن ۾ ڪنهن جي مداخلت برداشت ڪونه ڪندو آهي. مون ڪنڌ ورائي هڪ دفعو وري اُن ملوڪڙي نينگريءَ ڏانهن ڏٺو هوءَ به مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. سندس وڏين وڏين اکين مان حيرت جو اظهار ٿي رهيو هئو. اتي علو پٽيوالو

ڪاغذن جو هڪ ٽيلو ڪٽيو ويندو نظر آيم. (هو ڪافي سالن ڪان اسان سان گڏ رهندو آيو هئو) مون کي بينل ڏسي چيائين، "بابا، (چو جو بابا مون کي بابا ڪونيندو هئو تنهنڪري سپ نوڪر يا اسسٽنٽ مونکي بابا سڏيندا هئا) سچاٽين ٿو ڪير آهي؟" مون حيرت مان پڇيو "ڪنهن کي سچاٽان؟" چيائين، "ڪتوءَ کي، ڏس سامهون ويني اٽئي." هن چوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. مونکان چرڪ نڪري ويو. سبق ته وسري ويم پر دل کي ڏاڍي چڪي آئي. 'ڪتو ۽ پوليس جي هٿن ۾؟ هن ڪهڙو ڏوهه ڪيو هوندو؟ هوءَ ته گگدام هئي. ڪڏهين ڪنهن ڏانهن ڏنگين نظرن سان به ڪونه ڏسندي هئي! ۽ هاڻ....' وري دل کي ڏڍ ٽيم ته بابا به ته ڪتوءَ کي سچاٽي ٿو. پر ڪتوءَ ڪيو چا آهي؟ ايڏا چاهيم ته علوءَ کان پڇان، پر هو ٽڪرو ٽڪرو آفيس ۾ گهڙي ويو. آءٌ بي دليو ٿي اسڪول ڏانهن وڃڻ لڳس. اُس به ڏاڍي تيز ٿي وئي هئي.

"سڪندرا" اوچتو هڪ مانوس آواز ڪنن سان ٽڪرايو. مون نه چاهيندي به پٺيان نهاريو. سڏ مونکي ڪتوءَ ڪيو هئو جنهنجي جواب ۾ پوليس واري هن کي دڙڪا ڏيئي رهي هئي. هاڻ مون کان رهيو ڪونه ٽيو هڪدم وريس. پوليس وارا مونکي سچاٽندا هئا سي به اٿي بيٺا ۽ ڪتو به. هوءَ ڪيڇي پيڇي اصل ڪونه مون هن جي چهري تي وقت جي قدمن جا نشان ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. هن هڪ دفعو پنهنجون وڏيون وڏيون اکيون ڪٽي مون ڏانهن نهاريو. هن جي بي چئن نگاهن کي ڏسي منهنجي دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ جڙ ڪنڊو ڇيڻي ويو. "ڪتوا" منهنجي وات مان نڪتو. هن ڏک گاڏڙ مرڪ سان چيو "چو سڪندر، اڄ مارين ڪونه ٿو؟" منهنجي اکين مان بي اختيار به ڳوڙها نڪري آيا. ڪتو ٻئي هٿ منهن تي رکي اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳي. آس تمام تيز ٿي وئي. ڪتو ٻئنچ تي ويهي رهي. آءٌ به ٻئنچ تي ويهي رهيس. منهنجو ننڍڙو دماغ اهو بار برداشت ڪري نه سگهيو. ڪتو منهنجي ماضيءَ جو هڪ حصو هئي. هوءَ منهنجي زندگيءَ جا ٽي سؤ پنجهٽ انمول ڏينهن مون سان گڏ گهاري چڪي هئي. بنا ڪنهن لالچ ۽ خوف جي، صرف منهنجي سنگت خاطر. ٻن معصومن جي پر خلوص دوستي- اڄ دوست جي اڳيان دوست مجبور ۽ لاچار ٻئي هٿ اکين تي رکي روئي رهيو هئو.

هي 1957ع جو زمانو آهي. بابا ڏٺي ۾ سرڪاري نوڪري جي جنجهٽ ۾ ڦاٽل آهي. پر هن قصي جي شروعات 1951 ۾ ٿي.

1951ـ آرهڙ جا ڏينهن. حيدرآباد کان بس پٽڑ تي پهتاسين، جتي هڪ ننڍو اسٽيمر سنڌوءَ جي سيني تي جهُلي رهيو هئو. منهنجي عمر ان وقت ڇهه سال هئي ۽ پهريون پيرو امان کانسواءِ اڪيلو بابا سان گڏ نڪتو هئس. امان درياهه جي خوف کان حيدرآباد ۾ ئي رهي پئي هئي. اسان سان گڏ پٽيوالو ۽ چاچا به هئا. چاچا ڪچيءَ ۾ ٽرماس ۽ هٿ ۾ ائنڊريا ريڊيو ڪنيو پئي هليو. بند تي پهچي بس تان لٽاسين. حد نظر تائين پاڻي ئي پاڻي پئي نظر آيو. آڳ چڊي ۽ قميص پايو بابا جي چيڇ ۾ هٿ وجهيو ننڍڙا ننڍڙا پر تڪڙا قدم ڪنيو بند تان هيٺ لهي رهيو هئس جتي هڪ هنڌ بند کي ٽورو ڪٽي ٻه ڪاٺ جا تختا رکي اسٽيمر کي بند سان ملايو هئائون. آڳ سنياليندو سنياليندو هيٺ لٽس ۽ ڪاٺ جي تختن تان هلندو اسٽيمر تي چڙهيس. منهنجي ننڍڙي ذهن کي اها دنيا ڏاڍي عجيب نظر آئي. مون اسٽيمر تي چڙهندي ئي چاچا کي چيو ته مونکي آڪاٽين وارو ڪتاب ڏي اهو ڪتاب مون حيدرآباد ۾ سوسائٽيءَ تان بس ۾ چڙهڻ وقت سوسائٽي جي وڏي ڪتاب گهر تان خريد ڪيو هئو جيڪو ڪنهن هندوءَ جو قائم ڪيل هئو. چاچا هڪدم بيگ کولي ڪتاب مونکي ڏيڻ ڏنو. هن کي خبر هئي ته جي دير ڪندو ته آڳ بيگ کي ئي ٽيلهو ڏئي درياهه ۾ ڦٽو ڪندس. منهنجي ڪاوڙ ۽ تيزيءَ کان سڀ گهر وارا واقف هئا. جي پيار ۽ قرب ۾ آيس ته جان ٻه حاضر نه ته جان وڃندي دير ته ڪندس. آڳ ڪتاب هٿ ۾ ڪٽي ڏيڪ تي بيٺل ٻڪرين ۽ ڏڳين جي ڏڻن کان بچندو ڏاڪڻ چڙهي مٿي پهتس ۽ ڪئبن ۾ داخل ٿيس. جتي بابا ۽ اسٽيمر جو ڪپتن (جيڪو اسان جي پري جي مائٽن جو مائٽ هئو) ڳالهيون ڪري رهيا هئا. اندر منهنجي دل نه لڳي سو آڳ وري ٻاهر نڪتس. اسٽيمر هلڻ شروع ڪيو. درياهه جو لڙهاٽيل پاڻي جڙ ته ايامي رهيو هئو. ڪي ڪي چولين ته اسٽيمر کي ٻه لوڏي رهيون هيون. آڳ ريلنگ تان جهڪي هيٺ ڏيڪ تي ڏسڻ لڳس جتي ڪيترائي جانور ٻيٺا هئا. اتي ماڻهن جو ميڙ ٻه موجود هئو. منهنجو ننڍو ذهن اسٽيمر جي ڏڪ ڏڪ تي عجيب عجيب گانا جوڙڻ لڳو. چاچا ٻه منهنجي پاسي ۾ اچي ٻيٺو. "چاچا، هاڻ جاتيءَ پهچنداسين نه؟" مون پڇيو. چاچا جواب ڏنو "نه بابا، ايڏا سجاول پوءِ جاتي." آڳ بور ٿي ويس. اسان سان گڏ انبن جو ٽوڪرو ٻه هئو ۽ مونکي بک ٻه لڳي هئي. مون گهران ايندي مهل ڪاٺ جي وڏي ريل گاڏي ٻه ڪنئي هئي. جنهن سان هتي راند ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هئم. تنهن کانسواءِ سائي ته ڦٽي سائيڪل ٻه ته هئي. بس دل ٿي

چاهيو تہ هڪدم جاتي پهچي وجون. حالانڪ مون جاتي اڳ ڪاڻ ڏني هئي، تنهنڪري ڪجهہ مونجهہ پئي ٿي. ليڪن مون سيوهڙ بہ تہ اڳ ڪوبہ ڏنو هئو. جڏهن ويو هئس تہ دل ڪونہ ٿي لڳي. پر جڏهن عبدالله پٽيوالي جي ٻير جا مٺا ٻير ڪائي ڏٺم تہ دل لڳي وئي ۽ جڏهن سيوهڙ مان بدلي ٿي تہ هڪوار تہ اکيون پرجي آيون. سواڄ جاتيءَ جو شوق پر سفر ڪٽي ئي نہ! آخر خدا خدا ڪري استيمر ڪناري سان لڳو. جتي بہ بسون بيٺيون هيون. هڪ تہ ڪجهہ پراٽي هئي پر هڪڙي بلڪل نئين ڳاڙهي منهن واري پٽرول واري بس. اسين ان ۾ چڙهياسين. ان بس جو ڊرائيور سلطان هئو جيڪو منهنجي پٽدا ٽيڙ ڪان بہ اڳ واري دور ۾ اسان جو ڊرائيور هئو ۽ وري جڏهن اسين سکر ۾ هئاسين تہ بہ اسان وٽ ئي هئو. هو اسان جي ذاتي ڪار ڪي رات جي اونداهيءَ ۾ ٽيڪسي ڪري هلائيندو هئو ۽ مزي جي ڳالهہ اها تہ پٽرول بہ اسان جو ئي خرچ ڪندو هو ۽ وڏي مزي جي ڳالهہ اها تہ اسان کي اوستائين خبر ڪاڻ پئي جيستائين پاڻ هليو نہ ويو ۽ ڪار وڪجي نہ وئي.

شام اچي ٿي هئي. هوا ۾ گهم هئي. مونکي بس ۾ ويٺي ئي ننڊ اچي وئي ۽ اک تڏهن کليم جڏهن بس گهر جي دروازي تي وڃي بيٺي. پٽيوالن، ڪوٽارن، ٽپيدارن ۽ ڪلارڪن جي فوج هيڊمنشيءَ جي سربراهيءَ ۾ بيٺي هئي. ڪنهن وڏي بئگ ڪنئي ڪنهن بسترو ڪنهن ريڊيو ڪنهن بئٽري ۽ ڪنهن مونکي. اڃ اڏ ننڊ ۾ اڏ اکيون کليل مٽي ڪمري ۾ پهتس. اسان جو گهريلو سامان اڳ ۾ ئي اچي ويو هئو. سو آڻ پنهنجي مخصوص سائي نواڙ واري ڪٽ تي وڃي ليٽيس. شام جا پاڇا گهران ٽي ويا هئا. گهر جي ڪري ٽڏڪار بہ هئي. مون هڪدم علوءَ کي سڏ ڪندي چيو "علو انب ڪڍ." بابا چيو "اٽي ماني ڪاڻ تيار پئي اٽئي." بس ڪاوڙ اچي وئي. منهن ويڙهي سمهي رهيس ۽ اک تڏهن کلي جڏهن رات پنهنجو سفر پورو ڪري چڪي هئي.

صبح جو تڏڙي هير پئي لڳي. مونکي تہ سيءُ پئي محسوس ٿيو. هنڌ مان اٽي گهر جو چڪر هنيم. تمام وڏو گهر هئو. هيٺ هڪ خوجو رهندو هئو جنهن کي بہ زالون هيون، جن جو ڪم سواءِ سڄو ڏينهن وڙهڻ ۽ گارين ڏيڻ جي ٻيو ڪونہ هئو. بعد ۾ ڏٺم تہ هڪ زال مرڪٽي، موهٽي صورت واري هئي پر ٻي ڏاڍي خبيث ٿي لڳي. ڪيس ڪلڻ سان تہ ڪو ازلي ويٻر هئو. هي گهر هڪ هندوءَ جو ٺهرايل هئو. جنهن شايد پنهنجي زندگيءَ جو سمورو سرمايو ۽ تجربو هن گهر کي ٺاهڻ ۽ سينگارڻ ۾ لڳائي ڇڏيو هئو. گهر چئن

حصن ۾ ورهايل هئو. اهو هيئيون حصو انهي خوجي جي حوالي هئو باقي ٽي حصا اسان وٽ. جنهن مان هڪ حصي ۾ چار ڪمرا ۽ انهيءَ جي مٿان ٻه ڪمرا هئا. جن مان هڪ ٻارنهن درين وارو ڪمرو هئو ٻارنهن ئي درين ۾ بيلجم جا خوبصورت رنگين ڪاوا لڳل هئا. ڇت تي ٻه اڳڻ هئو جنهن جي پٽين سان چوگرد سنگمرمر جون ٻڪچون ٺهيل هيون، جن تي شام جو ويهبو هئو تہ فرحت پئي ايندي هئي. گهر جو ٻيو حصو سنگمرمر جي پل رستي مليل هئو. ان حصي ۾ هڪ وڏو هال، ٻہ ڪمرا، اڳڻ ۽ وراندو هئو. ان جي هيٺان گهر جو رهيل باقي حصو جيڪو بابا آفيس جي طور استعمال ڪندو هئو. بهرحال گهر ايڏو تہ وڏو هئو جو مونکي گهمڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪونہ ٿيندي هئي.

سڄو گهر گهمي واپس آيس تہ مون ميرن ڪپڙن وارا چند ٻار اڳڻ ۾ پاڻ ڏانهن حيراني‌ءَ مان گهورينداڏٺا. مون هنن جو ڪُو ٻہ خيال ڪونہ ڪيو ۽ پنهنجي تہ ٿيٽي سائيڪل تي چڙهي چڪر هڻڻ لڳس. رکي رکي اهو سوچي خوش پئي ٿيس تہ مون وٽ سائيڪل آهي ۽ هنن وٽ ڪانهي.

بابا آفيس ويو هئو چاچا ڪمرن ۾ سامان ٺيڪ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. آءٌ سائيڪل تي چڙهي هڪ اڳڻ مان پل جي رستي ٻئي اڳڻ تي اچ وچ ڪرڻ ۾ لڳي ويس. ٻارن جو ميڙ ٻہ وڌندو ويو. انهيءَ ميڙ ۾ ڳاڙهي چيٽ جو چولو پهريل هڪ اڇي اجري ڇوڪري ٻہ نظر ٽي آئي، جيڪا ٻين ڪان عمر ۾ ٻہ وڌيڪ پئي لڳي. خبر ناهي هن جي اکين ۾ ڪهڙي ڪشش هئي، جو مون هن کي آڏر جي اشاري سان سڏ ڪيو. هوءَ هٻڪندي ٻين ڏانهن ڏسندي اڳيان وڌي ۽ منهنجي پير ۾ اچي بيٺي. مون هن کي چيو "سائيڪل تي چڙهندين؟" هن ڍڪندي، هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي ڪنڌ ڏوڙيندي چيو "نہ" بس منهنجو پارو چڙهي ويو. هڪدم سائيڪل تان لهندي مکن ۽ لتن جو وسڪارو ڪري ڏنومانس. هوءَ هيسيل هرٽي‌ءَ وانگر صرف نماڻا نيٺ ڪٽي مون ڏانهن نهاريڻ لڳي. حيران ۽ پريشان — مونکي تيئن تاءُ اچي ويو. اڄ تائين اهو منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي تہ ڪو منهنجي مار ۽ دڙڪا کائي ٻہ خاموش رهي. مونکي اهڙو ماڻهو وڻندو آهي، جيڪو منهن مقابل ٽئي. جهيڙو ڪري، جواب ڏي، خاموش نہ رهي. هوءَ ٻہ جيترو خاموش رهي اوترا موچڑا کاڏائين. ٻيا ٻار تہ اهو لقاءُ ڏسي ڇڄي ويا پر هوءَ ٻيٺي رهي. آخر مون ڪاوڙ کان ڏکو ڏئي ڏاڪڻ تان لاهي ڇڏيومانس. تہ ٻ مونکي سکون نہ مليو سو سائيڪل کي ٻ ڏاڪڻ تان هيٺ ڦٽو ڪري ڇڏيم. "هن ڪونہ

چڑهندي" ڪجهه دير ڪانپوءِ ڪاوڙ ختم ٿي وري افسوس اچي ٿيم. دل چوي ته جيڪڏهن جواب ۾ هوءَ مائ نه رهي ها ته ڪيڏو نه سٽو ٿئي ها. پر ٿهيو هاڻ وري ڪونه ايندي: نه اچي ته نه اچي! اندر وڃي ڪتاب کڻي آيس چاچا وٽ ته آکاڻي پڙهي ٻڌاءِ.

ڪجهه دير بعد علو آيو. "بابا، ڪتو آئي اٽئي،" علو جاتيءَ جو رهاڪو هئو. مون حيرانيءَ مان پڇيو. "ڪير ڪتو؟" هن چيو. "ڪوٽار جي ڏيءَ آهي. توهان سان راند ڪرڻ آئي آهي." آءٌ ڪمري کان ٻاهر نڪتس ته ڏسان ته ساڃي چوڪري بيٺي آهي، جنهن کي مار ڏني هئم. خبر ناهي ڇو هن کي ڏسي مون کي وري ڪاوڙ اچي لڳي پر هوءَ ڏاڍي چاهه سان اڳتي وڌي آئي. هن منهنجو نالو ٻه معلوم ڪري ورتو هئو. "سڪندر هل ته راند ڪريون." هن جي لهجي ۾ ڏاڍو مٺاڻ هئو. منهنجي لاءِ هي لهجو بلڪل نئون هئو. مون کي هن جي من موهيندڙ مرڪ ڏاڍي وٺي. مون چيو. "ڪيڏانهن هلون؟" هن چيو "ڏنڊ تي." اسين ٻئي گهران نڪتاسون . ڏنڊ گهر جي بلڪل پويان هئي. اتي اڳ ۾ ئي ڪيترا ٻار موجود هئا. جيڪي گوڏي جيڏي پاٽيءَ ۾ ٻيهي گندين سان مڇيون جهلي رهيا هئا. ڪتو ٻه ڪلندي هنن سان شامل ٿي وئي. هوءَ هر هر مُڙي ڪناري تي مون ڏانهن ٻه ڏسي رهي هئي. آءٌ ڏنڊ جي ڪناري تي ساوڪ تي بينو هئس. پر مون کي اها ڳالهه ڪانه ٿي وڻي ته ڪتو ٻين سان ٻه ڳالهائي. آءٌ هميشه اهو چاهيندو هئس ته جيڪو مون سان گڏ هجي سو صرف مون ڏانهن ڏيان ڏي. پر هوءَ ڏاڍي فخر سان ٻارن کي منهنجي باري ۾ ٻڌائي رهي هئي. هن ڏنڊ مان ڪيترين ٻهٽيون پٽي مون ڏانهن اڇلايون. جن جي مون جهول پري ورتي. جڏهن هوءَ ٻاهر نڪتي ته سندس رئو بجاءِ مڇين جي، ڪمن لهڻ ۽ ٻهٽين سان پريل هئو جيڪي هن منهنجي لاءِ آندا هئا. اها سوغات مون کي ڏئي هوءَ ڏاڍي خوش پئي لڳي.

مون اسڪول ۾ داخلا ورتي. آکاڻين جي ڪتاب ۾ گهيٽي ۽ ٻار جي ڪهاڻي پڙهيم. گهيٽو ٻار سان هري ويو هئو سو آخر هڪ ڏينهن ٻار جي پويان اسڪول ۾ ٻه وڃي پهتو. ٻار گهيٽي کي مار ڏني.... ڪتو ٻه هڪ ڏينهن اسڪول ۾ اچي پهتي. بس مون اتي ئي ڏاڍي مار ڏنيس. پر گهيٽو وري ٻه چوڪري سان پرچي ويو. ڪتو منجهند جو وري ٻه در تي ٻيهي منهنجو انتظار ڪري رهي هئي.

سڄي منجهند راند ڪندي ۽ سائيڪل هلائيندي گذري ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن آءٌ ڪتو ٻاهرين دريءَ ۾ ويهي ڳالهيون ڪندا هئاسون. شام

جو چانهه پي وري ڪاڻ جي ريل گاڏي هلائيندا هئاسين. مون ريل جي انجڻ جي منهن تي تارچ ٻڏي ڇڏي هئي. جيڪا اوندهه ٽيڻ شرط ٻاري ڇڏيندا هئاسين. رات جو وري ڇت تي سنگمرمر جي بئنچ تي ليٽي ڪليل آسمان تي روشن ستارن کي چمڪندڙ ڏسي، واهه ڙي تارا روشن تارا، ڳائيندا، سرچ لائيٽ جي ڦرندڙ روشنيءَ کي ڏسندا هئاسين. جيڪا روز رات جو روشن ڪئي ويندي هئي. ڪتو مون تي ٽيڪ ڏئي وهندي هئي ۽ آءٌ ٽڏي هوا جو ڇهاءُ محسوس ڪندي حيدرآباد ۾ امان، پائرن ۽ پينرن کي ياد ڪندو هئس. آءٌ ڪتوءَ کي چوندو هوس ته حيدرآباد هلندين؟ ته هوءَ چوندي هئي، نه ها، نه. بابا سڄو ڏينهن آفيس ۾ ڪم ڪري شام جو آرام اچي ڪندو هئو ۽ چاچا مون کي آڪاٽيون پڙهي ٻڌائيندو هئو. بس ڪتو هئي جيڪا مون سان گڏ هوندي هئي. گڏجي گهمندا هئاسين. آڪاٽيون ۽ راندیون ڪندا هئاسين، وقت گذرندو ويو.

هڪ ڏينهن اسڪول مان موٽيس ته مون کي سائيڪل نظر ڪونه آئي. مون هڪدم ڀُولا شروع ڪئي پر سائيڪل ڪٿي به ڪونه هئي. بس، مون کي پڪ ٿي ته اها ڪتوءَ ڪنئي آهي. سو ڪاوڙ ۾ جڪ ڪائيندو اُٽيس ته جيئن ڪتوءَ جي گهر وڃي ڏسانس. اها به منهنجي ننڍپڻ جي عادت آهي ته جيڪڏهن ڪنهن تي خار هوندم ته جيستائين اها خار ان جي گهر تي وڃي نه چنبيم ايستائين آرام نه ايندو. پر ڏسان ته ڪتو ڏاڪڻ تان چڙهي پئي. بس ورائي ويوسانس . ماري ماري ٽڪجي پيس. هوءَ حيران نگاهن سان مون ڏانهن ڏسندي رهي.

"سڪندر سڪندر." بس ٻيو اکر ئي نه اُڪليس. آخر ڏڪو ڏئي ڏاڪڻ تان هيٺ ڪيرايومانس. مون ايترو ڏُنو ته هن جو مٿو در جي چانئٽ سان وڃي ٽڪريو ۽ رت جو هڪ ڦوهارو هن جي پيشانيءَ مان اُڀڙڪو ڏئي نڪتو. آءٌ وڌيڪ نه ترسيس ڪاوڙ ۾ ڪمري ۾ آيس ته ڏٺم ته چاچا ٽپڙ ٻڌي رهيو هئو.

"ڪيڏانهن؟" مون پڇيو.

"اباوڙي بدلي ٿي آهي." هن جواب ڏنو.

"اڄ ئي هلنداسين، ٻيو سامان موڪلي ڇڏيو اٽئون باقي هي پيتيون وغيره آهن سي به تيار آهن. رڳو پٽهين اچي ته هلون ٿا"

"۽ منهنجي سائيڪل؟"

"اها به صبح موڪلي ڇڏيسون." مون کي ويتر اچي ڪاوڙ ٿي.

"هيترا موچڙا ڪاڏائين ته بہ ڪڇي ئي ڪونہ!" پر مون هن کي اهو ته ڪونہ ٻڌايو هئو ته ڪيس ڇو پيو ماريان. ٿورو دل کي جهٽڪو آيو پر حيدرآباد وڃڻ جي شوق ۾ سڀ ڪجهہ وسري ويو ۽ شام جو اسين روانا ٿياسين. مون آخري دفعو جاتيءَ ڏانهن ڏٺو. جنهن جي فضا ۾ منهنجا ڪئين ساهہ ۽ دل جون ڌڑڪڻون دفن هيون. هاڻ سوچيان ٿو ته هن ماحول ۽ فضا ۾ اهي ساهہ ۽ ڌڑڪڻون هميشہ هميشہ زنده رهندا.

1955 ۾ وري نوڪريءَ سانگي بابا کي سجاول اچڻو پيو. جاتيءَ ۽ سجاول جي سفر ۾ ٽن سالن جو فرق ٿي ويو هئو. علو وري اسان جو بورچي ٿي آيو. هڪ ڏينهن اوچتو مون پڇيو مانس "علو ڪتو ڪٽي آهي؟"

علوءَ مرڪندي چيو ته "بابا، ايجا ياد اٿئي؟"

"چواها بہ ڪا وسارڻ جي ڳالهہ آهي" مون مرڪندي چيو.

"ڪتو هتي آهي سائين"، علو جواب ڏنو. "هتي!" آءٌ حيران ٿي ويس.

"ها سائين، سائينداد جماندار جي زال آهي."

"هان!" آءٌ حيران ٿي ويس.

سائينداد جماندار مون بہ ڏٺو هئو. هو ڪورٽ ۾ روز ايندو هئو. نشي ڪاڏل مردار قسم جو ماڻهو جيڪو عمر جي آخري حدن ۾ هئو ۽ ڪتو هڪ چوڪري، حسين ۽ ننڍي نيٽي.

"پر ڪتوءَ شادي ڪيئن ڪئي؟"

"بس بابا، سائينداد پئسي جو ڇار ڦٽو ڪيو. ڪتوءَ جو پيءُ بہ ڇڪر ۾ اچي ويو ۽ ٻيو ته ڪتوءَ کي هن کان سٺو ور ملي ڪٿان ها؟"

اهو ٻڌائي علوءَ وري رازدارانہ انداز ۾ چيو "پر ڪتو ڦٽل ته جماندار جي پٽ گلوءَ سان آهي!"

مون کي ڪجهہ سمجهہ ۾ ڪونہ آيو. اهو ٽهيل ۽ ڦٽيل جو ڇڪر تنهن ڪانسواءِ وقت جي ڏوڙ ماضيءَ جي يادن کي ڪجهہ ڏنڊلو ڪري ڇڏيو هئو. 'ڪتو آهي بہ اهڙي، پلي ڪير ماري وجهيس ته ٻڙڪ ڪونہ ڪچندي ڊڇڻي هنہ.'

مون وري کو ذڪر ڪونہ ڪيو. اتان اسين سيوهڻ هليا آياسين ۽ سيوهڻ مان وري ٽنڊي ۾ اچي پهتاسين. جتي اڄ اوچتو وري ڪتوءَ سان منهن مقابل ٿيس. هن کي ڏسي دل کي جهپي بہ آئي هئي ته حيرت بہ ٿي هئي.

آءٌ اوچتو چرڪ پري ٻئنچ تان اٿيس. ڪتو اڃا تائين منهن هٿن ۾ لڪايو سڏڪا پري رهي هئي. مون غور سان ڏٺو ته هوءَ ايڏي وڏي بہ ڪانہ ٿي

لڳي. سندس جسم ڪافي پريل ٿي لڳو. پر آءٌ تہ اڃا بہ ننڍو هئس. آءٌ انهن ئي خيالن ۾ هوس تہ اتي ڪتوءَ کي سڏ ٿيو. هوءَ اکيون اگهندي اٿي ڪورٽ ۾ داخل ٿي. آءٌ بہ هن جي پويان اندر ويس ۽ بابا جي پر ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي ڪيس ٻڌڻ لڳس. هن تي خون جو الزام هئو. مون کي خبر پئي تہ ڪتوءَ جي شادي ننڍپڻ ۾ هڪ پوڙهي جماندار سان ٿي هئي جيڪو هڪ بيڪار ۽ نڪمي شخص هئو. هو ڪتوءَ جي جوان امنگن کي ڪڌهن بہ مطمئن نہ ڪري سگهيو. تنهن ڪري ڪتوءَ هن جي اڳين زال مان نوجوان پٽ گلوءَ سان تعلقات رکيا. اها خبر جماندار کي پڄجي وئي. هن ڪتوءَ کي گلوءَ سان ملڻ کان روڪي ڪيس بند ڪري ڇڏيو. ليڪن جيڪي ملڻ چاهين تنهن کي ڪير ٿو روڪي سگهي. هو لڪي لڪي ملندا رهيا. جماندار وڏيڪ سختي ڪئي، جنهن کان تنگ ٿي آخر هن ڪتان زهر هٽ ڪيو ۽ جماندار کي ٻوڙ ۾ ملائي کارائي ڇڏيو. جماندار محسوس ڪري ورتو پر دير سان موت جي چانڪ ٽپندي هن رڙيون ڪري پاڙيوارا گڏ ڪيا ۽ کين ٻڌايائين تہ ڪيس ڪتوءَ زهر ڏنو آهي. گلو دنيا کي ڏيکارڻ لاءَ ڪتوءَ کي ماري ماري ساڻو ڪري ڇڏيو. سندس هٽ هلي رهيا هئا تہ بہ اکين ۾ ليلايائين پئي تہ ڪٿي راز نہ کولي وجهي. ڪتو مار ڪائيندي رهي ۽ نيٺ وڃي پوليس پيڙي ٿي. بس اها هئي ڪهاڻي. مون ڪتوءَ ڏانهن ڏٺو جنهن جون وڏيون وڏيون اکيون روئڻ جي ڪري ڳاڙهيون ٿي ويون هيون ۽ نڪ جون چونٽيون ڦنڊي رهيون هئس. ليڪن ڪنڌ اوچو هئس. هن ڪنهن مهل مون ڏانهن بہ ٿي نهاريو. خبر ناهي ڇو آءٌ هن سان نظرون نٿي ملائي سگهيس.

هيءَ اها ئي ڪتو هئي جنهن کي آءٌ ڪائنس ننڍو هوندي بہ ماريندو هئس ۽ هوءَ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪچندي هئي. سندس ماڻ مونکي هميشہ هن لاءِ ڇڙ ۽ نفرت جو احساس ڏياري ڇڏيو هئو. پر اڄ هوءَ ڪورٽ ۾ ڪڙڪي رهي هئي. "ها ها، مون ماريو آهي پنهنجي مڙس کي." هوءَ چئي رهي هئي. سندس اکين مان نفرت جا الا ٻڙڪندا نظر اچي رهيا هئا. منهنجي دل کي هن جي جوش مان سڪون ملي رهيو هئو. خبر ناهي ڇو مونکي محسوس ٿيو تہ ڪتوءَ سان مون ڏاڍا ظلم ڪيا. مونکي اهو بہ محسوس ٿيو تہ ڪتو منهنجي مار ۽ دڙڪا انکري سهندي هئي جو هوءَ مونکي پائيندي هئي. هوءَ بزدل ڪاڻ هئي. هن دنيا جي اڳيان هار ڪاڻ مڃي: دير ضرور ڪيائين پر دل جي سموري باهہ ڪڍي ڇڏيائين.

هوءَ چئي رهي هئي، "مون ڏوهه ڪونه ڪيو آهي، مون پنهنجو فيصلو پاڻ ڪيو آهي. مون بيشڪ پنهنجي مرس کي ماريو آهي. هن جو زنده رهڻ به ته منهنجي لاءِ موت هئو مونکي هن سان نفرت هئي. هو انسان نه هئو برف جي سر هئو. آءُ انسان آهيان، مونکي انسان جي صحبت جي ضرورت آهي. مون کي نه ڪنهن مجبور ڪيو نه سيکاريو. مون پاڻ هن مان جان ڇڏائڻ لاءِ زهر هٿ ڪيو هو."

هوءَ ڳالهه ڪري رهي هئي ۽ منهنجي اکين ۾ هن جي لاءِ عقيدت جا جذبا پئدا ٿي رهيا هئا. ڪتو اڄ ڪتو نه بلڪ باهه پئي نظر آئي. هن جي زبان کي روڪڻ قانون جي وس ۾ ڪونه هئو. منهنجي دل کي سڪون ملي ويو. آءُ ڪتاب کڻي اسڪول روانو ٿيس. مونکي پڪ هئي ته تو اڪيلي، لاوارث ۽ بي سهارا ڪونهي. هوءَ هڪ پڙڪندڙ شعلو آهي جنهن کي ڪنهن به سهاري جي ضرورت ڪانهي.

نئين رُت

رُت جا صرف ۽ نالا آهن:

ملڻ جي رُت ۽

وڇڙڻ جي رُت.

فائيلن مان ڪنڌ ڪڍي ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي ڪنهار جي ڪپ تي بالاڪوٽ جي وادين ۾ هوٽل جي بالڪنيءَ ۾ اڏ اونداهي ماحول ۾ پهچي وڃان ٿو. "آئسڪريم کائو." هوءَ پولڪا جو چمچو منهنجي وات ۾ ٽي وجهي. "مون کي ائين کائڻ جي عادت ڪانهي."

آئون چوان ٿو "تہ پوءِ کيئن کائيندا؟"

"چپن سان." هو ٽهڪ ڏئي ڪلي ٽي تہ فضا ۾ جرڪل جرڪي ٽي اٽي. اڏ اونداهي چٽي چانڊاڻ بنجيو وڃي ۽ خبر نہ ٽي پوي تہ چپ ڪٽ ختم ٽيا ۽ آئسڪريم ڪٽان شروع ٽي.

هوءَ ڪاريڊور ۾ بيٺي آهي ۽ هميشہ جيان ننڍڙي آئيني ۾ ڏسندي پنهنجي لپ اسٽڪ درست ڪري رهي آهي:

ڪير ٽو چوي تہ اسين ڪم ڪو نہ ٿا ڪريون؟

اهو ڪم ناهي تہ ٻيو ڇا آهي!

سڄو ڏينهن تہ بيٺا آهيون.

They also serve who only stand and wait

ايڏي ايمانداريءَ سان ڪو ڪم ڪري تہ ڏيکاري!

ڇا ڇا ڏيکاريون. ايمانداري ڏيکاريون. ميڪ اپ سان ٽقيل چهرو ڏيکاريو! ٻئي مجبوريون آهن. ايمانداري ان ڪري جو پي کا وات ڪانهي ۽ ميڪ اپ ان ڪري جو... جو پي کا وات ڪانهي.

ڏسو تہ سهي پيٽرول وري چڙهي ويو!

درزي تہ ڏسو ڪيتري سلائي ٽو ونيو!

ادا. هڪ پيري مون پنهنجي گهر واريءَ کان ڏهه رپيا اڌار ونيِ عشق ڪيو:

سو وري ڪيئن؟

اهو ائين جو سنگتياڻي فرمائش ڪئي ته فلم ڏيکار ڪيسي پر همیشہ وانگر سجائيءَ جو واسو هو سو گهر واريءَ کي چيم ته ڪٽان ڏهه روپيا اڌارا آڻي ڏي جو ضروري گهرجن ظاهر آهي ته ضروري گهرجن جو پورائو ڪرڻ هن جو ئي ڪم هو. سو ويچاري پاڙيِ مان ڏهه روپيا اڌارا آڻي ڏنا. بس چڙهي رکشا پر ڪنيوسين پنهنجي محبوبا کي ۽ سنڈو سئنيما تي ڏيڍ رپيو ٽيو رکشا جو چار رپيا ٽيا سئنيما جي ٽکيٽ ۾ رپيا انٽرويل رفريشمينٽ تي ۽ ڏيڍ رپيو ٽيو واپسيءَ جو ڪل ٽيا..... گهٽا؟

نوَ رپيا، اڄ ته ٻار ۾ ڏهن جو نوٽ ٿو گهري.

بابا تي وي ڪپي.

ابا آهي ته سهي تي وي

نہ بابا، گڏوءَ وارن جي تي وي کان سٽي هجي.

هوءَ لپ استڪ هٽي اندر آئي آهي ۽ پرس مان ڦوٽا ڪڍي چهاڙڻ لڳي ٿي. ويچارن نندڙن ڦوٽن مان اندر جي ڊپ ڪيئن ختم ٿيندي!

All perfumes of Arabia can not sweeten these little hands.

نظر ايندڙ داغ ڏوئڻ ته سؤلو ڪم آهي پر اڻ ڏٺل داغ ڏوئڻ!

Heard melodies are sweet,
but those unheard are sweeter.

ادا ٻاهه سان ٻاهه ڪانہ وسائبي آهي.

نہ ڪو گند سان گند ڏوئبو آهي.

توهين هر وقت گند ڪچري ۽ ٻاهه جون ڳالهيون چوٽا ڪريو؟

ته ڪهڙيون ڳالهيون ڪريون!

پيار جون ڳالهيون ڪريو ڪي دل واريون ڳالهيون ڪريو.

ڪنهن سان ڪريون پيار جون ڳالهيون. دل واريون ڳالهيون وري ڪهڙيون.

بجليءَ جو بل، گئس جو بل، فون جو بل، پاڻيءَ جو بل.....

بابا نلن ۾ ته پاڻي اچي ئي ڪونہ پيو.

ابا پاڻي درياهه ۾ ئي ڪونهي. نلن ۾ ڪٽان ايندو.

بابا، درياهه شاهه چو چوندا آهن.

ابا، وڏو درياهه جو هو.

پر هاڻي ته وڏو ڪونهي، هاڻي شاهه ته ٿهيو پر ڊايو حجام به نه رهيو آهي.

ذات پات ۾ چا رکيو آهي جو وهي سو لهي.

نه سائين، ذات پات جو اثر انسان جي فطرت مان هر وقت نظر اچي ٿو.

ڪهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو. هاڻ ته نيون ذاتيون ٺهي رهيون آهن. ڪي بيورو ڪريسيءَ جون ذاتيون آهن ته ڪي سرمائينداري جون، سي ايس پي. سي ايس پين مان شاديون ڪندا ۽ پي سي ايس وارو پي سي ايس ڪٽنب مان.....

نوان ڪٽنب نيون ذاتيون، نوان نالا.

مگٽو چوان يا مگٽي!

مطلب ساڳيو آهي. ڳالهه آهي رسم جي.

رسمن به باهه ٻاري ڏني آهي.

هيلو... هيلو... منهنجي ڳالهه به ته ٻڌو.

توهين ڦوٽا ته چهاڙي ويو.....

توهين آئينو ته ڏسي وٺو...

توهين لپ اسٽڪ ته ٺيڪ ڪري وٺو.

اڙي چڪ چوٽا هٽو... مون ته ائين ڳالهه ڪئي.

تون ته ڪندي ئي ائين ڳالهيون آهين.

تڏهن ته ايڏا ائين ئي ويٺي آهين.

جي هونئن به هجان ها ته چا ٿئي ها... اڙي ڪو پاٽي ته پياري متان پيتو اٿئي، ڏپ آهي پاٽي ۾....

مون کي ته چوڏاري ڏپ پئي لڳي

اصل ۾ اها ڏپ تو ۾ آهي....

هاڻي تون ذاتيات تي لهي آيو آهين.

تون صوتيات جون ڳالهيون بند ڪر ته آئون ذاتيات جون ڳالهيون بند ڪريان.

تون چا چاڻين علم مان...

مون کان پڇو..... مون کان پڇو.... آئون به آهيان.

جي ڪو ڪارنامو ڪرين ها ته پنهنجي موجودگيءَ لاءِ ٻڌائڻ جي ضرورت کو نه پونئي ها. جنهن جي ضرورت آهي صرف هڪ ڪمرو

اٽيچڊ باٿ روم.... هڪ ٽي وي، ڊش اينٽينا، هڪ ڪمپيوٽر.... هڪ گاڏي....

ڀچار زالون..... ٻہ ٽہ شاديون ڪري چڪو آهين....

ها..... هوءَ ٽڏو ساهہ ٽي پري ڀ پرس ڪٽي اٽي ٽي.

هتي ٽڏو ساهہ ڪٽن منع آهي. اڳ ۾ ئي ماحول مرده خاني وانگر ٽڏو آهي. ڪڏهن اهو ماحول پوربن وانگر ٽڏو هوندو هو. بالاڪوٽ وانگر ٽڏو هوندو هو. ها ها، ياد اٽم مون توکي پولڪا ڪائڻ لاءِ چيو هو.

ڀ مون ڇا چيو هو!

تو چيو هو ٽہ چپن سان ڪاراءِ ٽہ ڪائيندس.

Drink to me with thane eyes only

تڏهن ٽہ مٽين چپن جي لپ استڪ بيهي ئي ڪا نہ ٽي.

امان سر کي ڇا کي ڇٽبو آهي.

مساڄ ڇا آهي امان!

ڪجل ڇا سان هٽبو آهي.

آئي شيڊ ٽہ اکيون ئي سڄائي ڇڏيون آهن.

هٽبو ضرور

دونهون ٽہ ڏسو... مڇر مرن ڪو نہ ٽا. باقي اکيون ٻاهر نڪريو اچن.

ماني ٽہ ڪاٽي آهي نہ.

ابا. اتو ٽہ ڏسو ڪيڏو مهانگو ٽي ويو آحي.

خبر اٽئي سوا رپئي سير هو ٻاکرو گوشت، ڳائو ٽہ ڪير کائيندو ئي ڪو نہ هو. الائي ڪهڙيون پيا ڳالهيون ڪريو.... ڏسو نہ ٽا ٽہ منهنجن چپن تان لپ استڪ لهيو ٽي وڃي. چانهہ ٻہ چپ ساڙي ٽي.

تنهنجا چپ چانهہ کان ٻہ الرجڪ آهن.

اڙي ماني ٽي کان ٽہ ٻہ چپ سڄيو پون.

تنهنجا چپ مانيءَ کان ٻہ الرجڪ آهن.

ٽہ ڪيڏانهن ڪريان اهي چپ.

ڪنهن کي انهن سان آئسڪريم کاراءِ.

ڪنهن کي.... ڪنهن کي کارايا. تون ئي ڪٽي کاءِ.

منهنجو پيٽ هاٽي پريو پيو آهي. بجلي گئس ڀ پاٽيءَ جي بلن سان. ڪير واري ڀ سيڏي واري جي بلن سان. اسڪولن ڀ اسپتالن جي بلن سان.

چوڪيدار ۽ صفائي ڪرڻ وارن جي بلن سان، ڪيبل وارن جي بلن سان پيٽ پريو پيو آهي. سو هاڻي ان ۾ ڪنهن قلفيءَ جي گنجائش ڪٿي آهي.

ڪيڏو نہ فرق آهي ڪالهہ ۽ اڄ ۾.

مون کي تہ لڳي ٿو تہ اڄ ۽ اڄ ۾ بہ وڏو فرق آهي.

تون تہ فلاسفر ٿي ويو آهين.

اهي رمزون آهن زندگي ۽ حالات جون فلاسفر قاتل بنجيو وڃن ۽ قاتل فلاسفر. پر بک تہ سيني کي لڳي ٿي

ڪپڑو ضروري آهي

علاج کان سواءِ چارو ڪونهي.

بجلي گهرجي.

جي لائيٽ نہ هوندي لپ اسٽڪ صحيح نموني ڪيئن لڳندي. جڏهن بجلي ڪو نہ هوندي هئي تہ اوندهہ ۾ ڪتا بہ گڏ اچي ماني کائيندا هئا.

آخر ڪتن کي بہ تہ پيٽ آهي.

ڏسو ڳالهيون ڪٽان کان ڪٿي اچي پهتيون.

سقراط کان شروع ٿيون ۽ سڪرات تي ختم ٿيون.

تون بہ تہ هاڻي سڪرات ۾ آهين.

اها تنهنجي دلي خواهش آهي، نہ تہ آئون ايجان بہ سقراط آهيان.

تڏهن بہ زهر تہ پيئڻو پوندئي.

اهو بہ تون ٿي چاهين، نہ تہ آئون عاشق زهر پياڪ ڪو نہ آهيان.

توکي ڪهڙي خبر تہ آئون چا ٿي چاهيان، مون چا ٿي چاهيو؟ خبر ناهي متا ڪهڙي لپ اسٽڪ ٽا ناهين. چپن تان وگهريو وڃي منهن ئي ڦريو وڃي.

هوءَ لپ اسٽڪ درست ڪندي اٿي ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿي وڃي ۽ بالاڪوٽ جي سيني کي چيڑيندڙ ڪنهار جي ڪنارن تي اوندهہ چانئجي ٿي وڃي. جتي اها اڏ ڪاڏل پولڪا پٽ تي پيرن ۾ لتاڙ جي غائب ٿي چڪي آهي.

•

ڪائونٽ ڊائون

هوءَ پنا بہ اٽلائي رهي آهي. چانهہ بہ پي رهي آهي. وارن کي ڦٽي بہ ڏئي رهي آهي ۽ ڳالهائي بہ رهي آهي. ايترا سارا ڪم هڪ ئي وقت ڪيئن ٿي ڪري سگهي؟ اها ڳالهہ منهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهي.

اوچتو ئي اوچتو هوءَ پر پر ويٺل معصوم صورت شخص ڏانهن ٿي ڏسي. "الله سڀ کان وڌيڪ سٺو ڪم اهو ڪيو آهي تہ جن کي پسند ڪري ٿو تن کي هميشہ لاءِ پاڻ وٽ گهرائي ٿو."

"الله وٽ اعمالن جي سونهن آهي" هو چوي ٿو.

"نہ الله وٽ ڪا بہ ڪوٽ ڪانهي." هوءَ ٽي چوي.

"پز سيمسٽر جا بل تہ ناهيو." پرين ميز تان آواز ٿو اچي.

"بل چا مان ناهيو ڪلارڪ جيڪو سو استيٽمينٽ ئي نٽو ڏي" هڪ ٻئي چيو.

"منهنجي نالي چئوس، وزن پوندس"، هوءَ ٽي چوي.

"وزن تہ آءٌ هن جو اهڙو هلڪو ڪندس... جو...." انهيءَ چيو جنهن شڪايت ڪئي هئي.

"ڪهاڻي پيو لڪين چا؟" معصوم صورت چيو.

"نہ ڪهاڻي ڪانهي، ها البتہ وڏي پلي ڪهاڻيءَ جو عنوان آهي."

"چڏ، آءٌ ماري چڏيندياسانس، اڄ وڏي ڪاوڙ ۾ آهيان."

"مان توهان جي تعريف پيو ڪريان ۽ توهان..."

"پلا جي هُٽ وڙهندا تہ توهان کي ڪير چڏائيندو؟" هن چيو.

"غفور پٽيوالو"، هن چيو.

"چو غفور جو ڪهڙو ڪم؟" هن ڪاوڙ مان چيو.

"غفور جو نالو ان ڪري ورتم تہ ڪٽي شيخ.... جو نالو نہ ونٽو پوي"

"آءٌ ايڏي تہ تنگ ٿي آهيان جو.... ڪو چئي بہ تہ ڪونہ ٿو...."

"تنگ چوٽي آهيان."
"بس ٽي آهيان."
"بس چو؟"
"بس."
"مايوسي ڪفر آهي."
"آءٌ مايوس ڪونہ آهيان، بس منهنجو پيريڊ ختم ٿي چڪو آهي."
ها، پيريڊ ختم، پر ميڪ اپ تہ آءٌ مرڻ تائين ڪندیس."
"انگريزير گمن بہ ائين چيو هو"
"اها مئي ڪير آهي."
"ها، مري وئي.... خوبصورت اڪتريس هئي."
"هاءِ موت جو ڊپ... اهو ڊپ نہ هجي ها تہ نہ سڪندر اعظم پيدا ٿئي ها، نہ چنگيزخان، نہ هلاڪو نہ هٽلر ءِ نہ...."
"ڪير؟ ڪير؟ نالو وٺ، نالو وٺ."
"ڪي نالا دل ۾ ونڊا آهن، زبان تي ايندا تہ.... الائي چا ٽي پوندو."
"هو ڊاڪٽر هو نہ، جنهن جي زال کي ڪينسر ٽي پئي هئي.... مرڻ وقت بہ ميڪ اپ ڪيو هئائين."
"چگو ٽيو ماٺهو مري سورن کان ڇٽي پوندو. هاڻ منهنجو اهڙو وقت آيو آهي."
"وري اهڙو ڏؤر ايندو جو چوندينءَ تہ پيو جيئجي. پوءِ چوندينءَ تہ اهڙو ڏؤر شل سدائين رهي."
"هو وقت جو ڏاڍو پابند آهي، ايا آٽ مس ٽيا تہ اچي اگهہ ۾ نڪاءِ ڪيائين."
"اگهہ ۾ چو؟"
"ٻيو ڪٽي ايندو."
هن اخبار کولي. "اڙي گهوڙاڙي، پروفيسر اغوا ٽيو اسان جو ءِ موڪل ملي اسڪولن کي. واهہ، نقصان اسان جو مزا ڪن ٻيا."
"اهو تہ دنيا جو دستور آهي، هڪڙن جي محنتن تي ٻيا پلجندا آهن، چوان ٽو."
"صبح دير سان پهتينءَ."
"بس آئي تہ اجا اڪين ۾ پچون پيون هئم."
"ءِ ڪالهہ."

"ڪالهه هونديون اکين ۾"، آواز آيو.

هوءَ ڪلڻ لڳي ۽ ڪلڻ جي ڪري واڇن تي پکڙجي ويل لپ استڪ کي محسوس ڪري ٽشو پيپر سان اگهڙ لڳي.

"پر منهنجا پئسا تہ گهٽ ٿا ٿين"، بل ناهڻ واريءَ چيو.

"ٻيلي سيمسٽر ۾ استادن جي ڪمائي آهي"، هڪ چيو.

"ها، ڪن ڪن کي... نہ تہ امتحان وارو طريقو درست هو. هر ڀالهه سيڪريٽ هوندي هئي."

"پر منهنجا پئسا گهٽ ٿا ٿين." هن وري چيو.

"توهان جا پئسا گهٽ ناهن، البتہ ٻين جا پئسا توهان کان وڌيڪ آهن." معصوم چيو.

"اهوئي تہ جديد اقتصاديات جو بنياد آهي ۽ آءٌ صرف دولتمند ٿيڻ نٿو چاهيان پر پنهنجي پاڙي واي کان وڌيڪ دولتمند ٿيڻ چاهيان ٿو تہ سڀ ڪلن ٿا... آواز ڳڙڀڙ ٿي وڃن ٿا. سڀ ڳڏو گڏ ڀالهائين ٿا... وري اوچتو سڀ خاموش ٿي وڃن ٿا.

هو فل سوٽ ۾ سيٽيو اندر اچي ٿو. "سائين، پهرين تي هزار ڏيو. ڇهن ڪان اڻن مهينن ۾ سوزوڪي ملندي، پوءِ باقي پئسا پندرهن سئو مهيني وار قسط ۾."

هو چئي رهيو هو. "نئين اسڪيم قسط تي، هر شيءِ قسط تي، پيار ۽ نفرت بہ قسط تي، ايمان ۽ اخلاق بہ قسط تي... هلڪين آسان قسطن تي... گهٽو بار نہ پوڻ گهرجي... هي ڀالڀائي نوجوان ڪٽي ٿا بار ڪٽي سگهن."

"ڏنڀي محمد خان جي اسپتال ۾ هڪ عورت زيورن سان جهنجهيل هڪ هارڙي چڏي وئي آهي، چو جو اها هُن جي ستين ڏيءَ هئي ۽ مڙس هو س تہ جي ستين ڏيءَ جائي تہ طلاق ڏئي چڏيندس."

"پر هُن معصوم جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟"

"خبر ناهي هن جي قسمت ۾ ڇا لکيل هو."

"پر ڏسو نہ، هجي ها چوڪرو تہ لالچ ۾ هرڪو ڪٽي وڃي ها، پر چوڪري ويچاريءَ کي ڪير ڪٽندو؟"

"مسئلو بہ تہ آهي، آخر چوڪريءَ جي مستقبل جو مسئلو ڪيئن حل ٿيندو. چوڪرو هوندو تہ وڏو ٿي پاڻ پيو منهن ڏيندو."

"پر جي پهرين ويهه هزار ڏيو تہ پوءِ ڇئن ڪان ڇهن مهينن ۾ سوزوڪي ملندي.."

هو چئي رهيو هو.

"نه نه ويهه نه ڏجو... تي هزار ڏجو رسڪ به وٽ سارو ڪٽڻ گهرجي."

"اڄ اخبار ۾ لکيو پيو هو ته هين کان جيڪا ائڊوانس ملي ضرور قبول ڪندا." هن بل ناهيندي چيو.

"هُن به سني ائڊوائز ڏني... ۽ هُن به سني ائڊوائز ڏني."

"يار ڪم به آهي ڪونه چا ڪريون! ڪم ٿئي به ڪونه ٿو چا ڪريون؟ ڪم پڄي به ڪونه ٿو چا ڪريون."

"منهنجو برج ۽ هُن جو برج ساڳيو آهي."

"پر تون ڪامياب ۽ هو ناڪام."

"منهنجو خيال آهي برجن ۾ ئي ڪو ڦير آهي."

"فقط پندرهن سئو روپيا ماهوار..." هو چئي رهيو هو.

"۽ وياج؟"

"جيترا پئسا ڏيندا وڃو... اوتري تان وياج معاف."

"معاف ڪر بابا... معاف ڪر." هن در مان جهاتيون پائيندڙ فقير کي چيو.

"ابا، سڀ پيا معافيون ونو الله معاف ڪندو." فقير چيو ۽ ڪيسي مان ٻيڙي ڪڍي ڏکائڻ لڳو.

"بابا، ڏوڪ نه پرائجئين." ڪنهن وراندي ۾ چيس.

فقير مايوس ٿي ٻيڙي وسائي ڪن ۾ وڄهي، لطيف جا بيت جهونگارينڊو هليو ويو:

ورُ سا سُڃي ويڙهه جتي سڃڻ هڪڙو،
سو ماڳوئي ڦير، جتي ڪوڙ ڪماڻُئين.

"بي قدران نال ياري..." هن وري چيو ته "اهڙن بي قدرن وٽ ڪير ويندو."

"جن وٽ ويجهو آهي تن جا قدر ۽ بي قدري ته ڪونه ڏسبي آهي." معصوم صورت چيو.

"هو ته ڏس... ڏاڍو چگو ماڻهو آهي. هر ڪنهن کي ڪم ٿو اچي."

"ها، باقي تون... مٿا، وڃي ڏوڙ پاءِ، سڃو ڏينهن باندر وانگر پيو پوٽ هلائين."

"ڪهڙي تاريخ ٿي چيئي؟" هو پڇي رهيو هو.

"1857ع..."

"نہ نہ..... ان تي هندستان هليو ويو هو."
"1935ع..."
"نہ نہ... ان پر تہ ڪوئيٽا پر زلزلو آيو هو."
"اڙي آءٌ 1925ع پئي چوان... نہ نہ... 1955ع. لڳان تي چا ايڏي؟"
"توهان وڃي ڀائي لکو... وڃي لکو." هن نڪ سڪندي چيو.
"روز هڪڙو لفظ تي لکان.... تاريخ ڪهڙي آهي؟"
"ٻارهين."
"ڏينهن."
"خميس."
"مهينو."
"فبروري"
"سال."
"سال."
"1986."
"گهوڙاڙي ايجان ڪالهہ تہ 1966 هئو. وري 1976 آيو... وري.... وري..."
"پوڙها تي وياسين، نوڙها تي وياسين." معصوم صورت شخص پنهنجن گهاٽن، اُپن وارن تي هٿ ڦيرائيندي چيو.
"1966، اُن کان اڳ 1956... ۽ اُن کان اڳ... آءٌ ڪٽي هيُس؟ ۽ اُن کان پوءِ آءٌ ڪٽي هوندیس؟" هن جي چهري تي آيل ڏپ جي لهر پائوڊر جي ليپ مان ليئو پاتو.
"بُڪ پوسٽ ڪريان يا بُڪ پارسل؟" هو پڇي رهيو هو.
"اُنهيءَ پر تہ ڪتاب جي پنن جو وزن ڪري موڪلبو آهي."
"ٻيو لکڻيءَ جو وزن هنن کي ڪيئن معلوم ٿيندو."
"معلوم ٿئين تہ چيلهہ نہ ڇپي تي وڃين."
هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪيو لکڻ تي لڳي ۽ ٻيا سڀ ڳالهين پر لڳي ٿا وڃن. هن کي خبر آهي تہ جڏهن هوءَ لکي واندي تي وهندي تہ وري ٻيا سڀ لکڻ پر لڳي ويندا. پوءِ وري هن جي خود ڪلامي شروع تي ويندي.
"سائين، ٽائيم ٽيبل توهان ناهيو آهي چا؟" هو پڇي پيو.
"چو خير تہ آهيئ" هن پڇيو.
"ها، البتہ ڪانبينيشن پر ڪجهہ مڙئي گهپلو آهي."
"اُها ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي."

"پر ٽائيم ٽيبل تہ پراٽوئي آهي."
"گهپلو به تہ پراٽوئي آهي."
"سائين فون آهي." پٽيوالو ٻيٺو آهي.
"ڪنهن جو آهي؟" هر ويرو جو سوال.
"ڪنهن مرد جو آهي." مايوس ڪندڙ جواب. پر مايوس ٽيڙ جي ڳالهہ ناهي. هيءُ دؤر ئي اهڙو آهي. مردن کي مرد پيا فون ڪن ۽ عورتن کي عورتون... ڪو فون ڪرڻ وارو تہ آهي" (روشن پهلو).

هُن پرس مان آئينو ڪڍيو ۽ پنهنجي چهري کي غور سان ڏسڻ لڳي. جڏ تہ ڪنهن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

"واهہ جو ڪتاب آهي." ڪنهن چيو.

"ناول آهي؟"

"نہ"

"افسانن جو مجموعو؟"

"نہ"

"ڊراما؟"

"نہ"

"نہ"

"سفرنامو؟"

"نہ"

"تہ پوءِ آهي ڇا؟"

"ڪيئي ڪتاب... ڪتاب ئي ڪتاب... آهي تہ الائي ڇا، پر واهہ جو ڪتاب آهي."

"اها تہ آنو بائيو گرافي آهي ماٺهو سچو هو. ڳالهيون سچيون لکيون اٿس. ظاهر آهي ايڏي وڏي حياتي، ايڏا تجربا، ايڏا وڏا ڏنڏا. مختلف ماٺهن سان مليو هوندو. مختلف مرحلا ڏٺا هوندائين... هو به تہ سيلاني..." هوءَ چئي رهي هئي. ڪيس اها به پرواهہ ڪانہ هئي تہ ڪنهن ٻڌس به پئي يا نہ.

"پاڻ کي تہ اها به خبر ڪانهي تہ پل کي گهٽا دروازا آهن." هن چيو. "مون کي خبر آهي، 44 آهن." مون وراڻيو.

"ڏاڍو بيڪار وقت اٿو... اهو به ڏسندا آهيو." هن چيو.

"ان کي مشاهدو چئبو آهي... آبزرويشن... اهائي ته هئي ڪتاب لکڻ واري ۾... نه ته ڪيئن لکي ها؟"

"مون کي ته پل جي تري ۾ لڳل پٽرن تي اکريل تاريخ به ياد آهي – اپريل 1964" هن وري چيو.

"واهه جو دور هو چار چار پنج پنج ٻيڙيون پري، ڳائڻن وڄائڻن کي ساڻ ڪري ڌهل ۾ شرناءِ جي ڌن تي ڪليلي ڏئي ماتلي ۾ به وڃبو هو. عجيب ماحول هو." پيرسن جون اکيون آليون ٿي ويون.

هوءَ ڪنگهي ٿي. "شاديءَ جي ماني کائي آئي آهيان."

"ڳري... شاديءَ جي ماني ڳري..." پيرسن ڪنگهندي چيو.

"خود شادي به ڳري..." ڪنهن ٻئي چيو.

"تڏهن ته نه ٿي ڪريان..." هوءَ وري چوي ٿي.

"امرتا پريتم جڏهن پنهنجي آتم ڪهاڻي ٿي لکي، خشونت سنگهه چيس: تو دنيا ۾ ڏٺو چا آهي؟ تنهنجي اتم ڪهاڻي ته بس جي ٽڪيٽ جي پوئين پاسي تي لکي سگهجي ٿي... تڏهن ته نالو رسيدي ٽڪيٽ رکيو اٿس." هوءَ چوندي رهي.

"ها، ۾ هو پنهنجي زال کي پيو چوي ته بائيوگرافي لک... لکندي چا؟ اڃان ته..."

"ڪتاب لکندا ته نالو ٽيندو... ڪو سڃاڻندو..."

"اڃان به ڪنهن جي سڃاڻڻ جي ضرورت آهي چا؟" هن به مس مس ڳالهايو.

"ممڪن آهي يورپ ۾ آمريڪا جي نئين ٿهيءَ وٽ مواد هجي." ڪنهن چيو.

"۾ ايشيا ڏوهه ڪيو آهي."

"ايشيائي ته جمندي جام هوندا آهن."

"ها، مظلوم تومن جا معصوم به بالغ هوندا آهن."

"يورپ وارن وٽ سواءِ سمنڊ جي ڪنارن ۾ ٻيٽن، يارن ۾ رولٽ وارين هوٽلن، بڪنيز هري راما هري ڪرشنا، ڊنر ۾ ڊانس..." هوءَ چوندي رهي.

"ساڳيو لعل پشپ چيو هو پنهنجي انٽرويو ۾... هن اهو سوال ماهتاب محبوب کان به پڇيو هو ته پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي..."

"توبهه توبهه... دال به مهانگي ٿي وئي آهي." هن ڊائري مان منهن ڪيندي چيو.

"پارت وٽ ته زرعي ٽيڪنالاجي آهي، تنهنڪري اتي جي ليڪڪن وٽ وڏا ۽ نوان موضوع آهن...." هن وري چيو.

"توهان ڪاميو ڪي پڙهيو آهي، بيڪيٽ ڪي پڙهيو آهي، پر جيستائين پنهنجو ڪجهه نه اٿو... ته ڪندا ڇا؟" هن بيزاريءَ مان چيو "آخر اها نئين پيڙهي ڇا ڪندي، جنهن وٽ ڪو بنياد ئي ناهي."

"ها، ها... ها... تڏهن اسان ڪي نئون مواد سمجهه ۾ نه ٿو اچي." هن به وراٽيو.

"هوءَ جيڪا سهٽي به آهي، سوير به آهي، نڪ به سٽڪي پئي، ڪير آهي؟" هن مون کان پڇيو.

"هن کي زڪام آهي." مجون مختصر جواب ڏنو.

"پر نئين ٿهي ڪوشش ڏاڍي پئي ڪري اڳتي هلي هنن وٽ نيون شيون به ايندیون...

پر هنن وٽ مواد گهٽ آهي." هوءَ چئي رهي هئي، "هر ڪمال را زوال جو مثال آهي.... پهلو جي چوٽيءَ تي پهچي واپس لهڻ جو عمل آهي."

"سنڌي ادب نه پهاڙ تي پهتو آهي ۽ نه ئي اتان لهي پيو. البته هن ٽپ ڏنا هئا ۽ هاڻ ڪري پيو آهي. ٽن ۾ مٽي ته ڪونه پهتو پر ڪرڻ ۾ مڙئي تيزي ڏيکاري اٿس."

"اها به نيچر جي تقاضا آهي. اسين ته نه ٿا روڪي سگهون." هن وري چيو: "جيڪي به جائنٽس، ليجينڊ ٽين ٿا، گيپس کان پوءِ اچن ٿا."

"هر هيرو واري ايڪٽ کان پوءِ مشڪرن جو دور اچڻ ضروري آهي. ارسطو به چيو شيڪسپيئر به چيو آغا حشتر ڪاشميري به چيو ۽ مرزا قليچ به چيو."

"مون به چيو هو." هن وچ ۾ ڳالهايو.

"تون ته چپ ڪر، ايڏا جونئر آهين؟" ڏپ مليس.

ويهن سالن جي نوڪري کان پوءِ به جونئر؟" هن احتجاج ڪيو.

"جيستائين ايڪيهن سالن وارو رهندو تيسين ويهن سالن وارو جونئر ئي رهندو. ويهه مئي ۽ ايڪيهه مئي جي آڪاٽي ڪونه ٻڌي اٿئي؟"

"حق تي شهزادا نوجوان ٿي پنهنجي ٻيڙين جا تختا ڪيندا هئا."

"جائنٽس اچن ٿا، اچن ٿا، گيس کان پوءِ اچن ٿا." هو ها ۾ ها ملائي رهيو هو "هاڻ موضوعات مڙئي گهٽجي ويا آهن. به ٽي موضوع آهن جيڪي وري وري ٻڌڻ ۾ اچن."

"تون موضوعن لاءِ نئين ٻولي، نوان اصطلاح، نوان ٻاڪا ۽ چوٽيون گهڙڻيون پون ٿيون."

"ها، نہ تہ استيگننٽ ادب بدبوءِ پيدا ڪري ڇڏيندو." هن وراڻيو.

"ادب مسلسل وڌڻ جو عمل آهي، مسلسل ڇٽلينج آهي."

"جنهن کي توهين وڌڻ جو عمل چئو ٿا، اُهو تہ گهٽجڻ جو عمل آهي. جيئن چئبو آهي تہ عمر وڌي پئي، پر اصل ۾ گهٽجي پئي... ڪائونٽ ڊائون پيو هلي ڏهہ، نوَ... اٺ، ست... ڇهہ، پنج... چار، ٽي ٻہ... هڪ ۽ ٻڙي..."

"جتي ڊڪي (Decay) آهي، اُتي نوان گل ٻہ ٽڙن ٿا. هر پڇاڙي هڪ نئين ابتدا کي جنم ڏئي ٿي." پرينءَ ڪنڌ ۾ خاموش ويڙل ڇوڪريءَ وراڻيو.

"تون تہ عقل واريون ڳالهيون ٻڌيون ڪڏهن آهن." هن چيو.

ڊائري لکندي لکندي هوءَ اوباسي ٿي ڏئي. "هندوستاني ٻہ ايجان تہ شڪتلا کان اڳتي ڪونہ وڌيا آهن." ڊائري بند ڪري خاني ۾ ٿي رکي ۽ گَرَ موڙي اُٿي ڪڙي ٿئي ٿي.

"هاڻي باقي عقل جا موضوع اوهان جي لاءِ ڇڏيو پيا وڃون." پرس هٿ ۾ کڻي هوءَ ڪمري کان ٻاهر نڪري وڃن ٿيون.

هن جا آخري لفظ منهنجي ڪنن ۾ ڪتڪتايون ٿا وجهن، پر هن جي وڃڻ شرط جڙ تہ موضوع خود بخود ختم ٿي ويا. جڙ تہ ڪمري جي واحد ڪليل ڳڙ کي جا ٽاڪ نڪاءِ ڪري بند ٿي ويا. هاڻ هوا ٻہ هوندي ۽ سرهاڻ ٻہ، پر ڳڙڪيءَ کان ٻاهر اسان تائين تڏهن پهچندي جڏهن وري ڪو اچي اُن ڳڙڪيءَ کي کولي.

•

سوال

پٽ شاهه ريسٽ هائوس جي سائي سرسبز لان تي، چانڊوڪي رات ۾ علڻ فقير ڳائي رهيو آهي:

"ٽِڙي پوندا تارئين جڏهن ڳاڙها گل،
الا، تڏهن ملنداسين!...."

تون منهنجي پير ۾ ويڻي آهين. تنهنجو نرم نازڪ هٿ منهنجي هٿ ۾ آهي. گيت ٻڌي تنهنجي جسم ۾ عجيب ڪنبٽي پيدا ٿي رهي آهي، جيڪا منهنجي هٿ کي ب ڪنبائي رهي آهي. تون بي اختيار پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڪلهي تي رکين ٿي. پنهنجي ارد گرد ويڙل وڏي هجوم جو ڪو ب خيال نه ٿي ڪرين. آءٌ تنهنجي جڏبن جي آلاڻ پنهنجي ڪلهي تي محسوس ڪريان ٿو. تنهنجون اکيون بند آهن، ليڪن ڳوڙهن جا بند ٽٽي پيا آهن. آءٌ بي اختيار علڻ فقير کي خاموش ڪرائڻ جو سوچيان ٿو.

"وري ڪهڙي سوچ ۾ پئجي ويا؟" هوءَ مون کي خيالن مان چرڪائي ٿي. مون محسوس ڪيو آهي ته آءٌ جڏهن ب تنهنجي باري ۾ پنهنجي ماضيءَ جي باري ۾ سوچڻ ٿو لڳان ته هوءَ وچ ۾ اچو ويجي. خبر نه آهي ته ڪيئن هن کي اها خبر پئجيو ويجي.

"ٽِڙي پوندا تارئين جڏهن ڳاڙها گل،
الا..... لا..... تڏهن ملنداسين!...."

هوءَ جهونگاريڻ لڳي. آءٌ حيران ٿي ويس. چا هوءَ ٽيليپيٿي جاڻي ٿي جو منهنجا خيال ته ٻڌيو پر خيالن ۾ ايندڙ گيت ب پڙهيو وڃي.

"ڪيئن آهي؟" هوءَ پڇي پئي.

"شيخ اياز جي آهي." مون وراڻيو.

"مون ڪڏهن چيو ته منهنجي آهي. پر لڳي ٿو ته منهنجي لاءِ چيل آهي." هن وري چيو.

"خبر ناهي ڪير ڪير اهو سمجهندو هوندو!" مون وراڻيو.

"توهين ته ائين ڪو نه ٿا سمجهيو نه؟" هن پڇيو.

"چو؟ آءٌ انسان ڪونه آهيان چا؟" مون وراڻيو.

"منهنجي لاءِ ته پٿر آهيو." هن به جواب ڏنو.

"تون پلا هر ويرو بحث چو ٿي ڪرين؟" مون هن جي تيز رنگبرنگي ڪپڙن کي ناپسنديدگيءَ سان ڏسندي چيو.

"آءٌ سمجهڻ ٿي چاهيان، بحث ڪونه ٿي ڪريان." هن به چيو.

"ته سمجهي ڇڏ. انسان هر وقت ساڳيو نه هوندو آهي. هر ڳالهه جو موقعو هوندو آهي، محل هوندي آهي." مون سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"يعني توهان سان موقعو محل ڏسي ڳالهائجي." هن وري چيو.

"اسان سان ته ڪو ڳالهائي ڪونه ٿو." هو ٻاهران ڪمري ۾ آيو.

"ڪٿي چور سڃا، ڪٿي ڊور سڃا." هُن چيو.

"آءٌ چا آهيان، چور کي ڊور؟" هُن پڇيو.

"اهو ته سوچڻو پوندو." آءٌ چوان ٿو ۾ دريءَ مان ٻاهر ٿو ڏسان. آسمان تي ڪڪر مڙي آيا آهن. شايد هلڪيون بوندون به شروع ٿي ويون، چو جو واڻڻ رفتار تيز ڪري ڇڏي آهي. موسم جي ٽڏڪار ۾ ماحول جي رنگيني وري پراڻا زخم ادیڙڻ شروع ڪري ڏنا آهن. هاڪس بي تي هوءَ ۾ آءٌ ائين مينهن ۾ پسي رهيا هئاسين. هن جا ڪپڑا هُن جي جسم سان چهٽي هڪ ٿي ويا هئا ۾ هوءَ مون سان چهٽي هڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هيئان سمنڊ، آلي ريتي، لهرن جا ڦونهارا، مٿان وڏ ڦڙو مينهن، ياڪر ۾ هن جو وجود، وقت به پنڌ پهڻ ٿي ويو هو.

"اڙي دريون بند ڪريو، مينهن پيو اندر اچي." هوءَ رڙيون ڪرڻ لڳي.

"لوڻ جي ٿهيل ته ڪاڻ آهين جو مينهن توکي پوري ڇڏيندو." هُن چيس.

"زڪام نه ٿي پوي." هُن چيو.

"ته چا ٿيندو؟" هن وراڻيو.

"ٿيندو وري چا؟ وري اينٽي بايوٽڪ دوائون کائيون پونديون، ٻيو وري چا؟" هن هر ويرو نڪ سڪندي چيو.

"پلا کو ڪم ڪار ڪونه اٿئو چا؟" پاسي واري ڪمري مان آواز آيو.

"ڪم لاءِ توهين ئي ڪافي آهيو." مون هن کي چيو. "مون کي ته مينهو ڳي ڏاڍي وٽندي آهي."

"ضرور ان جو ڪو پس منظر هوندو؟" هن چيو.

"ها، يادون لکل آهن يادون." مون ٽڏو ساهه پريندي چيو.
"اڄوڪو وقت ٻه يادن ۾ شامل ٿي ويندو... پوءِ ان لاءِ ٻه ٽڏو ساهه پريندا؟" هن پڇيو.
"هر سوال جو جواب ڪونه ٿيندو آهي." مون چيو.
"هي ڏسو فائيل ٻه پسي ويا." هن فائيلن کي هٽائڻ شروع ڪيو.
"توهان ڪڏهن برف باري ڏٺي آهي؟" هن پڇيو.
"ها."
"ڪيئن لڳو؟"
"بس لڳو ته برف باري پئي ٿئي."
"ٻيو ڪجهه محسوس ڪونه ٿيو."
"اڳ محسوس ٿيندو هو. هاڻ ته ڪجهه ٻه محسوس ڪونه ٿو ٿئي."
"ڇو؟"
"ان سوال جو جواب مون وٽ ڪونهي."
"باقي چا جو جواب اٿو؟" هوءَ ڪاوڙ مان اٿي ٽي ڀ دريءَ کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪري.
"ڇڏيو ته آءٌ دري بند ڪريان." هو اٿي هٽ ٿو وندائيس.
"ڏينهن ڏٺي جو بس تي ڏاڙو... هي چا؟ جابلو وڪڙ ڪاٽيندي بس گهري ڪاهيءَ ۾ وڃي ڪري- چالیهه ماڻهو مري ويا... هي چا!؟ پاسي واري ڪمري مان آواز آيو.
"اهڙي موسم ۾ اهي ڪنيون ڪالهيون چو پيا ڪريو؟" هن احتجاج ڪيو.
"جيڪي اخبار ۾ لکيل آهن، اهو پيو پڙهان." هن اتان ئي وراڻيو.
"توبهه آهي، اهي مُيون خبرون ٻه دل ڏاريون وجهن." هوءَ وري ڪرسيءَ تي ويهي ٽي. "آمريڪا خلا ۾ استيشن قائم ڪري ورتي." وري آواز آيو. "روس ٻه قائم ڪندو."
"ڏسو ته دنيا ڪٽي کان ڪٽي وڃي پهتي آهي." هن چيو.
"سڳ نه ملڻ تان بن ڏرين ۾ تڪرار نانيءَ سهري کي ماري وڌو." وري آواز آيو.
"توهين ٻڌو پيا." هن مون کي چيو.
"ها، اهو ٻه جيڪي هو چوي پيو ۽ اهو ٻه جيڪي هو ڪونه پيو چوي." مون وراڻيو.

"هر ڳالهه ۾ فلسفو... هر ڳالهه ۾ فلسفو." هن چيو.

"تہ پوءِ مون سان ڳالهاءِ... آءٌ فلسفو جاڻان ئي ڪونہ." هُن چيس.

"تون تہ چپ ڪر... هر وقت تر تر ...تر تر..." هن چڙڀ ڏنس.

ٻاهر سئنڊل جو ڪڙڪو ٿئي ٿو. آءٌ تڪڙو ٻاهر نڪران ٿو. هوءَ هئي منهنجي ڪمري وٽان تيز وڃي رهي هئي. مون تي نظر پيس تہ هڪ پل رڪجي وئي. مون ڏانهن ڏٺائين. منهن تي هڪ رنگ آيس ۽ هڪ ويس. پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري چپ چاپ هلي وئي وقت گذري چڪو هو. هاڻ ڪجهه بہ نہ ٿي ٿي سگهيو. هن مون کي منٿون ڪيون، ايلاز ڪيا. هن جي پيءُ هن کي وڪڙ ٿي چاهيو... هڪ اهڙي حويليءَ ۾ جتان هن جو جنازو ئي نڪري ها. هن مون کي شادي ڪرڻ لاءِ چيو... مون چرچو سمجهيو. هن شهر ڇڏي هلڻ لاءِ چيو تہ مون درڪا ڏنامانس... اها چاندوڪي رات، ياد اٿم جڏهن هوءَ سڄي رات منهنجي سامهون ويهي سڏڪا ڀري روئندي رهي هئي. هوءَ مون کان اجازت وٺي رهي هئي تہ آءٌ ڪيس شادي ڪرڻ جي اجازت ڏيان... ليڪن مون اها بہ نہ ڏني ۽ بس، اها آخري رات هئي، آخري رات...

"وقت ٿي ويو آهي، اٽندا ڪي رات بہ اتي ئي گذاريندا." هوءَ پرس کنيو بيٺي هئي.

"تون شادي ڇو نہ ٿي ڪرين؟" مون هن کان سوال ڪيو. هوءَ اهو سوال ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونہ هئي. هن جو چهرو ڪنن سوڌو ڳاڙهو ٿي ويو.

"اهو سوال آهي يا صلاح؟" هن ڪنڌ جهڪائي پڇيو.

"سوال ئي سمجهہ."

"تہ ٻڌي ڇڏ، آءٌ سنڈي گهر جي ڇوڪري آهيان: اُت اهڙن سوالن جا جواب ڪنوارين ڇوڪرين وٽ ڪونہ ٿيندا آهن." هوءَ تڪڙو تڪڙي ٻاهر نڪتي.

هوءَ ۽ آءٌ تيز مينهن ۾ پُسندا پُسندا بس تائين پهتاسين. هن پهريون قدم بس ۾ رکيو ۽ پوءِ منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺائين، پوءِ ورجي انهن وڏايائين. مون کي ائين لڳو جيئن ٻڏندڙ کي ڪڪ جو سهارو ملندو آهي تہ هن جي دل ۾ بچڻ جي اميد پيدا ٿيندي آهي.

•

ڏاڏي وَسُل

حيدرآباد،

قبلہ والد صاحب، السلام عليڪم!

اوهان جو نوازش نامو مليو. پڙهي دل کي فرحت ملي ته ان طرف سڀ خير خيريت آهي. رڳو ڏاڏي وسل جي وفات جو پڙهي ڏاڍو ڏک ٿيو. پر ٻئي طرف دل کي اهو به آٿت آيو ته ويچاري وڃي سگهي ٿي. منهنجي خيال ۾ سئو سالن کان ته وڌي عمر جي هئي. آءٌ اڃا ننڍڙو هوس ته به هن جو سڄو ڇهرو گهنجيو پيو هوندو هو. ڇڙ بي شمار پيڇرا هجن، جن تان هوءَ هلي هن عمر تي اچي پهتي، هاڻ ته خود منهنجي پيشانيءَ تي ئي ڪيترا گهنج پئجي ويا آهن.

بابا سائين، ڪجهه ڏينهن اڳ ڊائريڪٽر تعليم کاتي وارو مون سان مليو هو. هن پئي ٻڌايو ته هو ننڍپڻ ۾ پنهنجي محلي ۾، خاص ڪري پنهنجن اڳڻن تي راندين ڪري چڪو آهي. چيائين پئي ته هو وسل جو پوتو هو. پيءُ جو نالو شايد دائود پئي ٻڌايائين جيڪو ننڍپڻ ۾ ئي هالا ڇڏي وڃي سعيدآباد رهيو هئو. جتي ڪم ڪار ڪري ڪجهه بچت ڪري دڪان ورتو هئائين ۽ ڪنهن شيخ جي ڏيءَ سان شادي ڪري، هن جي ملڪيت جو به وارث ٿي ويو هو. هو تمام پئسي وارا ماڻهو آهن. پر مونکي ته ڏاڏي وسل جو رڳو هڪ پٽ نوح سُجهي، جيڪو چاچا ايلياس جن وٽ نوڪري ڪندو هو. اندر ٻاهر جو ڪم ڪار اوطاق جو ڪار وهنوار وڏي ڳالهه ته چاچا ايلياس پنهنجا ناهيل ڪيميا جا نسخا به هن تي تجربا ڪندو هو. جنهن ڪري هن جي هڪ ٻانهن سڪي وئي هئي ۽ هڪ واڇ به هميشہ لاءِ ڦري وئي هئس. هي دائود وري ڪٽان نڪري آيو. نہ ڪو ماءُ ۽ ياءُ جو خيال رکيائين. وري ڪو هالا ۾ ڏٺوسين، پر ڏاڏي وسل چا چئجي، وڏي عمر، جهڪيل چيلهه، پر اکيون بلڪل تيز ڏند سڀ سلامت، وڏي ڳالهه ته

حافظو اهڙو هئس جو ڏاڏا ۽ پڑڏاڏا جا قصا ٻه پئي ٻڌائيندي هئي. نوح جي اولاد سان ته پيار هوس، جيڪي سواءِ گلوءَ جي، جنهن اوتارو وڃي وسايو باقي سڀ پڙهي ماستر ۽ تپيدار وڃي ٿيا. پر هن کي اسان سان ڪيترو پيار هو؟ کو به ڪم سُجهندو هئس ته پاڻ پئي ڪري ڏيندي هئي. ڪتون به ريڑهيندي هئي ته مڙهي به ڏيندي هئي. هنڊ وڃائي ڏيندي هئي ته ٽيبل تي پاڻي ۽ گلاس به رکي ڏيندي هئي. اوندهه ۾ بنا لالٽين جي جتان جيڪي ڪپندو هوس، کڻي ايندي هئي. ويچاري کي ڪيترا دفعا پٿُن ڏنگيو. هڪ دفعي ته لُنڊيءَ تي به پير اڇي ويس پر حياتي هوس ته ڪجهه به ڪونه ٿيس.

بابا سائين، هوءَ توهان جو ڪيڏو خيال ڪندي هئي. ايترو خيال ته توهان جي دائي ماءُ حليمان به ڪانه ڪندي هئي. مونکي ياد آهي ته جڏهن سيوهڙ ۾ توهان جهانگارن طرف تقاوي قرض معاف ڪرڻ لاءِ ويندي گهوڙي تان ڪريا هئا ۽ سخت زخمي ٿي پيا هئا، ته چيو هئائون ته ڏاڏي وسل سڄي رات مصلي تي ويهي توهان لاءِ دعائون ڪندي رهي هئي. مصلي تي ته توهان جون پيٽون ۽ پيا به وينا هئا پر ڏاڏي وسل جا اصل ڳوڙها ئي نه ٿي ٻينا. هتي ڊاڪٽرن توهان کي رتوچاڙ ڏسي همت هاري ڇڏي هئي. مونکي ڇٽيءَ طرح ياد آهي ته توهان چيو هو ته جڏهن توهان گهوڙي تان ڪري، پير رڪاب ۾ ڦاسڻ ڪري جهانگارن جي پٿريلي زمين تي گهلبا پئي ويا ته توهان کي پنهنجو نه بلڪ منهنجو ۽ منظور جو فڪر هو جيڪي پنيان سيوهڙ ۾ چاچا غلام قادر سان گڏ رهيل هئاسين. اهو ته پلو ٿيو تپيدار جو جنهن جان تي کيڏي توهان جي گهوڙيَ کي وڃي روڪيو. پر شايد اهو دعائن جو اثر هو جو توهان جلدي بلڪل ٺيڪ ٿي ويا.

بابا، هن ڊائريڪٽر ايجوڪيشن مون کي ٻڌايو ته هوءَ هڪ دفعي پنهنجي پيءُ سان ڪار ۾ چڙهي ڏاڏيءَ کي ونڊ ويا هئا. هوءَ ان وقت پٽ تي گارو هٽي رهي هئي ۽ نوح گارو تغاريءَ ۾ کڻي هن کي ڏئي رهيو هو. جڏهن پٽس دائود هن کي چيو ته امان تون مون سان هلي رهه، هتي هيڏي جاکوڙ ڇو پئي ڪرين؟ ته هن نوح ڏانهن اشارو ڪيو هو. ان تي دائود چيو هوس ته ادا کي به هلي اتي کو ڪاروبار ٿا ڪرايون. ته هن وري هٿ سان پنهنجي محلي ڏانهن اشارو ڪيو هو ۽ چيو هئائين، هيءَ منهنجو هڪڙو نوح ڪونهي جنهن کي چڏيان، اهو ٻڌي هو پيرين پئي هليو ويو هو. مونکي ڦيءَ وارن ٻڌايو هو ته جڏهن ڏاڏا اوچتو نمونيا جو شڪار ٿي هن دنيا مان هليو ويو هو ته ان وقت ڏاڏي وسل هن جي ويجهو بيني هئي. ڏاڏا هن ڏانهن ڏسي آگر

سان پنهنجي اردگرد بينل سيني ڏانهن اشارو ڪري اکين ئي اکين ۾ پارت ڪئي هئائين. شايد هن پنهنجو اهو واعدو پئي نباهيو.

پر وري به هڪ خيال اچيم ٿو ته جيڪڏهن اسان کي ڪو اهو نه ٻڌائي ها ته ڏاڏي وسل نوح ڪوٽار جي ماءُ آهي ته شايد اسين ڪيس به پنهنجي ئي ڪا وڏي مائٽياڻي ڪري سمجهون ها. مون کي ته هن جي وفات جو ڏاڍو ڏک ٿيو آهي. ڇو جو مون تي ڏاڏا جو نالو رکيل آهي، تنهن ڪري هوءَ ته مون کي چوندي ئي هئي رئيس وڏو منهنجو رئيس وڏو مون کي ڏسندي هئي ته الاهي ڪٿان اچي نڪرندي هئي، اچي ير ۾ ڪٽ تي ويهندي هئي، چلم پيئڻ جي ڪري هن جي ڪپڑن مان چلم جي تماڪ جي خوشبو ايندي هئي ۽ آءٌ پانيان ٿو ته اها خوشبو مونکي نه برُوٽ مان ملي آهي نه آبسيشن مان. اها شايد هن جي پيار ۽ خلوص جي خوشبو هئي. هاڻي اها خوشبو وري ڪٿان ايندي؟

بابا سائين، دل چوي ٿي ته آءٌ ڳوٺ اچي توسان ان جي پٽن سان هن جي تعزيت ڪريان. پر وري سوچيان ٿو ته هو چو نه ٿا اچي مون سان هن جي تعزيت ڪن. نوح خبر ناهي هن کان سواءِ ڪيئن هوندو جو هوءَ نوح لاءِ هميشه بڙ جي ڇانوَ جيان هوندي هئي. خدا شل ڪيس جنت ۾ جايون ڏي، هاڻ اهڙا ماڻهو ڪٽي؟ الهڏنو حجام دائي حليمان، الهڏنو ڪوري، شمس الدين شاهه، هڪ هڪ ڪري سڀ هليا ويا، جن ڏاڏا کي به ڏنو ۽ اسان جي سيني وڏن کي ڏنائون. هنن جي اکين ۾ اسان جي وڏن جا عڪس هئا. هو مائٽ برادري وارا نه هئا پر شريڪ هئا. هنن مان هر ڪنهن يا ته ڪنهن اسان جي مائٽياڻيءَ جو ڪير پيتو هو يا اسان جي وڏن هنن جي مائرن جو ڪير پيتو هو ته جيئن ٽڇ شريڪ ياءُ پيٽ ٽين. خاص ڪري جڏهن به ڪنهن عورت کي وفات تي لحد ۾ لاٿو وڃي ته هن کي ٽڇ شريڪ ياءُ ئي هيٺ لاهي. پلا ڏاڏي وسل کي ڪنهن هيٺ لاٿو هوندو؟ هن جو ڪو ٽڇ شريڪ جيئرو به هو يا نه؟ پر هوءَ سيني جي ڏاڏي هئي. سيني جي گهر ياتي هئي. تنهن ڪري ته خوشحال پٽ سان وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. هن لاءِ سڀ نوح هئا، دائود هئا، ڪنهن کي ڇڏي ۽ ڪنهن سان وڃي. مضبوط ارادي جي مالڪ هئي، تنهن ڪري فيصلو ڪري ورتائين، نه ته هن دور ۾ ڪير ٿو ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍي.

آءٌ ڪجهه وڌيڪ ئي لکي وينس. پر چا ڪريان ڏسان پيو ته جن کان اسان کي پنهنجن وڏڙن جون ڳالهيون، اخلاق ۽ خوبيون توڙي خاميون معلوم

ٿيون پئي، اهي هليا ويا، هو اڃا شايد اسان کي وڌيڪ ڳالهيون ٻڌائين ها. پر هن نفسانفسيءَ جي دور ۾ اسان اهو موقعو وڃائي چڏيو. ها البت هن مونکي اهو ٻڌايو هو ته جڏهن توهان کي ننگرپارکر جي مختيارکار ٿيڻ جو آرڊر مليو هو ۽ توهان نوشهري فيروز مان ئي (جتي توهان هيڊ منشي هئا) نئين نوڪري تي هليا ويا ۽ تار رستي ڏاڏا کي اطلاع ڪيو هئو ته هن جي اکين ۾ خوشيءَ کان ڳوڙها اچي ويا هئا. ڏاڏو فخر محسوس ڪيائين ته سندس والد خانبهادر ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر هو ته پٽ مختيارکار ٿيس. ليڪن افسوس جو هو پٽ جو پهريون پگهار به نه ڏسي سگهيو ۽ اوچتو راهه رباني اختيار ڪيائين. جو توهان به هن جو منهن ڏسڻ نه پهچي سگهيا. ڏاڏي وسل اهو قصو مونکي تفصيل سان ٻڌايو هو. هاڻ هوءَ پاڻ اهڙي هنڌ هلي وئي آهي جتان ڪوبه ٻڌائڻ لاءِ واپس نه آيو آهي.

بابا سائين، آءُ هتي بلڪل خوش آهيان. اميد ته توهان به خوش هوندا. ٻني ٻاري جو ڪم به ٺيڪ هوندو منهنجي لائق ڪوبه ڪار خدمت هجي ته ضرور ٻڌائيندا. هاڻ عيد تي اچي حاضري پريندس. شهرن ۾ وري پڙهائيءَ جا مسئلا آهن. پارن جا امتحان پيا هلن، اهي جيئن ئي پورا ٿيا ته عيد به اچي ويندي، پوءِ اچي قدم بوسي ڪندس.

فقط

اوهانجو پٽ

•

ننڍا وڏا ماڻهو

'واهہ واهہ، سائين توهان جهڙو ڪم ٻيو ته ڪري ٻه ڪو نه سگهندو ڪمال ڪيو اٿو هيتري ننڍيءَ عمر ۾ هيتري ٿوري وقت ۾ هيتري ٿوري پئسي خرچ ڪرڻ سان! واهہ، ڪمال ڪري ڇڏيو اٿو. ڪمال ته ڪرڻ ڪو اوهان کان سکي.'

هن جي واتان واکاڻ جا لفظ ڪٽن ئي ڪونہ، ڪمال تي مون کي ياد آيو ته نئشنل سينٽر ۾ ڪمال نالي هڪ شخص هوندو هو عجيب دماغ، عجيب ڪم، پنهجي ڏُن جو پڪو سينٽر سان سچو پر صاحب سان نہ ٺهي. چوندا آهن ته ٻليءَ کي گهر سان اُنس ٿيندو آهي ۽ ڪتي کي مالڪ سان پيار. ان طرح هن ۾ ٻليءَ واريون خوبيون هيون. شل نہ ڪو سينٽر جو ڪتاب ڪٽي وڃي، پوءِ پنيان لڳو پيو هوندس، ڪا گهٽي، ڪو گهٽُ اهڙو نہ ڇڏيندو جتان هُو لانگهائو ٿيندو هجي، بس اوچتو سامهون اچي واڇون ٽيڙي سلام ڪندو ۽ چوندو: 'بس سائين خيريت پڇڻ لاءِ آيو هوس.' جي ان تي ڪو جواب نہ ملندو هوس، ته چوندو هو: 'ٻلا سائين ڪتاب پڙهيو ڪيئن هو؟ وٺيو؟' جي انهيءَ مان به ڪڙتيل نہ نڪتو ته چوندو: 'ٻلا ڪڏهن تا اچو ڪتاب ڪٽيو اچجو.' پر جيڪڏهن ان مان به ڪم نہ هليس، ته پوءِ ان همراهہ جي پاڙي واري مسجد ۾ نماز پڙهڻ شروع ڪندو سواءِ فجر واري نماز جي، باقي چار ئي وقت در ڪڙڪائي سلام ڪندو ويندو. تان جو اهو شخص ڪتاب واپس ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو يا مورڳو پاڙو ئي مٽائي ويندو. تڏهن به هو نہ ڇڏيندس، ان حد تائين جو لائسنس وارو ريوالور به ڇُٽڻ جي ور ۾ هنيو وتندو هو جي اڳلو ڪو ڏکيو شخص هوندو هو ته پوءِ اتفاقي انداز ۾ قميص مٿي ڪٽي ريوالور جو درشن ڪرائيندو هوس، هن جي هوندي، ڪڏهن ڪو ڪتاب غائب نہ ٿيو ها البته نيشنل سينٽر غائب ٿي ويو جو سرڪار سمجهيو ته هاڻي عوام ڇگو علم حاصل ڪري ڇڪو تنهن ڪري ڪين ڪتاب جي نہ، بلڪ هٿيار جي ضرورت آهي، ته جيئن ڪتابن ۾ لکيل ڳالهين تي عمل ڪرڻ ۾ مدد ڏئيس.

'سائين، پوءِ نئون ڪتابُ ڪڍهن ٿو اچي مارڪيٽ ۾.' دوست خيالن جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو. 'اسين ته توهان جي ڪتابن جو انتظار ڪندا آهيون.' انتظار، مون سوچيو ته انتظار لفظ کي ته استعمال ڪجي ٿو پر ان جي معنيٰ جي ڪنهن کي خبر آهي؟ سواءِ انهن جي جيڪي ان عجيب لفظ جي اذيت کان واقف هجن. انتظار محبوب جو هجي يا پگهار ۾ اضافي جو انسان کي اصل اڌ ڪريو ڇڏي، بار ڪيڏا نه خوش هوندا آهن، جيڪي ان لفظ جي تڪليف کي ڪو نه سمجهن، رڳو امان، بابا جو انتظار ڪن، ته ڪڍهن تا ٻاهران ڪا شيءِ يا راندیڪو وڻي اچن، پر جيڪي انتظار تا ڪن، خاص ڪري پروموشن جو جيڪا پنهنجي وقت تي نٿي ٽيٽي آهي، ته ڪيڏو نه بي چئن تا ٿي وڃن، دعائون تا گهرن، ته جلد وقت گذري يا راهه جون رندڪون يعني سينئر جاءِ ڇڏين، پوءِ پاڻ ڇڏين يا کين ڏکو ڏيڻ جي ضرورت پوي، اهو ئي سبب آهي، جو گذريل زماني جي برعڪس هاڻ هر ڪو پنهنجي سينئر جي گلا ۾ غيبت ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهي ٿو. جونئير ۽ سينئر لفظ ۾ جيڪو احترام سمايل آهي، اهو هاڻ ختم ٿيندو پيو وڃي، هاڻ جونيئر معنيٰ مظلوم ۽ سينيئر معنيٰ ظالم. ان صورتحال، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ صنف جو اضافو ڪيو آهي، 'گمنام خط'، 'ادبي خط'، 'ثقافتي خط' ۽ 'ذاتي خط' هاڻي 'نمبر ٽُو' مال بڻجي ويا آهن. ٻالهه صرف اها آهي، ته پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ جو مادو پيدا ڪرڻو آهي، جيڪو شايد بازار ۾ نٿو ملي.

ٻئي طرف محبوب جو انتظار، حقيقت ۾ انتظار ئي محبت وڌائي ٿو جي محبوب انتظار نه ڪرائي ته شايد محبت ۾ به اها شدت نه اچي، جيڪا ان کي عشق ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن تاريخ ۽ ادب جي پسمنظر ۾ ڏسبو ته صرف انهن عشقيه قصن جو احوال ملندو جن ۾ فراق، وچوڙو ۽ انتظار هوندو. ڪيڏي نه تڪليف آهي ان انتظار ۾، جيڪو مادي فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪرڻو پوي ٿو ۽ ڪيڏو نه مزو آهي ان انتظار ۾ جيڪو روحاني راحت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪرڻو ٿو پئي.

'توهين شايد ڪجهه سوچيو پيا؟' دوست جو آواز ڪن تي پيو.

'نه نه، توهان ٻالهايو.' مون چيو. وري دل ۾ چيم: 'ٻالهائين ته ڪوڙ پيو مون کي خوش ڪرڻ لاءِ پيو لفظ گهڙين، پر چا ڪريان اهي ڪوڙا لفظ به مزو پيا ڏين، پلي ڪوڙي ئي سهي، ڪو ته تعريف ڪري، تعريف سا به منهن تي. اڳي جڏهن ڪو منهن تي تعريف ڪندو هو ته مُنهن جو پنو ئي لهي ويندو هو ۽ هاڻي تعريف بڏي، مُنهن جو رنگ گلال بڻجيو وڃي.

منهنجي هڪڙي واقفڪار کي جڏهن خوش ڪرڻ لاءِ، ڪي ماڻهو ڊاڪٽر صاحب چوندا آهن، تہ نڙي پوندو آهي، اهو بہ وسري ويندو اٿس تہ، سڄي عمر ٽرڊ ڪلاس رهيو آهي پڙهڻ ۾، ڳالهائڻ ۾، بلڪ سوچڻ ۾ بہ، پر جڏهن هن کي خوش اخلاق، اسپورٽس مين ۽ زبردست پرسنلٽيءَ وارو چيو ويندو آهي، تہ هو ڦوندڻ ۾ پرجي، هر ڪنهن ڏانهن حقارت جي نظر سان نهارينڊو آهي، وري جي موبائيل تي ڪا رنگ اچي ويس، تہ فاتحانہ انداز ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاري فون جو بٽڻ آن ڪري، وڏي واڪي سرڪاري راز بہ ظاهر ڪندو وتندو آهي، هن کي ڪڏهن اهو احساس ڪو نہ ٿيو آهي تہ، ڪو هن جي بدتميزيءَ جي ورتاءَ کان بچڻ لاءِ، ماڻهو سندس تعريف ٿا ڪن، تعريف جي بک، عجيب بک آهي، هر تعريف چاهيندڙ ماڻهو وڏي واڪي چوندو آهي: 'ادا مون کي اهو ماڻهو وٽندو آهي، جيڪو منهنجي منهن تي مون تي تنقيد ڪري، منهنجون خاميون ٻڌائي، پر مون ۾ خامي آهي ئي ڪانہ' هن کي اها بہ خبر ڪانهي، تہ اهو احساس ئي هن جي وڏي خامي آهي، يا ٿي سگهي ٿو اهو احساس هجيس بہ سهي، پر پنهنجي تعريف مان ڪڏهن نہ ڏاپندو ۽ هاڻ آءٌ تعريف جو شڪار هوس، فرانس جي مشهور شاعر پال ويلريءَ جي هڪ شعر جو انگريزي ترجمو آهي:

We are beautiful,
We are extremely beautiful,
We are eaten by others.

اجائي تعريف ڪرڻ وارا واقعي ماڻهوءَ کي ڳڙڪايو وڃن، ٻيو ساهہ ڪڍڻ جو موقعو بہ کو نہ ڏين.

'ٻلا سائين آئون هلان.' دوست منهنجي خاموشيءَ جي پيغام کي منهنجي بوريت سمجهندي چيو.

'نہ نہ، ويهہ تہ سهي، آءٌ سوچن مان واپس اچي ويس، وري دل ۾ چيم: جي تون بہ هليو وئين تہ ڪير مون کي ٻڌائيندو تہ آءٌ ڇا آهيان، اهو ڪنهن چيو هو: 'من آنم کہ من دانم.'

اسين تہ اهي آهيون، جيڪي اسان کي ٻڌايو ٿو وڃي. ننڍپڻ ۾ ماءُ پيءُ نالو رکي شناخت ڏني، جوانيءَ ۾ جوش ۽ جذبي کي احساس پيدا ڪيو ۽ پوءِ ملي ويا اهي، جيڪي بہ مُنهين بلا وانگر هٿا، هڪ مُنهن مان تعريف ۽ ٻيءَ مان گلا. گلا چئجي يا اصل خيالن جو اظهار، پر اهو بہ کهڙو اصلي خيال، تہ ان جي تہ تعريف ڪجي، جيڪو اعليٰ حيثيت کان ادنيٰ تي وڃي

پهتو پر ان جي گلا ڪجي، جيڪو بينڊ ماسٽر مان پروفيسر ٿي ويو. مون هڪ اهڙي بهترين شخص کي ڏٺو جنهن بازار حسن کي خيرآباد چئي اچي علم جو پاڙو وسايو پنهنجي اخلاق، ڪارڪردگي ۽ علم سان ثابت ڪيائين تہ علم صرف حاصل ڪندڙن وٽ ايندو آهي، جيڪو علم حاصل نہ ڪري ۽ علم سان چاهہ نہ رکندڙ هجي، اهو پلي ڪهڙي ذات، ڪڙم يا قبيلي جو هجي، ان وٽ ڪو نہ ايندو آهي، پوءِ بہ اهو چوڻ تہ فلاڻو اڳ چاهو واڻ وٺيندو هو ڪٽون واڻيندو هو هاڻ سائين وڏو صاحب ٿي ويو آهي، اهو ياد ئي ڪونهيس، تہ لُنڊي سلوار تي چتين لڳل ڳاڙهي قميص پائي، شاخ جي ڪپر تي ڪپڙا ڏوئيندو هو ۽ هاڻ... ڪار جو دروازو بہ پاڻ ڪو نہ کولي.

مون هڪڙو اهڙو عظيم انسان ڏٺو جنهن کي سندس هڪ پراڻي واقف جيڪو گڏهہ تي چڙهيو ڪمند جي لٽ کي چڪ سان چلينڈو پئي آيو چيو: 'اڙي واهہ سائين، نَڻَ اڻَو' ان شخص ڏوڙي وڃي پاڪر وڏس، اهو نہ سوچيائين تہ ساڻس ملڪ جا برک ڪامورا هالا نوان جو سائو مائو ڪائڻ ۽ جنڊي ۽ ڪاشيءَ جو سامان وٺي، ڪلچر جي فروغ ۾ حصو وٺڻ آيا هئا.

وري اهڙو عظيم انسان بہ ڏٺم، جنهن پنهنجي ئي آفيس ۾ پنهنجي وڏي پاءُ کي پٽيوالي جي نوڪري وٺي ڏني ۽ صبح منجهند درڪا ڏيندو هوس، مون هڪ اهڙو آفيسر بہ ڏٺو جنهن جو پيءُ هن جي بنگلي جي ٻاهران چپريون ٺاهيندو هو آفيسر هن کي گهٽو ئي روڪيو تہ هاڻ اهو ڪر ڇڏ، منهنجي بي عزتي ٿي ٿئي، هو بنا ڪنهن جذبات جي اظهار جي چوندو هوس، ڪليڪٽر تون ٿيو آهين، آءٌ ڪو نہ. جي هي چپرون نہ ٺاهيان ها تہ تون ڪليڪٽر ڪيئن ٿين ها، عظمت جا پيمانا آخر چا آهن، اسين عظيم آهيون، بس اهو ٻڌڻ چاهيون ٿا۔ اسان کي عظيم چوڻ وارا عظيم آهن، هو اسان جا دوست آهن، باقي ٻيا سڀ ائين ئي آهن.

'سائين هاڻ هلان ٿو دوست انتظار ڪندا هوندا.' منهنجي دوست چيو ۽ اٿيو هن جي جملي مون کي احساس ڏياري ڇڏيو تہ هو مون وٽ رڳو مونکي خوش ڪرڻ آيو هو دوست ايڏا کي ٻيا هوس، جيڪي سندس انتظار ۾ هئا، پڪ هو بہ سندس انتظار ان کري ڪندا هوندا تہ جيئن تعريف جا چند لفظ ٻڌن ۽ پنهنجي دل خوش ڪن، ڊيل ڪارنيگيءَ پنهجي هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ دوستن جي تعريف ڪريو تہ هو توهان جا دوست رهندا، پر لن يوتانگ وري Importance of living ۾ لکي ٿو تہ توهان جو بهترين دوست سگريٽ آهي، جيڪو توهان جي آڱرين ۾ ڏُکندو رهي ٿو پر

اُف بہ نہ ٹو ڪري نہ ئي وري توهان سان ڪا فرمائش ڪري ٿو ۽ نہ ڪا تعريف ۽ تنقيد. بس چپ چاپ توهان جو ساڻ ڏيندو رهي، ڏکندو ٿو رهي ۽ رڪ ۾ تبديل ٿيندو ٿو رهي.

هاڻ آءٌ وري ڪنهن اهڙي دوست جي اوسيئڑي ۾ آهيان جيڪو منهنجي تعريف ڪري، مونکي منهنجون خوبيون ٻڌائي، ڇو جو مونکي پنهنجين خوبين جي خبر ئي ڪانهي، خبر بہ ڪيئن هوندي، خوبيون هونديون تہ خبر هوندي نہ! ها پر خوبين جي خبر نہ هڻڻ جي خوبي مون ۾ بيشڪ آهي.

هو بہ ڏسو سڀ هڪ ٻئي جي تعريف ۾ رُڌا پيا آهن، پر ڇهرن مان انهن بکايل بگهڙن جيان ٿا لڳن جيڪي برفاني راتين ۾ پنهنجن ساٿين مان ڪنهن جي ٽڪجي ڪرندڙ جو انتظار ڪندا آهن تہ جيئن ان کي کائي پنهنجو پيٽ پرين. 'گرگ آتشين' جتي ڪٿي ائين جهڳٽا ناهيو وينا آهن، جيئن لطيف جي اڳڙ ۾ مختلف هنڌن کان آيل ماڻهو ننڍا ننڍا جٽا ناهيو پنهنجي من جون مرادون گهرندا آهن، پر هي گرگ پنهنجي من جي مرادن بدران صرف اهو گهرندا آهن تہ سڀ ڪجهہ کين ملي. ٻئي ڪنهن وٽ ڪجهہ بہ نہ هجي، ٻيو خوش نہ هجي. هو اهو نہ چاهيندا آهن، تہ هو دولتمند هجن بلڪ هو اهو چاهيندا آهن تہ هُو پاڙي وارن کان وڌيڪ دولتمند هجن. ڳالهائي ڳالهائي جڏهن ٽڪجن ٿا تہ هو چپ چاپ ويهي ٿا رهن، هڪ ٻئي سان نگاهون نہ ٿا ملائين تہ ڪٽي دل جي ڳالهہ اکين مان نہ پڌري ٿي پوي، چپ ان ڪري بہ هوندا آهن جو حد کان وڌيڪ تعريف ڪڏهن ڪڏهن گار بہ ٻڌجي ويندي آهي. خاص طور جڏهن هڪ وڏي پر غريب ليکڪ جي آڏو هڪ دولتمند شخص جي ان خيال جي تعريف تہ هو بہ لکڻ چاهي ٿو يا وري ڪنهن غريب انقلابي شاعر جي آڏو ڪنهن وڏي عهديدار جي بي وزن غزل تي واهہ واهہ ڪرڻ ضروري ناهي، تہ هميشہ وٽندو هجي، پر ٿي سگهي ٿو تہ وٽندو بہ هجي. غالب جي غزل جي هن مصرع تہ بهادر شاه ظفر کي ٻڌ ڪري وڌو هو:

ڪهتے هيں ڪہ غالب ڪا هے اندازِ بياں اور۔

پر هاڻي نہ بهادر شاه ظفر رهيو نہ غالب. هڪ کي انگريزن ختم ڪري ڇڏيو ٻئي کي غربت. نہ مُئي تہ هنن جي شاعري.

•

هائيد پارڪ ۾ بوڑا

"ٻڌو پيا! ٻڌو پيا" هڪ ڪراڙو زور زور سان چوندو پيو وڃي، هلندو ۽ پيو وڃي، "ٻڌو پيا، ٻڌو پيا." ڪافي دير تائين سندس آواز صدا بصحرا وانگر ڪنهن کي ۽ متوجہ نہ ڪري سگهيو. هن ۽ ٻيهي ٿوري ساهي ڪنئي تہ اتان هڪ نوجوان ڏکندو آيو "ٻڌو پيا، ٻڌو پيا، توهان ۽ ٻڌو پيا." ائين چوندو اڳتي وڌي ويو. پوڙهي ساهي پٽي، وري وٺي هيڏانهن هوڏانهن ڏکون پائڻ شروع ڪيون ۽ سندس چپن تي اهي ئي لفظ هئا، "ٻڌو پيا، ٻڌو پيا". ايتري ۾ ٻن چئن طرفن کان ساڳيا آواز اچڻ لڳا ۽ ائين لڳو جيئن ڪنهن ڊپ واري افواهہ ڪانپوءِ دڪانن جا شٽر زور زور سان بند ٿيڻ لڳندا آهن ۽ ماڻهن انهن شٽرن جي آواز کان ئي ڇرڪي هيڏانهن هوڏانهن ڏُکون پائڻ شروع ڪندا آهن ۽ لڪڻ جون جايون ڳولينداآهن.

هڪ وڏي يوڪلپٽس جي وڻ وٽ ٻينچ همراهہ زور زور سان چئي رهيو هو "ٻڌو پيا... ٻڌو پيا." سندس آڏو ٻينچ هڪ پوڙهي مائي سوچي رهي هئي تہ جي اڄ ۽ ڪٽان خيرات نہ مليس تہ هوءَ پنهنجي ان ننڍڙي پوٽي کي ڇا کارائيندي، جنهن جا ماءُ پيءُ ريل جي حادثي ۾ مري ويا هئا. هو پڪ روئيندو هوندو، هن کي بک لڳي هوندي.

هن سان گڏ ٻينچ هڪ سفيد پوش شخص ڪاري عينڪ پايو سوچي رهيو هو تہ انهن اڇن ڪپڙن جو پرم رکڻ لاءِ هن کي ڇا ڇا نہ ڪرڻو پوي ٿو. پنهنجي باس جي آڏو ڪنڌ جهڪائي هن جي هر ڳالهہ جي تعريف ڪرڻي ٿي پويس. پاڙي اوڙي ۾ اثر رکڻ لاءِ بينڪ کان اوور ڊرافٽ ڪٽي، ٻارن کي مهانگن اسڪولن ۾ ٿو موڪلي، جوٽس جي بيوٽي پارلر جو خرچ ان کان جدا آهي. ليزنگ تي ورتل ڪار جي قسط هر مهيني ۾ ڏيڻي ٿي پوي. پگهار ونڊ جي تاريخ تہ صرف هڪڙي آهي. پر خرچ جو ڪاٿو ڪونهي. ڇا ڪري! جڏهن پگهار ٽي سئو روپيہ هوس تہ اوور ڊرافٽ نو سئو روپيہ هوندو

هوس. هاڻ پگهار پنجويهه هزار اٺس ته اوور ڊرافٽ به پنجهتر هزار ٿو ڪٽڻو پوي. قرض ان کان جدا آهي.

اتي ئي هڪ اڏاوت شخص جنهن جي ڏاڙهي اڇن ڪارن گڏوڇڙ وارن واري آهي کيسي تي هٿ هٽي هائوس بلڊنگ جي قرض جي نوٽيس کي هٿ هٽي اهو پيو سوچي ته ڪاش اهو بجاءِ نوٽيس جي ڪو چيڪ هجي ها ته هو بجلي ۽ گئس جو بل وقت سر پرائي سگهي ها. نه ته هر پيري بل دير سان پرائڻ جي ڪري سال ۾ ڇهن مهينن جي بلن جيتري ته ليٽ فيءَ ٽوپري.

وڻ هيٺان بيٺل شخص چئي رهيو آهي، "ٻڌو پيا نه.. ٻڌو پيا.."

هڪ نوجوان چوڪري هر هر واچ ۾ پئي نهاري. "هُن هتي ئي اچڻ جو چيو هو. ها، هتي جو ئي ٽائيم ڏنو هئائين." هن وري واچ ڏانهن ڏٺو ۽ بيزاريءَ کان هجوم تي نظر وجهندي سوچيائين پئي ته ائين ته ڪونهي ته مونکي هتي اچڻ جو چئي پاڻ ڪنهن ٻئي سان گڏ هليو ويو هجي. اهو سوچي هن جا ڪن ٻاڙهڻا تي ويا. ان وقت هجوم مان ڪنهن ماڻهوءَ جو پير هن جي پير تي چڙهي ويو. هن چمڪاٽ وهائي ڪڍيس، جنهن جو پير چڙهي ويو هو اهو حيران ٿي ڏانهس ڏسڻ لڳو. هن کي چماٽ تي حيرت ٿي هئي. پير ته اتفاقي وڃي هن جي پير سان ٽڪرايو هو. هُن هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ونڊي پوئتي قدم ڪنيا ته هڪ ٻار جيڪو ماءُ جي ڪلهي تي ڪنڌ رکيو قلفي کائي رهيو هو تنهن سان وڃي ٽڪرايو ۽ ٻار جي قلفي ڪري پئي. ٻار وڏي روئڻ شروع ڪيو ۽ ٻار جي ماءُ پٺيان هن کي بيٺل ڏسندي ئي چماٽ وهائي ڪڍيس. ساڻئي ڳل تي هيءَ ٻي چماٽ هن کي ڪجهه وڌيڪ زور سان محسوس ٿي. هاڻ هو محتاط اندازي سان هجوم مان نڪرڻ لڳو ته هڪ شخص اهو چوندي هن سان اچي ٽڪرايو. "ٻڌيو پيا نه، ٻڌو.ته پيا." هن ڪاوڙ مان هُن کي چماٽ وهائي ڪڍي هيءَ چماٽ نه هئي ڪاوڙ جو اهو سلسلو هو جيڪو هُن چوڪريءَ جي چماٽ سان شروع ٿيو هو جيڪا پنهنجي محبوب جي نه اچڻ ڪري بر ٿي وئي هئي.

اتي ئي هڪ اڏاوت جوڙو بيٺو هو. مڙس ۽ زال، ٻنهي مختلف سمتن ۾ پئي نهاريو. مڙس جون نظرون هڪ نوجوان عورت ۾ ڪُتل هيون جيڪا چپس کائي رهي هئي ۽ ڪنن ۾ موبائيل جو هيڊ فون هنيو گانا ٻڌي رهي هئي، ته زال وري هڪ نوجوان کي ڏسي رهي هئي جيڪو هٿ ۾ ڪار جي چابي چلي ۾ پيل، لوڏيندو هيڏانهن هوڏانهن گهوري رهيو هو. هن عورت کي پاڻ ڏانهن نهارينڊو ڏسي، هن هجوم مان نڪرڻ لاءِ رستو ڳولڻ شروع ڪيو.

هجوم وڏندو پئي ويو. انهن ۾ ڪي اڪيلا هئا تہ ڪن سان ساڻي ۽ هئا. سڀ يا تہ پنهنجو پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا يا پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي رهيا هئا. هڪ جهونو پهلوان نما شخص هو جيڪو آهستي آهستي سيني جي ڪنن ۾ سُرهات ڪري رهيو هو تہ "خبر اٿوَ آءُ ڪير آهيان"، "خبر اٿو تہ آءُ ڪير آهيان"، اوچتو هڪ جوان مڙس تيزي سان هجوم ۾ گهڙندي هن کي ڏکو ڏنو تہ هو منهن ۾ وڃي ڪريو ۽ آهستي چيائين، "هاڻي خبر پيم تہ آءُ ڪير آهيان." توهان کي ٻيو ڪير ۽ ٻڌائي نہ ٿو سگهي تہ توهين ڪير آهيو اهي صرف توهين پاڻ آهيو جنهن کي خبر آهي تہ توهين ڪير آهيو.

ٻئي طرف اُس ۾ ڪلئي آسمان هيٺ مزدورن جو هجوم آهي، پنهنجي ليڊر کي ٻڌي رهيا آهن، يا ڏسي رهيا آهن. خبر ڪانہ ٿي پوي، آواز ۽ چٽو ڪونهي پر جذباتي ضرور آهي. مزدور جي پگهر نڪرڻ ۽ سڪڻ جي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿئي اجرت وڌائڻ ۽ فيڪٽري مالڪ ۽ مزدور جي حصيداريءَ جي ڳالهہ ۽ ٻڌڻ ۾ اچي ٿئي. حصيداري صرف منافع ۾ ۽ ٻڌڻ ۾ اچي ٿيو. هن ئي هجوم ۾ مل مالڪن جا چاڙتا ۽ ٻيڻا آهن. هو پاڻ ۾ سُس قس ٿيا ڪن ۽ مشڪوڪ انداز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٿيا ڏسن. اوچتو هڪ نوجوان ڊوڙندو هجوم ۾ گهڙي تو پوي "توهان ٻڌو.. توهان ڪي ٻڌو." هو چوندو ۽ ٿيو وڃي ۽ ڊوڙندو ۽ ٿيو وڃي. مزدور هوشيار ٿي ويا، ڏنڌا اٿا ٿي ويا. هڪٻئي ڪان پڇڻ لڳا. "ٻڌوَ.. ڪجهہ ٻڌوَ" هو هڪ ٻئي کان پڇندا رهيا ۽ شور وغل مچي ويو. ليڊر زور زور سان ڳالهائيندو رهيو. حق، روٽي، ڦرڻ ۽ ڇڪي وڃڻ جا آواز چٽا ٿيا ٻُڌڻ ۾ آيا. ان وقت اهو نوجوان هن هجوم کي پار ڪري ٻئي طرف وڃي پهتو هو. هاڻ هو ليڊر جي ويجهو هو ۽ چئي رهيو هو "توهان ٻڌو توهان ڪجهہ ٻڌو" ليڊر هڪدم پٺ ورائي وٽي پڳو ۽ ساٿس گڏ لٽ بردار ساڻي ۽ ميدان مان غائب ٿي ويا. هوڏانهن هو نوجوان ميدان جي ڪنڊ تي وڃي پهتو جتي ڪبوتر داڻو چڳي رهيا هئا. ڪبوترن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي. هو وٽي اُڏاٽا "توهان ڪي ٻڌو... توهان ٻڌوا" نوجوان چوندو ۽ ويو ۽ ڊوڙندو ۽ ويو.

يو ڪليٽس جي وڻ هيٺان تقرير ڪندڙ ۽ ڪٽي غائب ٿي ويو هو نوجوان ڇوڪري هر هر واڇ ۾ ڏسندي هڪ طرف هلي وئي. چمات ڪاڏل نوجوان ايڌا پنهنجا ڳل سيڪي رهيو هو ۽ انهن کي ڳولي رهيو هو جن کيس چماٽون هنيون هيون. "تو ڪجهہ ٻڌو... ڪجهہ ٻڌئي"، ڪو شخص اتي ۽ چئي رهيو هو "هن ڪميٽي پڪ منهنجي چمات جو آواز ٻڌو هوندو" نوجوان دل ئي دل ۾ چيو.

ميدان جي پر ۾ هڪ وڏي بلڊنگ جي هڪ وڏي هال ۾ هلندڙ ميٽنگ پوري ٿي. چيئرمين اٺڻ کان اڳ چيو "توهان ٻڌو... چگيءَ طرح ٻڌو نہ." سيني ميمبرن ڪنڌ ڏوڙيو. چيئرمين مطمئن ٿي ويو ۽ ڪمري مان نڪري ويو. ميمبرن ۾ چوپول شروع ٿي ويو. "توهان ڪجهہ ٻڌو..." هڪڙي چيو.

"ها، هن محنت سان ڪم ڪرڻ جو پئي چيو."

"ها، هن هڪ وڏيڪ بونس ڏيڻ جي ڳالهہ پئي ڪئي."

"منهنجي ڪن ۾ گولڊن هينڊ شيڪ جو آواز ٿي آيو."

"هن هيئيون عملو گهٽائڻ جي ڳالهہ پئي ڪئي."

"مون ته ٻُڌو ته هن ڪن جاين تي فارن ڪوالیفائيڊ ماڻهو رکڻ جو پئي چيو."

"پر مون ته ٻڌو ته هن پنهنجي ڪنهن فارن ٽوئر جي ڳالهہ پئي ڪئي."

"توهان سيني ٻڌو پئي. توهين بہ ته ڪجهہ ڳالهايو ها نہ." هڪ چيو.

"هن موقعو ئي ڪٿي ڏنو."

"ها، پوڙهي پٽيوالي مٽس پاڻي هاري مود ئي آف ڪري ڇڏيس."

"ازي اهو پوڙهو پٽيوالو هن جو چاچو اٿئي."

"چاچو چا جو آهي، نوڪر نوڪر آهي." هڪ لقمو ڏنو.

"ها، چاچي ڪي اهو حق ته نہ ٿو پهچي ته باس جا ڪپڑا ٻُسائي، پوءِ اهو پلي ڪٽي پائٽيو هجي." ٻئي چيو.

"مون ته ٻڌو آهي ته ان چاچي ئي پاليو اٿس. چا ڪڏهن نندپڻ ۾ هن جي ڪپڑن تي پيشاب ڪونہ ڪيو هوندائين." هڪ جونيئر آفيسر چيو اتي پوڙهو پٽيوالو اندر آيو ۽ چيائين، "توهان ڪي ٻڌو... ڪجهہ ٻڌو." سيني هڪ جواب ٿي چيو "ها، اسان ٻڌو بہ ڏنو بہ." ميٽنگ پوري ٿي. ٻاهران ماڻهو ميدان مان سرندا سرندا بلڊنگ جي آڏو اچي بيٺا. باس چوٽين منزل جي دريءَ مان ليئاڪا بہ پائي رهيو هو ۽ سگار جا ڪش بہ هڻي رهيو هو.

"سائين توهان ڪي ٻڌو"، هڪڙي ڪارڪن هن وٽ اچي چيو هن جواب نہ ڏنو ۽ سگار جو ڪش پري ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڇڪر ڪاڻڻ لڳو. "سائين مزدورن ڪي چا چئون." هن وري پڇيو پر باس نہ ڪڇيو. هن جي ٽئي دفعي چوڻ تي باس رڳو هٿ جو هڪ طرف اشارو ڪيس. اهو ٻاهر جو دروازو هو.

هو ٻاهر نڪري ويو. در تي ڪيترا مزدور ڪن لايو بيٺا هئا. توهان ڪي ٻڌو. توهان ڪي ٻڌو." ائين ئي شام ٽيندي ئي هر ڪو پنهنجي منزل ڏانهن راهي ٿيو.

ميدان ۾ هڪڙو شخص ان ڳالهه تي بحث ڪيو ڪري ٿو "عام طرح چو ڏنو ويو آهي ته جي مڙس سهڻو آهي ته زال وري ڪوجهي، ۽ جي زال سهڻي آهي ته مرد ڪوجهو. ورلي ڪو جوڙو هڪجهئي جهڙو تو ملي." هوءَ چوڪري به واڇ ۾ ڏسندي ڏسندي اتي ئي اچي بيهي ۽ بيزاريءَ مان هيڏانهن هوڏانهن ئي ڏسڻ لڳي. هو چئي رهيو آهي "ڪوجهو مڙس سهڻي زال تي هميشه شڪ ڪري"

"ڪوجهي زال کي سهڻي مڙس تي پڪ ٿئي." ڪنهن هجوم مان چيو. ايتري ۾ نوجوان ڏوڙندو ڏوڙندو آيو ۽ اهو چوندو هليو ويو ته. "ڪنهن ٻڌو... ڪنهن ته ٻڌو هوندوَ" مجموعو ٽڙ پکڙ ٿي پير جي وڙ هيٺان گيڙو ڪپڙن پهريل فقيرن جون شرنايون ٻڌڻ پهچي ويو.

"خبر اٿئي هي گيڙو رتا فقير اصل ۾ ٻڌ جا پوئلڳ آهن." هڪڙي چيو.

"سو وري ڪيئن؟" ٻئي حيرت مان پڇيو.

"ڏس نه، ڏنڏو ڏاڙي به نه ڪندا آهن. بس پنهنجي ۾ مست هوندا آهن. ڪنهن کان گهرن به ڪونه. جيڪي جنهن کي وٽي ڏيو وڃين. ٻڌ مت جا پوڄاري نه پڙهائڻ جو پئسو ونڻ ۽ نه وري ڪو ڏنڏو ڪن. بکشا تي ڪم هلين، شاگرد استادن لاءِ به خيرات ونيو اڇن ۽ خيرات گهرڻ جو طريقو اهو اٿن ته ڳوٺن ۾ وڃي در در تي بيهندا ۽ جيڪي ملندن اهو ونڊي ايندا."

"ها يَر چوي سچ ٿو. سادو واسواٽيءَ به لکيو آهي ته شاگرد ئي استادن لاءِ ڪائيون ڪري ايندا هئا، پاڻي پري ايندا هئا، ماني خيرات ۾ ونڊي ايندا هئا، مار تڏهن ته گهڻو ٿڻو استاد ڪم ڪار ڪان نٿائيندا آهن." هن ايڏا اهو چيو ئي مس ته اها ئي چوڪري جيڪا هر هر، هِتي هُتي ڪنهن کي ڳولينديِ پئي رهي، پنهنجي واڇ ۾ وقت ڏسندي هن سان اچي ٽڪري هُن کي اوچتو ٽاپو آيو ته گهوري چوڪريءَ ڏانهن نهاريائين، جيڪا وري ان شرناءِ واري کي ڏسي رهي هئي جيڪو هڪ هٿ سان قميص جي دامن کي جهولي بنايو پئي هٿ سان شرناءِ وڄائيندو خيرات گهري رهيو هو. چوڪريءَ جي منهن تي بوريت جا آثار صاف نظر اچي رهيا هئا. ان مجموعي مان ڪنهن زور سان ٻئي چيو "ٻڌو ٻيا. ٻڌو ٻيا." چوڪري هيڏانهن هوڏانهن ڪن ڏنا، هر طرف آواز هئا. هن ٻڌا ٻئي پر سمجهي ڪانه ٿي سگهي. هن کي ته ڪيئن جي "Heard melodies are sweet but those unheard are sweeter" جي شعر جي لائين سجهي آئي ته اوچتو هڪ ٽلهو شخص ڏوڙندو سهڪندو آيو ۽ زور زور سان چوڻ لڳو "توهان ڏنو ڪجهه

ڏنوَ" ائين لوٽا هٽندو ويو اڳيان وڌندو ٻڌائڻ وارو ويو ته وري ڏيکارڻ وارو اچي ويو. چوڪريءَ اوپاسي ڏني. هو نه آيو. هن جي دل ۾ چيو ته زور سان پڇي ته ڪنهن هُن کي ڏنو. آخر هو آهي ڪٿي؟

ميدان جي وچ مان وهندڙ ننڍڙي نهر جي ڪناري تي ٻه چار ماڻهو بينا هئا ۽ هڪ ڳالهائي رهيو هو. "توهان کي خبر آهي ته سچو ڪير آهي؟ وري پاڻ ئي وراٽيائين "سچو اهو آهي جيڪو سچ ڳالهائي." ڪنهن ۾ ڪجهه نه چيو. هن وري چيو "جيئن آءُ." ڪيترن ماڻهن اوپاسيون ڏيڻ ۽ ڪر موڙڻ شروع ڪيا"، ڪوڙ ته ڪوڙ آهي. جيڪو آهي ئي ڪوڙ اهو ڀلا سچ ڪيئن هوندو." هن وري چيو. "۽ سچ ته سچ آهي جيڪو سچ آهي، اهو ضرور سچ هوندو." "دلبو ۽ دوکو ۽ ته سچن جا ناهيل لفظ آهن. ڪوڙا ته ڪو لفظ ۽ نه ٿا ناهي سگهن. معنيٰ ته سنا لفظ ۽ سچن ناهيا آهن ۽ خراب لفظ ۽ ڪوڙن ڪونہ ناهيا آهن. ڪوڙ ۽ سچن ناهيا آهن. باقي ڪوڙا، هو ته ائين ئي بدنام آهن. هو چا ٿا ناهي سگهن." هن جو ليڪچر جاري هو ته ٻن طرفن کان هڪ نوجوان ۽ هڪ ٽلهو شخص ڊوڙندا آيا. توهان ٻڌو... ڪجهه ٻڌو.. توهان ڏنو. پڪ ڏنو هوندوَ..." هنن جا گڏوچڙ آواز ايندا رهيا.

هوءَ چوڪري تنگ ٿي هن آخري ميڙ وٽ اچي ڪنهن کي ڳولڻ لڳي. نه ڪيس ڪجهه ٻڌڻ ۾ ٿي آيو نه ڏسڻ ۾. بس مٿا هئا. جيڪي ڪڌهن هاڪار ته ڪڌهن ناڪار واري انداز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٿي رهيا هئا ۽ ڳالهائڻ وارو مسلسل ڳالهائي رهيو هو "مون هميشہ سچ ڳالهايو آهي." لڳي ٿو ته تنهنجو اهو هڪ ڪوڙ سوين سچن کان ڳرو آهي." چوڪري سوچيو.

سج لهي چڪو هو ماڻهو ترڻ پکڙ ٿي رهيا هئا. پکين جو چوپول وڌي ويو هو. اهي ماڻهو ۽ غائب ٿي ويا هئا جيڪي هر هنڌ توهان کي ٻڌو.. توهان کي ڏنو..." چوندا پئي وتا. هن چوڪريءَ ۽ ڏنو ته جنهن کي هن وقت ڏنو هو سو ته ڪونہ آيو متان اُهو سندس انتظار ۾ بينو هجي جنهن کيس وقت ڏنو هو. تنهنڪري هوءَ ۽ تڪڙيون وکون کڻندي ميدان لتاڙي وڃي رستي تي رکشا جي انتظار ۾ بيٺي.

•



’مريم پناهگير‘ سنڌي ڳوٺاڻي سماج جي هڪ سچي ۽ خوبصورت ڪهاڻي. جيڪا پڙهندي، ائين پئي لڳو ته ڪا حقيقت آهي. جيڪا اسان جي اکين جي اڳيان اُپري پنهنجي اندروني سٽاءَ کي خوبصورتيءَ سان ڪولي بيان ڪري رهي آهي.

مراد علي مرزا

قاضي خادم جون ’ٻڪي‘ ۽ ’شالو چريو‘ ۽ ’جيجي ساروءَ‘ وانگر عالمي اسٽينڈرڊ جون ڪهاڻيون آهن. اُهوئي اِهو معيار آهي جنهن کي نوبل انعام لاءِ نامزد ڪيو ويندو آهي. آئون ته قاضي صاحب کي اپيل ڪندس ته هن معيار مطابق پنهنجي هن نئين جنم ۾ ناول به لکي ته نوبل انعام نه به ملیو ته انشاءَالله ان لاءِ نامزد ضرور ٿي ويندو. ڪهاڻي ’جيجي ساروَ‘ پڙهندي منهنجي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا.

چام ساقي

’ڏاڏي وسل‘ ڪهاڻي پڙهندي دل ۾ درد جي جيڪا لهر اپري ٿي، ان جو تاثر بيان نه ٿو ڪري سگهجي.

محمد عثمان منگي